ٹٹو کا گھوڑا غیبا سوار

[کالم / مضمون]

لیاقت عزیز

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نِڊڪا گهوڙا

غيباٽا سوار

[ڪالم / مضمون]

ليا قت عزيز

ڇپائيندڙ
سنڌي ادبي سنگت- شاخ ٽنڊو محمد خان
2023ع

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	نِنڊٽڪا گهوڙا، غيباٽا سوار
موضوع	:	ڪالم ۽ مضمون
ليکڪ	:	لياقت عزيز
سهيڙيندڙ	:	ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي
ڇاپو پهريون	:	سيپٽمبر 2023ع
ڊزائن/لي آئوٽ	:	مور ساگر
ڪمپوزنگ	:	اعظم ڀٽي
ڇپائيندڙ	:	سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمدخان
ڇپيندڙ	:	ساحل پرنٽرز رابعہ اسڪوائر حيدرآباد 0333_2634650

مُلھ /600 روپيہ

NINDHANKA GHORA GAIBANA SAWAR
Writen by: Liayqat Aziz
Compalid by: Dr. Jamal Nasir Solangi
Edation: 1st September 2023
Title Designe: More Sagar
Compsed by: Azam Bhatti
Published by: Sindhi Adabi Sangat Shaakh TMK
Printed by: Sahil Printer, Hyd: Sindh: 03332634650

RS: 600

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ارپنا

پروفيسر محمد عمر ميمڻ

۽

ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي

جي نالي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران ناميارې ڪالم نگار **لياقت عزيز** جی ڪالمن ۽ مضمونن تی مشتمل ڪتاب **”نڌڙڪا گھوڙا غيباٽا سوار“** اوهان اڳيان حاضر آهی.

پروفيسر لياقت عزيز ڏاهو ۽ تمام محنتی استاد هئو پر سندس شخصيت جو لڪل پهلو نظرياتی سوچ هئی جنهن کی هن قول ۽ فعل ۾ ظاهر ڪيو. پروفيسر لياقت عزيز جی ڪالمن ۾ سنڌ جی سمورن سورن ۽ محنت ڪش ماڻهن جی مظلوميت جی عڪاسی ٿيل آهی. هن سدائين پنهنجي قلم کی ڌرتیءَ ۽ قوم جی امانت سمجھيو آهی .

هی ڪتاب 1993ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. جنهن جی ڪمپوز ڪاپي اعظم پٽي ۽ مور ساگر جي سهڪار سان حاضر آهي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

سهيڙيندڙ پاران	ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي	07
پيڙهيل پورهيت سان پيار ڪندڙ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي	قادر بخش طالباڻي	12
پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هڪ تحريڪ، تنظيم ۽ خيال به	منظور ٿهيم	17
پروفيسر لياقت عزيز: تحسين لائق ڪِردار	پروفيسر يعقوب چانڊيو	20
پروفيسر لياقت عزيز سولنگي ـ سنڌ دوست ڪردار	اعظم ڀٽي	24

مضمون/ڪالم

- ڪانهي ڪا تاريخ ۾ ويڙهه سواءِ ٻي واهه! 29
- سنڌ جو سياسي ڪلچر ۽ خودپسنديءَ جي خرابي 33
- سنڌ، پاڪستان ۽ سماجي معاهدو 37
- تعليم، استاد ۽ شاگرد 41
- سنڌ ۾ ”تعليمي ايمرجنسي“ لاڳو ڪئي وڃي! 46
- ورلڊ بئنڪ، گڊ گورننس ۽ سنڌ جا ڊاڪٽر 51
- رياست، عدل و انصاف 56
- سنڌ، سنڌي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنس 61
- خطرن ۾ گهيريل رياست 65
- سنڌ، ارباب غلام رحيم ۽ ڪرپشن 70
- آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران 74
- اوشو جي فلسفي جهڙو انسان 79
- اسان لوچيون لوهه ۾ 82
- نِڌڻڪا گهوڙا، غيباڻا سوار 87
- نِڌڻڪا گهوڙا، غيباڻا سوار — قسط 2 92
- اعلان هزارين مان نه رڳو 96
- تهذيبن جو تصادم هڪ عالمي مسئلو 101
- چي گويرا، جمال ناصر، حسن نصرالله 105
- سنڌي ٻوليءَ وارو مضمون لاڳو نه ٿيڻ جي ڪٿا 109
- تاريخ جو جبر ـ تاريخ جو فيصلو ڪڏهن به غلط نه هوندو آهي 114
- ملڪ بحرانن جي ڀنوَر ۾ 120
- ايران، وطن پرستي ۽ قومپرستي 125

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

- ڪاليج بئنڪ يا هوٽل 130
- قومن کي غلام بنائڻ جو طريقو 135
- جمهوريت، سياست ۽ فوج 140
- هيوگو شاويز: نئين صدارتي ۽ انقلابي پارٽيءَ جي ضرورت 146
- آئين ۽ ايران جي سول سوسائٽي 150
- تعليم، تجربا ۽ امتحان 155
- انساني حقن جي تحفظ ۾ اعليٰ عدالتن جو ڪردار 161
- ڪارونجهر جي مور جهڙي خواهش ۾ لُڙڪ 164
- قانون، معاشرو ۽ مظلوم استاد 168
- صوبائي خودمختياريءَ جا بنياد ڪهڙا هجڻ گهرجن؟ 172
- سرڪار، ملڪي خزانو ۽ غريب عوام 177
- شال ياڳا نہ ٿئي سنڌڙي! 182
- نظريہ ضرورت واري (نظريي) جوشاندار استعمال 185
- تعليم جو بيڙو ڪيئن ٿو تري سگهي؟ 189
- صوماليہ تي جارحيت ۽ آمريڪي منصوبو 193
- سنڌ جي ڏاڙيلن مان جند ڪيئن ڇڏائجي؟ 197
- انتظامي ادارن جي ناڪاميءَ جو ذميوار ڪير آهي؟ 201
- ملڪ ۾ هڪ نئين سماجي معاهدي جي ضرورت! 205
- استادن ۽ ملازمن جي مطالبن تي ڊائلاگ ڇو نہ ٿئي؟ 210
- عوام دوست بجيٽ جون دعوائون ۽ مهانگائي! 216
- سنڌ، تعليم ۽ تعليمي ادارا 220
- سنڌ، گڊ گورننس ۽ پ پ پ 224
- تعليم جي تباهي جو داستان، موجوده صورتحال ۽ حل 227
- سياسي پارٽيون، شاگرد يونين ۽ ضابطہ اخلاق 231
- شهيد نذير عباسي انقلابي جدوجهد جو بهادر اڳواڻ 234
- نذير جي جوتيل جنگ ختم نہ ٿي آهي 237
- الطاف شيخ جي سفرنامي ”ايران ڏي اڏام“ جو مهاڳ 240
- مولانا شبلي: ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو 253

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سهيڙيندڙ پاران

جيئن تہ 30 سيپٽمبر ۾ پھرين آڪٽوبر جا ڏينھن سنڌ لاءِ ڪاري باب جي حيثيت رکن ٿا، جن ڏينھن ۾ بيگناهہ انسانن جي رت سان هولي کيڏي وئي. سنڌ ڪيترائي سال روئيندي رهي، ان جي نتيجي ۾ ڪي ڦٽ ڇٽڻ تہ اڃ بہ تازا آهن. ائين ئي 30 سيپٽمبر ۾ پھرين آڪٽوبر جا ڏينھن منھنجي وجود لاءِ بہ بدترين ڏينھن بڻيل آهن، جڏهن منھنجو والد اسانکان هميشہ لاءِ جُدا ٿي، نہ کُٽندڙ ڏُک ڏئي ويو. منھنجو والد پروفيسر لياقت عزيز منھنجي آئيڊيل شخصيت هو، جنھن پنھنجي سموري عُمر ايمانداري سان ۾ انتھائي سادگي سان گُذاري. هُو نوڪري جي مجبوري سبب حيدرآباد ۾ رهندو هو موڪل واري ڏينھن پنھنجي شهر ٽنڊي محمد خان ايندو هو. اسانجي پڙهائي، بعد ۾ نوڪري ۾ گھرو مصروفيتن سبب ساڻس ڪي ڊگھيون يادون، بحث مباحثا، سندس علمي سرگرميون ۾ ادبي زندگيءَ اسان لاءِ ڪنھن قدر لِڪل باب مثل رهي. سندس زندگيءَ جا اخري پنج سال مسلسل، سي بہ سندس شديد بيماري ۾ ساڻس گڏ گُذارڻ ۾ وس آهر خدمت ڪرڻ جو موقعو ملي سگھيو. پروفيسر لياقت عزيز جي وڇوڙي پُڄاڻان 30 سيپٽمبر 2019ع تي سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران سندس پھرين ورسي ملهائي وئي، ان موقعي تي سنڌي ادبي سنگت جي متحرڪ ادبي ڪارڪن اعظم ڀٽي پنھنجي تقرير ۾ اها گھُر ڪئي هئي تہ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي ٽڙيل پکڙيل لکڻين کي سهيڙي ڇپائڻ گھرجي. مون ان موقعي تي اعلان ڪيو هو تہ پروفيسر جي لکڻين کي سهيڙي ڪتاب ضرور ڇپرائي پڌرو ڪبو. ان سلسلي ۾ اعظم ڀٽي جي رهنمائي ۾ اسان ڪوششون شروع ڪري

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڏنيون. ان دوران منهنجي ڏيءُ موتيا، جنهن بابا جي بيماريءَ وارو آخري عرصو سندس خدمت ۾ گذاريو اُن مونکي ٻڌايو تہ بابا پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجا ڪالم روشني پبليڪيشن واري علي نواز گهانگهري کي ڏنا هئا، پر بابا جي طبعيت خراب ٿيڻ ڪري اهو ڪم تڪميل تائين نہ پهچي سگهيو. آئون، اعظم پٽي ۽ اعجاز جسڪاڻي گڏجي علي نواز گهانگهري سان ملياسين، جنهن سان ڪتاب جي ڇپائي بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿي، پر مٿان ڪرونا جي وبا اچي وئي، ڪافي وقت بہ گذري چُڪو هو ٻيهر علي نواز گهانگهري صاحب سان ملياسين، جنهن چيو تہ ڪرونا ۽ ان جي بعد واري صورتحال جي پيشِ نظر اسان ڪتابن جي ڇپائي جو ڪم بند ڪري ڇڏيو آهي. خير گهانگهري صاحب اسانکي مواد واپس ڪيو. جيڪو مواد مليو ۽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوڙ سارو ٽڙيل پکڙيل مواد گڏ ڪرڻ جي ذميداري اعظم پٽي پنهنجي سِر تي وسائي. مواد متعلق توڙي ڪتاب جي ڇپائي جي باري ۾ منهنجون، اعجاز جسڪاڻي ۽ اعظم پٽي جون ڪوششون جاري رهيون، نيٺ وس ۽ وت آهر هٽي وچِي هنڌ ڪري، مسودو تيار ڪيوسين. جيڪو ساحل پرنٽرس جي سرواڻ مور ساگر جي سهڪار سان ڪتابي صورت ۾ اوهانجي هٿن ۾ آهي. هونئن پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جو نالو علم، ادب ۽ سياست توڙي سماجيات جي حوالي سان ڪنهن لاءِ نہ نئون ناهي. هُو هڪ بهترين تعليمدان هو جنهن وٽ تعليم جي حصول لاءِ سوديبازي جو ڪو بہ وکر نہ هو. هُو هڪ اهڙو اديب هو جنهن وٽ قلم، هٿيار مثل هو. هُو اهڙو سياستڪار هو، جنهن جو هر رستو مسلسل جدوجهد جو عڪس هو. هُن جو ايمان هو تہ ”جتي بہ ظلم ۽ ناحق آهي، بُک ۽ بيروزگاري آهي، معاشي اڻبرابري، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ آهي، قومي ۽ انساني حقن جي لتاڙ آهي. اها جنگ جاري رهندي.“ ڪيڏي نہ اُميد آهي، ڪيڏو نہ اُتساهہ آهي، ڪيڏو تہ همت ۽ حوصلو آهي، انهن لفظن ۾. ان اُميد، اُتساهہ، همت ۽ حوصلي جي ضرورت هر دور ۾ پئي رهي آهي. سالن پُڄاڻان بہ سنڌي سماج لاءِ اڏوهي ٻڌيل اهي حالتون اڄ بہ ساڳيون لڳن ٿيون. بس وقت جا ڪانٽا هڪبئي مٿان چڙهندا ٿا رهن. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جڏهن کان شعور سنڀاليو قلم ۽ ڪاغذ سان سندس ناتو اڻٽُٽ رهيو. سندس لکڻين جو محور

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي عوام، سنڌي پورهيت، مظلوم ۽ پيڙهيل طبقو انهن سان سلهاڙيل نجي، ذاتي، تعليمي، سياسي ۽ سماجي مسئلا، رياست، جمهوريت، آمريت، بيڪار حڪومتي ڍانچا، ڏُڪ، بدحالي، مهنگائي، بيروزگاري، عالمي صورتحال جي پيش نظر لاتعداد مونجهارا ۽ مشڪلاتون، ڏاڙيل ڪلچر، آزاديءَ، غلامي، خاص طور سنڌ جي تعليم، تعليمي تباهي واري صورتحال، ان جو حل ۽ ان لاءِ ضابطه اخلاق سميت انيڪ موضوع آهن، جن تي هُن وڏي بهادريءَ ۽ جرئتمنديءَ سان قلم آزمائي ڪئي. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هو، هُو هڪ تنظيم هو هڪ تحريڪ هو، جنهن جا عڪس اڄ بہ سنڌي سماج ۾ موجود آهن. هُو نہ رڳو هڪ متحرڪ ڪردار هو پر هڪ اهڙو دانشور هو، جنهن جتي بہ جيڪو ڪجهہ ڏٺو ٿي، جتي بہ سندس من ۾ مانداڻ مچي ٿي، هن قلم کي سگهارو هٿيار بنائي، پنهنجو آواز بُلند ڪيو ٿي. سندس لکڻين جو انگ توڙي جو تمام ڪثير تعداد ۾ نہ بہ هجي، پر هُن جيڪو ڪجهہ بہ لکيو سو انتهائي معياري ۽ ڪارائتو لکيو. 1993ع ۾ سندس لکڻين جو پهريون مجموعو نيو فيلڊس پبليڪيشن پاران ”قومي غدار ۽ حساب ڪتاب“ جي نالي سان شايع ٿيو هو. جيڪو ٿوري وقت ۾ هٿوهٿ وڪامي، هن وقت ناياب بڻجي ويو آهي. توڙي جو سندس اهي لکڻيون محفوظ بڻيل آهن، جن کي ٻيهر پڌرو ڪرڻ جي ضرورت پئي آهي. ان کي عملي جامون پهرائڻ جي بہ ڪوشش ٻيهر ڪبي. ان ڪانپوءِ بہ سندس ڪوڙ ساريون لکڻيون سنڌ جي ساڃاهہ جي نظر مان گذرنديون رهيون آهن. جيڪي ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ روزاني اخبارن، رسالن توڙي مختلف ڪتابن جي زينت پڻ بڻيون. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي سان لاڳاپيل حلقن توڙي علم ۽ ادب سان چاهہ رکندڙن جو هميشہ اهو اصرار رهيو تہ انهن ٽڙل پکڙيل لکڻين کي سهيڙي، گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپايو وڃي. جنهن سهيڙ جي حوالي سان تمام گهڻين مشڪلاتن مان پار پئي، هن منزل تي پهتا آهيون. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جون ٽڙيل پکڙيل لکڻيون جتان بہ هٿ اچي سگهيون انهن کي هن ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري رهيا آهيون. ٿي سگهي ٿو تہ اڃا بہ ڪي لکڻيون اسانجي نظرن کان رهجي ويون هجن. ان لاءِ پڙهندڙن کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نماڻي گذارش آهي تہ هن ڪتاب جي مطالعي سان گڏ رهجي ويل لکڻين توڙي پنهنجي اصلاحي راين بابت اسانکي ضرور آگاهہ ڪن تہ جيئن مستقبل ۾ انهن سمورين لکڻين جي ڪنهن گڏيل سهيڙ ۾ ڪا عملي شڪل جُڙي سگهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي بہ لکڻيون شامل آهن، سي ويهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ ايڪويهين صديءَ جي شروعاتي ٻن ڏهاڪن ۾ مختلف وقتن تي لکيون ويون هُيون. انهن لکڻين کي پڙهڻ سان اڪثر اهو خيال جنم وٺي ٿو تہ جڻ اڄ بہ اها ئي ساڳي صورتحال برقرار آهي. تنهنڪري اهي لکڻيون هر دور جي عڪاسي محسوس ٿين ٿيون. پلي ڪٽي ليکڪن جا دور الڳ الڳ هجن پر ڪي ليکڪ هر دور جا نمائنده ثابت ٿيندا آهن، جن جي تخليق کي پائندگي مليل هوندي آهي. اهڙا ئي عڪس هن مجموعي ۾ بہ شامل آهن. موجوده دور ۾ ڪتاب ڇپائڻ بہ هڪ وڏو ڪٺن ڪم آهي، وري جي لکڻيون ٽڙيل پکڙيل هجن، انهن کي چُونڊي گڏ ڪري، هڪ هنڌ سهيڙڻ وارو ڪم ان کان وڏيڪ ڪٺن آهي. ان سموري ڪم ۾جن دوستن مون سان ڀرپور سهڪار ۽ ساٿ نڀايو انهن جي محبتن کي قطعي بہ وساري نٿو سگهان. خاص طور سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم پٺي، انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر جي صدر اعجاز علي جسڪاڻي جي لمحي لمحي جي مڪمل سهڪار ۽ ساٿ منهنجي تمام گهڻين مشڪلاتن کي آسان بنايو. ان حوالي سان سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر جي سمورن ساٿاهہ وند دوستن جي همت افزائي مونکي تمام گهڻو ڏيو، حوصلو ۽ همت اربي. توڙي جو پروفيسر لياقت عزيز سولنگي منهنجو والد آهي، ان نسبت سان مون تي وڌيڪ فرض عائد ٿئي ٿو پر مٿين دوستن جيڪو ڀرپور تعاون ڪيو سو ثابت ڪري ٿو تہ اهي نہ رڳو سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب جا عاشق آهن پر اهي پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جا ادبي وارث پڻ آهن. جن ڪيس هر سال ياد ڪرڻ جي روايت کي مضبوط بنياد فراهم ڪيا آهن. آئون انتهائي مشڪور آهيان مانواري چاچا سائين قادر بخش طالباڻي صاحب جو جنهن انتهائي پيرسنيءَ ۽ علالت باوجود نہ رڳو مڪمل طور اُتساهيو پر مهاڳ بہ لکي ڏنو جيڪو بہ هڪ تاريخي دستاويز آهي. آئون

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

دلي طور ٿورائتو آهيان محترم منظور ٿهيم جو جنهن هن ڪتاب بابت پنهنجي مُفيد راءِ لکي ڏني. آئون دلي طور نيڪ تمنائن سان ٿورائتو آهيان محترم اعظم پٽي جو جنهن هن مجموعي جي سهيڙ، ڪمپوزنگ، ايڊيٽنگ، پُروفنگ سميت سمورن مرحلن ۾ نہ رڳو تحسين لائق ڪردار ادا ڪيو پر پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي زندگيءَ بابت هڪ بهترين تعارفي خاڪو پڻ لکيو. مونکي دلي طور قدر آهي سائين اعجاز علي جسڪاڻي جي هر قدم جو جنهن لمحي بہ لمحي هن سموري ڪم کي پنهنجو فرض سمجهي هر هنڌ اسان سان مڪمل ساٿ، سهڪار ۽ رهنمائي وارو ڪردر ادا ڪيو. هن موقعي تي آئون پروفيسر يعقوب چانديي جي ڪردار کي قطعي بہ وساري نٿو سگهان، جيڪو بابا پُڃاڻان نہ رڳو هر وقت رابطي ۾ رهي اُتساهيندو رهيو پر پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي علمي ۽ ادبي مشاهير وارو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو پيو اچي. بيڪ ٽائيٽل تي هُن پنهنجو ڀرپور حوصلو ۽ پيار ونديو آهي. شايد انهن ڄاڻايل هٿن جي مشقت ڪانسواءِ هي ڪنن ڪم منهنجي لاءِ تمام گهڻو مشڪل هو پر دوستن جي ساٿ اهو اُتساهہ ارپيو تہ هٿ هٿ جڏهن مڙي مُٺ بنجي ٿي تہ ڪوبہ ڪم مشڪل ناهي هوندو. آخر ۾ آئون دلي طور ساحل پرنٽرس جي سرواڻ مور ساگر جي مانائتي پرم جو متعرف آهيان، جنهن جي ڪاوشن هن ڪتاب کي حتمي شڪل ڏني. اُميد اٿم تہ هن ڪتاب ۾ شامل مواد نئين نسل لاءِ لاڀ جو ڪِرڻو ضرور ثابت ٿيندو. آگرين تي ڳڻڻ جيترا بہ ڪي ذهن هن مان ڪو لاڀ پِرائي سگهيا تہ اسان پنهنجي ڪوشش کي سڦل ڀائينداسين.

ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي
ٽنڊو محمد خان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مهاڳ

پيڙهيل پورهيت سان پيار ڪندڙ: پروفيسر لياقت عزيز سولنگي

سنڌ ڌرتيءَ جيڪا هر شيءِ ۾ مالا مال رهي آهي، اُتي ڪيترائي انسان دوست پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي پورهيتن سان پيار ڪندي پنهنجي عُمر سڦل گُذاري، تاريخ جي ورقن ۾ پاڻ کي زنده رکيو. انسانيت سان اُنس رکندڙ اهڙن مهان انسانن مان پروفيسر لياقت عزيز سولنگي لاءِ چند لفظ لکڻ مناسب سمجهان ٿو. لياقت عزيز سولنگي هڪ غريب هاري خميسي خان جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس ننڍپڻ غربت ۽ مُفلسي ۾ ٽنڊي محمد خان جي مير محلي ۾ گُذريو. پرائمري تعليم شهر جي ان پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين، جنهن اسڪول م مون بہ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا. پرائمري، سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري جي تعليم وٺي سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ۽ ماسٽرس جي سَند وٺي تعليم ڪاتي ڪراچي ۾ ليڪچرار طور درس ڏيڻ ۾ مشغول رهيو. گهر جي واحد ڪمائيندڙ جي حيثيت ۾ حيدرآباد شهر اچي وسايائين. ان کان اڳ شاگرديءَ واري دور ۾ هُن شاگرد يونين ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پنهنجا بهترين دوست پيدا ڪري هر تحريڪ جو مهندار رهيو. هُو پوليٽيڪل سائنس جو ليڪچرار هو، ڪيس پنهنجي مضمون تي مڪمل عُبور حاصل هو، شاگردن کي ڄاڻ جا خزانا مُهيا ڪرڻ ڏيڻ ڪري شاگرد بہ ساڻس بيحد پيار ۽ محبت ڪندا هئا، جنهن محبت کي اڄ بہ دائمي حيثيت حاصل آهي. هُو وڏو عرصو سچل ڪاليج ۾ رهيو، جتي هُن ڪيترن ئي شاگردن کي سرڪاري ملازمت وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. ڪيس شاگردن سان بہ بي پناهہ محبت هوندي هئي، تنهنڪري هُو ڪاليج ۾ شاگردن کي فين جي مد ۾ رعايت وٺي ڏيڻ، مفت

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪتاب ۾ ٻريسون ڏيارڻ وارين ڪوششن ۾ وڏي چڙهي حصو وٺندو هو. سندس انهن لِڪل ڪاوشن سبب ڪيترن ئي غريب شاگردن جو مستقبل سنوارجي سگهيو هو. حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد واري پُررونق علائقي ۾ سندس رهائش هوندي هئي، جنهن ۾ ٻه ڪمرا هوندا هئا. جن مان هڪ ڪمرو مهمانن لاءِ مخصوص صندل سان سينگاريل هوندو هو. جتي سندس دوست ۽ سياسي ڪارڪن اچي ٿَڪ پڇيندا هئا. آرام ڪري، هر مسئلي توڙي تحرڪ بابت بحث مباحثو ڪري، هُو فيصلا به وٺندو هو. 1981ع جي آخر ۾ سيوهڻ ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي چونڊ ٿي هئي، جنهن جا نتيجا نه پئي نبري سگهيا. جنهن ڳالهه جو پرائمري استادن کان وڌيڪ هن کي صدمو رسيو هو. هن جا مرحوم قربان علي ٽانوري سان دُعا سلام جي حد تائين واسطا هئا. مرحوم عبدالرحيم جتوئي سان سندس واقفيت نه هئي، ان وقت پ ٽ الف جو ٺاڪ (هيڊڪوارٽر) عرب هوٽل هوندي هئي، جتي هُن اچي ٻنهي ڌرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ ماحول کي سازگار بنائڻ جون اٽڪل ڪوششون شروع ڪيون. منهنجي ساڻس اُتي واقفيت ٿي، هُن مونکي سندس گهر اچڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جي دعوت ڏني. آئون ششي پنجي ۾ رهيس ۽ سوچڻ لڳس ته هن پروفيسر کي پ ٽ الف جي ايتري ڳڻتي ۽ فڪر ڇو آهي؟ ڪٿي سرڪار طرفان ونگار وهڻ جي ڪوشش ته ڪونه ٿو ڪري؟ مون پاڻ کي هن کان پَري رکيو. نيٺ ڪجهه وقت گُذرڻ بعد هن نياپو موڪلي مونکي گهُرايو. ڪچهري ڪرڻ ويس، اُتي يعني هن جي رهائشگاهه واري ڪمري ۾ پيپل سامان ڏسي وائڙو ٿي ويس ته هي سترهين گريڊ جو ملازم آهي، جنهن جو گهر به سادو. ڪيس سَواري لاءِ به بين جي سَواري ۾ پائيواري ڪرڻي ٿي پوي. سچل ڪاليج به ڊيوٽي لاءِ رڪشه يا پنڌ ڪريو وڃو اُتي پهچي. خير ان ڪچهري ۾ اسان هڪٻئي کي پرکي ناتي نيائڻ جو عزم ڪيو. اڳتي هلي اُن ناتي اسانکي هڪٻئي جو ”گُرو“ بنائي ڇڏيو. مارشل لا جي دور ۾ استادن جي مسئلن تي مُلڪ گير تحريڪون گڏجي هلايوسين. اسانجي ان ئي لڳ لاڳاپي جي ڪري پروفيسر دوست مونکي به پرائمري استاد بجاءِ پروفيسر سمجهندا هئا ۽ وڌيڪ پائيندا هئا. نيٺ اسان گڏجي حيدرآباد شهر جي سطح تي هڪ ڳُجهي ڪميٽي ناهي، جيڪا سنڌ جي استادن سان گڏ پورهيتن ۽ مظلومن

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ فيصلا ڪندي هئي. جنهن ۾ سيد علي اڪبر شاهه، انيس ميمڻ، نذير پناڻ، آغا خالد پناڻ ۽ ٻيا ڪيترائي رفيق گڏ هوندا هئا. مارشل لا جي دور ۾ لياقت عزيز سولنگي کي ڪافي تڪليفون پهتيون، خوف ڏيارڻ سميت داٻا ۽ ڌڙڪا به ملندا هئا. پر "چري ڪيئن! اڳي کان اڳيري" جي مصداق قافلو هميشه رَوان دَوان رهيو. هن حيدرآباد ۾ لساني جهيڙن ۾ ڏتڙيل شهرين جي به وڏي مدد ڪئي. مونکي تعجب لڳندو هو ته ڪنهن به مسئلي تي تحريڪ هلائڻ لاءِ سڄو پروگرام ٺاهيندو هو پر چندي لاءِ اڳواٽ ڪوبه پروگرام نه ٺاهيندو هو. جدوجهد شروع ٿي ويندي هئي، خرچ ضرورت آهر هر هڪ دوست کي کيسي مان ڪرڻو پوندو هو يا جنرل باڊي جي ميڙ ۾ جهولي فنڊ ڪندو هو جيڪو به ڪارڪنن مان ڪنهن هڪ جي حوالي ڪيو ويندو هو. پاڻ ۾ گڏبا هئاسون ته سال جا پروگرام ترتيب ڏئي ڇڏيندا هئاسين. آخر ۾ پٽيوالن کان پروفيسرن تائين تنظيم ٺاهي تحريڪ هلائي سون، دريا خان پٽيوالن جو صدر هوندو هو. پرنسپل ويچارا پريشان هوندا هئا ته "پٽيوالا چون ٿا ته سرڪاري ڪم ڪانسواءِ گهر جو ڪم نه ڪنداسون، ڊيوٽي لاءِ ڪاليج ٽائيم تائين ٻڌل آهيون پوءِ اسانجي مرضي!" پروفيسر لياقت عزيز پاڻ انهن جي حمايت ڪندو هو ته هي به آخر انسان آهن، هنن جا به ڪي حق آهن، انڪري سندن ڀرپور مدد ڪرڻ گهرجي. لياقت عزيز جا شهر جي سياسي، سماجي، واپاري تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان خوشگوار لاڳاپا رهندا هئا. منجهس لاتعداد خوبيون هُيون ته وري ڪيس سنڌ جي تعليم جو به گهڻو اونو هوندو هو. سندس ڪوشش سان اهو فيصلو ڪرايو ويو ته ڪنهن به حالت ۾ سنڌ جو ڪوبه تعليمي ادارو ڪنهن به صورت ۾ بند نه ڪرايو ويندو. مسئلن تي جدوجهد لاءِ ترتيب ڏنل پروگرامن ۾ تعليمي ادارن جي بند ٿيڻ جو ڪو به فيصلو نه هوندو هو. سندس ڪوشش سان سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان تعليمي تباهي واري ڳڻتي جوڳي صورتحال بابت "جرڳا ڪميٽي" قائم ڪئي وئي، جنهن ڪميٽي سڀني حقيقتن تان پردو کڻي سفارشون ترتيب ڏنيون ته آئنده ڇا ڪرڻو آهي!

منهنجي اغوا جي واردات ٿي ته منهنجي عزيزن کان وڌيڪ ڪيس اونو ۽ گهڻي پريشاني رهي، سڄي سڄي رات پيو واردات بابت جاچ ڪندو هو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جڏهن آئون تنظيم جي عهدي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪو هئس، جنهن جو سبب اهو هو تہ مالي طور مونکي سخت ڏُکيائين کي مُنهن ڏيڻو پوندو هو. ايتريقدر جو مون وٽ حيدرآباد جو ڀاڙو ڏهہ رپيا پرڻ جي بہ طاقت نہ هوندي هئي ۽ انفرادي طور ڪنهن دوست کان پئسا وٺڻ جي بہ عادت نہ هوندي هئي. جيڪو مسئلو مون پنهنجي سياسيي رفيقن آڏو رکيو جن منهنجي حالتن کي مدِنظر رکي اهڙي اجازت ڏني پر لياقت عزيز کي سخت صدمو رسيو. نيٺ حيدرآباد شهري سطح تي سيني دوستن جي گڏجاڻي پنهنجي گهر گهُرايائين، جنهن ۾ عزيز سلام بخاري بہ شريڪ ٿيو هو. ان گڏجاڻي ۾ مون پنهنجي سچي حقيقت دوستن جي اڳيان رکي، سيني وڏي بحث مباحثي بعد آخر ۾ اهو فيصلو ڪيو تہ ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد شهر کان ٻاهر گڏجاڻين ۾ نہ وڃڻ کپي، سموري سنڌ ۾ سرڪيولر موڪلي ڇڏجي تہ هفتي ۾ ٻہ ڏينهن ڊائريڪٽر آفيس حيدرآباد ۾ آئون حاضر هوندس ۽ دوستن جا مسئلا حل ڪرائيندس ۽ اهي ڏينهن سومر ۽ جمع هئڻ کپن. مونکي فيصلو صحيح نہ پئي لڳو پر جواب ڏيڻ لاءِ ڪو مواد ذهن ۾ نہ پئي آيو. نيٺ دماغ جاءِ تي آيو تہ ڪين چيم تہ سکر کان استاد اچن ٿا اڱاري يا اربع ڏينهن، هاڻ انهن کي چوان تہ واپس وڃو، سومر يا جمع تي اچجو تہ ان تي استادن جي دل ۾ منهنجي لاءِ ڪهڙا مثبت احساس پيدا ٿيندا؟ ائين مشڪل آهي. اهڙي ريت نيٺ آئون عهدي تي اچڻ کان بچي ويس. مطلب تہ لياقت عزيز تنظيم لاءِ بهترين ورڪر بہ هو تہ بهادر اڳواڻ بہ هو هُن وٽ سچائيءَ ۽ محبت جا مٿين هوندا هئا. جيڪو ڪجهہ چوندو يا ڪو فيصلو ڪندو هو تہ ان تي پاڻ ۽ سندس ساٿي عمل پيرا بہ رهندا هئا. نوڪري تان ريٽائر ٿيڻ تي دوستن لياقت عزيز کي الوداعي پارٽي ڏيڻ لاءِ جتن جي صورت ۾ پهچي بار وڏا پر هُو بار بار انڪار ڪندو رهيو. نيٺ تمام گهڻي دٻاءُ بعد الوداعي پارٽي لاءِ شرطيہ آچ قبول ڪيائين. سندس شرط اهو هو تہ الوداعي پارٽي جي صدارت مظهرالحق صديقي ڪندو ۽ مهمان خاص قادر بخش طالباڻي (يعني (آئون) هوندو ۽ سندس دوستن ائين ئي اها الوداعي پارٽي ڪئي. قلم ۽ ڪاغذ جڻ تہ سندس خاص ڪِرت هئي، ڏينهن رات جي ان ڪِرت ئي آخر ۾ کيس دماغي بيماري ڏئي مفلوج ڪري ڇڏيو. ان عرصي ۾ چڱا ڀلا هٿ اڳتي وڌڻ کان نابري واري بيهي رهيا پر پروفيسر يعقوب چانديي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سندس واهه جي خدمت ڪئي. جنهن مهل جتي به هڪل ڪندو هو چانڊيو صاحب پهچي سندس سپ انگل بي ڏڙڪ پورا ڪندو هو. نيٺ سندس صدوري فرمانبردار ڀچڙي ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي ڪيس نسيم نگر حيدرآباد مان لڏو ڪٽائي، ٽنڊي محمد خان پنهنجي اکين آڏو منتقل ڪري، باقي ڏهاڙا سندس دل و جان سا خدمت ڪئي. هُو ”راڄن جو راڻو، مُور نه وِڪاڻو“ هوندو هو، جنهن پاڻ يا سندس ڪنهن به عزيز سندس علاج لاءِ ڪنهن کي ڪا به ايلاز يا منٿ نه ڪئي. ڪيس ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪرائي، ذاتي طور هڙان وڙان خرچ ڪري سندس علاج ڪرايو ويو پر شاهه لطيف چواڻي ته ”ڦڪيون تڏهن فرق ڪن، جڏهن امر ٿئي ان کي.“ اُتي ئي 30 سيپٽمبر 2018ع تي هُن دم ڏٽي حوالي ڪيو. ڪيس سندس آبائي قبرستان ٽنڊي محمد خان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي ته هليو ويو پر پويان ڪيئي داستان ۽ قصا ڇڏي ويو، جيڪي اسانجي اُتساهه لاءِ جڙ ته آڪسيجن آهن. لياقت عزيز سولنگي جي پَر سندس ڀچڙو ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي اڄ به اسان سان نڀاهيندو اچي. هُو ڪيرون لهڻي جو نه رڳو پروفيسر لياقت عزيز کي ياد ڪرڻ جي ڪِرت هٿان نه وڃائي اٿس پر سندس دوستن سان به هر وقت رابطي ۾ رهي ٿو. وڏي ڳالهه اها آهي جو پروفيسر لياقت عزيز جي وڇوڙي پُڄاڻان سندس علمي ادبي خدمتن جي تاريخ کي زنده رکڻ لاءِ سندس ٽڙيل پکڙيل لکڻيون سهيڙي ڪتابي صورت ۾ ان کي ڇپائي پڌرو ڪري، انهن لکڻين کي هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو اٿس. جيڪو ڪم هڪ لائق فرزند ئي ڪري سگهي ٿو. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي لکڻين ۾ سموري سنڌ ڇلڪي ٿي، ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن لاءِ سندس پيڙاءُ خاص طور سنڌ جي تعليم جو اونو ۽ تعليم جي تباهي جي پريشاني سندس لکڻين ۾ پڌري پٽ پروڙي سگهجي ٿي. شال لياقت عزيز سولنگي جي هن قلمي پورهيي کي هڪ تاريخي دستاويز جي شڪل ۾ آڻڻ وارو ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي جو پورهيو سنڌ جي ساڃاهه وٽ قبول پوي.

قادر بخش طالباڻي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

رايو

پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هڪ تحريڪ، تنظيم ۽ خيال به

هن ملڪ ۾ تاريخ کي مسخ ڪري پيش ڪرڻ جي روايت پراڻي آهي. هڪ طرف پوري دنيا آهي جيڪا پنهنجي تاريخ کي پنهنجو ورثو سمجهي ٿي ۽ ان تي فخر ڪري ٿي، جڏهن ته ٻئي طرف پاڪستان جا محققين، اڪابرين، جذبہ حُب الوطني ۽ ايمان ۽ تقويٰ سان سرشار نسلي، مذهبي ۽ فرقہ پرستي جا واهڙ وهائيندي تاريخ جو چهرو مسخ ڪرڻ بلڪ ميسارڻ جي ڪِيڏ لڳل آهن. هي رويا دراصل پنهنجي ذات ۾ بتدريج (سيڊسٽ) يعني پنهنجن ڪمزورين کي ان طرح ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ هوندو آهي ته جيئن ان مان ماڻهن جي هڪ وڏي اڪثريت جون همدرديون حاصل ڪري سگهجن ۽ پڙهڻ واري لاءِ ان قسم جو تاثر پيدا ڪن ته سموري دنيا خاص طرح هندو، مسلمانن جا دشمن نمبر ون آهن. جنهن لاءِ تاريخ جي ورقن ۾ پنهنجي طرح جا قصا ۽ فرسوده تصور داخل ڪندا رهن ٿا. هي اها ڳالهه ڪڏهن به ٻُڌائڻ لاءِ تيار ناهن ته حسين بن منصور، عباسي سلطنت جي مخالفت ان ڪري ڪئي ته انهن مقامي غير مسلم آبادي سان واضع غير اسلامي ۽ غير انساني رويا روا رکيا. هنن تاريخ کي مسخ ڪندي ايترو چيو ته حسين بن منصور حلاج هڪ غير مسلم ڇوڪري جي ڪري جان ڏني. اهڙي طرح ان روايت کي قائم رکندي هنن پاڪستان جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. جنهن جو مثال اسانجو تعليمي ۽ تدريسي نظام آهي، جو دنيا ۾ فرسوده ترين نظام مان هڪ آهي. جنهن ۾ آرٽ ۽ سائنس هڪ مذاق ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. هي مسلمانن جي برڪتن، دور حڪومتن جو ته فراخدلي سان ذڪر ڪن ٿا پر

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تحريڪ آزادي، روشن خيال تحريڪن ۾ پين جو ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪردار هو ۽ آهي ٻُڌائڻ لاءِ تيار ناهن. نامور محقق ڊاڪٽر ڪي ڪي عزيز جي ڪتاب جو عنوان آهي (مرڊر آف هسٽري اِن پاڪستان) جيڪو ان ڳالهه جو احاطو ڪري ٿو ته ڪهڙي طرح پاڪستان جي تاريخ جو چهرو مسخ ڪيو ويو آهي. تاريخ جا اصول ان وقت بيحد تلخ ٿين ٿا، جڏهن اهي زندگيءَ جي حقيقتن جي برعڪس رياستي ثناخورن جي ور چڙهي وڃن ٿا. هن ملڪ ۾ ڪيترا اهڙا مصنف رهيا آهن، جن حقيقي معنيٰ ۾ زندگي جي حقيقي سوالن ڪي ايڊريس ڪيو آهي ۽ عوام دوست نيريٽو جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي نظر ۾ اهي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو ٿيندا انهن ۾ سائين لياقت عزيز سولنگي به آهي. سائين لياقت عزيز سولنگي جو شمار انهن ترقي پسند، جمهوريت پسند، سيڪيولر ۽ انقلابي خيالن جي ماڻهن ۾ ٿئي ٿو، جن پنهنجي زماني جي ظلمت ۽ ضياءُ ڪي چيئلنج ڪيو. ۽ سماج ۾ نوان قدر ۽ نوان سوال متعارف ڪرايا، ضياءُ آمريت جو زمانو پاڪستان جي تاريخ جو بدترين، سياهه ۽ گهپ اونداهي وارو دور هو. پاڪستان ۽ خاص طرح سنڌ جي تهذيبي فضا بارود، هٿيارن، هيروئن ۽ خودرو نسلي ۽ مذهبي گروهن جي ور چڙهي وئي هئي، اهڙي ماحول ۾ سائين لياقت عزيز سولنگي سنڌ جي تهذيبي فضا ۽ تاريخ ڪي مسخ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ قلم ذريعي جيڪا ويڙهه وڙهي اها هاڻ به سماج جي ڪيترن ڪمزور ماڻهن لاءِ اتساهه جو سبب بڻيل آهي. سائين لياقت عزيز سولنگي جي مضمونن جو تفصيل ته هن ڪتاب ۾ موجود آهي پر هنن مضمونن جي خاص ڳالهه ته اهي پنهنجي تاريخي، سياسي، سماجي، تخليقي ۽ تحقيقي حيثيت پڻ رکن ٿا، تحقيق ۽ ادب هي به مختلف رخ آهن، جيڪي ڪنهن به انسان جي صحيح تشريح ڪن ٿا، انڪري صحيح معني ۱ ۾ سائين لياقت عزيز سولنگي جي تشريح عوامي جدوجهد جي تاريخ ڪي مسخ ٿيڻ کان بچائڻ هو جنهن لاءِ هن ڪي سخت محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي پئي هئي. هن ملڪ ۾ ان حوالي سان ٻن ماڻهن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو، سبط حسن ۽ فيض احمد فيض ۽ ٽيون منهنجي نظر ۾ عوامي مسئلن تي تحقيقي ۽ تاريخي ڪم سائين لياقت عزيز سولنگي جو هو. سائين جيئن ته پاڻ علم

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تدريس جو ماڻهو هو. انڪري بہ هن جي لکڻين جا موضوع بيحد سنجيده ۽ صحافتي تحقيقيءَ ادبي رهيا. جي ڏسجي تہ تاريخ جو جدلياتي تصور ۽ انساني شعور پنهنجي خارجي سبب امڪان ۽ تبديل ٿيندڙ سماجي قدر ۽ ان ۾ موجود نظام پيداوار ۽ ڪلاس جي متضاد سوالن جي نتيجي ۾ جنم وٺن ٿا. جنهن ۾ سائين لياقت عزيز سولنگي جهڙن ماڻهن جو ڪردار نئين امڪانن ۽ سوالن کي پيدا ڪرڻ وارو هجي ٿو جتان پوءِ زندگيءَ جا نوان فڪر ۽ نوان نظريا جنم وٺن ٿا. سائين لياقت عزيز سولنگي جو خيال هو تہ روشن خيالي ۽ انقلابي نظريا طبقاتي جدوجهد واري عمل جي نتيجي ۾ پيدا ٿين ٿا. انڪري سائين جي هن ڪتاب ۾ شامل سمورن مضمونن جو تعلق هڪ نئين سماج کي تخليق ڪرڻ جي پسمنظر ۾ هو. سائين ڪنهن بہ نظريي ۽ فرد کي عقيدي پرستي جي اک سان ڏسڻ کان انڪار ڪيو. ۽ هن ڪيترن مضمونن ۾ پنهنجن سياسي رفقائن جي ڪمزورين کي پنهنجن لکڻين ۾ آندو آهي. جي ڏسجي تہ قديم تهذيب هاڻ تائين ڪيترن خوبين سان گڏ سماجي طور فرسوده روايتن ۾ پڻ گهيريل هجي ٿي! جهڙي طرح سنڌي سماج هاڻ تائين بہ قبائلي، سرداري، جاگيرداري ۽ نسلي متڀيد واري فرسوده خيالن ۾ جڪڙيل آهي. اهڙي سماج تي هڪ بهادر انسان جيڪو پنهنجي علم ۽ شعور ڏانهن پڪو پختو يقين رکندو هجي. اهو ئي ان جي صحيح تشريح ڪري سگهي ٿو ۽ ان متعلق مضبوط دليل بہ ڏئي سگهي ٿو ۽ هن ماڻهو ائين ڪري ڏيکاريو. هن جا هن ڪتاب ۾ شامل ڪيترائي مضمون ان متعلق پڻ آهن. اسان جي جمهوري آدرشن ۽ جمهوري تحريڪ ۾ هڪ وڏو ۽ تخليقي ڪم پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جو آهي، جيڪو هر دور جي ظلمت کي چئلينج ڪندو رهندو ۽ تاريخ جي سچائيءَ جو دفاع ڪندو رهندو.ان کي مسخ ٿيڻ کان بچائيندو رهندو.

منظورٿهيم

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پروفيسر لياقت عزيز: تحسين لائق ڪردار

سائين پروفيسر لياقت عزيز سولنگي گهڻ رُخي شخصيت هو ۽ هن ۾ قدرتي طور تمام گهڻيون خوبيون هيون. هن سان نيازمندي 1988ع کان هئي، پر ساڻس ويجهڙائي 1991ع کان ٿي، جڏهن آئون گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس. پروفيسر لياقت عزيز صاحب منهنجي نظر ۾ جدوجهد جو اُهڃاڻ هو. هو بُردبار، بي ڊپو ۽ صاحبِ ڪردار شخص هو. سندس زندگي پنهنجي ماڻهن جي ڏُکن ۽ اهنجن تي ڪڙهندي هئي. سائين جو قلم هميشه سماج ۾ موجود خرابين تي وڄ جيان ڪڙڪندو هو. هن پنهنجي سبجيڪٽ يعني پوليٽيڪل سائنس تي وڏي مهارت سان اٺ تدريسي ڪتاب لکيا، جيڪي ڪاليج کان يونيورسٽيءَ تائين جي تدريسي ڪورس تي رکيل آهن. سائين لياقت عزيز نه صرف صاحبِ علم هو پر صاحبِ قلم پڻ هو سندس قلم سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن سان به خُوب نڀايو ته وري سماج جي عڪاسي به ڪئي. سائين جا لکيل ڪالم روزاني عوامي آواز، خبرون، خادم وطن ۽ ڪاوش ۾ اهم جاءِ والاريندا هئا. سندس لکڻيون سنڌ، ملڪ ۽ عالمي سياسي ۽ سماجي حالتن جو بيرحمي سان ڇيد ڪندڙ آهن، سندس ويهه سال اڳ لکيل ڪالم جڻ ته اڄڪلهه جي حالتن تي لکيل محسوس ٿيندا آهن. پروفيسر لياقت عزيز جي زندگي ننڍي هوندي کان ئي جدوجهد سان واڳيل رهي، اسڪول جي شاگردي واري عمر ۾ ٽنڊي محمد خان جي ميونسپل اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏيارڻ، فوجي شگر ملز ٽنڊو محمد خان ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ، ٽنڊو محمد خان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي فوجي شگر ملز، ٽالپر ٽيڪسٽائل ملز ٽنڊو محمد خان، پن جي ٻيڙي ٻاڏارن ۽ ٽانگا يونين جو بنياد وجهڻ ۽ انهن کي پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جو حصو بنائڻ (جيڪا ڪميونسٽ پارٽي جي شاخ هئي)، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپرائڻ تان جيل وڃڻ وارا عمل سندس تاريخي جدجهد جو حصو آهن. پروفيسر لياقت عزيز صاحب 15 فيبروري 1973ع تي ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي سڀ کان وڏيڪ متحرڪ تنظيم سنڌ ليڪچرارس ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو (جيڪا پوءِ سپلا جي شڪل ۾ آئي). جنرل ضياء الحق جي مارشل لا 1979ع ۾ هڪ آرڊر نمبر MLO_55 جاري ڪيو ويو، جنهن تحت سنڌ جي آفيسرن کي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ حاضر ٿيڻو هو، لياقت عزيز صاحب ان خلاف جدوجهد ڪئي، جنهن جدوجهد جي نتيجي ۾ ساليانه رپورٽن جي بنياد تي سينيي کي نوڪرين تي بحال رکيو ويو. 9 فيبروري 1984ع تي ملڪ ۾ شاگرد يونين تي پابندي لڳائي وئي، ان ڪانپوءِ ٻئي مرحلي ۾ استاد تنظيمن تي پابندي جا سانباها ڪيا ويا هئا، لياقت عزيز پنهنجي دوستن سان گڏ سڄي ملڪ جي مختلف استاد تنظيمن کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ”ٽيچرس متحده محاذ پاڪستان“ جوڙيو. سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي ڪروڙ ۽ استاد تنظيمن کي متحرڪ رکڻ لاءِ پرائمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليجي استادن کي گڏ ڪري موري کان ڪراچي تائين ”لانگ مارچ“ ڪيائين. 1988ع ۽ 1989ع ۾ لساني هنگامن ۾ متاثر خاندانن جي مدد لاءِ نسيم نگر قاسم آباد ۾ هڪ وڏي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، جنهن جو سائين لياقت عزيز روح روان هو ۽ ڏتڙيل ماڻهن کي عارضي طور آباد ڪرڻ لاءِ هو هر ممڪن قدم کڻندو رهيو. 1991ع ۾ سنڌ جي نمائنده ادبي اداري ”سنڌي ادبي بورڊ“ بچايو تحريڪ هلي پاڻ ان جو سرگرم اڳواڻ هو. 1992ع ۾ شاهبندر واقعي ۾ بيگناهه نوجوان ماريا ويا ته پروفيسر لياقت عزيز پهريون شخص هو، جنهن پريس بيان وسيلي ان عمل جي مذمت ڪندي، ان کي سختي سان ننديو. 1992ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٻن شاگردن جي قتل تي پوري سنڌ ۾ ڪَٽني واري صورتحال بعد ان واقعي ۾ ملوث ذميوارن جي تعين لاءِ سنڌي ادبي سنگت پاران قائم ڪيل ”قومي جرگا ڪميٽي“ جا پاڻ انتهائي سرگرم

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ميمبر هئا. ان جرگي ڪانپوءِ ڪنهن بہ شاگرد تنظيم اهڙي اڳرائي نہ ڪئي. 1994ع ۾ استادن جي مسئلن جي حل لاءِ سپلا پاران تحريڪ هلائي هڪ ڏينهن سي آءِ اي سينٽر حيدرآباد ۽ ٽي ڏينهن سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد رهي، سنڌ حڪومت ڪان ڪاليجي استادن لاءِ ”نان اٽريڪٽو الائونس“ منظور ڪرايو. 2000ع ۾ جنرل مشرف جي مارشل لا ۾ حڪم جاري ڪيو ويو تہ سنڌ ۾ 43000 ملازمن کي ڪڍيو ويندو تہ لياقت عزيز صاحب هڪدم ”سنڌ ايمپلائيز الائنس“ ناهي ان حڪم جي مخالفت ۾ جلسا جلوس ڪرائي ان حڪم تي عمل روڪرايو. 2005ع ۾ سنڌ جي گورنر عشرت العباد سنڌي شاگردن لاءِ ”اردو سليبس“ سنڌي استادن بجاءِ اردو مضمون وارن استادن پاران پڙهائڻ جو حڪم صادر ڪيو تہ سائين لياقت عزيز ”سنڌي ٻولي ايڪٽ 1972ع“ مطابق ”آسان سنڌي“ لاڳو ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي، جنهن جو خاتمو ايم ڪيو ايم جي سربراهہ الطاف حسين جي پريس بيان تہ ”اسان سنڌي آهيون ۽ سنڌي پڙهنداسين“ تي ٿيو. پروفيسر لياقت عزيز جي آخري ڀرپور جدوجهد صدر جنرل پرويز مشرف، وفاقي وزير تعليم جنرل جاويد اشرف قاضي، وزير اعلي سنڌ ارباب غلام رحيم ۽ وزير تعليم سنڌ ڊاڪٽر حميده کهڙو طرفان سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ڪم ڪندڙ تنظيمن تي پابندي جي هئي جيڪا 13 ڊسمبر 2007ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ مان پابندي ختم ڪرڻ تي پوري ٿي. مجموعي طور پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جو علمي، ادبي، سياسي، سماجي ڪردار تحسين لائق رهيو. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي ڀريون ماڻهو هو. جيڪو ڪميونسٽ پارٽي جي سينٽرل ڪميٽي جي اجلاس مان ان ڳالهہ تي بائيڪاٽ ڪري نڪتو تہ ڪميونسٽ پارٽي، سنڌ جي قومي سوال تي چٽو موقف نٿي رکي. جڏهن مشرف جي دور ۾ ڏسٽا وائسٽا ماڻهو ڪالا باغ ڊيم جي حمايت جو راڳ ڳائڻ لڳا تہ پروفيسر لياقت عزيز پنهنجن دوستن سان گڏجي ڪالا باغ خلاف جدوجهد لاءِ حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ مصروف رهيو. هن چاهيو پئي تہ سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور اچي، هن جي خواهش هئي تہ نئين نسل کي ڪو سنئون دڳ ملي. لياقت عزيز سنڌ جي ادارن جي مالڪي جو رکوال هو. هُو هڪڙي پوري نسل کي پڙهڻ لکڻ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سان سلهاڙي ويو. توڙي جو لياقت عزيز تقرير جي فن جو ڪو گهڻو ماهر نہ هو پر هو ڳالهين جي ميز تان هميشہ ڪاميابي سان اُٿندو هو. هن جي قلم مان نڪتل لفظن کي مان ملندو هو. هو ڪرنٽ اشوز تي رواني ۽ بهادري سان لکندو هو. سندس اُهي لکڻيون ئي اسانجو وڏو سرمايو آهن، جن لکڻين کي سندس فرزند ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي سهيڙي، ڇپائي، ڪتابي صورت ۾ هميشہ هميشہ لاءِ محفوظ ڪيو آهي. يقينن اهو ڊاڪٽر جمال ناصر جو فرض هو پر اهو ڪم ڪنهن شاندار ڪارنامي کان گهٽ ناهي.

هي ڪتاب ان ڳالهہ جي شاهدي آهي تہ پروفيسر لياقت عزيز اسان کان وڇڙيو ضرور آهي، پر وسريو قطعي بہ ناهي، هُو پنهنجي لکڻين جي صورت ۾ هميشہ اسان سان گڏ رهندو. سندس لکڻين جي سهيڙ ۽ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ تي ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي ۽ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمد خان جس لهڻن. شال سندن هي پورهيو سنڌ جي شعور لاءِ ڪا مانائتي موٽ جهڙي لهر بڻجي ۽ قبوليت ماڻي.

پروفيسر يعقوب چانڊيو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

خاڪو

پروفيسر لياقت عزيز سولنگي- سنڌ دوست ڪردار

ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت وارو رشتو ئي حقيقت ۾ ماڻهو ڪي معتبر بڻائي ٿو اهي فرد ئي تاريخ ۾زنده رهندا آهن. جيڪي ڪجهه ڪري ويندا آهن. انهن فردن جي جاکوڙ تاريخ جي داستانن ۾ سماج جي بهترين اڏاوت جو بنيادي ڏاڪو تصور ڪئي ويندي آهي. جيڪي مختلف شعبن ۾ پنهنجو ڪردار نروار ڪري ويندا آهن. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جو نالو به انهن فردن ۾ شامل آهي. جيڪي وطن دوستي جو حوالو به هئا ته جدوجهد ۾ تحريڪ جو به نالو هئا. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي ٽنڊو محمد خان ۾ 10 جولاءِ 1949ع تي ڄائو. سندس والد جو نالو خميسو خان سولنگي آهي. ٽنڊو محمد خان مان ئي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪيائين. هو جڏهن اٺين درجي ۾ ميونسپل اسڪول ٽنڊو محمد خان ۾ پڙهندو هو ته هُن ميونسپل اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏيارڻ واري احتجاج ۾ شامل ٿي عملي جدوجهد واري زندگيءَ جي ميدان ۾ پير پاتو. ان احتجاج جي بدولت ميونسپل اسڪول ٽنڊو محمد خان کي هاءِ اسڪول جو درجو مليو. ڪيس تعليم سان چاهه ۽ لکڻ پڙهڻ لاءِ اُتساهه سندس دوستن غلام نبي ڀرڙي، زيب پيٽي ۽ پرواني پيٽي ڏياريو. لياقت عزيز سولنگي سنڌ جو سچار ٻي ڊپوءِ عملي سياست جي چاڙ رکندڙ دانشور، اديب، تعليمدان، سماج سڌارڪ، ٽريڊ يونينسٽ، سنڌ دوست فرد هو. هُن ٽريڊ يونين واري سياست جي شروعات فوجي شگر ملز ٽنڊو محمد خان جي مزدورن جي يونين قائم ڪري، ان کان ڪئي. فوجي شگرملز ٽنڊو محمد خان جڏهن

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قائم ٿي تہ ان ۾ صرف ٻاهريان ماڻهو ملازم طور ڀرتي ڪيا ويا. لياقت عزيز سولنگي ڪجهہ دوستن سان گڏجي فوجي شگرملز ۾ مقامي ماڻهن ڪي روزگار ڏيارڻ لاءِ احتجاجي تحريڪ هلائي. جنهن تحريڪ جي نتيجي ۾ ملز انتظاميہ مقامي ماڻهن کان نوڪري لاءِ درخواستون وصول ڪيون، 35 ماڻهن درخواستون ڏنيون، جن سڀني کي ملز ۾ ملازمت ملي، حيرت جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ انهن 35 ملازمن ۾ هڪ بہ سنڌي شامل نہ هو پر اهي سڀ جا سڀ ٽنڊو محمد خان جي مقامي ماڻهو هئا. فوجي شگرملز يونين جي قيام بعد هن ٽالپر ٽيڪسٽائل ملز ٽنڊو محمد خان، ٻيڙي ورڪرز يونين، ٽانگا ورڪرز يونين جي قيام ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. جيڪي سموريون يونينون پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سان سلهاڙيل هيون. پاڪستان ورڪرز فيڊريشن، ان وقت ڪميونسٽ پارٽي جي پورهيت ونگ هئي، جنهن پورهيت ونگ جو مرڪزي صدر ٽنڊو محمد خان جو ڪامريڊ شميم واسطي پڻ رهيو. 4 فيبروري 1978ع تي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ شهيد نظير عباسي ۽ حميده گهانگهرو جي شادي ٿي هئي، تمام گهٽ ماڻهن کي اها خبر هوندي تہ سندن شادي جي خوشيءَ ۾ پهرين دعوت پروفيسر لياقت عزيز سولنگي، ٽنڊو محمد خان ۾ پنهنجي گهر ۾ ڪئي هئي. هن سنڌ يونيورسٽي مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪئي، سنڌ يونيورسٽي مان ئي وڪالت جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1972ع ۾ لياقت عزيز سولنگي ليڪچرار طور تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيو 1977ع کان وٺي هن ٽيهہ سالن کان وڌيڪ عرصو حيدرآباد جي سچل سرمست آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون. تعليمي خدمتن جي لحاظ کان هو جتي بہ رهيو. هن کي قوم جي شاگردن جي مستقبل جو وڏو اونو رهندو هو. ان حد تائين جو تعليم جي حصول خاطر هن پنهنجي اولاد سان بہ ڪا سوديبازي نہ ڪئي ۽ کين پنهنجي مدد پاڻ تحت شفاف تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اُتساهيو. هن پوليٽيڪل سائنس تي 8 تدريسي ڪتاب لکيا. جيڪي آر ايچ احمد برادرس پاران ڇپائي پڌرا ڪيا ويا. لياقت عزيز سولنگي بهترين علم دوست، سماج سڌارڪ، دانشور، اديب ۽ ڪالم نويس هو. سندس ڪالمن

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جو هڪ مجموعو ”قومي غدار ۽ حساب ڪتاب“ نيو فيلڊس پبليڪيشن 1997ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. جيڪي ڪالم هُن ”ڪُچان تہ ڪافر ٿيان“ جي عنوان سان مختلف سنڌي اخبارن ۾ لکيا. سندس قلم سنڌ جي مختلف سياسي، سماجي، طبقاتي، علمي، ثقافتي ۽ ادبي موضوعن تي هميشہ متحرڪ رهيو هو سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن (سپلا) جو باني ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. ڪيس ڪاليجي استادن جو هر مسئلو زباني ياد هوندو هو اهو ئي سندس بهترين حافظي جو مثال هو هن ڪاليجي استادن جي مسئلن جي حل لاءِ جنرل ضياءَ جي آمريت ۾ تحريڪ جو بنياد وڌو جنهن دوران ڪيس ڪيترائي ڀيرا پابند سلاسل بہ ڪيو ويو. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ هن جو ڪيترن ئي س ُتن ۽ هڏ ڏوکي استادن سان واسطو رهيو جنڪي ه ُو هميشہ دل سان ياد ڪندو هو انهن استادن مان ٽنڊي محمد خان جا بهترين استاد محمد عثمان ميمڻ ۽ سائين محمد اسحاق، سنڌ يونيورسٽي جو سائين محمد عمر ميمڻ هالن وارو، محمد حسن پٿو ۽ خالد شهيد آخوند شامل آهن. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي ڪي سنڌي سفرنامن جي بادشاهہ الطاف شيخ پنهنجي سفرنامي ”ايران ڏي اُڏار“ ۾ شاندار خراج تحسين سان ياد ڪيو آهي. 1992ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ شاگرد ڌرين جي جهيڙي ۾ ٻن شاگردن جي قتل تي سنڌي ادبي سنگت پاران قومي جرڳو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ نورالهديٰ شاهہ، پروفيسر عمر ميمڻ، پروفيسر لياقت عزيز سولنگي، يوسف لغاري وڪيل ۽ مشتاق ميراڻي تي مشتمل ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ڪميٽي سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلرن، لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال، استادن، شاگردن، پوليس عملدارن ۽ لاڳاپيل فردن جا انٽرويو ڪري، تحقيقات بعد قاتل ظاهر ڪيا ۽ فيصلو ڪري، واسطيدار سياسي تنظيمن ڪي ڏوهاري قسم جي شاگردن خلاف سخت قدم کڻڻ جي لکت ۾ سفارش ڪئي. جڏهن بہ سنڌ جي ڪاليجي استادن جي تنظيم سِپلا جو ذڪر نڪرندو تہ ان جي بانيڪار مان پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جو نالو سرفهرست طور سُنهري لفظن سان ضرور ياد رکيو ويندو. هن پنهنجي ڪالمن وسيلي سنڌ جي مختلف مسئلن تي خاص

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

طور تعليمي مامرن تي پنهنجو تجربو ۽ نقطہ نظر تمام شاندار نموني پيش ڪيو ڇاڪاڻ جو تنظيمي اڳواڻ طور سنڌ جي ڪاليجي استادن ۽ تعليم سان وابستہ مسئلا بيان ڪرڻ جو وڌس سهڻو ڏانءُ هو. جڏهن بہ سِپلا جي تعليم کاتي جي عملدارن سان مسئلن جي حل لاءِ گڏجاڻيون ٿينديون هيون تہ سِپلا جو وفد پروفيسر لياقت عزيز سولنگي ڪانسواءِ اڌورو ۽ اڻپورو تصور ڪيو ويندو هو. هو رواني سان سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڳالهائيندڙ هو. تنهنڪري هو ٽيبل ٽاڪس جو پڻ وڏو ماهر سمجهيو ويندو هو. سِپلا سان سندس محبت جي ڪري ڪيس وڏيون تڪليفون پڻ برداشت ڪرڻيون پيون. ايتري قدر جو جڏهن هو 19 هين گريڊ ۾ هو ۽ سندس 20 هين گريڊ جو پروموشن رهيل هو تہ ان وقت جي وزير تعليم پير مظهر الحق ، ڪاليجي استادن جي ان وقت تائين ڊي پي سي روڪي ڇڏي، جيستائين پروفيسر لياقت عزيز سولنگي رٽائر ٿئي. ڪيس ڪيترائي ڀيرا مختلف عهدن جو لالچون پڻ ڏنيون ويون، جن ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جو چيئرمين، حيدرآباد ضلعي جو اِي ڊي او تعليم، ايڊيشنل سيڪريٽري تعليم وغيره جهڙا عهدا شامل هئا پر سنڌ جي هن ارڏي استاد، علم دوست، ادب دوست، سنڌ دوست شخص هر لالچ کي ٺڪرائي پنهنجو پاڻ کي انفرادي مفادن بجاءِ اجتماعي مفادن سان سلهاڙيو ڇڏيو. پروفيسر لياقت عزيز هڪ سُٺو مقرر پڻ رهيو. هُن وٽ ماڻهن کي سمجهائڻ ۽ قائل ڪرڻ جو فن بہ بيمثال هو هن نہ رڳو وطن دوستي وارو شاندار ڪردار ادا ڪيو پر هن چاليهہ سالن تائين سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي، هو ادارن جو اڏيندڙ پڻ هو انسٽيٽيوٽ آف سنڌ افيئرز جو باني ڪار هو. هن قاسم آباد ڪاليج، ٽنڊو محمد خان ۾ گرلز ڪاليج جي قيام لاءِ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. ٽنڊو محمد خان گرلز ڪاليج کي ڊگري ڪاليج جو درجو ڏيارڻ لاءِ اڳيان اڳيان رهيو ۽ ان مقصد ۾ پڻ ڪاميابي ماڻيائين. سندس علمي، ادبي، سماجي خدمتن جي بدولت ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ مليا. پروفيسر لياقت عزيز سولنگي تعليم کاتي مان 19 هين گريڊ ۾ ريٽائرمينٽ ورتي، ريٽائرمينٽ کانپوءِ بہ هن لکڻ ۽ پڙهڻ سان پنهنجو ناتو ڳنڍيو رکيو. عمر جي آخري عرصي ۾ هو دماغي بيماري سبب ڇهہ سال سخت علالت ۾ رهڻ بعد 30

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سيپٽمبر 2018ع تي ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. 01 آڪٽوبر 2018ع تي ڪيس سوين آلين اکين سان ٽنڊو محمد خان جي ”سخي برهان شاهہ“ قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. ڪيس ٽن ٻارن جو اولاد ٿيو جن مان وڏو پ ُٽ جمال ناصر سولنگي ۽ ننڍي نياڻي شازيہ عزيز مسيحائي پيشي سان سلهاڙجي ويا ۽ سندس ٻي نِياڻي نازيہ عزيز ڪمپيوٽر سائنس ۾ ايم ايس سي ڪري، ليڪچرار مقرر ٿي ۽ هن وقت ايسوسيئيٽ پروفيسر/ پرنسپال طور ڪراچي ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهي آهي. سندس ڊاڪٽر نياڻي شازيہ عزيز سولنگي 6 جولاءِ 2021ع تي لاڏاڻو ڪري وئي. سنڌ جي هن وطن دوست ۽ جاکوڙي ڪردار جون کوڙ ساريون لکٽيون وکريل هُيون، جن کي نہ رڳو سهيڙڻ جي سخت ضرورت هئي، جنهن ضرورت کي نظر ۾ رکندي، سندس لکيل تاريخي ڪالمن ۽ مضمونن کي سهيڙي هن مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سندس علمي، ادبي، سماجي خدمتن جي ميڄتا طور سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان 2019ع کان نہ رڳو سندس ورسي هر سال ملهائيندي پئي اچي، پر مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ ٽنڊو محمد خان جي متحرڪ ۽ محنتي ڪردارن کي ”پروفيسر لياقت عزيز سولنگي يادگار ايوارڊ“ سان پڻ نوازيو ويندو آهي. انهن ئي تقريبن ۾ سندس لائق فرزند ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، پنهنجي والد پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي وکريل مواد کي سهيڙي ڇپائڻ جو اعلان ڪيو هو جنهنکي عملي شڪل ڏيندي، وڏي محنت بعد سندس وکريل مواد کي سهيڙي هن ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي تہ جيئن ه ُن جي شاندار ۽ مثبت ڪردار کي ايندڙ نسلن جي ڄاڻ لاءِ تاريخ ۾ محفوظ ڪري سگهجي. يقينن هن ڪتاب ۾ شامل سمورو مواد ماضيءَ جي پسمنظر ۾ نئين نسل جي ڄاڻ ۽ معلومات لاءِ هڪ املهہ خزانو ثابت ٿيندو.

اعظم پيٽي

ٽنڊو محمد خان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪانهي ڪا تاريخ ۾ ويڙهه سواءِ ٻي واهه!

سنڌ جي سون ورني ڌرتي انيڪ ۽ ڳنڀير مسئلن ۾ وڪوڙجندي پئي وڃي. هر نئون سج هڪ نئون مسئلو ڪٺي اُڀري ٿو. هن وقت هڪ اهم مسئلو سنڌين جي اڳيان ڳر ڪٺي بيٺو آهي، اهو مسئلو ”ذوالفقار آباد“ جي رٿا آهي، جنهن لاءِ پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف زرداري چيو آهي ته، ”ذوالفقار علي ڀٽو شهيد ڪي پيٽا ڏيڻ لاءِ نئون شهر اڏايو پيو وڃي.“ هن رٿا جي حمايت ۾ سرڪار آهي ته مخالفت ۾ قوم پرست ۽ وطن دوست پارٽيون آهن. ڪنهن به مهذب ملڪ ۾ رٿائون ملڪ جي (خلق ِ خدا) ڪي فائدي ڏيڻ لاءِ ٺهنديون آهن، ته جيئن ان رٿا مان عوام فائدو حاصل ڪري معاشي دم پٽي، پر هتي ابتو قصو آهي. ملڪ جي عوام جي ڀلائيءَ جي نالي ۾ عوام ڪي هاڃو رسائڻ جون رٿائون تيار ڪيون وينديون آهن. هي رٿا سنڌ جي ساموندي پٽيءَ جي ساڍن ٽن لکن ايڪڙن تي مشتمل آهي. ان ۾ هن وقت 480 ڳوٺ اچن ٿا ۽ انهن ڳوٺن ۾ به لک پنجٽيهه هزار سنڌي رهائش پذير آهن. ان سموري ايراضيءَ جو اٽڪل اڌ حصو زرعي زمين آهي، جنهن ۾ پوک ڪئي وڃي ٿي ۽ باقي حصو غير آباد آهي. 23 نومبر 2010ع تي ان رٿا ڪي ايڪٽ طور سنڌ اسيمبليءَ مان قانوني شڪل ڏيئي پاس به ڪيو ويو آهي. شروعاتي طور تي رٿا جو مينيجنگ ڊائريڪٽر رٽائرڊ ڪامورو ايس بي شاهد ڪنيو ويو، جيڪو پنجاب صوبي ضلعي جي گجرانوالا شهر جو رهواسي هو ۽ اڳوڻي چيف سيڪريٽري سنڌ فضل الرحمان ڪي ان ئي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

گورننگ بورڊ جو صلاحڪار مقرر ڪيو ويو. جن کي لکين رپيا ماهوار پگهار ۽ ٻين سهولتن جي مد ۾ ڏنا ويا. اپريل 2011ع خيبر پختونخواهه صوبي جي رٽائرڊ گورنر سيد افتخار حسين شاهه کي ايم ڊي مقرر ڪيو ويو. سندس ماهوار پگهار ڇهه لک رپيا ۽ ٻيا الائونس ۽ رعايتون پڻ ڏنيون ويون آهن. هن کي ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ پنجاب يعني فيصل آباد جي شوڪت علوي کي به ان رٽا لاءِ ماهوار ٽي لک رپيا پگهار ۽ وڏا الائونس ۽ ٻين فائدن تي مقرر ڪيو ويو. پر ڪورٽ سڀگوري ۾ انصاف لاءِ درخواست داخل ٿي ته سنڌ حڪومت جي قاعدن موجب صوبائي حڪومت جي ڪنهن به عهدي تي صرف سنڌ صوبي جو ڊوميسائيل رکندڙ ماڻهو مقرر ٿي سگهي ٿو. شُوڪت علوي کان وڌيڪ تجربو رکندڙ عبدالشڪور پليجو طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو. ذوالفقارآباد رٽا جي ايم ڊي کي سنڌ هاءِ ڪورٽ حڪم ڏنو ته شوڪت علوي کي هٽايو وڃي، پر هوشياريءَ سان شوڪت علوي ڪراچي اوير جو ڪوڙو ڊوميسائيل وٺي، پنهنجي نوڪري پڪي ڪرائي ڇڏي. ذوالفقار آباد رٽا جي ايم ڊي ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ سيد افتخار حسين تازو اها ڳالهه مڃي آهي ته شوڪت علوي کي ٻيهر ڊائريڪٽر آپريشن طور ڀرتي ڪيو ويو آهي. هن هڪ خط 3 نومبر 2011ع تي خط نمبر ZDA/DD/E and ARecruitment/13.05.2011 سنڌ جي وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهه کي لکيو هو ته ان رٽا جي ڀرتي ڪيل شوڪت علوي ولد بشير علوي، سنڌ حڪومت جي ملازمن وارن APT Rules 1974 جي رول نمبر 13 موجب، صوبي ۾ ڀرتيءَ لاءِ لازمي قرار ڏنل ڊوميسائيل نٿو رکي، پر هن کي اهليت جي بنياد تي رکيو وڃي. ٻاهرين ماڻهن لاءِ ڀرتي ٿيڻ لاءِ قاعدا نرم ڪيا وڃن. سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريشن کان سمري تيار ڪرائي وڏي وزير خود ان جي منظوري ڏني. پ پ پ 2008ع کان وٺي 2013ع تائين سنڌ جي ماڻهن سان جيڪي ڪلور ڪيا، انهن ۾ هڪ اهو به شامل آهي ته جيڪڏهن پڪڙ پڇاڙ ڪبي ته سيني کي ڪراچي جو ڊوميسائيل ملي ويندو. سنڌ روينيو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

بورڊ جو چيئرمين نجيب قريشي (لاهور) ۽ سنڌ بئنڪ جو سربراهہ بلال فيض بہ پنجاب سان تعلق رکن ٿا.

ذوالفقار آباد رٿا جي حمايت ۾ دليل ڏنا وڃن ٿا تہ جديد طرز تي شهر اڏيو ويندو. ان کي هڪ هوائي اڏو، آٿ بندرگاهہ هوندا، جن تي پنجويهہ هزار ٽن کان وڏيڪ مال بردار جهاز لنگر ڪندا. شهر ۾ نيون پليون ۽ اوور هيڊ پليون هونديون. آرائشي بنگلا، فليٽ ۽ سرڪاري آفيسون هونديون. تفريحي ماڳ جديد سهولتن سان سينگاريل هوندا. سمنڊ روزانہ ارڙهن ايڪڙ زمين ڳڙڪائي وڃي ٿو. ڏهن- ٻارهن سالن اندر سڄي ضلعي ٺٽي جي زمين سمنڊ ڳڙڪائي ويندو. ان جي بچاءُ لاءِ سڄي سمنڊ کي جديد طرز تي پڪي پٽ ڏياري ويندي، صنعتي زون قائم ٿيندو، ڪارخانا لڳندا، مقامي ماڻهو روزگار سان لڳندا ۽ ملڪ ۾ خوشحالي ايندي.

رٿا جي مخالفت ۾ سياسي، سماجي پارٽين جو موقف آهي تہ مذڪوره شهر جي شروعات سان ئي ٻاهريان ماڻهو پرتي ڪيا ويندا. سنڌين تي الزام تراشي ٿيندي تہ سنڌي جاهل ۽ ڪاهل آهن. پنجاب ۽ عالمي سرمائيدار سيڙپ ڪري صنعتون لڳائي پنهنجين "نين منڊين" ۾ واڌارو آڻيندا. ڌارين جي آبادڪاري سبب سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا. مقامي سنڌي ڳوٺاڻا لڏائي اباڻن ڪکن کان ڪڍي ڪين پناهگير ۽ نڌڻڪو ٿي ڪٿي "ڪيمپن" ۾ رهڻو پوندو. اڄ ان علائقي ۾ زمين جو سرڪاري اگهہ چاليهہ هزار روپيا في ايڪڙ آهي. پر ٻاهريان دلال "سرمائيدارن جا گماشتہ" اها زمين ڏهہ لک روپيا في ايڪڙ خريد ڪري رهيا آهن. "ڌارين صنعتڪارن" ڪيٽي بندر ۾ ڏهہ هزار ايڪڙ زمين خريد ڪئي آهي. اهڙي ريت ڌارين جون ڪالونيون ٺاهي، اصلوڪن ڌرتي ڌڻين کي تڙي ڪڍڻ لاءِ رٿابندي ڪئي پئي وڃي. سنڌ سان ماضيءَ ۾ ڍوهن ۽ ويساهہ گهاتين جا چند مثال ڏيون ٿا. انگريز سرڪار سنڌ ۾ رهندڙ بهادر حُرن خلاف سخت آپريشن ڪيو جنهن ۾ مُکي ڍنڍ ۽ ٻيلي کي نابود ڪري هزارين ايڪڙ ڪاراٺي زمين غير سنڌين حوالي ڪئي وئي. هندستان مان آيل سمورا ماڻهو سنڌين

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي ٻڳاتي ۾ وڌا ويا. سنڌين پنهنجي مهمانن جي آجيان ڪري ڪين جيءَ ۾ جايون ڏنيون، جن جي اڪثريت سنڌ جي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجو نہ ڪيو آهي. 1956ع ۾ "غلام محمد بيراج" ٺاهيو ويو تہ سنڌ جي هيٺين حصي واري زمين کي سيراب ڪري مقامي ماڻهن کي زمينون ڏيئي خوشحال بنايو ويندو، پر ان جي ابتڙ ان بئراج جون زمينون غير سنڌين کي ڏيئي آباد ڪيو ويو، جن ۾ اڪثريت رٽائرڊ سول توڙي فوجي ڪامورن جي هئي! ون يونٽ جي قيدخاني ۾ سنڌ کي قيد ڪيو ويو. سنڌين کي هر طرح سان ڦريو ۽ لُٽيو ويو. ايوب شاهيءَ جي دور ۾ "بنيادي جمهوريت" جو سرشتو آڻي، سنڌ ۾ اجا وڌيڪ من ماني ڪرڻ جا موقعا هٿ ڪيا ويا. سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جون سازشون ڪيون ويون ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ عملي قدم بہ کنيا ويا. مٿين صوبن جي زهريلي پاڻي جي نڪاسي لاءِ سنڌو درياهہ جي ٻنهي ڪپن تي "سم نالا" کڏيا ويا، جن تازين برساتن سبب هتان جي ڏرتي ڌڻين سان ڪلور ڪيا. اهو اظهر من الشمس آهي. هاڻي سنڌ جي ڌرتي ڌڻين جي خوشحاليءَ لاءِ ذوالفقار آباد رٿا منظور ڪري ڪم جي شروعات ڪئي وئي آهي. سوال اهو اڀري ٿو تہ سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ لاءِ سڀ جاڙون ڪيون پيون وڃن. انهيءَ جو اثر سنڌ جي پنج ڪروڙ عوام تي پوندو. ان ڪري سنڌين کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سنڌي ماڻهن وٽ پنهنجي وجود جي بقا لاءِ سواءِ فيصلائتي ۽ڀرپور جدوجهد جي ٻيو ڪوبہ گس ڪونهي. اها جدوجهد صرف ۽ صرف ان ضرورت ۾ هلائي ڪاميابيءَ تائين پهچائي سگهجي ٿي، جڏهن سنڌ جون سموريون سياسي ڌريون متحد ٿين. ان لاءِ تيار ٿيڻ ڪانسواءِ ٻي ڪابہ واهہ نہ آهي. "ڪانهي ڪا تاريخ ۾، ويڙهہ سواءِ ٻي واهہ"

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ جو سياسي ڪلچر ۽ خودپسنديءَ جي خرابي

سون ورني سنڌ صرف جاگرافيائي حد بنديءَ جو نالو ناهي، پر اسان سنڌي قوم جي وجود جو آشيانو ۽ محتبن جو مرڪز آهي. اڄ جن حالتن مان سنڌ گذري رهي آهي ۽ جيڪو حشر ماتر ڀومي جي قديم رهواسين سان ٿي رهيو آهي، هن سون ورني ڌرتيءَ تي رهندڙ هر ڄائي جو فرض آهي ۽ ڌرتيءَ ماءُ جو قرض آهي تہ سنڌ سان نينهن ناتو ڳنڍيندڙ جماعتن تي اهو دٻاءُ وجهجي تہ اهي خود پرستي ۽ انا پرستيءَ جي خول مان نڪري هڪ پليٽ فارم تان گڏجي سنڌ جي وجود جي جنگ ۾ گڏيل قومي تاريخي ڪردار ادا ڪن ۽ پاڻ ۾ قومي اتفاق راءِ پيدا ڪن. سنڌ جي موجوده حالتن جي پيش نظر گهٽ ۾ گهٽ ڌارين جي آبادڪاري، پاڻيءَ ۽ ناڻي جي صحيح ورهاست، قومي خود مختياري، سنڌ جي وسيلن تي ”حق مالڪي“ جي گڏيل ايجنڊا تي سڀ وطن پرست ۽ قوم پرست پارٽيون گڏجي جدوجهد ڪري سگهن ٿيون. اها بہ هڪ سياسي روايت رهي آهي تہ سنڌ جا سڄاڻ اڳواڻ پنهنجي نظرين ۽ عقيدن جو حصار ڪيڏي خود ڪي دائرن ۾ قيد ڪندا رهيا آهن. پر سنڌ جون موجوده حالتون ان ڳالهہ جي اجازت نہ ٿيون ڏين تہ خود غرضيءَ جي خول ۾ بند ٿي ڪجهہ بہ ڪرڻ کان ليڪو ڪڍي ويهن. پيالي ۾ پيئڻ ۽ پيارڻ جي رسم پراڻي ٿي چڪي آهي، اها ريت تڏهن رائج ٿي هئي، جڏهن صرف رند پيئندا هئا، هاڻ تہ رندن ۽ زاهدن جي کاڌي هڪ ٿيڻ لڳي آهي. شال خير هجي ميخانن ۽ پيمانن جو شال ساٿ سلامت هجي،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

وڏي ۽ ويجهي هي ڇئوياري، هي التجا ۽ آس آهي تہ خود پرستيءَ کي ڇڏي جيڪر رهبر ۽ رهنما پاڻ ۾ ملي پون تہ سنڌين تان مهٽي ميٽ ٿي پوي. هن ۾ ڪا ڀلائي هئي، جو تاريخ سنڌين کي ماضيءَ ۾ ڌارين کان بچاءُ جو ”فن ۽ هنر“ سيکاريو نہ تہ هنن ڀِٽين تہ اسان کي فنا ڪرڻ لاءِ ويهين صديءَ جا چارئي وحشي نظام صيهونيت، نازي ازم، نسل پرستي ۽ فاشزم لاڳو رکيا آهن، جو هينئر اسان جي هٿ فاتح ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هجي ها. اڄ جي حالت جو ايمانداريءَ سان جائزو وٺون تہ سنڌ جي نيٽن مان نير پيا وهن، انهن لڙڪن جي مينهن جو ڇيهہ ڇڙو بہ نظر نٿو اچي. ڏک تہ اهو آهي تہ انهن ستمن ۽ سختين ۾ پراون سان پنهنجن هٿ ونڊايو آهي. بقول مرحوم ابراهيم منشي:

”مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا،
ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾.“

اسان جي سنڌ جو سياسي ڪلچر بہ عجيب رهيو آهي. سنڌ جي سياست جا عجيب ”نشانمبر“ نظر ايندا. طلسمي سياست، چيلو گروُ سياست، وٺ جواب ڏي جواب سياست، ڪڪڙ ڪوري جي، واهہ واهہ، وڏيري جي. بَچ، پڳهاردار جي ۽ پينشن بردار جي سياست، جي سائين، حاضر سائين واري سرڪاري سياست، مهم جُو ڇڙواڳي واري سياست، محب شيدي، لائق چانديو ٽائيپ اٺائيگير سياست وغيره شامل آهن. جڏهن تہ الميو وري هي آهي تہ اهي سڀ ”ليبل ۽ لقب“ لڳائي سنڌ جي حب الوطني جو ٺورو ٺڪيندا وتن. جڏهن بہ سنڌي سنڌ جي وجود کي بچائڻ لاءِ ڪن ”سياسي نڪتن“ تي متفق ٿيا آهن ۽ گڏيل ڪو پليٽ فارم ٺاهيو آهي تہ سرڪاري ۽ درباري ڇاڙتن قومي جدوجهد جي راهہ ۾ ڪڏون ڪوٽيون آهن. اسان کي اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ اقتدار POWER کي پنهنجا ”ديو راڄ ۽ ديوتا“ آهن، جنهن جا پوڄاري لاتعداد آهن. هن ديو راڄ جو پنهنجو ڌرم آهي، جنهن جو نالو ڏاڍائي، قانون، پوءِ نيهن جو نياپو ۽ لوڀ آهي. شروع شروع ۾ ديو راڄ پنهنجو ”دٻدٻو ۽ ڀئو“ استعمال ڪري ماڻهن جي دلين ۾ ڌهڪاءُ ۽ ذهنن ۾ خلفشار پيدا ڪري ماڻهن جو ساهہ مُٺ ۾ ٿو ڪري، پر مهاڏي جي صورت ۾ پنهنجا نينهن نياپا يعني لوڀ ۽ لالچ کان ڪم وٺي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قومي تحريڪن ۾ پنهنجا گماشتہ داخل ڪندو آهي، جن جو جيون صرف پيسو ۽ پيسو ڪمائڻ آهي، انهن مار آستينن کي قومي جدوجهد کي ڇيهو رسائڻ لاءِ هوشياري سان حرفت کي استعمال ڪرڻ جي سڪيا اهڙي نموني مليل هوندي آهي، جو ظاهري طرح اهي قومي جدوجهد جا پانهن پيلي ٿي وڃي چڙهتون ۽ چوڪون ڏيندا. تيستائين ڪڙڪا ۽ واڪا ڪندا، جيستائين ”چنڊ ۽ چوڪا“ آواز دٻجي گم ٿي وڃن. هڪ دفعو قومي جدوجهد جو همدم ۽ همدرد ٿي قبضو ڪري پنهنجي جفاڪشيءَ جي گهيري ۾ آڻي وجي ”گهائو گهات“ جي ور چاڙهيندا آهن. بس اها ئي گهڙي حساس ۽ فيصلا ڪن هوندي آهي. جڏهن قومي جدوجهد جي ڪارڪنن کي ذهن ۽ پيير پختا ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. پر سنڌي مورڪائي ۾ ڪوڙي سڪي کي قبول ڪري ،جعلسازي ۾ ڦاسي گڏدولين ۾ اچي ويندا آهن. اهو ئي وقت هوندو آهي جڏهن مٽا مونن ۾ ڏيئي، قومي اتفاق راءِ قائم رکبو آهي ۽ ان کي ڳجهن ۽ ڳوهن کان بچائڻ لاءِ جتن ڪبا آهن، پر ٿيندو چا آهي تہ سنڌ دشمن تہ ”جهگتا ۽ چڳا“ ناهي پاڻ ۾ صلاح و مشورو ڪندا آهن. اسين قومي دشمن جي نشاندهي ڪرڻ بجاءِ دست وگريبان ٿي هڪ ٻئي جي خلاف ڪوڙا ۽ سچا بهتان ۽ الزام هڻي عوام ۾ ميڊيائي بيانن ذريعي اختلافن کي تنازعي جي حد تائين پهچائي ڇڏيندا آهيون. سڀ کان اول قومي جدوجهد ۾ اتفاق آڻڻ لاءِ ڪير مان مڪيون ڪڍٽيون پونديون. گذريل 66 سالن ۾ جن بدبودار ڪردارن سنڌ کي هٿ وٺي تباهہ ڪيو آهي، انهن سان مفاهمت جي آڙ ۾ ناهہ ڪرڻ سنڌ سان سراسر ويساهہ گهاتي آهي. ڏنل چهڪن ۽ زخمن تي لوڻ ٻُرڪڻ برابر آهي. اسان جي دنيا رشتن، ناتن ۽ نالن سان ڳنڍيل آهي، جيئڻ فراق، وصال ۽ پيار سان، پتنگ اگني ٻرڻ سان، دم غم ۽ زندگيءَ سان، عشق، عقل ۽ بندگيءَ سان، پيشاني ۽ سجدي جو- مامتا جو ڪير سان، تيئن سياست جو قوم ۽ ڌرتيءَ سان آهي. اسان سنڌي ڪن بہ سياسي نڪتن تي متفق ٿي سنڌ سان پنهنجو رشتو جوڙي جدوجهد ڪريون تہ ڏسنداسين تہ قومي دشمن ڪک ۽ قبر کانسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ لڪي نہ سگهندو. اسان کي وچن ڪرڻو پوندو تہ جيڪو سنڌ جي مفادن کي گروي يا وڪرو ڪندو، ان کي اسان ايترو نياڳو ۽ نيچ چونداسين، جيترو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لڄن ۽ ننگن جي سوداگر کي چيو ويندو آهي. سنڌي قوم ۾ زرخيز ذهنن، مخلص ڪارڪنن، فرض شناس سرويچن، باضمير رهنمائن جي کوٽ ناهي، پر هڪڙا اسان جا پنهنجا سڄڻ اهڙا به آهن، جن کي ڪا لالچ به ڪانهي پر سر جي سانگي انهن کي بزدل بنائي ڇڏيو آهي. اهي رياستي جبر ۽ ڏاڍ کان ڊڄي قومي جدوجهد کان الڳ ٿي تماشائي بنيل آهن. منهنجي انهن کي وينتي آهي تہ جڏهن اڄ ڌرتيءَ ماءُ جو وجود خطري ۾ آهي. سنڌي قوم جو نانءُ نشان مٽائڻ واريون قوتون سرگرم عمل ۾ آهن. اهي سڄڻ بہ اڳتي وڌن، پاڻ کي تاريخ جو ڏوهاري ٿيڻ کان بچائين. ننگن ۽ دنگن لاءِ جيستائين سر جو سانگو نہ لاهبو، تيستائين منزل ماڳ تي پهچڻ ناممڪن ۽ مشڪل آهي.

پڙڪ وري پنيٺ، ڪئي سال سُتو رهئين.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ، پاڪستان ۽ سماجي معاهدو

نئين ڪنڊ جي ورهاڱي ڪانپوءِ ڀارت جي علائقن مان ايندڙ مسلمانن جو سڄو بار سنڌ تي پيو. آل انڊيا مسلم ليگ جيڪا نئين ڪنڊ جي ورهاڱي کان اڳ ”صوبائي خودمختياريءَ“ جي ”چئمپين“ هئي، پنهنجي اصولن تان ڦري ويئي. ”مضبوط مرڪز“ جو نعرو هڻي ننڍين صوبن جا تاريخي ۽ قومي حق غضب ڪيا ويا. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري مرڪز جي حوالي ڪيو ويو. مئي 1948ع ۾ پاڪستان جي دستور ساز اسيمبليءَ ڪراچيءَ کي وفاقي انتظام ۾ رکڻ جو حڪم ڪيو. سنڌ مسلم ليگ 11 جون 1948ع تي پنهنجي اجلاس ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي فيصلي کي ناپسند ڪيو ۽ هن فيصلي کي سنڌ جون سرحدون گهٽائڻ جي سازش قرار ڏنو. 11 جون 1948ع تي 800 سنڌي شاگردن هن فيصلي خلاف ڪراچيءَ ۾ جلوس ڪڍيو. سنڌ مسلم ليگ جي سيڪريٽري مرحوم آغا غلام نبي پٺاڻ هن جلوس ۾ شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته، ”جيڪڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو ته اسان 1940ع واري پاڪستان جي نهراءُ کي ڦاڙي ڇڏينداسين.“ سنڌ جي وزير اعليٰ محمد ايوب کهڙو جي وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو ۽ پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ بنايو ويو. سازش سان هندو-مسلمان فساد ڪرايا ويا، جن جي ڪري هن ڌرتيءَ جا اصل ڄاوا پنهنجي جنم ڀوميءَ کي ڇڏڻ تي مجبور ٿيا. لڏپلاڻ جي سلسلي ۾ هندستان مان آيل مسلمان وڏي تعداد ۾ سنڌ ۾ آباد ڪيا ويا، انهن جي ”آبادڪاريءَ“ لاءِ هڪ ڌار وزارت قائم ڪئي وئي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آل انڊيا مسلم ليگ جي رهنمائن ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ کڏهن بہ انهيءَ راءِ يا خواهش جو اظهار نہ ڪيو هو تہ ورهاڱي جي صورت ۾ لڏپلاڻ ٿيندي. 1940ع واري پاڪستان جي ٺهراءُ، 1946 واري ڪيبينٽ مشن پلان، 3 جون 1947ع جي ورهاڱي جي منصوبي يا گورنمينٽ آف انڊيا انڊپيئنڊنس ايڪٽ 1947ع، جيڪي پاڪستان جي قيام جا بنيادي دستاويز آهن، انهن جي ڪنهن بہ شق ۾ ”لڏپلاڻ“ يا ”هجرت“ جو ڪو ذڪر ناهي. جناح پاڪستان جي قيام ڪانپوءِ زيرِ علاج هو. هن کان زور زبردستيءَ هڪ آرڊيننس نافذ ڪرايو ويو، جنهن ۾ هندستان مان آيل مسلمانن کي قانوني Legalize قرار ڏيڻ هو. جيڪو قيام پاڪستان جي روح خلاف هو. پاڪستان جو سابق وزير اعظم محمد علي چوڌري پنهنجي ڪتاب Emergence of Pakistan جي صفحي نمبر 267 تي لکي ٿو تہ، مخصوص مفادن تحت هندستان مان آيل ماڻهن خاطر پاڪستان جي عبوري آئين يعني گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 102 تحت گورنر جنرل کي آرڊيننس جاري ڪرڻ جي اختيارات تحت ٻارت مان مسلمان پاڪستان اچي سگهن ۽ انهن ماڻهن کي تحفظ ملي سگهي، جيڪي اچي چڪا هئا ۽ پاڪستان جي اقتصادي زندگيءَ لاءِ خطرو بڻيل هئا. هن حڪمنامي تحت سنڌ ۾ بہ لک پناهگير، پنجاب، سرحد، بهاولپور، خيرپور رياستن ۽ بلوچستان کي هڪ هڪ لک پناهگير آباد ڪرڻا هئا. لڏپلاڻ جي سڄي يلغار سنڌ تي رهي، هندستان مان آيل مسلمانن پاڻ کي مقامي تهذيب کان الڳ سمجهيو. نوڪر شاهي ۾ جيئن تہ انهن جي اڪثريت هئي. انهن ڪامورن جي آشيرواد سان معاشي طور تي آيل مسلمان خوشحال بڻجي ويا. ڪوڙن ڪليمن تحت سنڌ جي زراعت، صنعت ۽ نوڪرين تي انهن جو قبضو ٿي ويو. سنڌ جي اصل رهاڪن جنهن ”خوشحال پاڪستان“ جو خواب ڏٺو هو. انهن جا سُندر سپنا اڌورا رهجي ويا. ننڍي کنڊ جو وڏو تضاد جيڪو ورهاڱي وقت هندو۔ مسلم مفادن جي صورت ۾ هو. اهو عارضي طور تي ختم ٿي ويو. پاڪستان جي ٺهڻ وقت سنڌ ۾ سنڌي 95 سيڪڙو هئا ۽ ڏاريا صرف 5 سيڪڙو هئا. سنڌ جي ڪل آبادي 52 لک هئي. سنڌ جا اصل ڄاوا حالتن هٿان مجبور ٿي لکن جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعداد ۾ پارٽ هليا ويا. اهي سنڌ جي معيشت جي ڪرنگهيءَ جي هڏي هئا. مڊل ڪلاس ڪنهن بہ قوم ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. انهن جي پارٽ وڃڻ ڪانپوءِ اهو خال اڄان تائين پُر نہ ٿي سگهيو آهي. پاڪستان ۾ ون يونٽ جي قيام ڪانپوءِ ڌارين جي وڌندڙ آباديءَ جي وڌندڙ ڦهلاءَ سنڌ کي بدحالي، بيروزگاري ۽ بدامنيءَ جي آماجگاهہ بڻائي ڇڏيو آهي. هن وقت سنڌ ۾ پاڪستان کان ٻاهر افغاني، برمي ۽ بنگالين کان علاوه پنجاب، خيبر پختونخوا، گلگت بلتستان ۽ قبائلي علائقن مان ماڻهو سنڌ ۾ اچي رهيا آهن، ڇڻ سنڌ هڪ بين الاقوامي پناهہ گاهہ آهي. ان جو ثبوت اهو آهي تہ، نوڪرين کان علاوه سنڌ اسيمبليءَ جي سِيٽن تي ٻين صوبن سان تعلق رکندڙ قوميتن جا ماڻهو وزير ۽ مشير آهن. ڌارين جي آبادڪاريءَ سبب ڪيترائي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي مونجهارا پيدا ٿيا آهن.گذريل 66 سالن کان اسلام آباد طرفان نندين قومن کي ”حق حاڪميت“ نہ ڏيڻ ڪري هاڻ اهي ناراضگيون عروج تي پهتيون آهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ، وفاق کي قائم دائم رکڻ لاءِ هڪ ”نئون سماجي معاهدو“ ڪيو وڃي.

1. سيني قومن جي رضامنديءَ سان وفاق هڪ نئون آئين جوڙي، ان لاءِ ملڪ ۾ جلد از جلد دستور ساز اسيمبليءَ جون چونڊون ڪرايون وڃن.
2. قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ سيني ايڪائين کي برابريءَ جي نمائندگي ڏني وڃي. سينيٽ ۾ برابري جو اصول قائم ڪري يعني قبائلي علائقن، اسلام آباد جون سيٽون، پنجاب ۽ خيبر پختونخوا ۾ شامل ڪيون وڃن. سينيٽ کي مالي اختيار ڏنا وڃن.
3. سنڌ ۾ حڪومت جي مالڪيءَ جو حق صرف سنڌ کي هئڻ گهرجي، جهڙيءَ طرح دنيا جي سُڌريل ملڪن ۾ آهي، سنڌ جي مالي وسيلن تي اختيار صرف سنڌ جو هئڻ گهرجي.
4. سنڌ مان 1954ع کان پوءِ سيني ڌارين کي نيڪالي ڏني وڃي. Influx کي روڪڻ لاءِ work permits جو سسٽم رائج ڪيو وڃي.
5. چونڊن ۾ افغاني، برمي، بنگالي ۽ ٻين ڌارين کي ووٽن ۾ ويهڻ يا ووٽ ڏيڻ جو حق نہ هئڻ گهرجي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

6. سنڌ مان نڪرندڙ پيٽرول، گئس ۽ ٻين معدني وسيلن جي رائلٽي سنڌ کي ڏني ويجي، جيڪي آئل فيلڊ آهن، انهن ۾ صرف و صرف مقامي ماڻهو رکيا وڃن.

7. سنڌ ۾ انتظامي عهدن تي صرف سنڌي رکيا وڃن. سنڌ ۾ قائم ڪارخانن ۾ نوڪرين ۾ 80 سيڪڙو سنڌي مزدور رکيا وڃن. 8

. سنڌ کي 1945ع جي معاهدي تحت پاڻي ڏنو وڃي، ڪوبه ڊيم نه جوڙيو وڃي. چشما لنڪ ڪينال فوري طور تي بند ڪيا وڃن.

9. سنڌ ۾ فوجي آفيسرن ۽ ڪامورن کي ڏنل زمينون رد ڪري مقامي هارين ۾ ورهايون وڃن.

10. سنڌ ۾ امن جي بحاليءَ لاءِ دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن خلاف انهن جي پشت پناهي ڪندڙ پوتارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

11. سول سروس ۽ فوج ۾ تمام ايڪائين کي برابريءَ جي بنياد تي نوڪريون ڏنيون وڃن. رينجرس ۾ رڳو مقامي ماڻهو رکيا وڃن.

12. صوبن مان گورنر جي پوسٽ ختم ڪئي وڃي.

13. سنڌ سميت سيني صوبن کي ٻين ملڪن سان واپار، تجارت ۽ ٻين شعبن ۾ معاهدن ڪرڻ جو اختيار ڏنو وڃي.

14. ٿرپارڪر مان جيڪا China clay نڪري ٿي يا سنگ مرمر نڪري ٿو اتي ڪارخانا قائم ڪري مقامي ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي.

15. ملڪ ۾ مارشل لا جي صورت ۾ هر هڪ صوبي کي Right of Separation تحت وفاق کان ڌار ٿيڻ جو حق ڏنو وڃي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعليم، استاد ۽ شاگرد

اسان جي اڄوڪي سنڌ جو سماج هينئر شخصي ٽوڙ ڀڄ اجتماعي دربدري، مايوسي، ويڳاڻپ ۽ نفسا نفسيءَ جي حالت ۾ آهي. هڪ طبقي ۾ ڪائڻ پيئڻ، نوڪريءَ مان ڪانچا ڪرڻ، وڏ ماڻهپ جو اظهار ڪرڻ، اولاد لاءِ جائز ۽ ناجائز طريقن سان دولت جا ڍير لڳائي پوءِ مري وڃڻ زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڪارج رهيو آهي. ان جي نتيجي ۾ سماج جو ٻيو طبقو سخت محرومين ۽ افلاس جو شڪار آهي. نتيجي ۾ انهيءَ بيزاريءَ مان ڏوهه، آپگهات ۽ ٻين بڇڙاين جا واقعا روز جو معمول ٿيندا وڃن. منهنجي نظر ۾ ان جو وڏو سبب ناقص تعليمي نظام آهي، جيڪو جوهر جي لحاظ کان ”طبقاتي“ آهي. ٻيو ته استاد پنهنجو قومي منصب وساري ويٺو آهي. ان جون نظرون ”قومي تعمير“ بدران ذاتي خواهش تي وڌيڪ آهن. شاگرد به استادن سان گڏ انهيءَ قومي تباهيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن.

اسان جي آڏو ڪيترا سوال ڪَرَ کڻي اُڀا ٿين ٿا، ته تعليم کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اڄ جو استاد پنهنجو قومي ڪردار ڇو وساري ويٺو آهي؟ شاگرد قومي لاتعلقيءَ جو ڇو شڪار آهن؟ علم جي عظمت ۽ تعليم جي افاديت کان انڪار نه آهي، ڇاڪاڻ ته استاد ۽ شاگرد متصادم معاشري ۾ باهمي رشتو جوڙي سگهن ٿا ۽ تهذيب جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائي ۽ پت ڀائي ٿيڻ جو اهل بنائين ٿا. تعليم، ترقيءَ جو ”عام مختار نامو“ ۽ علم، قومي سگهه جو مروج سڪو آهي. تعليم حاصل ڪرڻ جو ماحول آزاد هجي، ان ۾ امن ۽ آزاديءَ جي دولت ايتري ته عام ۽ عالمگير هجي، جو ان کي وات واڪاڻڻ جي ضرورت نه پوي ۽ ان جي پذيرائي ائين ٿيندي رهي، جيئن بهار جي موسم ۾ سڳنڌ ۽ سرهاڻ جي ۽ جنهن جو اثر روح تائين پهچي مسيحائيءَ جو ڪم ڏئي، ذهن کي سڪون ۽ اکين کي تراوت بخشي. پر پنهنجو حال اهو آهي ته پونءَ تي پئو پاپيءَ جو پاڇو ارهيون اکيون، فتنه انگيزي ۽ خونريزي، تضاد ۽

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

فساد، لوڪ لوٽين جون چوياريون، روهہ رُلين جون ٻاريون متل آهن. ان سان گڏو گڏ صبح و شام رنج و الم، سرعام اغوا ۽ قتل عام روز مره جو معمول آهن. هڪ طرف ٻچ تي پونڪڙ وارا، سازشن جا سڪيلڊا، هٿپال شهري شودا آهن، ته ٻئي طرف قيمت چُڪايل ۽ تڪلي لڳايل نقلي فرضي قومپرست، دلبي ۽ پٽ کوهہ ۾ رُڏل چڪر چال ۽ جهمر پائي لاڳ وٺڻ وارا نام نهاد دانشورڃ ديده ور، ڏنڌي پائي ڪامورا ۽ سياسي جل ڦتاڪا آهن ۽ انهن سڀني جا اهي سرپرست ٻٽيل آهن، جيڪي اصل ۾ قذاق آهن. اهڙي انڌير نگريءَ ۾ ستم زده سنڌي مونن ۾ مُنهن پائي اُڻ تڻ ۾ چُپ چَپ ۽ لڪ ڇپ به ڦٽيلن ۽ ڦريلن جي درد جو ورد ڪندا ٿا رهن ۽ آزاديءَ جي تصور ۽ تصوير جي ٻن متضاد روپن جون تعديون ۽ چٽرون سهندا ٿا رهن. رهزن نما رهبرن مڙي ملي، هن جنت نما وادي کي خوشين کان خالي چادر، تر پلڪون ۽ خشڪ نظرون، آليون اکيون ۽ آهون ڏنيون آهن. اهڙي ماحول ۾ درس و تدريس جي ڳالهہ ڪرڻ، تعليمي تباهيءَ جو ذڪر ڪرڻ اجايو ناهي. اسانکي پنهنجي اندر جي آئيني ۾ جهاتي پائي ڏسڻ گهرجي، جتي اسان جي تباهيءَ ۾ غيرن ۽ ڪير ڪرين جو هٿ آهي، اُتي اسانجي پنهنجن به وسان ڪين گهٽايو آهي، اسانکي به آئيني ۾ عڪس ڏسڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته خود شناسي علم جي انتها ۽ پاڻ سڃاڻڻ ڄاڻ جو ڇيهہ آهن. اڇو ته جتن جي ڄاڻ اهل ڪرم جي ناقدري، ماضيءَ جي اعمالن، حال جي احوالن ۽ سالن جي ملال جو پوتا ميل جوڙيون، جن اسانجي گريبان چاڪ، بنده بدنام، ٻي زبان انسان ۽ ادارن کي ويران ڪيو. آئون علم سياسيات جو هڪ رواجي ۽ روايتي قسم جو طالب علم آهيان، علم جي سڪڻ ۽ سيکارڻ دوران ”سياسي نظرين“ جا ڪوڙ سارا ”ازم“ پڙهيم ۽ پڙهايم پر ڄامشورو ڪيمپس تي هڪڙي نئين ۽ انوکي ازم جو راڄ پڌرم ۽ ڏٺم، جو آهي ”داٻو ازم“. جنهن جو مطلب آهي ته ”تاحيات“ شاگرد ۽ دائمي ليڊر ۽ انهن جا ساٿاري ادارن جي سربراهن کان ”دادا ٽيڪس“ وصول ڪرڻ ۽ داخلائون حاصل ڪرڻ، هاسٽل جي ڪمرن جي الاٽمينٽ ڪرائڻ، شاگرد تنظيمن لاءِ ڪمرن، فرنيچر، ٽيليفون تي قبضو ڪرڻ، استادن کان من پسند مارڪون ۽ گريڊ وٺڻ، ڪينٽين تي مفت کاڌ پيت، ماهانہ رقم وصول ڪرڻ ۽ انهن سڀني

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حاصلات لاءِ دڙڪا ۽ ڌمڪيون ڏيڻ، طاقت ۽ تشدد جو مظاهرو ڪرڻ، بندوق ۽ بارود جي نمائش ڪرڻ ڪي ڪيمپس جا رهواسي ”داٻو ازم“ جو نالو ڏين ٿا. اهڙي طرح ڪن شاگردن گرم گفتار ۽ تلخ ڪلاميءَ کي حياتِ جرئت سمجهيو آهي، تہ ٻين وري گوليءَ کي ٻولي سمجهيو آهي. سو هڪڙي ٻئي کان سرسي ۽ گوءِ کٽڻ لاءِ ”هٽ لڄائين لوڪ کي ۽ هُٽ ڏيلين ڏٽ“، باقي شاگرد برادريءَ جي اڪثريت باس زده ۽ يرغمال آهي. مون جڏهن قومي جرگا ڪاميٽيءَ جي رڪن جي حيثيت سان سائين پروفيسر عمر ميمڻ مرحوم، سائڻ نور الهديٰ شاهہ، يوسف لغاري ايڊووڪيٽ ۽ تاج جويو سان گڏ ڪيمپس جي ماحول جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ ادارن جون ايمبولينس سميت ٻيون گاڏيون ڦرڻ، چورايل گاڏيون ٿمائڻ، پيشہ ور ڌوهارين کي لڪائڻ ۽ هٿيار رکڻ نہ واقعو آهي ۽ نہ ئي واردات پر رواج آهي. انتظاميہ کان معلوم ٿيو تہ ڪنهن بہ گناهہ ۽ ڌوهہ جو پيرو کڻو تہ هاسٽلن جي مخصوص ڪمرن تائين پهچي وڃبو. صدمي جي اها ڳالهہ آهي تہ هاسٽلون، جيڪي غريب طبقي جي شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ميسر ڪرڻ لاءِ مختلف طبقن جي سماجي معاشي پس منظر مان آيل نوجوانن لاءِ پرجهہ ۽ پروڙ، ميل ۽ ميلاپ جا مرڪز ۽ تربيت گاهہ بنجڻ، نظرياتي نرسريون ۽ عالم ۽ عقل جا يار پيدا ڪرڻ لاءِ ٺاهيون ويون هيون، سي ڪن چند خود سر ۽ خود پسند ڇڙواڳن جي ڪري مرڳو ئي ڪارنهن جو ٽڪو بنجي ويون. تعليم، انتظاميہ ۽ اخلاق لاءِ درد سر بنجي ويون. اسين ڪچي گهڙي جي آس تي دريا پار ڪرڻ جي آس لڳايو ويٺا هئاسين. ملڪي سياست ڏسو جنهن ۾ وڏن جو عمل دخل آهي، ان جو بنياد پنجن مڪروهہ حرڪتن تي ٻڌل آهي، يعني داداگيري، پيدا گيري، انائيگري، سوداگيري ۽ دهشت گردي. جنهن جو حاصل مطلب اهو ٿو نڪري تہ ”جو ڏاڍو سو گابو“ جيڪڏهن سڄي سماج ۾ جاري ساري ”سڪو“ زورا زوري هجي، تہ نوجوانن جو ذهن ۽ زبان ڪيئن پاڻ بچائي. ڀتين تي نعرا هجن ”وطن يا ڪفن“، ”حقوق يا موت“، ”امن هو يا جنگ، قائد ڪي سنگ“ وغيره تہ ڇو نہ نوجوان زوم ۾ اچي. هر گهٽي ۽ رستي تي هنن جي ڪنن ۾ اهڙا گانا، جن جا لفظ هجن ”تو پريمي مين پريمي، ڦر ڪيا ڊيڊي ڪيا ممي“ ۽

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مثان نالي واري مصرع هجي ”چما چما“، تہ پوءِ اثر تہ اهڙو ئي پوندو ۽ جي وري انهن سان شامل ٿي وڃن نشي جا واپاري، موت جا سوداگر ۽ گهاٽ گهاتو سياستدان، تہ پوءِ ويچارو نوجوان باهہ ۽ ڪڙاهيءَ جي بہ مُنهين بلا جي وچ ۾ ڦاٿل آهي ۽ فضا ۾ ڪوڙن ۽ افواهن جي گردش ايتري هجي، جيتري سانوڻ جي گ ُهٽ ۾ رات جو بتيءَ تي جيت، تہ نوجوان سڪي تہ ڪنهن ڪان ۾ ڪٿي؟ هو ڪري تہ ڇا ڪري؟ اعتراض، احتجاج، بغاوت يا شڪست تسليم ڪري پيش پوي؟ اتي وڏن جو فرض آهي تہ اڳتي وڌن ۽ صحتمند ماحول مهيا ڪن. اڄڪلهہ تعليم ڏيڻ ۽ وٺڻ جهاد آهي، جنهن ۾ اهنج ۽ اهنڊ بيشمار آهن، پر پاڻ سان وڏيڪ ويڏن آهي. ٻين مشڪلاتن سان گڏ والدين جي لاپرواهي، نوجوانن جي ارڏائي، سياسي پاراتن ۽ پِٽن ۽ سرڪاري ڪاڌوڙن گڏجي تعليم کي اهڙو تہ ڪاپاري ڏڪ هنيو آهي، جو يقين ڪريو تہ ڪنهن قاتل جي خنجر بہ ايترو گِهرو گهاءُ نہ ڪيو هوندو. البتہ ڪجهہ مهينن کان ڪجهہ نوجوانن اهو محسوس ڪندي ڪجهہ صحتمند سرگرمين جو آغاز ڪيو آهي، جن ۾ شاگردن لاءِ تربيتي ڪيمپون، امن ۽ علم لاءِ ڊوڙون پائي واجهائڻ، بُڪ فيئر، ڪئيز ڪامپيٽيشن، سيمينار وغيره. پر مايوسيءَ جي انهي ڪاري ڪُن ۾ مونکي هڪڙي اميد جي هلڪي لاٽ نظر اچي ٿي، اها روشني آهي استاد. مونکي احساس آهي تہ منهنجي انهيءَ آس تي استاد شديد احتجاج ۽ بلند آواز اعتراض ڪندا. احتجاج جي صحت تي شڪ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن امير ۽ غريب، شهزور ۽ ڪمزور، مرشد ۽ مريد، ذاتين ۽ قبيلن، طبقن ۽ تاڪين جي متصادم معاشري ۾ جتي دهشتگرد ۽ دادا گير دادلا، پيداگير ۽ اٺائيگير لاڏلا، ڏوهي ۽ ڊوهي محرم ۽ محترم هجن، تہ استاد، جيڪو اڳيئي معاشي ويچارگي ۽ سياسي تياڳيءَ جو شڪار آهي، تنهنڪي ان لاءِ ”هُوڪارڻ“ ائين آهي جڻ باهہ جي اوڙاهہ ۾ برف اڇلائجي. سو هو ڏسي وائسي نانگ جي ٻر ۾ هٿ وجهي جيءَ کي جوکم ڇو رسائي؟ پر فرض ڪريو تہ ڪي ڏرتيءَ جا لال اُيري ٿا اچن، تہ اهي بہ سوال ڪندا تہ ڇا هي قابيل ساڳي ڪک جي ڄائي هابيل جي رت جا پياسا نہ رهندا؟ سوال اوکو، جواب مشڪل آهي پر جي ويچ بہ وهلور ويندا تہ پوءِ درسگاهن ۾ تعليم جي ڪفن ۽ دفن، قبرن ۽

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قبن جو اهتمام ڪرڻو پوندو ۽ پوءِ اهڙي صورتحال ڪنهن کي نہ وڻندي ۽ مون جيڪا آس استاد ۾ رکي آهي سا انهيءَ اڻ وڻندڙ منظر جي حوالي سان آهي. استاد تعليم ۽ ادارن جا فطري رکوالا ۽ هر عمر ۽ جنس جي شاگردن جا نگهبان آهن، اهي خدائي خدمتگار ۽ سماج لاءِ دائمي بچاءُ فوج جا ڪارڪن آهن. انهن لاءِ ا ُجوروا ُجرت ڪان افضل آهي. استاد سماج جي سوچ جو سردار آهي، ان ڪي اهي ذميواريون پوريون ڪرڻيون آهن. مهاتما گانڌيءَ جو قول آهي تہ One can forego right but one can not forego duty استاد ڪيئن پنهنجي قومي فرض ۾ ڪوتاهي ڪري سگهي ٿو! ڪيئن هو ڪاٽيارو ٿيندو، پنهنجي قوم ۾! جو لوٽيو ٿيندو لوڪ ۾! هرگز نہ ٿيڻ گهرجيس، ڇاڪاڻ تہ ان کي ڄاڻ آهي تہ ڏياچ کي ڏيهہ جو ڏاتار تند، ڪنڌ ۽ ڪتار جي سنگم ڪيو، ڇاڪاڻ تہ تاريخ جي هڪ حصي کي سچ جي س َند صليب عطا ڪئي. سو استادن کي صرف ا ُلڪا چڏٽا ۽ وهم گمان وسارڻا آهن. سچ لاءِ ويڙهاند خ ُدا کي بہ پسند آهي. هڪ دفعو استاد تعليم جا مربي ۽ شاگردن جا مددگار ۽ رهنما ٿي تہ ڏسن! هڪ دفعو اهي سچ ۽ ڪچ جو فرق تہ سيکارين، تہ هو ڏسندا تہ ڪيئن ٿا هنن جا شاگرد ٻاهرين واڳن ۽ واڳهن سان ويڙهہ ڪائي پنهنجن ادارن جو تقدس ۽ ڀرم قائم ڪن. استاد شاگردن کي اهو احساس ڏيارين تہ ٻاڻ هن مقدس ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان جڙيا آهيون ۽ هاڻ هن مٽيءَ جي مان رکڻ لاءِ ڌرتيءَ جي ماڻهن ۽ ادارن کي بچائجي، تہ مون کي يقين آهي اهي ئي اسان جا شاگرد سازشي مٽيرن ۽ ڏڦيرن کي راهہ فرار اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪندا. استاد هڪ پيرو هن ڌرتيءَ لاءِ ابنِ مريم تہ بنجي ڏسن، تہ انهن جي مسيحائي هن سڄي ڪوڙهہ کي ڪيئن نہ صاف ٿي ڪري. استاد شاگردن کي جيءَ ۾ جاءِ ڏين، تہ هنن جو مشاهدو ٿيندو تہ ترار ڪيڏي بہ تکي هجي، پنهنجي مياڻ کي نہ ڪپيندي. عظيم چيني رهنما مائوزي تنگ چيو آهي تہ:

"Once the young grasp the truth, they are invincible"

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌي ”تعليمي ايمرجنسي“ لاڳو ڪئي وڃي!

ڪنهن بہ قوم جي ذهني اوسر ۽ قومي ترقيءَ ۾ تعليم جو ڪردار اهم هوندو آهي. تعليمي ادارا قومن جي اُسرڻ ۽ نسرڻ ۾ اهميت رکن ٿا. تعليمي ادارن ۾ روشني جنم وٺي ۽ اونداهي ختم ٿئي ٿي. تعليمي ادارا هر قوم جو قومي مورچو هوندا آهن. تعليمي ادارن ۾ انقلاب پلجن ٿا. پر منهنجي ديس جي موجوده تعليمي ادارن جي صورتحال ڏسي نيڻن ۾ لڙڪ تري اچن ٿا. دل ۾ وسوسا اُڀرن ٿا ۽ هڪ سوال ڪَرُ ڪٽي اُڀري ٿو تہ منهنجي وطن جو ڇا ٿيندو؟ تعليمي ادارن جي موجوده صورتحال جي ذميوار رياست، حڪومت، والدين، شاگرد، پوتار، سجاڳ سماجي ڪارڪن، قوم پرست ۽ وطن دوست سياسي پارٽيون آهن. موجوده صورتحال مان ڪيئن پنهنجا پلاند آجا ڪريون!؟ ڪجهہ تجويزون، سنڌ واسين آڏو عرض رکان ٿو جيڪڏهن انهن کي هيٺئين سان هنڊايو ويو تہ شايد سنڌ جا تعليمي ادارا بهتر بڻجي سگهن ۽ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن.

1. سيني سياسي پارٽين کي تعليمي صورتحال جي جائزي کي پنهنجي قومي ايجنڊا ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اهي حڪمرانن توڙي اپوزيشن تي اهو دٻاءُ وجهن تہ ”سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي“ نافذ ڪئي وڃي. سرڪاري ملازم پنهنجن ٻارن کي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ پڙهائين.

2. تعليم جي شعبي تي گهٽ ۾ گهٽ GDP جو 6 سيڪڙو رقم مخصوص ڪئي وڃي. اسٽيبلشمينٽ طرفان تعليم کي غير پيداواري شعبي بدران پيداواري شعبي جو درجو ڏنو وڃي.

3. تعليمي پاليسيءَ جو بنياد سيڪيولر ۽ سائنٽفڪ هئڻ گهرجي. اها

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعليمي پاليسي، تعليمي ماهرن، ورڪنگ استادن جي سفارش جي مطابق جوڙي ويجي.

4. آئين ۾ ارڙهين ترميم ڪانپوءِ ڪجھ ڪاتا صوبن حوالي ڪيا ويا آهن پر تعليم سان لاڳاپيل ڪجھ شعبا مرڪزي حڪومت جي ماتحت آهن، جن ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، لٽريسي ڪميشن، نيشنل ووڪيشنل، ٽيڪنيڪل ڪميشن، شامل آهن، اهي به صوبن جي حوالي ڪيا وڃن، انهن جي بجيٽ به صوبن کي ڏني وڃي. NFC ايوارڊ جو ڪجھ حصو تعليم لاءِ ڏنو وڃي.

5. صوبائي تعليم کاتو ٻن حصن ۾ ورهايو وڃي، هڪ هائير ايجوڪيشن ۽ ٻيو اسڪولز ايجوڪيشن. انهن جا وزير توڙي سيڪريٽري ڌار ڌار مقرر ڪيا وڃن ته جيئن 1976ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ سنڌ ۾ هائير ايجوڪيشن جو وزير پير آفتاب شاھ جيلاني هو ۽ اسڪول ايجوڪيشن جو وزير مير ممتاز علي خان ٽالپر هو.

6. سيڪريٽري تعليم جي عهدي تي ڪامورن بدران تعليمي ماهر مقرر ڪيا وڃن.

7. استاد صرف ۽ صرف ميرٽ جي بنياد تي مقرر ڪيا وڃن، هر قسم جي ڪوٽا ختم ڪئي وڃي. استادن جي تربيت جي ادارن کي فعال بنايو وڃي. ڪاليجي استادن جي تربيت لاءِ ماضيءَ وانگر قائم ٿيل ڪاليج ايجوڪيشن ٽريننگ اڪيڊمي کي ٻيهر بحال ڪيو وڃي. پرنسپال توڙي استادن کي انتظامي ۽ مالي تربيت ڏني وڃي. ڪاليجن لاءِ قائم ٿيل ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز جي آفيس کي ختم ڪيو وڃي، ان بدران ريجنل ڊائريڪٽوريٽس ۾ ايماندار، اهل استاد 20 گريڊ جا پروفيسر مقرر ڪيا وڃن.

8. ڪاليجن ۾ مالي معاملن لاءِ پبلڪ اسڪولن ۽ آرمي پبلڪ اسڪولن وانگر اڪائونٽنس آفيسر مقرر ڪيا وڃن.

9. هائير سيڪنڊري اسڪولن کي ڪاليجن ۾ ضم ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اهي صرف ڪاپي ڪلچر جا مرڪز بنيل آهن، جن ۾ سائنس

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جا استاد ناهن ۽ نہ ئي ليبارٽريون آهن. هائير سيڪنڊري اسڪول استادن (سبجيڪٽ اسپيشلسٽس) کي ڪاليج ڪيڊر ۾ ضم ڪيو ويو.

10. انگريزيءَ کي ٽئين پرائمري درجي کان لازمي قرار ڏنو ويو. تعليمي ادارن ۾ Medium of instruction سان انگريزيءَ سان گڏو گڏ مادري زبان ۾ مضمون پڙهايا وڃن. جيئن وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ صرف اردو زبان ۾ M.A, M.Sc, M.Com پڙهائي وڃي ٿي. ساڳيو طريقيڪار عثمانيہ يونيورسٽي حيدرآباد دکن (ڀارت) ۾ آهي.

11. پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ايڪٽ 1972ع تحت سنڌي زبان کي لازمي قرار ڏنو وڃي، جيڪو پرائيويٽ اسڪول اردو، سنڌي زبان نٿو پڙهائي، ان جي رجسٽريشن منسوخ ڪئي وڃي. پرائيويٽ ايجوڪيشن ڊائريڪٽوريٽس مان بدعنوان، بدڪردار عملدار هٽائي، ميرٽ جي بنياد تي عملدار مقرر ڪيا وڃن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي پرائيويٽ تعليمي ادارن ۾ نافذ ڪرائڻ لاءِ ڪارائتا قدم کڻن. پرويز مشرف جي دور ۾ هڪ آرڊيننس 2001ع ۾ نافذ ڪيو ويو هو تہ پرائيويٽ اسڪولن جي مالڪن کي هر سال پنج سيڪڙو داخلا في وڌائڻ جي اجازت هوندي، ان کي ختم ڪيو وڃي. پرائيويٽ اسڪولن ۾ حڪومت سنڌ جو مرتب ڪيل نصاب پڙهايو وڃي.

12. پبلڪ- پرائيويٽ پارٽنرشپ جو تصور ختم ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ان سان رفتہ رفتہ پبلڪ سيڪٽر ۾ قائم ٿيل تعليمي ادارا سرمائيدارن ۽ سيٺين جي حوالي ڪيا ويندا ۽ تعليم تجارت بنجي ويندي. پيڙيل طبقي جي ٻارن لاءِ تعليم جا دروازا بند ٿي ويندا. Adoption يعني ڪنهن تعليمي ادارن کي با اثر ماڻهن کي ڏيڻ ڪرپشن جو هڪ قسم آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پرائيويٽ تعليمي ادارا ان ڪري قومي ملڪيت ۾ ورتا هئا تہ جيئن استادن، ٻارن کي سرمائيدارانہ پنجوڙ کان نجات ڏياري سگهجي. موجوده پ پ پ نہ ڄاڻ ڇو پنهنجي شهيد قائد جي اصولن تان هٽي آءِ.ايم.ايف، ورلڊ بئنڪ وغيره جا شرط لاڳو ڪري تعليمي ادارن کي خانگائڻ گهري ٿي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

13. مانيٽرنگ سسٽم کي موثر ۽ منظم بڻايو وڃي. ان لاءِ تعليمي ڊائري سسٽم رائج ڪيو وڃي. بائيو ميٽرڪ سسٽم رائج ڪيو وڃي. مانيٽرنگ ڪميٽين ۾ ڊويزنل ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جا نمائندا، والدين، سماجي ۽ سياسي ڪارڪن، باشعور انسان هجڻ گهرجن. اهي ڪميٽيون تعلقي سطح کان وٺي ڊويزنل سطح تائين هجن، انهن ۾ پ ٿ الف، گسٽا ۽ سپلا جي نمائندن کي پڻ نمائندگي ڏني وڃي.

14. جزا ۽ سزا جو عمل تعليم کاتي ۾ رائج ڪيو وڃي، جيئن ماضيءَ ۾ وزير اعظم شوڪت عزيز جي دور ۾ Teacher's Day ملهايو ويندو هو ۽ بهترين استاد کي سرڪاري سطح تي ايوارڊ پڻ ڏنو ويندو هو. ڏيڍ لک پرائمري استادن ۾ وڏ ۾ وڏ ويهه هزار استاد گهر ويٺي پگهار کڻندا هوندا، جيڪي ايم.اين.اي ۽ ايم.پي.اي جي ڪوٽا تحت ڀرتي ڪيا ويا هئا، انهن کي شوڪاز جاري ڪري ڊيوٽيءَ جو پابند بڻايو وڃي.

15. ماضيءَ ۾ پنجن سالن جي دور ۾ آءِ ايم ايف، عالمي بينڪ، يو ايس ايڊ پروگرام، ايشيائي ترقياتي بينڪ طرفان جيڪي اربين رپيا سنڌ جي تعليم جي بهتريءَ لاءِ مليا هئا، جيڪي ماضيءَ جي وزير تعليم، اڳوڻن سيڪريٽري تعليم، ڊائريڪٽوريٽس ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرن ملي ڀڳت سان تعليم تي خرچ ٿيڻ بدران سندن ذاتي اڪائونٽس ۾ هليا ويا، ان جي تحقيقات نيب ذريعي ڪرائي وڃي ۽ ان جي خلاف سخت قدم کنيو وڃي.

16. پوليس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي قبضي ۾ تعليمي ادارن جون بلڊنگون ۽ هاسٽلون آهن، اهي خالي ڪرايون وڃن.

17. ڪاپي ڪلچر کي ختم ڪرڻ لاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سيمسٽر سسٽم شروع ڪيو وڃي. في الحال عارضي پروگرام هن ريت جوڙيو وڃي ته ڊويزنل سطح تي ڪميٽيون جوڙيون وڃن، جنهن جو سربراهه ڊويزنل ڪمشنر هئڻ گهرجي. امتحان کان اڳ هر ڊويزنل ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر، ڊي آءِ جي، ايس ايس پي، تعليمي بورڊ ۽ يونيورسٽين جي نمائندن،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

گستا. سپلا جي نمائندن ۽ ڊائريڪٽوريٽس ۽ پرنسپالن جي نمائندن جي گڏجاڻي ڪوٺائي وڃي. هي سسٽم سابق چيف سيڪريٽري سنڌ ڪي بي رند شروع ڪرايو هو.

18. پنجهٺ سالن کان وڏيڪ عمر وارن کي تعليمي ادارن مان فوري طور نيڪالي ڏني وڃي. بورڊن ۽ يونيورسٽين ۾ اهل ڪاليج استاد ۽ حاضر سروس يونيورسٽي استاد بطور چيئرمين ۽ وائيس چانسلر مقرر ڪيا وڃن. ياد رهي تہ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي سابق چيف جسٽس محمد افتخار چوڌري جي سربراهي ۾ هڪ بينچ اهڙو فيصلو ڏيئي چڪي آهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ورلڊ بئنڪ، گڊ گورننس ۽ سنڌ جا ڊاڪٽر

علم سياسيات جي ابي ارسطو پنهنجي ڪتاب سياسيات ۾ لکيو آهي ته ڪنهن به رياست کي هلائڻ لاءِ هڪ متفقه آئين ضروري هوندو آهي، جنهن تحت ملڪ جي حڪمران، سياسي ادارن ۽ رعيت جا حق ۽ فرض تحريري طور تي موجود هوندا آهن. هر مهذب ملڪ کي هڪ متفقه آئين هوندو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ اتي حڪومت هلندي رهندي آهي، ان آئين ۾ حڪومت طرفان ادارن جو هلڻ ۽ انهن جي لاڳاپي بابت تفصيلي وضاحتون ڏنل هونديون آهن. پاڪستان جي رياست جي قيام جي 9 سالن تائين پاڪستان ۾ آئين موجود نه هو. گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع کي عبوري آئين جو درجو ڏيئي، رياست جو وهنوار هلايو ويو. گهڻي مٿاڪٽ ڪانپوءِ 1956ع ۾ آئين تيار ٿيو جيڪو صرف هڪ سال ڇهه مهينا هليو. 27 آڪٽوبر 1958ع تي ملڪ ۾ مارشلا لا نافذ ڪري آئين منسوخ ڪيو ۽ ملڪ کي مارشل لا جي ڪارن قانون تحت هلايو ويو. چار سالن ڪانپوءِ هڪ فرد واحد جسٽس شهاب الدين کان آئين جوڙائي 1962ع ۾ نافذ ڪيو ويو. 25 مارچ 1969ع تي ان کي به منسوخ ڪري ملڪ مٿان ٻيو مارشل لا نافذ ڪئي ويئي ۽ هن فوجي آمريت جي نتيجي ۾ ملڪ ٻه ٽڪر ٿيو. 14 آگسٽ 1973ع تي باقي بچيل پاڪستان جو نئون آئين جوڙيو ويو. جنهن کي 5 جولاءِ 1973ع تي منسوخ ڪرڻ بدران ان کي ڪٻٽ جي تاڪ ۾ رکيو ويو ۽ فوجي آمر جنرل ضياءُ الحق جي لاڏاڻي ڪانپوءِ ان کي بحال ڪيو ويو. پر ان ۾ مارشل لا دور جا سڀ ڪارا قانون شامل ڪيا ويا. 12 آڪٽوبر

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

1999ع تي ٻيهر ملڪ مٿان مارشل لا نافذ ڪئي ويئي. 2002ع جي چوندن کان پوءِ پاسيري ڪيل ۽ چٽيون لڳل 1973ع جي آئين کي ٻيهر ملڪ مٿان لاڳو ڪيو ويو. هن لولي لنگڙي آئين تحت ملڪ کي هلايو پيو وڃي. 1973ع جي مارشل لا جي ڪاري دور جي لڳل چٽين جي باوجود هي آئين ملڪ جو سپريم قانون آهي، ان تحت پاڪستان جي رياست جو ڪاروبار هلايو پيو وڃي. هن آئين جي آرٽيڪل 242 مطابق، ملڪ ۾ سرڪاري ملازمت ڏيڻ لاءِ وفاقي سطح تي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن هوندي ۽ صوبن ۾ صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن هونديون، جيڪي ملازمتن جي انٽرويو وٺڻ ۾ خودمختيار ۽ آزاد هونديون.

25 مارچ 1970ع تي جڏهن ون يونٽ، يعني مغربي پاڪستان کي ختم ڪري ٻيهر صوبا جوڙيا ويا ته سنڌ ۽ بلوچستان صوبن لاءِ هڪ پبلڪ سروس ڪميشن جوڙي ويئي ۽ ان جو چيئرمين جسٽس غلام علي نانا کي مقرر ڪيو ويو ۽ اڳتي لاءِ ٻنهي صوبن لاءِ ڌار ڌار پبلڪ سروس ڪميشن جوڙيون ويون. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ايڪٽ 1973ع سنڌ اسيمبلي مان پاس ڪيو ويو ۽ ان کي خودمختيار ۽ آزاد اداري جي حيثيت ڏني ويئي، بعد ۾ 1989ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ايڪٽ ۾ تبديلي ڪئي ويئي ۽ ڪميشن جي جوڙجڪ نئين سري سان ڪئي ويئي، موجود مارشل لا جي دور ۾ جوڙجڪ ٻيهر ڪئي ويئي. 8 ڊسمبر 2001ع تي سنڌ جي گورنر محمد ميان سومرو هڪ آرڊيننس جاري ڪيو. ڇاڪاڻ ته ان وقت سنڌ اسيمبلي وجود ۾ نه آئي هئي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ 1989ع ۾ هيٺيون تبديليون آنديون ويون ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي گورنر سنڌ هوندو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن چيئرمين ۽ ميمبرن تي مشتمل هوندو ۽ ميمبرن جي تعداد جو تعين گورنر سنڌ ڪندو. ڪميشن جي چيئرمين ۽ ميمبر ٿيڻ لاءِ هي شرط عائد ڪيو ويو ته چيئرمين يا ميمبر ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سرڪاري ملازمت جو تجربو 20 سال هوندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ 5 سال اهو ميمبر 20 گريڊ جو آفيسر رهيو هوندو ۽ ان جي ملازمت جو رڪارڊ صاف سٿرو هوندو. چيئرمين ۽ ميمبرن لاءِ ملازمت جو مدو (Tenure) 5 سال هوندو. سنڌ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پبلڪ سروس آرڊيننس 2001ع جي شق 8 ۾ اها ڳالهه واضح طور تي لکيل آهي تہ جيڪڏهن گورنر سنڌ، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان چونڊيل ملازمن کي جيڪڏهن نوڪري نہ ڏيڻ لاءِ ڪو قدم کڻندو تہ اهو ڪميشن کي تحريري طور تي ان جا سبب (Reasons) ڄاڻائيندو ۽ ڪميشن طرفان ڪيل سفارشن کي صرف نظرثاني (Review) لاءِ واپس موڪلي سگهي ٿو. هن آرڊيننس تحت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سڀني مامرن جو ذميوار گورنر سنڌ آهي ۽ بيو ڪوبہ سرڪاري عهديدار ڪميشن جي معاملن ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهي. هن وقت ڪميشن ۾ هڪ چيئرمين ۽ ڏهہ ميمبر آهن، جن مان چار ميمبرن جو تعلق آرمي ۽ نيوي سان آهي. 1996ع کانپوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سنڌ جي صحت کاتي ۾ مرد ۽ خاتون ميڊيڪل آفيسرن جي ڀرتين جو اشتهار اپريل 2005ع ۾ ڏنو. هن اشتهار ۾ 592 مرد ميڊيڪل آفيسرن ۽ 182 خاتون ميڊيڪل آفيسرن جون پوسٽون خالي ڏيکاريون ويون. انهن پوسٽن لاءِ سنڌ جي 9650 بيروزگار ڊاڪٽرن پنهنجون درخواستون ڪميشن ۾ جمع ڪرايون. پهرين انهن جاين لاءِ تحريري امتحان "Wirhen Test" لاءِ تاريخ 3 آگسٽ 2005ع مقرر ڪئي ويئي پر جيئن سنڌ ۾ بلدياتي چونڊن جو شيڊول اچي چڪو هو. سنڌ سرڪار جي هڪ اعليٰ اختياري جي مداخلت تي هي انٽرويو ملتوي ڪيا ويا. بعد ۾ 21 ڊسمبر 2005ع تي اميدوارن جو تحريري امتحان (Writen Test) ورتو ويو. جنهن جي رزلٽ پهرين فيبروري 2006ع تي اناؤنس ڪئي ويئي، جنهن ۾ تحريري امتحان ۾ ڪل 1692 اميدوار پاس ٿيا. رزلٽ اجا اخبارن ۾ صبح جو شايع مس ٿي تہ ساڳئي ڏينهن رات جو 8 وڳي جيو ٽي وي ۽ ڪي ٽي اين تي چيف منسٽر هائوس جي ترجمان طرفان هڪ اعلان نشر ٿيو تہ وزيراعليٰ سنڌ، طرفان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي هيٺين عملي جي بدعنوانين ۽ رزلٽ ۾ گڙٻڙ ڪرڻ ڪري رزلٽ رد ڪئي وڃي ٿي ۽ چيف منسٽر انسپيڪشن ٽيم کي ان جي تحقيقات حڪم ڏجي ٿو جڏهن تہ وزيراعليٰ ان ڏينهن اسلام آباد ۾ هو. تحريري ٽيسٽ جي رزلٽ کي اجا جاري ٿئي هڪ ڏينهن بہ نہ ٿيو جو وزيراعليٰ هائوس طرفان ان کي رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. تحريري رزلٽ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

کي ٽيڪنيڪل لحاظ کان "Short List" سڏيو ويندو آهي. زباني امتحان ٽيڻ کانپوءِ ئي رزلٽ (Result) سڏيو ويندو آهي. Vivavoce کانسواءِ نتيجو مڪمل نہ هوندو آهي.

1947ع کان وٺي ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو آهي جو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪڏهن ڪا رزلٽ رد ڪئي ويئي هجي. موجوده وزيراعليٰ جو هي قدم سنڌ جي تاريخ ۾ انوکو مثال آهي، جنهن تي عجب بہ ٿئي ٿو ۽ روئڻ بہ اچي ٿو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس 2001ع مطابق ڪميشن جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي، گورنر سنڌ آهي. جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي ڪو قانون پاس ڪري تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي گورنر سنڌ بدران ڪنٽرولنگ اٿارٽي وزيراعليٰ سنڌ کي بڻايو وڃي تہ ان کانپوءِ وزيراعليٰ سنڌ انهيءَ ڳالهہ جو مجاز آهي تہ هو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي مامرن ۾ مداخلت ڪري سگهي ٿو. هن وقت وزيراعليٰ سنڌ کي وزيراعليٰ هائوس جي ڪنهن ڪارندي غلط صلاح ڏيئي خوامخواهہ ڊاڪٽرن جي انٽرويو ۾ ڦاسايو آهي، جنهنڪري هر ذي شعور ماڻهو مونجهاري ۾ آهي، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن هڪ خودمختيار ۽ آزاد ادارو آهي، جيڪڏهن ان اداري کي تڪراري بڻايو ويندو تہ پوءِ صحيح معنيٰ ۾ سرڪاري ملازمت ماڻڻ واري حقدارن کي بہ حق نہ ملي سگهندو. جهڙي طرح سنڌ هاءِ ڪورٽ پنهنجن فيصلن ۾ خودمختيار ۽ آزاد آهي، اهڙي طرح روايتن ۽ قانوني طور تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن بہ خودمختيار ۽ آزاد آهي. اسان وزيراعليٰ سنڌ کي گذارش ڪنداسين تہ ڊاڪٽرن جي مسئلي کي پنهنجي انا جو مسئلو نہ بڻائي، ڇاڪاڻ تہ اختيارات جي غلط استعمال سان سندس نيڪنامي کي نقصان پهچي سگهي ٿو. وزيراعليٰ طرفان صحت کاتي ۾ جيڪو ڊاڪٽرز کي ڪانٽريڪٽ جي بنيادن پرتي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ان سان سنڌ جي هزارين بيروزگار ڊاڪٽرن کي فائدو نہ پهچندو ڇاڪاڻ تہ ايڊهاڪ يا ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي جيڪا نوڪري ڏني ويندي، اها عارضي (Temporary) هوندي آهي. مستقل (Permanent) ٿيڻ لاءِ وري بہ ڊاڪٽرن کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ڏانهن رجوع ٿيڻو پوندو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ جو عوام اڄ ۾ بيروزگاري، بدحالي، بک، مهانگائي جي ڪري پريشان آهي، پرائمري ۽ سيڪنڊري استادن جا جيڪي انٽرويو حڪومت جي ٺهيل ڪميٽين ورتا هئا، وزيراعليٰ انهن کي رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جي هزارين نوجوانن ۾ اڄ ۾ بيچيني موجود آهي، ڊاڪٽرن جي مسئلي کي متنازعہ نہ بڻايو وڃي، بلڪ ان کي سهڻي نموني حل ڪيو وڃي، نہ تہ هن عمل سان سنڌ حڪومت وڌيڪ رُسوا ۽ بدنام ٿيندي. تازو ورلڊ بئنڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر سنڌ جي وزيرن ۽ سيڪريٽرين کي خطاب ڪندي چئي چڪو آهي تہ سنڌ ۾ گڊ گورننس ناهي ۽ هر سطح تي ڪرپشن موجود آهي ۽ معاشي طور تي سنڌ 1947ع واري دور کان موجوده دور ۾ وڌيڪ بدحالي، بيروزگاري جو شڪار آهي ۽ سنڌ جي ماڻهو جي 1947ع ۾ في ماڻهو آمدني 50 رپيا سال هئي ۽ اڄ في ماڻهو 20 رپيا آهي. ورلڊ بئنڪ مائي باپ آهي، ان جي تجزيي کي حڪمران بہ رد نٿا ڪري سگهن.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

رياست، عدل و انصاف

هر مهذب ملڪ ۾ اعليٰ عدالتون، انساني حقن ۽ انساني وقار جون محافظ هونديون آهن، جيڪي ڪمزورن کي سگهارن کان محفوظ ڪن ٿيون، مظلومن کي ظالمن کان بچاءُ بند جو ڪم ڏين ٿيون. اعليٰ عدالتون رياست جي اعليٰ قانون يعني آئين مطابق حاڪم ۽ محڪوم جي حقن ۽ فرضن جي تشريح ڪن ٿيون. ماضي ۾ رياست جي شروعات بابت پيش ڪيل قدرتي نظريي (Divine Theory) مطابق ڪائنات جي ٻين شين وانگر رياست ڏڻي تعاليٰ جي تخليق ڪيل آهي. حاڪم هن ڌرتيءَ تي خدا جو نائب آهي، جنهن کي ڏڻي تعاليٰ راڄ ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. حاڪم جي زبان مان نڪتل لفظ ”قانون“ جو درجو رکي ٿو. رياست ۾ رهندڙن تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اهي حاڪم جو هر حُڪم مڃين، ڇاڪاڻ ته ان کي ڏڻي تعاليٰ عوام ڏانهن موڪليو آهي ۽ هو عوام بدران ڏڻي تعاليٰ ڏانهن ذميوار آهي. جيڪو ماڻهو حاڪم جو حڪم نه مڃيندو، ان کي نه صرف حاڪم سزا ڏيندو، پر قيامت جي ڏينهن، روز محشر جي ڏينهن انهيءَ نافرمان ۽ گستاخ کي سزا ڏني ويندي. هن نظريي کي سياسي مفڪرن اهو چئي رد ڪيو ته هي نظريو قابلِ قبول ناهي، پر اسان جي پياري پاڪستان ۾ هن نظريي تي عمل ٿيندو رهيو آهي. اعليٰ ڪرسي تي ويٺل شخص سڀ فرض سرانجام ڏي ٿو. هو حاڪم به آهي ته منصف به آهي.

1954ع ۾ پاڪستان جي ٽئين گورنر جنرل چوڌري غلام محمد جيڪو پاڪستان جي بيوروڪريسيءَ جو هڪ ڪل پُرزو هو ۽ جسماني

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

طور تي معذور پڻ هو هڪ سازش تحت پاڪستان جي پهرين دستورساز اسيمبلي جيڪا 1946ع ۾ برصغير ۾ ٿيل چونڊن تحت ورهاڱي کانپوءِ قائم ٿي هئي، ٽوڙي ڇڏي، ڇاڪاڻ ته ان وقت دستورساز اسيمبلي ۾ اهڙو بل (Act) پاس ٿيڻ وارو هو جنهن تحت گورنر جنرل جا اختيارات گهٽ ٿيڻ وارا هئا ۽ عوام جي چونڊيل اسيمبلي کي وڌيڪ اختيار ملڻ وارا هئا، Supremacy of Parliament يعني پارليامينٽ کي انتظاميه مٿان برتري ملڻ واري هئي. اسيمبلي جي ٽٽڻ کانپوءِ ان وقت جي اسپيڪر مولوي تميزالدين خان مرحوم جنهن جو تعلق سابق مشرقي پاڪستان ۽ هاڻوڪي بنگلاديش سان هو. ان اسيمبلي خلاف سنڌ جي ”چيف ڪورٽ“ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي. ان وقت صوبن ۾ قائم ڪيل ڪورٽن کي ”چيف ڪورٽ“ سڏيو ويندو هو ۽ سپريم ڪورٽ کي ”فيڊرل ڪورٽ“ سڏيو ويندو هو. سنڌ جي چيف ڪورٽ اهو فيصلو ڏنو ته گورنر جنرل جو حڪم غير قانوني ۽ غير آئيني آهي، ان ڪري اسيمبلي کي بحال ڪجي ٿو. ان وقت سنڌ چيف ڪورٽ جا جج باضمير هئا ۽ انهن آئين ۽ پنهنجي ضمير مطابق فيصلو ڏنو. منهنجي نظر ۾ انساني ضمير کان وڏو ڪوبه جج ڪونهي. هر انسان پنهنجي ضمير مطابق زندگيءَ جو وهنوار هلائي ته نه دنيا ۾ شرمسار ٿي سگهي ٿو نه ئي آخرت ۾. گورنر جنرل جي آئيني مشيرن، گورنر جنرل کي مشورو ڏنو ته چيف ڪورٽ جي فيصلي خلاف فيڊرل ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وڃي، جيڪا ملڪ جي سڀ کان وڏي عدالت آهي. سنڌ چيف ڪورٽ، گورنر جنرل جي غير آئيني فيصلي خلاف اها ججمينٽ ڏني هئي ته گورنر جنرل جيئن ته برطانيه طرفان مقرر ڪيل آهي، ان وقت پاڪستان ۾ گورنر جنرل صرف اهو ٿيندو هو جنهنکي برطانوي سرڪار گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع تحت نامزد ڪندي هئي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ اڃا تائين پنهنجو آئين نه جوڙيو هو ان ڪري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع کي عبوري آئين جو درجو ڏنو ويو هو. ان ۾ انگلينڊ جي راڻيءَ کي پاڪستان ۾ گورنر جنرل مقرر ڪرڻ جو اختيار هو. فيڊرل ڪورٽ، سنڌ جي چيف ڪورٽ جي فيصلي کي رد ڪندي، گورنر جنرل جي غير آئيني، غير قانوني حڪم کي درست قرار ڏيندي چيف ڪورٽ جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

فيصلي کي رد ڪيو تہ هو ملڪ جو آئيني سربراهہ آهي، انهيءَ ڪري هُو اسيمبلي کي ٽوڙي سگهي ٿو. فيڊرل ڪورٽ، يعني سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو ان وقت چيف جسٽس چوڌري محمد منير هو. هن جي انهيءَ فيصلي پاڪستان ۾ نئين اسرندڙ جمهوريت جي ٻُوٽي کي وڏي وڻ ٿيڻ کان اڳ تباهہ ڪري ڇڏيو. پاڪستان روشني جي راهہ کان هٽي اونداهي جي غار ۾ هميشہ لاءِ دفن ٿي ويو. هن جي انهيءَ فيصلي طالع آزما اقتدار جي بکين بگهڙن لاءِ اقتدار تي قبضي جي راهہ هموار ڪئي. سپريم ڪورٽ مان ريٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ جسٽس چوڌري محمد منير پنهنجي لکيل ڪتاب ”From Jinnah To Zia“ ۾ جناح کان ضياءَ تائين اهو اعتراف ڪيو آهي تہ هن اهو فيصلو دٻاءَ ۾ اصل حڪمرانن جي خواهش تي ڏنو هو. پر انهن اعليٰ عدالتن ۾ جسٽس رستم ڪياني جهڙا باضمير جج بہ رهيا آهن، جنهن ايوبي آمريت جي اونداهي دور ۾ عدالتن جو مان مُٿاهون ڪيو. سندس ڪيل فيصلا اڄ بہ عدالتن جي تاريخ ۾ روشنيءَ جي مينار جو ڪم ڏين ٿا.

1979ع ۾ پنجاب هاءِ ڪورٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي احمد رضا قصوري جي والد جي قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي جي سزا ڏني، ان وقت پنجاب هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس چوڌري مولوي محمد مشتاق هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي وڪيل يحييٰ بختيار جنهن جو تعلق بلوچستان سان هو. جنهن جي ڌيءَ زيبا بختيار ٽي وي/ فلمي دنيا ۾ هيروئن بہ رهي چڪي آهي، سپريم ڪورٽ ۾ پنجاب هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي، فل بينچ جي ٽن ججن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي بيگناهہ قرار ڏنو پر چئن ججن، جن جو تعلق پنجاب سان هو ٽن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي موت جي سزا برقرار رکي. هيءَ سزا پاڪستان جي عدالتن جي تاريخ ۾ نرالي سزا هئي، جو هڪ فرد کي صرف ”Abetment“ جي ڏوهہ ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني هئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ڏوهہ صرف اهو هو تہ هو سامراجيت (Imperialism) جي خلاف هو ۽ پاڪستان ۾ ”ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ“ قائم ڪيو. سامراجيت جي وصف هڪ سياسي مفڪر M.J Bonn هيٺين ريت ڪئي آهي:

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”سامراجيت اها پاليسي آهي جنهن تحت پنهنجي شهنشاهيت کي قائم ڪرڻ لاءِ هر ننڍي يا وڏي ملڪ کي پنهنجي چنبي ۾ رکڻ لاءِ پنهنجي اڪيلي خواهش آڏو تابع ڪرڻ آهي.“

ضياءُ آمر شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ملڪي سياست مان ته جسماني طرح ڪڍي ڇڏيو پر رهندڙ دنيا تائين شايد ”ڀٽو فيڪٽر“ پاڪستان جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو. سنڌ جي راڻي شهيد بي نظير ڀٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي راهه تي هلندي سامراجيت جي خواهشن جو شڪار ٿي ويئي. 2008ع جي چونڊن ۾ هن جي مقدس قبر ڪيترا جيئرا بت ڊاهي ڇڏيا. اڄ پاڪستان جون جمهوري قوتون جن آمريت پسند قوتن مٿان فتح حاصل ڪئي آهي، اهي متفقه طور تي چئي رهيون آهن ته ”سنڌ جي راڻي جي شهادت جي تحقيقات اقوام متحده طرفان ڪرائي وڃي.“

جنرل پرويز مشرف جنهن وٽ ٻه عهدا هئا: هڪ صدر پاڪستان، ٻيو چيف آف آرمي اسٽاف، هن پاڪستان جي آئين کي اورانگهيندي بلوچستان سان تعلق رکندڙ چيف جسٽس چوڌري محمد افتخار ۽ ٻين باضمير ججن کي پي سي او تحت هٽائي ڇڏيو. جنهن لاءِ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي بار جو صدر چوڌري اعتزاز احسن بار بار چئي رهيو آهي ته جنرل پرويز مشرف جو اهو قدم غير آئيني ۽ غير قانوني آهي. چيف آف آرمي اسٽاف جي غير آئيني آرڊر کي واپس وٺڻ لاءِ صرف سيڪريٽري دفاع کي هڪ حڪم نامو جاري ڪرڻو آهي، ان لاءِ ضروري ناهي ته پارليامينٽ ان کي رد ڪري. جنهن لاءِ هن حڪومت پاڪستان کي الٽيميٽم پڻ ڏنو آهي ته 9 مارچ 2008ع تائين جيڪڏهن پي سي او تحت هٽايل جج ۽ پي سي او تحت قسم نه کڻندڙ جج بحال نه ڪيا ويا ته هو ۽ آئين جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪندڙ وڪيل لاهور کان اسلام آباد تائين لانگ مارچ ڪندا. سنڌ جي شهيد راڻي بي نظير ڀٽو ۽ نواز شريف طرفان لنڊن ۾ مئي 2006ع تي هڪ ”چارٽر آف ڊيمو ڪريسي“ تي دستخط ڪيا. ان جي شق نمبر 13B (تيرهن بي) ۾ اهو واضح لکيل هو ته ”آئنده ڪوبه جج پي سي او تحت نه هٽايو ويندو ۽ نه ئي قسم کڻندو. سڀ جج 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 178 ۽ 194 تحت ڏنل شيڊول مطابق قسم کڻندا.“ سنڌ جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شهيد راڻي محترمہ بي نظير ڀٽو طرفان ”چارٽر آف ڊيموڪريسي“ تي ڪيل صحيح جي لڄ رکندي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت کي اهو نماڻو عرض آهي تہ پي سي او تحت قسم نہ کڻندڙ ۽ برطرف ٿيل چيئني هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن جي بحالي لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ مڪمل سهڪار ڪيو وڃي ۽ انهن کي لاوارث نہ ڪيو وڃي، نہ تہ آئنده ڪو بہ جج آئين ۽ پنهنجي ضمير مطابق فيصلو نہ ڪندو. پاڪستان جي رياست قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ ملڪ ۾ هر ماڻهو سان انصاف ٿئي ۽ ان لاءِ آزاد عدليہ جو هئڻ اشد ضروري آهي. يونان جي عظيم فلسفي افلاطون پنهنجي ڪتاب ”Politics“ ۾ انصاف جي نظريي جو اهو ذڪر ڪيو آهي تہ رياست ملڪ جي قائم ڪرڻ جو مقصد هر شهري سان انصاف ڪرڻ، جيڪڏهن ڪا رياست پنهنجي شهرين کي جلد انصاف نٿي مهيا ڪري سگهي تہ اها رياست پنهنجي وجود کي گهڻي وقت تائين برقرار رکي نہ سگهندي. ٻي عظيم جنگ دوران ان وقت برطانيہ جي وزيراعظم سر ونسٽن چرچل کان ڪنهن صحافي پڇيو تہ هي جنگ ڪير کٽيندو؟ هن ان جي جواب ۾ وراڻيو تہ ”توهان مون کي ٻڌايو تہ برطانيہ جون عدالتون ڪليل آهن ۽ انصاف ڪري رهيون آهن؟“ صحافي ”ها“ ۾ جواب ڏنو ان تي سر ونٽسن چرچل فرمايو تہ ”ها، پوءِ هيءَ جنگ اسان ئي کٽينداسين.“

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ، سنڌي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنس

دنيا جي قديم بادشاهت برطانيہ، جنهن ڪيترن صدين کان ننڍين قومن کي پنهنجو محڪوم بڻائي راڄ ڪيو آهي. ننڍي ڪنڊ تي بہ بہ سئو سال ان جو سڪو هلندو رهيو. ان جي گاديءَ جي هنڌ لنڊن جي آبادي اڄڪلهہ 12 ملين ۽ 14 ملين جي وچ ۾ آهي. لنڊن صدين کان وٺي سڄي دنيا جي آزادي پسند، انقلابي تحريڪن ۽ قومي تحريڪن جو اهم مرڪز رهيو آهي. انگريزن جي فتح کان اڳ سنڌ هڪ آزاد وطن هئي ۽ سنڌي آزاد قوم هئا. 1843ع کانپوءِ سنڌ کي فتح ڪري بمبئي صوبي سان ملايو ويو ۽ سندس جي حيثيت هڪ ملڪ بدران ڊويزن جي سطح تي اچي ويئي. سنڌ جي باشعور ۽ محب وطن انسانن سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ لاءِ پرامن جدوجهد ڪئي. لنڊن ۾ 1930ع کان وٺي 1932ع تائين ٽيندڙ ”گول ميز ڪانفرنس“ (Round Table Conferences) جو مقصد سنڌ کي سياسي ۽ معاشي خودمختياري ڏيارڻ هو. لنڊن ۾ ٿيندڙ ڪابہ بين الاقوامي ڪانفرنس جنهن ۾ واسطيدار قوم جي سموري (Collective Wisdom) جنهن ۾ سياستدان، دانشور، اديب، صحافي، استاد، پروفيشنل تنظيمون، هارين ۽ پورهيتن جا نمائندا جڏهن بہ گڏجي اتفاق راءِ (Unanimously) سان ڪا ڳُهر ڪن تہ ان جي اهميت ”بين الاقوامي ڪاريڊورس“ ۾ غور جوڳي هوندي آهي. يورپ، ايشيا، وچ اوڀر ۽ ٻين ملڪن ۾ هڪ ڪروڙ کان مٿي سنڌي رهن ٿا، جن جو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي. اڄ ڪلهہ جڏهن سنڌ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جو وجود خطري ۾ آهي تہ آمريڪا ۾ رهندڙ ۽ شهرت حاصل ڪندڙ سنڌين جي ”پوليٽيڪل ايڪشن ڪميٽي“ جي قومپرست اڳواڻ منور لغاري ۽ ان جا ساٿي مئي 2010ع جي پهرئين هفتي ۾ هڪ ٽي روزه بين الاقوامي ڪانفرنس بعنوان ”سنڌ جا مسئلا ۽ ان جا حل“ جي عنوان تحت منعقد ڪرائي رهيا آهن. جيڪو يقينن قابلِ تحسين عمل آهي، جنهن جي سڀني سنڌين کي مڪمل حمايت ڪرڻ گهرجي.

سنڌ کي جيڪي اهم مسئلا درپيش آهن، اُهي بلوچستان پرڳٽي کان مختلف نہ آهن:

سنڌ جا مسئلا:

1. سنڌ کي سياسي اختيارن ۽ مالي وسيلن جي مالڪي جو حق.

2. سنڌ کي سندس جائز حصي جو پاڻي ڏيارڻ جو حق، ڇاڪاڻ تہ پاڻي نہ ملڻ جي صورت ۾ سمنڊ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڳڙڪائي رهيو آهي.

3. سنڌ کي روينيو جو حقيقي حصو ڏيڻ، سنڌ، اسلام آباد کي هر سال 2200 ارب رپيا ڪمائي ڏئي ٿي پر 31 ڊسمبر 2009ع تي ٽيل مرڪز ۽ صوبن جي معاهدي تحت سنڌ کي صرف 70 ارب رپيا ملندا. اسان جا موجوده حڪمران پنجاب جي حق ۾ نعرا هڻي رهيا آهن تہ ”پنجاب هن ڀيري قرباني ڏني آهي.“ اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ اسلام آباد يا مرڪز جي نالي تي پنجاب طرفان 63 سالن کان وٺي سنڌ کي ڦريو ۽ لٽيو ويو آهي.

4. سنڌ ۾ 1954ع کان پوءِ آيل آبادي کي ”غير سنڌي“ قرار ڏيئي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي ۽ سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ٻين قومن جي ماڻهن کي ”پرمٽ سسٽم“ تحت ”ورڪ آرڊر“ ڏنو وڃي، انهن کي ووٽ جو حق يا سنڌ جي ڊوميسائيل جو حق نہ ڏنو وڃي.

5. سنڌ ۾ چيف سيڪريٽري، انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جي پوسٽ ۽ ٻين انتظامي عهدن تي صرف سنڌي مقرر ڪيا وڃن.

6. وفاقي انتظاميہ، سول توڙي فوجي بيوروڪريسي ۾ سنڌين کي سندن جائز حصو ڏنو وڃي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

7. سنڌ جي تباهہ ٿيندڙ تعليم کي بچائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن. بند ٿيل 7000 هزار پرائمري اسڪول جن ۾ پنج هزار اسڪول نياڻين جا آهن، اهي کوليا وڃن. پنجاب، بلوچستان يا سرحد ۾ جمهوري توڙي غير جمهوري دور ۾ تعليم جي ڪافي ترقي ٿي آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ تعليمي پسماندگي وڌي رهي آهي.

8. سنڌ ۾ ڪامورن توڙي رٽائرڊ فوجين کي انعام ۾ ڏنل زمينون رد ڪري سنڌي هارين ۾ ورهايون وڃن.

9. سنڌ مان نڪرندڙ پيٽرول، گئس، ڪوئلي ۽ ٻين معدني وسيلن جي رائلٽي سنڌ کي ڏني وڃي ۽ اتي صنعتون قائم ڪري سنڌين کي روزگار ڏنو وڃي.

10. سنڌي ٻوليءَ کي ”قومي ٻولي“ قرار ڏنو وڃي ۽ سرڪاري توڙي پرائيويٽ تعليمي ادارن ۾ سنڌي زبان جي سکيا، تعليم ۽ تربيت لازمي قرار ڏني وڃي.

11. موهن جي دڙي ۽ آثار قديمہ جي ٻين ثقافتي تهذيبي ادارن کي بچائڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن ۽ انهن جي تحفظ لاءِ ”بين الاقوامي فنڊ“ قائم ڪيو وڃي.

پڪن پختن ذريعن مان معلوم ٿيو آهي تہ مئي ۾ ٿيندڙ هن بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ برٽش پارليامينٽ جا ڪجهہ اهم ميمبر ۽ آمريڪي ڪانگريس جا اهم رڪن، ڊپلوميٽڪ چينل جي شرڪت جي يقيني اميد رکي وڃي ٿي. هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي تاريخي حقن جي حاصلات لاءِ اهم آهي. سنڌين کي هن ڪانفرنس ذريعي شاندار موقعو ملي رهيو آهي. اسان سنڌين کي پنهنجي ذاتي انائن کي پاسيرو رکي، سنڌ جي وسيع تر مفاد ۾ هڙان وڙان خرچ ڪري هن اهم ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي يا ان جي ڪاميابي جي راهہ هموار ڪرڻ لاءِ مدد خان پناڻ جي گهوڙن جي سُنبن هيٺ اچ ڏينهن تائين لتاڙجندڙ سنڌ جي زخمن جو ڪو مُستقل علاج ڪجي، ڪو مرهم رکجي. دنيا اج ڪلهہ سائنسي ترقي ڪري هڪ گلوبل وليج يا عالمي ڳوٺڙو ٿي پئي آهي، جتي ڪنهن مظلوم ۽ محڪوم قوم جي ڪاميابي لاءِ اندروني جدوجهد سان گڏوگڏ بين الاقوامي مدد ۽ تعاون بہ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انتهائي اهم ۽ ضروري آهي. جنهن کي اسان جي سنڌ جي سياست هميشہ نظرانداز ڪندي رهي آهي. هاڻ جڏهن اسان سنڌين کي هڪ تاريخي موقعو مليو رهيو آهي تہ ان ۾ قومي فرض سمجهي شريڪ ٿي اسان سنڌين سان پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي اج ڏينهن تائين کهڙيون ۽ کهڙي سطح جون ناانصافيون ٿينديون رهيون آهن، جن جو اجا تائين انت نہ آيو آهي، انهن کي ڀرپور نموني عالمي عدالت جي ضمير آڏو پيش ڪيو وڃي تہ شايد سنڌي قوم کي ڪو ڏگ ملي وڃي ۽ منزل تي رسڻ ۾ آساني پيدا ٿئي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

خطرن ۾ گهيريل رياست

آمريڪا جي مشهور ٿنڪ ٽينڪ رينڊ ڪارپوريشن جي هڪ اهم رپورٽ مطابق دهشتگردي خلاف عالمي جنگ ۾ حصو وٺندي پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز مشڪوڪ ماڻهن جي گهرن کي تباهه ڪرڻ کان علاوه انهن جي جائيداد ۽ ڪاروبار کي به پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ جهڙا قدم به کنيا آهن. ڪارپوريشن طرفان 3 جنوري 2007ع تي جاري ڪيل رپورٽ ۾ پاڪستان کان سواءِ ٽين دنيا جي ٽن ٻين ملڪن افغانستان، ازبڪستان ۽ ايل سلواڊور جي حڪومتن جو به ناقدانه جائزو ورتو ويو آهي. هن رپورٽ ۾ بطور خاص انهن ملڪن جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو آهي، جن کي 11 سيپٽمبر 2001ع کانپوءِ ڪروڙين ڊالر امداد فراهم ڪئي ويئي آهي. هن رپورٽ جو ڇهون باب پاڪستان لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي ۽ داخلي سلامتي جي حوالي سان پاڪستان کي درپيش خطرن ۽ چئلينجن جو به تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. واضح رهي ته ”رينڊ ڪارپوريشن“ عالمي شهرت ماڻيندڙ هڪ تحقيقي ادارو آهي، جنهن کي آمريڪي حڪومت مالي مدد فراهم ڪندي آهي. غير تجارتي بنيادن تي ڪم ڪندڙن جي ٿنڪ ٽينڪ گلوبل پاليسي ۽ دنيا کي درپيش مختلف تڪرارن، چئلينجن ۽ ٻين اهم مسئلن تي تحقيقي ۽ تجرباتي خدمتون پيش ڪندو رهي ٿو. هي ادارو آمريڪي مسلح افواج کي تحقيقي ۽ تجزياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ 1946ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. پر بعد ۾ ان جو دائرو وڌايو ويو ۽ هاڻ هي ادارو غير ملڪي حڪومتن، نجي ۽ تجارتي ادارن کي به تحقيقي سهولتون

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

فراهم ڪري رهيو آهي. آمريڪا ۾ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ هن جا دفتر موجود آهن، جڏهن تہ هن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد 1600 جي لڳ ڀڳ آهي. هن اداري سان لاڳاپيل رينڊ گرئجويٽ اسڪول پبلڪ پاليسيءَ جي موضوع تي هزارين ماڻهن کي پي ايڇ ڊي جون ڊگريون ڏيارڻ وارو تعليمي ادارو بڻجي چڪو آهي، ان ڪانسواءِ رينڊ جي محققن انٽرنيٽ جي ترقيءَ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. رينڊ ڪارپوريشن سان گڏ ڪم ڪندڙن ۾ ڪيترين نمايان شخصيتون شامل آهن، جن ۾ آمريڪا جو سابق نائب صدر والٽر مونڊيل، سابق وزير دفاع ڊونلڊ رمزفيلڊ، موجوده آمريڪي وزير خارجہ ڪونڊا ليزا رائيس ۽ عراق ۾ آمريڪا جو سابق سفير زلمي خليل زاده بہ شامل آهن. رينڊ ڪارپوريشن جي تازي رپورٽ ۾ اعتراف ڪيو ويو آهي تہ ڏکڻ ايشيا ۾ پاڪستان، آمريڪا جي اهم ترين اتحادي ملڪن مان هڪ آهي. پاڪستان 9/11 کان پوءِ افغانستان ۾ طالبان حڪومت جي تائيد ۽ حمايت تان دستبردار ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ دهشتگردي خلاف آمريڪا جي هلندڙ جنگ ۾ پاڪستان آمريڪا جو نهايت ئي قريبي اتحادي ملڪ بڻجي اڀريو آهي. رپورٽ ۾ هي بہ تسليم ڪيو ويو آهي تہ پاڪستان القاعده جي نيٽ ورڪ ٽوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ طالبان جي پرتشدد ڪارروائين کي روڪڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيو آهي. ڪنهن ٻئي ملڪ جي مقابلي ۾ پاڪستان ۾ القاعده سان لاڳاپيل دهشتگرد ۽ طالبان جا اهم حامي گهڻي ۾ گهڻا مئا آهن ۽ گرفتار ٿيا آهن. رپورٽ مطابق ڏکڻ ايشيا ۾ آمريڪي ترجيحات ۾ هي ڳالهہ بہ شامل آهي تہ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ڪشيدگي گهٽائي وڃي تہ جيئن ٻئي ملڪ جنگ کان پري رهي سگهن. پاڪستان ۽ ڀارت درميان ڪجهہ اهم مسئلن، مثلاً ڪشمير، سرڪريڪ، وولر بيراج ۽ ڪجهہ گهربل ماڻهن جي ڪري ڪشيدگي پکڙيل آهي، ان کي ماٺو ڪيو وڃي. هن رپورٽ جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ آمريڪا تي زور ڏنو ويو آهي تہ پاڪستان جي قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي داخلي سلامتي جي نالي تي ملندڙ امداد روڪي وڃي ۽ ان جي نوعيت ۽ مقدار تي نظرثاني ڪئي وڃي. رپورٽ ۾ هي موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ آمريڪي مفادن جي تڪميل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انساني حقن جون خلاف ورزيون ڪندڙ جابر حڪومتن جي امداد جاري رکڻ ۾ ناهي پر اهڙين آمرانہ حڪومتن جي هر قسم جي امداد بند ڪئي وڃي، جيڪي انساني بنيادي حقن جي شديد خلاف ورزي ڪري رهيا آهن. هن رپورٽ ۾ پاڪستان جي امداد بند ڪرڻ جي مطالبي جي حق ۾ جيڪي دليل پيش ڪيا ويا آهن، انهن ۾ پاڪستان ۾ انساني حقن جي وڏي پيماني تي پائمالي، پاڪستان ۾ عسڪريت پسند تنظيم جي ميمبرن جو عراق جي جنگ ۾ ملوث هئڻ ۽ ڪراچي ۾ منشيات جي بين الاقوامي مرڪز جي موجودگي سرفهرست آهي. رپورٽ جوڙيندڙ هڪ اهم ميمبر اوليگا اوليڪر جو چوڻ آهي تہ اسانکي ان ڳالهہ جون گهٽ شاهديون مليون آهن تہ آمريڪا سيڪيورٽي جي حوالي سان پاڪستان کي ملندڙ امداد جي تناظر ۾ انساني حقن جي صورتحال تي مناسب توجهہ ڏني آهي، هن جو چوڻ آهي تہ گذريل پنجن سالن دوران پاڪستان ۾ احتساب ۽ انساني حقن جي معاملن ۾ بهتريءَ جون ڪي علامتون نہ مليون آهن. رپورٽ جوڙيندڙ هڪ ٻئي آمريڪي دانشور "Seth Johnes" مطابق، پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي فورسز جو انساني حقن جي حوالي سان رڪارڊ بهتر بڻائڻ ايترو ئي اهم آهي، جيترو انهن ادارن جي ڏوهارين ۽ دهشتگرد گروپن خلاف ڪارڪردگي آهي. آمريڪا طرفان پاڪستان کي ڏنل فوجي ۽ معاشي امداد جو تخمينو هڪ ارب ڊالر سالانہ کان وڌيڪ آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان ۾ حڪمرانن طرفان بي قصور شهرين کي شڪ ۽ شبهي ۾ حراست ۾ رکڻ ۽ انهن جي گهرن کي ڊاهڻ، سراسر انساني حقن جي خلاف ورزي آهي. هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جو موقف آهي تہ پوليس ۽ جيل حڪام وڏي پئماني تي تشدد جي ڪارروائين ۾ مصروف آهن ۽ حساس پاڪستاني ادارن خلاف بہ شڪايتون موجود آهن تہ ڪيترا شهري گرفتار ڪري غائب ڪيا ويا آهن. اعليٰ عدالتن جي نوٽيس جي باوجود حساس ادارا انهن شهرين کي عدالتن ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. رپورٽ مطابق 9/11 کان پوءِ آمريڪا جي قيادت ۾ دهشتگردي خلاف هلندڙ عالمي جنگ دوران پاڪستان، پاڙيسري ملڪ افغانستان طرفان شروع ڪيل "Opration Enduring Freedom" ۾ ڀرپور تعاون ڪيو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۽ اهم خطرناڪ ڪردارن کي گرفتار پڻ ڪرايو جن ۾ خالد شيخ محمد، ابوالفراج احمد گيلاني، ابو زبيده ۽ رمزي الشيب وغيره شامل هئا. پاڪستان آمريڪا جو اتحادي هوندي 302 عسڪريت پسندن کي ماريو 656 ڄڻن کي گرفتار ڪرايو آهي، انهن ماڻهن جو تعلق افغانستان، ازبڪستان، چيچنيا ۽ عرب ملڪن سان آهي. رينڊ ڪارپوريشن جي رپورٽ فرقيوارانہ انتهاپسنديءَ کي پاڪستان لاءِ هڪ وڏو خطرو قرار ڏنو آهي. رپورٽ مطابق سپاهہ صحابہ، تحريڪ نفاذ فقہ جعفريہ، لشڪر جهنگوي، سپاهہ محمد ملڪي سلامتي لاءِ وڏو چئلينج بڻيل آهن. جيش محمد ۽ لشڪر طيبہ جا رابطہ القاعده جي دهشتگرديءَ جي بين الاقوامي نيٽ ورڪ سان آهن. رپورٽ ۾ پاڪستان جي خفيہ ادارن تي بہ الزام عائد ڪيو ويو آهي تہ پارٽ ۾ گڙٻڙ پکيڙيندڙ حرڪت المجاهدين، لشڪر طيبہ ۽ جيش محمد جهڙين تنظيمن سان خفيہ ادارن جو گهرو لاڳاپو آهي. رپورٽ ۾ بلوچستان جي صورتحال جو بہ تفصيل سان تجزيو ڪيو ويو آهي تہ بلوچستان ۾ بلوچ لبريشن فرنٽ، بلوچ پيپلز لبريشن آرمي، بلوچ لبريشن آرگنائيزيشن جهڙيون مسلح تنظيمون قانون نافذ ڪندڙ ادارن سان بلوچستان ۾ برسر پيڪار آهن. رپورٽ ۾ پاڪستان جي داخلي سلامتي کي وڏو ۾ وڏو خطرو منظم جرائم پيشہ گروهن مان آهي، انهن گروهن ۾ سڀ کان خطرناڪ اها مافيا آهي، جيڪا منشيات جي بين الاقوامي اسمگلنگ ۾ ملوث آهي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي ۾ آهي. بدنامہ زمانہ پارٽي ڊان دائود ابراهيم ڪراچي ۾ اهڙي مافيا جو سرپرست بڻيل آهي. رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي تہ خود پاڪستان ۾ منشيات جي عادي ماڻهن جو تعداد 35 لکن کان 50 لک تائين آهي. ان مان 15 لک ماڻهو هيروئن واپرائين ٿا. هن غير قانوني ڌنڌي جو حجم تقريباً ڏيڍ ارب ڊالر ساليانہ تائين آهي. رپورٽ ۾ عالمي بئنڪ جي اعداد شمار جي حوالي سان چيو ويو آهي تہ پاڪستان ۾ بليڪ مارڪيٽ اڪانميءَ جو حجم ٽي ارب ڊالر آهي، جيڪو ملڪ جي اي ڊي پي (ساليانی ترقياتي پروگرام) جي ڏهين حصي برابر آهي. رپورٽ مطابق پاڪستان ۾ انساني اسمگلنگ، عصمت فروشي جي ڪاروبار ۾ ڪافي واڌارو آيو آهي، ڪيترا معصوم ٻار خليجي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

رياستن ۾ انن جي ڊوڙ لاءِ اسمگلنگ ڪيا ويندا هئا. رينڊ ڪارپوريشن جي انتظاميه مطابق هن رپورٽ جي تياريءَ جي سلسلي ۾ هن اداري جي محققن آمريڪي پرڏيهي ۽ انصاف کاتي جي آفيسرن جي انٽرويو ان کان علاوه پاڪستان ۾ آمريڪي سفارتخاني جي آفيسرن کان به راءِ ورتي ويئي آهي. پاڪستان ۾ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کان به انٽرويو ورتا ويا آهن. رينڊ ڪارپوريشن جي رپورٽ جي روشنيءَ ۾ پاڪستان پنهنجي ڏکئي ۾ ڏکئي حالتن مان گذري رهيو آهي، سندس پرڏيهي ۽ گهرو سلامتي داءَ تي لڳل آهي. آمريڪا جي جنگ وڙهندڙ پاڪستاني حڪمرانن جي غلط پاليسين جي ڪري پاڪستان جو وجود خطري ۾ گهيرجي چڪو آهي. ڪن عالمي دانشورن جي راءِ ۾ پاڪستاني رياست "State of siege" خطرن ۾ گهيريل رياست آهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ، ارباب غلام رحيم ۽ ڪرپشن

عام سياسي مبصرن جي اها راءِ آهي تہ وفاق پاڪستان جي اندر سنڌ سان ويڳي اولاد جيان سلوڪ ڪيو ويجي ٿو. 1947ع کان وٺي اڄ تائين سنڌ ۾ هميشہ اهي حڪومتون جڙيون آهن، جن کي اسلام آباد جي آشيرواد حاصل هجي، يعني سياسي طور تي اهڙين حڪومتن کي Government "by proxy" سڏيو ويجي ٿو يعني سنڌ حڪومت سنڌ جي عوام بدران اسلام آباد جي حڪمرانن جي مرضيءَ جي تابع هوندي آهي. سنڌ جو وزيراعليٰ اهو ئي مقرر ٿيندو آهي، جنهن کي سنڌ اسيمبلي جي اڪثريت جي يا ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي حمايت جي ضرورت نہ هوندي آهي ۽ اهڙا وزيراعليٰ سيني تي هٿ هڻي سچ ڳالهائيندا آهن تہ "هن کي سنڌ جي عوام جي نہ پر سگهاري ڌر جي حمايت حاصل آهي." 2002ع جي چونڊن ۾ سنڌ ۾ پ پ پ کي سنڌ جي عوام مينڊيٽ ڏنو پر ان مينڊيٽ جو احترام نہ ڪيو ويو. خان ڳڙهہ جي هڪ سردار علي محمد مهر کي سنڌ جو وزيراعليٰ بڻايو ويو، جيڪو چونڊن کان اڳ پ پ پ ڇڏي چڪو هو. 2002ع جي عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي هڪ ئي وقت گهوٽڪي مان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. خبر پئي تہ سنڌ جي هڪ سابق ڪور ڪمانڊر جي سفارش تي هن کي وزيراعليٰ بڻايو ويو هو. بعد ۾ ڏيڍ سال جي عرصي کانپوءِ موجوده وزيراعليٰ ارباب غلام رحيم کي سنڌ جو حاڪم اعليٰ بڻايو ويو. جيڪو سنڌ ڊيمو ڪريٽڪ الائنس (ايس.ڊي.اي) جي ٽڪيٽ تي ٿر مان ڪامياب ٿيو هو. هُو شروع ۾ ئي وزيراعليٰ جي مسنَد جو اميدوار هو. پر پير پاڳاري ۽ سگهارين ڌرين جي حمايت حاصل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نہ هئڻ ڪري سردار علي محمد مهر هن کان گوءِ کٽي ويو. ارباب غلام رحيم ويٽنگ لسٽ تي رهيو. بعد ۾ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم ڪنگري هائوس ويو ۽ لنڊن ياترا ڪئي ۽ هن کي وزيراعليٰ بڻايو ويو. ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم هڪ صاف گو شخص آهي، هو ڪيئي پيرا چئي چڪو آهي تہ اسلام آباد ۾ سگهارين ڌرين طرفان هن کي نامزد ڪيو ويو آهي، انهن جي راضپي سان ئي هو سنڌ جو وزيراعليٰ رهندو. ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم اهو بہ چئي چڪو آهي تہ هو ڄام صادق علي مرحوم جي نقش قدم تي هلندو. ارباب غلام رحيم جي دور حڪومت تي ٽيڪا ٽپڻي ڪو سياسي مبصر ئي ڪري سگهي ٿو البتہ اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ هن جي دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ بدامنيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي، ڪرپشن ۽ ڪميشن ڪلچر ۾ واڌ آئي آهي، سنڌ جي قومي حقن سان ويساهہ گهاتي ٿي رهي آهي، قديم سنڌي آبادين جا ڳوٺ ڊاٿا پيا وڃن. لک چوريءَ ۾ وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت جي کاتن ۾ هڪ مخصوص نسلي گروهہ سان تعلق رکندڙ نوجوانن جي ڀرتي ٿي رهي آهي. سنڌ حڪومت ۾ شامل مضبوط ڌر کي پنهنجي کاتن ۾ ڪرپشن جي کلي ڇوٽ آهي. هڪ سياسي مبصر جي راءِ مطابق، لنڊن جي ”پير صاحب“ کي سنڌ مان هر مهيني چاليهہ ڪروڙ رپيا موڪليا وڃن ٿا. ارباب صاحب کي امتياز شيخ جي کاتي ۾ تہ بدعنواني نظر آئي ۽ ڪيس وزارت تان هٽايو ويو پر ٻين کاتن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ۽ نہ ڄاڻ ڇو ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن ۽ خاموشي اختيار ڪئي آهي؟

سنڌي ٻولي کي 1972ع جي لئنگئيج بل مطابق يارهين ڪلاس جي غير سنڌي شاگردن لاءِ آسان سنڌي جو مضمون نافذ ڪرڻ وارو مسئلو گذريل ٻن سالن کان التوا ۾ آهي، حالانڪ جڏهن سال 2005ع ۾ انهيءَ مسئلي ڪر کنيو هو تہ ”پلي پار“ وڃڻ کان اڳ ارباب غلام رحيم وعدو ڪيو هو تہ هن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪو خطرو ناهي ۽ يارهين ڪلاس ۾ غير سنڌي ٻارن کي هر حال ۾ ”آسان سنڌي“ جو مضمون پڙهايو ويندو. آسان سنڌي جو ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي ويو. ٻارن کي ڪلاسن ۾ آسان سنڌي پڙهائي ويئي. ڪاليجي استادن کان ڪتاب سيٽ ڪرايو ويو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

150 مرد ۽ خواتين سنڌي مضمون ۾ ليڪچرر ڀرتي ڪيا ويا. پر عملي طور سنڌي ٻولي جي 1972ع جي ايڪٽ مطابق اڄا تائين آسان سنڌي جو مضمون نافذ نہ ٿي سگهيو آهي ۽ اپريل 2007ع ۾ انٽر جا امتحان ٿيا. ان ڪانپوءِ زباني امتحان ٿيو. درخواستن مان چار ڪروڙ رپيا جمع ٿيا، انهيءَ رقم مان ڪنهن ڪارون ۽ گاڏيون ورتيون؟ چاليهہ هزار نوجوانن مان رڳو 2050 جاين تي ڀرتين جا آرڊر ڪڍيا ويا. بعد ۾ جڏهن تحقيقات ٿي تہ خبر پئي تہ انهن ۾ بہ ٽي سئو ڪان مٿي اميدوار اهڙا آهن، جيڪي انٽرويو ۾ ڪامياب نہ ٿيا هئا ۽ جن جون مارڪون گهٽ هيون. ”عرفان مروت تحقيقاتي ڪميٽي“، ”نذر حسين مهر تحقيقاتي ڪميٽي“، ۽ ”سپاڳو خان جتوئي تحقيقاتي ڪميٽي“ جون رپورٽون وزيراعليٰ کي ملي چڪيون آهن پر ٽيئي رپورٽون مختلف آهن، جيڪي آفيسر انٽرويو ۾ بدعنواني ۽ بي ايماني جا ذميوار هئا، سابق سيڪريٽري تعليم غلام علي پاشا کي صرف هٽائڻ ڪانسواءِ ڏوهہ جي ذميوار آفيسرن کي ارباب سرڪار ڪهڙي سزا ڏني آهي؟ سنڌ جو عوام ان جو منتظر آهي! سنڌ جي تعليم کاتي ۾ هڪ اهڙي شخص کي چار اهم پوسٽن تي رکڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟ جنهن کي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي، زيبسٽ (ZABIST) ۽ سنڌ مدرسة الاسلام مان ڪڍيو ويو. ان شخص ۾ هاڻ ڪهڙي ميرٽ آهي؟ جو هڪ ئي وقت صوبائي ايجوڪيشن مئنيجر ڪاليجز، تعليم کاتي جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين، دائود انجنيئرنگ ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر بنايو ويو آهي ۽ مستقبل ۾ سيڪريٽري تعليم ٿيڻ جو ارادو رکي ٿو. ڇا تعليم کاتي ۾ ڪوبہ 20 گريڊ جو اهڙو پروفيسر يا استاد ناهي، جنهن کي ڪنهن پوسٽ تي رکي سگهجي؟ ڇا سنڌ ۾ سڀ پروفيسر نااهل آهن؟ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ ۾ اهڙو چيئرمين رکيو ويو هو جنهن جو تعلق ٺٽہ سان هو. تقررين تي بندش دوران 30 ڪان مٿي ماڻهن کي بغير انٽرويو ۽ اشتهار جي نوڪري ۾ رکيو ويو. انهن ۾ چند ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي گهر ويٺي پگهار کڻي رهيا آهن. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڪتابن جي پرنٽنگ جا ٺيڪا جعلي فرمن ۽ پنهنجي من پسند ماڻهن کي ڏياريا ويا، ڪتابن ۾ ”سب اسٽئنڊرڊ“ ڪاغذ استعمال ڪيو ويو. عوام جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شڪايتن جي باوجود ڊاڪٽر ارباب رحيم سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ ٽيندڙ بدعنوانين ۽ گھوٻين ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جو ڪھڙو نوٽيس ورتو آهي؟ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي اها گذارش آهي تہ جيڪڏهن هو سنڌ اندر ۽ خاص طور تي تعليم کاتي اندر ”ڪرپشن“ ۽ ”ڪميشن ڪلچر“ کي ختم ڪرڻ ۾ سنجيده آهي تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج ذريعي تعليم کاتي ۽ ان سان لاڳاپيل ادارن ۾ تحقيقات ڪرائي تہ سنڌ جو عوام ڪيس دعائون ڏيندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي عوام کي ستن سالن ۾ صرف دعائون ئي پلئہ پيون آهن، ٻيو سڀ ڪجهہ ل ُٽجي ڦرجي چڪو آهي، نہ پاڻي آهي ۽ نہ ئي هوا آهي ۽ نہ ئي سر مٿان آسمان آهي. بيوسي آهي، بيماري ۽ مفلسي آهي. عمره، حج فرض آهن، پر اصل فرض انسان ذات جي خدمت آهي.

بقول لطيف سائين:

”روزا ۽ نمازون، اي‌ءُ پڻ چڱو ڪم،
پر او ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرين کي.“

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران

مون پنهنجي گذريل ڪالم ۾ لکيو هو تہ عراق کان پوءِ آمريڪي جارحيت جو آئنده نشانو ايران هوندو ۽ ايران تي حملي ڪرڻ لاءِ آمريڪا هڪ نئين "War Strategy" ناهي آهي تہ هو ايران تي سڌي طرح حملو نہ ڪندو پر پنهنجي ناجائز اولاد اسرائيل ذريعي ميزائيلن ذريعي حملو ڪرايو ويندو ۽ پاڪستان تي بہ آمريڪا جو دٻاءُ آهي تہ ماضي وانگر پاڪستان جي سرزمين تي ڪين آمريڪي هوائي فورس لاءِ اڏا ڏنا وڃن تہ جيئن اهي ايران تي حملي لاءِ استعمال ڪري سگهجن. مون اها بہ راءِ ڏني هئي تہ عراق جيان ايران کي فتح ڪرڻ آمريڪا لاءِ ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ عراق- ايران جي ڏکهي بي مقصد جنگ جيڪا آمريڪا عراق جي سابق صدر صدام حسين ذريعي ايران تي مڙهي هئي، اها ايران ۾ امام خميني جي انقلاب کان پوءِ پيدا ٿيل "وطن پرستي" ڪري ناڪام ٿي هئي. هن جنگ ۾ ايران جي مردن، عورتن، نوجوانن ۽ ٻارن جنهن حب الوطنيءَ سان مقابلو ڪيو هو اهو جذبو ڏينهون ڏينهن نئين ڏيڙي ٻوٽي مان هڪ مضبوط وڻ بڻجي چڪو آهي. مغربي مفڪرن جي راءِ ۾ تہ ايران تي حملي ڪرڻ جو وقت اچي چڪو آهي. انهن مطابق، هن وقت عراق ۽ افغانستان ۾ آمريڪا جي ناڪامي جي ڪري آمريڪا جي عوام اندر بش حڪومت ذليل ۽ خوار ٿي رهي آهي ۽ آمريڪا جي وزارت دفاع جي حڪمت عملي هوندي تہ ايران تي ڪامياب حملو ڪري پيهر آمريڪي عوام جي حمايت حاصل ڪئي وڃي ۽ عراق ۽ افغانستان ۾ ناڪامي جي ڪري ٿيندڙ تنقيد جي باهہ کي ٿڌو ڪيو وڃي. بعض سياسي مبصرن جي راءِ آهي تہ ايران تي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آمريڪي ۽ اسرائيلي حملي جي ڪري دنيا ۾ ٽين مهاڀاري ويڙهه لڳڻ جا خدشا وڌي ويندا. مغربي مفڪرن آڏو هي سوال بہ آهي تہ آمريڪا ايران تي جيڪو حملو ڪندو اهو ڪهڙي نوعيت جو هوندو؟ ۽ اهو حملو ڪٿان شروع ڪيو ويندو؟ ايران زمين جي لحاظ کان دنيا ۾ 70 نمبر تي وڏو ملڪ شمار ٿئي ٿو. ايران جي ايراضي 1648195 چورس ڪلوميٽر آهي. ايران جي پاڙيسري ۽ ويجهي سرحدي ۽ ساموندي ملڪن ۾ ترڪمانستان، آذربائيجان، آرمينيا، روس، قازقستان ۽ ٻئي طرف عراق، ترڪي، افغانستان ۽ پاڪستان آهن. ايران جي ٻن طرفن کان سمنڊ آهن. هڪ طرف چٽئي پاسن خشڪي ۽ گ ِهرو کاري پاڻي جي وڏي ڍنڍ جيان بحيره ڪئسپيئن سمنڊ آهي، جنهن سان هن جا سرحدي پاڙيسري ملڪ ترڪمانستان، آذربائيجان، آرمينيا، روس ۽ قازقستان آهن. ٻئي طرف آبناءِ اومان هرمز ۽ خليج فارس سان ساموندي حدن جي ويجهو اومان متحده عرب امارات، سعودي عرب ۽ ڪويت آهن. زمين ذريعي ايران جي سرحدن جي ڊيگهہ 8731 ڪلوميٽر آهي، جڏهن تہ سمندن جي ڪنارن جي سرحدن جي ڊيگهہ 2700 ڪلوميٽر آهي، ايران وچ ايشيا جي ملڪن ۽ مشرق وسطيٰ جي وچ ۾ هڪ پُل وانگر آهي، جڏهن تہ پاڪستان ۽ افغانستان سان ملندڙ سرحدن جي لحاظ کان ايران، ترڪي کان اڳ ڏکڻ ايشيا، سارڪ ملڪن ۽ يورپ کي خشڪيءَ جو رستو ڏئي ٿو.

1914ع کان 1918ع تائين اهو زمانو آهي، جڏهن برطانيہ دنيا جي ”سپر پاور“ هو. سڄي دنيا جي واپار تي ساموندي حڪمراني جي ڪري برطانيہ جو ”ڏاڪو“ هلندو هو. جرمني هن جي ٽوڙ لاءِ ترڪي جي سلطنت ِ عثمانيہ سان معاهدو ڪري ”جده ريلوي“ لائين شروع ڪئي هئي تہ جيئن تيل جي دولت سان مالامال عرب ملڪن کي ريلوي ذريعي يورپ سان ملايو وڃي. منصوبو هي هو تہ جده (سعودي عرب) کان ريلوي لائين ترڪي تائين اچي ۽ انهيءَ کانپوءِ آسٽريا ۽ جرمنيءَ سان ان کي ملايو وڃي. اهڙي طرح جرمنيءَ جي اها خواهش هئي تہ مسلمان ملڪن ۾ هن جو اثر ۽ قبضو مستحڪم ٿئي تہ پوءِ هندوستان، ايران ۽ ترڪي کي ريلوي لائين سان ملايو وڃي. انگريزن پنهنجي دور اقتدار ۾ دفاعي نقطہ نظر کان بلوچستان ۾

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ريلوي لائين وڇائي، جيڪب آباد کان سبي، ڪوئٽا کي ملائڻ ڪانپوءِ ايران جي سرحدي شهر زاهدان تائين ۽ پاڪستان- افغانستان سرحد تي ”چمن“ تائين ۽ پوءِ پاڪ- افغان سرحد تي ٻئي طرف ”زوب“ تائين ريلوي لائين وڇائي. هاڻ تازي صورتحال اها آهي تہ ايران جلدي تهران کان زاهدان تائين ريلوي لائين مڪمل ڪرڻ وارو آهي، جڏهن تہ ٻئي طرف تهران کان ترڪي تائين ريلوي لائين آهي. ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ چند سالن اندر ڀارت، بنگلاديش پاڪستان، نيپال، مالديپ ۽ سري لنڪا جا رهواسي بہ يورپ تائين ريلوي سفر ڪري سگهندا ۽ واپار جي لحاظ کان مال گاڏيون بہ هلايون ويندون. اهڙي طرح پاڪستان بندرگاهہ ”گوادر“ جي ويجهو خليج فارس ۾ آبنائي هرمز ۾ سامونڊي پٽي ايتري تہ سوڙهي آهي، جو بعض جاين تي جيڪڏهن بہ سامونڊي جهاز روڪيا وڃن تہ عرب ملڪن مان تيل جي سپلاءِ ۽ تجارت منقطع ٿي سگهي ٿي. ايران سياسي لحاظ کان دنيا جي گلوبل سياست ۾ اهميت اختيار ڪري ويو آهي تہ هن جو اثر عراق، لبنان ۽ فلسطين تي پئجي رهيو آهي ۽ ميزائل ٽيڪنالاجي ۾ ايران ايترو باصلاحيت ۽ مضبوط ٿي چڪو آهي جو سمنڊ ۾ ڪافي پري تائين دشمن کي روڪي سگهي ٿو. تازو لبنان- اسرائيل جنگ ۾ ايراني ميزائلن جي ڪري اسرائيل کي ذلت آميز شڪست ملي. ايران اڄ هڪ اهڙي طاقت بڻجي ويو آهي، جيڪو هن خطي ۾ آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن لاءِ هڪ مضبوط چئلينج آهي. ايران کي ايٽمي قوت ناهي، پر عالمي سطح تي ايٽمي صلاحيتن جي معائني کان منع ڪرڻ جي عمل ڪري هاڻ عالمي سطح تي آمريڪا، برطانيا ۽ اسرائيل ۾ ڪافي پريشاني ۽ ڳڻتي آهي. جيستائين عالمي سياسي ۽ خارجي محاذن جو تعلق آهي تہ اها بدقسمتي چئبي تہ ايران کي اقوام متحده جي سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ سفارتي طور تي ناڪامي نصيب ٿي آهي، جنهنڪري ايران تي پابنديون وجهڻ جو فيصلو ٿيو. ايران کي ”يورپي يونين“ مان اميد هئي، پر انهن ايران کي مايوسي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏنو. روس ۽ چين ٻنهي ملڪن مان ڪنهن بہ ملڪ ايران جي ايٽمي پروگرام جي حوالي سان حمايت نہ ڪئي. ايران پنهنجي ايٽمي تنصيبات جي معائني جي باري ۾ في الحال Yes sir بڻيل آهي. هو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ايران تي حملي جي معاملي ۾ شايد آمريڪا جي ها ۾ ها نہ ملائي، ڇاڪاڻ تہ ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملي جي نتيجي ۾ پاڪستان ”خانہ جنگي“ (Civil War) جو شڪار ٿي سگهي ٿو. حڪمران توڙي حزب اختلاف اها ڳالهہ سمجهن ٿا. هن وقت ايران جي پاڙيسري ملڪن ۾ گهڻو ڪري سڀ اسلامي ملڪ آهن، پر ترڪي، پاڪستان، عراق ۽ افغانستان ۾ آمريڪي اثر وڌيڪ آهي، جڏهن تہ ترڪمانستان، آذربائيجان، آرمينيا، قازقستان تي روس جو اثر وڌيڪ آهي. دنيا ۾ 1990ع کان پوءِ سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ ”گلوبل وليج“ ۽ ”نيو ورلڊ آرڊر“ (New World Order) جي نعرن جي پاڇولي ۾ آمريڪا دنيا ۾ Uni_Polar Super Power بڻجي چڪو آهي. هو روس جيڪو ”مظلوم قومن، غلام ملڪن“ جي آس ۽ اميد هو، صرف پنهنجي وجود جي بچاءَ تائين محدود ٿي چڪو آهي. آمريڪا ۾ چاهي ڊيموڪريٽڪ پارٽي برسراقتدار هجي يا ريپبليڪن، اُنهيءَ جي ڦرلٽ، استحصال ۽ دنيا کي ”مارڪيٽ اڪانامي“ جي نالي تي غلام بڻائڻ واري پاليسي ۾ ڪا تبديلي نہ ايندي. پاڪستان جو هر سولين يا نان سولين فرد هجي يا پارٽي، انهن کي اها پلي پٽ پروڙ آهي تہ ”اسلام آباد“ پهچڻ جو ذريعو وايا ”واشنگٽن“ آهي، انڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کان نيشنل عوامي پارٽي تائين ڪابہ پارٽي پاڪستان جي Mass Power تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نہ ئي آمريڪا جي مفادن خلاف ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي. پاڪستان ۾ اقتداري ڌر هجي يا حزب اختلاف رڳو عوام ۾ Face Saving لاءِ پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ايران تي آمريڪي، اسرائيلي حملي خلاف بيان بازي تہ ڪري سگهن ٿا، پر عملي طرح عوام کي آمريڪي سامراجي پاليسين خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. منهنجي راءِ مطابق، ايران تي آمريڪي اسرائيلي حملي جي صورت ۾ پاڪستان جو عوام خودبخود بغير سياسي قيادت جي ڊگهي ويڙهہ وڙهي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ دنيا جي مظلوم انسانن کي ايران جي 1998ع ۾ امام خمينيءَ جي قيادت ۾ آيل انقلاب متاثر ڪيو آهي. لبنان ۾ اسرائيل جي تازي شڪست کانپوءِ ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ آمريڪي پاليسين جي ناڪاميءَ کانپوءِ هر باشعور انسان جيڪو استحصال، ذلت ۽ غلامي ۾

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قاتل آهي، اهو پاڻ کي نئين سر منظم ڪري وري اهو عزم ڪري اٿڻ ۽ وڙهڻ لاءِ تيار آهي ته سامراجيت ۽ بدبودار ذلت آميز ”سياسي نظام“ مان جند آجي ٿي سگهي ٿي ۽ روس جي ٽُٽڻ ڪانپوءِ مظلوم قومن ۽ غلام ملڪن ۾ جيڪا مايوسيءَ جي هوا هلي هئي، اها هاڻي هڪ ”اميد افروز انقلاب“ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته ”جڏهن ماڻهو غلامي جي پنجوڙ مان آزاد ٿيڻ لاءِ وڙهڻ جي واٽ وٺندا آهن ته پٿرن سان جهاز ڪيرائيندا آهن ۽ هٿن سان ٽينڪون اٿلائيندا آهن.“ پاڪستان جو عوام گذريل 60 سالن کان سياسي، اقتصادي ۽ سماجي غلامي ۾ رهي بک، بيماري، ناداري ۽ بيوسيءَ جي اوڙاهه ۾ سڙي بيدار ٿي چڪو آهي ۽ پاڪستان جي آباديءَ جي اڪثريت ايراني انقلاب کان متاثر آهي، انڪري ايران تي حملي جي صورت ۾ موجوده هلندڙ بيچينيءَ کان وڌيڪ ڪو انتهائي رستو اختيار ڪري سگهي ٿي، جيڪو پاڪستان لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اوشو جي فلسفي جهڙو انسان

اوشو درست چيو آهي تہ انسان جمڻ کانپوءِ مسلسل مرندا رهن ٿا ۽ مرڻ جو عمل تڪميل تي تڏهن ئي پهچي ٿو جڏهن جسم مان روح پرواز ڪري وڃي ٿو. هو ان لاءِ جيڪي دليل ڏئي ٿو انهن جو اختصار ڪجهہ هن ريت بيهي ٿو: ڪو ماڻهو يونان (پنهنجي گهر) مان ممبئي وڃڻ لاءِ نڪري ٿو تہ ان جو سفر شروع ٿي وڃي ٿو. ان جو هر قدم ممبئيءَ ڏانهن آهي ۽ ان سفر جو اختتام تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو ممبئي پهچي وڃي ٿو. اهڙي ريت جمڻ کان پوءِ انسان جو موت ڏانهن سفر شروع ٿي وڃي ٿو. مرڻ وارو عمل شروع ٿي وڃي ٿو ۽ مرڻ واري عمل جي انتها تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن روح گهر ۾ هڪ سرد جسم ۾ سوين سوڳوار اکيون ڇڏي وڃي ٿو. اياز موت کي ڪارو اداس حبشي ٿو سڏي، ڪي ماڻهو اجل جي آجيان ڪندا آهن، ڪن کي موت ماري ويندو آهي ۽ ڪي وري موت کي ماري هميشہ لاءِ امر ٿي ويندا آهن. سنڌ ۾ سوين اهڙا آدرشي انسان رهيا آهن، جن کي موت مات ڏيئي ناهي سگهيو. اهي اڃا بہ ماڻهن جي يادگيرين ۾ زندهہ آهن. مون پنهنجي اڳوڻي ڪالم ۾ ڊاڪٽر شڪور دائود پوٽي جو ذڪر ڪيو هو. سنڌ جي ساڃهہ وند ماڻهن جي ڏاهپ ۽ شعور تي سندس محنت جا نقش اڃا بہ موجود آهن. مون جڏهن اهو ڪالم لکيو هو تڏهن منهنجي وهم ۽ گمان ۾ ئي نہ هو تہ منهنجي ان ڪالم جي ڇپجڻ کان ترت ئي مون کي هڪ ٻئي عظيم انسان محمد علي اعجاز جي وڇوڙي جي خبر ملندي. محمد علي اعجاز هڪ عظيم انسان هو. هو انهن عظيم انسانن مان هو، جيڪي ذهن تيار ڪندا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهن، انهن کي پختگي عطا ڪندا آهن ۽ انهن جي تربيت ۽ تعمير ڪندا آهن. پيشي جي لحاظ کان تہ هو هڪ پروفيسر هو پر اهڙو پرفيڪٽ انسان، جيڪو موت جي خوف ۽ مصلحت توڙي مجبوريءَ کي فتح ڪري چڪو هو. جيڪا ڳالهہ سندس بيباڪ لهجي ۽ پرخلوص عمل مان واضح هئي. هن جي روزمره جي معمول ۽ لغت ۾ ”ناممڪن“ جهڙو لفظ ئي نہ هو. اوشو سان پلي ڪنهن جا لک اختلاف هجن، پر اوشو جو فلسفو اهڙو آهي، جيڪو هر دل ۾ قبوليت ماڻي، اتي جاءِ جوڙي ٿو وٺي. محمد علي اعجاز بہ اوشو جي فلسفي جهڙو انسان هو. سندس مخالف بہ سندس محبت جا معترف آهن. اوشو چوي ٿو: ”هڪ لوهار وڏي هٿوڙي سان لوهہ جي گرم ٽڪري کي سانداڻ تي رکي ڌڪ هڻي رهيو هو. لوهار کان ڪنهن پڇيو، ”اهو ڌنڌو ڪڏهن کان پيو ڪرين؟“ ”ست ئي پيڙهيون ان ئي ڪرت سان لڳل رهيون آهن.“ لوهار وراڻيو.

لوهار کان همراهہ وري پڇيو، ”پلا ٻڌاءِ، هيستائين تو پنهنجي عمر ۾ ان ڌنڌي ۾ گهڻا هٿوڙا ڀڳا آهن؟“ لوهار جواب ڏنو: ”ڪئين هٿوڙا ٽُٽي ويا.“ ”۽ ساندڻ؟“ همراهہ پڇيو. لوهار وراڻيو: ”اها هڪڙي ئي ساندڻ آهي، جيڪا هلندي اچي.“

ساندڻ سهي ٿي، انڪري برقرار آهي. برداشت ڪري ٿي، انڪري ان کي نڪي لهر نڪي لوڏو، باقي هٿوڙا هڻڻ تا، اهي ٽُٽي وڃن ٿا. اهو ئي اصول فرد جي زندگيءَ سان بہ لاڳو ڪري سگهجي ٿو. جيڪو ٻين کي ڏکوئي ٿو، ڏک ڏئي ٿو، اهو فنا ٿي وڃي ٿو. سهپ ۽ برداشت کي ئي بقا آهي. اوشو جي اها تحرير جڏهن ياد ايندي اٿم تہ مون کي محمد علي اعجاز بہ ان ساندڻ جهڙو شخص لڳندو آهي، جنهن کي مخالفت جا ڪي بہ هٿوڙا ٽوڙي ڀڃي پوري نہ سگهيا. ه ُو اڏول هو ۽ آخر تائين اڏول رهيو.

ڪجهہ ڏينهن اڳ مغرب مهل جيئن ئي گهر پهتس تہ فون جي گهنٽي وڳي. فون اسان جي هڪ ڀيڻ فريده مشتاق ڪيو هو. جنهن روئندڙ آواز ۾ چيو تہ: ”لياقت ڀائي! محمد علي اعجازڀائي ڪا آج تين بجہ انتقال هوگيا هي.“ مونکي يقين ئي نہ پيو اچي. محمد علي اعجاز جي گهر جي ايڊريس بہ ڀيڻ فريده مشتاق ٻڌائي. ڀيڻ فريده مشتاق ڪي ٿي اين جي ماڊل ۽ فنڪار

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

علي حماد جي والده آهي. مان تڙ تڪڙ ۾ وضو ڪري رب جو نالو وٺي گهران رڪشا ۾ نڪتس. ”پڇڻا نہ منجهڻا“ جي اصول تي هلندي ان جاءِ تي آيس، جتي تڏي تي دوست اڳ ۾ ويٺل هئا. مون صرف تڏو ساهہ پريو. ل ُڙڪن اکين مان وهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون انهن کي روڪي ورتو ڇاڪاڻ تہ ڪيڏو غم ملي. مان روئندو نہ آهيان. بلڪ غم کي طاقت ۾ بدلائڻ جو قائل آهيان. علي اعجاز جي ڪهڙي تعريف ڪجي؟ هن پنهنجي سڄي ڄمار ۾ ڪنهن کي بہ نہ رنجايو. موت برحق آهي. جيڪو انسان هن دنيا ۾ آيو آهي، انهيءَ کي واپس پنهنجي اصل ماڳ ڏي ورڻو آهي، پر اوچتو وڇڻ وارا هڪڙو اهڙو زخم ڏيئي ويندا آهن، جنهن جو ڪوبہ علاج نہ ٿي سگهندو آهي. محمد علي اعجاز جو وڇوڙو وسري نہ سگهندو. ه ُو پاٻوهہ جو هڪ ڪکر هو جيڪو بنا ڪنهن امتياز ۽ ڪينہ پروريءَ جي سنڌ تي ڏاهپ ۽ ساڃاهہ جو وڏ ڦڙو وسائي هليو ويو. اسان سڀ سندس مقروض آهيون. جنهن نئين نسل کي س ُرت، ساڃاهہ جي پهرين ڦرهي پڙهائي. افسوس جو ڪيس ياد ڪرڻ لاءِ اسان جي هن نئين پيڙهيءَ وٽ وقت ئي ڪونهي. ڏک اهو آهي تہ هاڻي اها طلب ۽ تڙپ بہ نہ رهي آهي، جيڪا منزل تائين رسائيءَ لاءِ اتساهي. حقيقت ۾ ماڙيون نٿون ماڙين پر مارن جي م ُنجهہ ماريو وجهي. هن وقت جڏهن ”بازار“ ۾ هر شيءِ تي ”براءِ فروخت“ جو اسٽيڪر نظر اچي ٿو، اتي محمد علي اعجاز جي ڏاهپ ۽ ضمير هر قيمت کان مٿانهون هو. محمد علي اعجاز جي اصلاح ۽ تنقيد جو انداز بہ ان شخص وارو هوندو هو. جيڪو قتل بہ ڪندو آهي، تڏهن بہ پيار سان. محمد علي اعجاز عملي ماڻهو هو. ڪيس بي عمل جذباتيت ۽ لفاظيءَ کان چ ِڙ هوندي هئي. محمد علي اعجاز علم ۽ ڏاهپ جي روشنيءَ سان منور سنڌ جا خواب ڏسندڙ شخص هو. هن آخر تائين پنهنجي نيڻن جي ان آس، تڙپ ۽ اتساهہ کي موت اچڻ نہ ڏنو.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اسان لوچيون لوهه ۾

ڪنهن بہ مهذب ملڪ ۾ استادن کي عزت و احترام جي نگاهن سان ڏنو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ استاد انهن ڪارخانن جا ڪاريگر آهن، جتي ملڪي ذهن تيار ٿين ٿا. سنڌ حڪومت تازو هڪ غير آئيني ۽ غير قانوني نوٽيفڪيشن ذريعي تعليم کاتي جي زير اهتمام تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ استادن جي تنظيمن تي اهو سبب ڄاڻائي تڙ تڪڙ ۾ پابندي وجهي ڇڏي تہ استاد تنظيمون سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. هن آمرانہ قدم کڻڻ کان اڳ هي بہ ضروري نہ سمجهيو ويو تہ پابندي جي حوالي سان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ها، يا ڪابينہ جي ڪنهن بہ اجلاس ۾ هن اهم فيصلي تي نہ بحث ڪيو ويو نہ سنڌ سرڪار ۾ شامل اتحادي ڌرين متحده قومي موومينٽ، فنڪشنل مسلم ليگ، پاڪستان پيپلز پارٽي پيٽرياٽ يا پاڪستان نيشنل پارٽي کي اعتماد ۾ ورتو ويو. هن پابنديءَ جو دلچسپ پاسو هي تہ تعليم کاتي جي ڪنهن بہ تنظيم کي "شوڪاز نوٽيس" جاري نہ ڪيو ويو. پابندي جو هي اوچتو تڙ تڪڙ وارو اعلان صرف سنڌ ۾ نافذ ڪيو ويو ۽ پاڪستان جي ٻين اڪائي وحدتن ۽ آزاد ڪشمير ۽ فاٽا ۾ ڪم ڪندڙ استاد تنظيمن تي پابندي نہ وڌي ويئي، ڇا اسانجا ملڪي حڪمران هن فيصلي سان اهو تاثر ڏيڻ چاهين ٿا تہ سنڌ سندن "مفتوحہ علائقو" يا "ڪالوني" آهي.

تعليم جو شعبو حڪومت جو اهم ترين شعبو سمجهيو ويندو آهي. سنڌ جي "بجيٽ بُڪ" مان اندازو لڳائبو تہ تعليم کاتي ۾ ٽن لکن کان مٿي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

استاد ۽ ملازم ڪم ڪن ٿا. جڏهن تہ سڄي صوبي ۾ سوا پنج لک ملازم سنڌ حڪومت جي ماتحت آهن. تعليم جي شعبي جو تعلق آبادي جي هر ”ڪلاس“ سان هوندو آهي. ٻهراڙي هجي يا شهر، امير هجي يا غريب، تعليم حاصل ڪرڻ هر فرد جو سونهري خواب آهي ۽ بنيادي حق پڻ. هن شعبي جي ذميوارين ۾ تعليمي، تدريسي ۽ انتظامي معاملن سان گڏوگڏ نئين نسل جي تعمير ڪرڻ پڻ شامل آهي. اهي سڀئي اهم مقصد انهيءَ وقت تائين حاصل نٿا ٿي سگهن، جيستائين استاد ذهني يڪسوئي ۽ احساسِ ذميواري سان پنهنجي پيشور صلاحيتن جو استعمال نٿا ڪن. هر تهذيب ۽ هر سماج ۾ استاد کي قوم جي معمار جو درجو ڏنو ويو آهي. سنڌ جي تعليمي صورتحال جو حقيقت پسندي سان جائزو وٺنداسين تہ اکين ۾ لڙڪ تري ايندا. پوتارن ۽ بيوروڪريسي جي ڪل پُرزن تعليم جهڙي نازڪ شعبي سان جيڪي جبري ڏاڍايون ڪيون آهن، انهيءَ سان سنڌ جو تعليمي نظام پڄي پور پور ٿي چڪو آهي. پرورشِ علم جي خواهش کان محروم بيوروڪريسي ۽ سنڌ دشمن پوتارن ۽ بي ايمان حڪومتي اهلڪارن ڪڏهن بہ تعليمي ادارن جي تعمير ۽ ترقي ڏانهن سنجيدگيءَ واري نگاهہ سان نہ ڏٺو آهي. استادن کي بيوروڪريسيءَ جو حقير ملازم سمجهيو ويو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن پاليسي جوڙڻ ۾ ان کي شامل نہ ڪيو ويو. بيوروڪريسي جون حرص ۽ لالچ سان پرپور نظرون رڳو تعليمي بجيٽ ”ورلڊ بينڪ“، ”ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ“ جي فنڊن تي رهيون. سال 05 – 2004ع جي بجيٽ ۾ تعليم لاءِ 22 ارب رپيا مخصوص ڪيا ويا، جيڪو سالانہ ترقياتي پلان اي ڊي پي جو صرف 15 سيڪڙو هو. هن بجيٽ مخصوص ڪرڻ جي اهم مقصدن ۾ تعليمي نظام کي بهتر بڻائڻ، تعليم جو معيار وڌائڻ ۽ تعليم کي ٻهراڙي جي هر ڳوٺ تائين پهچائڻو هو. تعليم جي ترقيءَ لاءِ نوڪرشاهيءَ جن قدمن جو اعلان ڪيو ان جو مکيہ مقصد تعليم جي ترقي هو پر عملي طور تي اهو بيوروڪريسي جي ڪل پُرزن جي بينڪ بيلنس وڌائڻ وارو عمل هو. سنڌ ۾ مفت ڪتاب ڏيڻ لاءِ 226 ملين رپيا رکيا ويا تہ جيئن سنڌ جي 28 ملين ٻارن کي فائدو پهچائي سگهجي. DEEP اسڪالرشپ جي پروگرام تحت نياڻين جي تعليم جي Drop out کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

روڪڻ لاءِ في نياڻي 1000 رپيا اسڪالرشپ ڏيڻ لاءِ 179 ملين رپيا رکيا ويا، جنهن مان سنڌ جي 178339 نياڻين کي اها رقم ملڻي هئي. غربت ۽ ميرٽ جي بنياد تي 10 ملين رپيا اسڪالرشپ جي مد ۾ رکيا ويا. 450 ملين رپيا پرائمري اسڪولن جي حالت بهتر بنائڻ، اسڪول مئنيجمنٽ ڪميٽين لاءِ رکيا ويا ۽ بند پيل تعليمي ادارن کي ٻيهر فنڪشنل بڻائڻ لاءِ 500 ملين رپيا رکيا ويا. 50 ملين رپيا 12000 استادن جي تربيت لاءِ مخصوص ڪيا ويا. وفاقي حڪومت 250 ملين رپيا سنڌ حڪومت کي "ايجوڪيشن سيڪٽر ريفارمس پروگرام" "ESR" تحت ڏنا ويا ته سنڌ ۾ جهالت کي گهٽائڻ لاءِ تعليم ِ بالغان جا مرڪز کوليا وڃن. جيڪڏهن 2004-05 جي بجيٽ ۾ رکيل رقم جو حساب اسان سنڌ جي موجوده وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم کان گهرڻ جو حق رکون ٿا. چاڪاڻ ته اها رقم عوام تي مڙهيل ٽيڪسن مان وصول ٿي هئي. سال 2005ع جي بجيٽ ۾ تعليم لاءِ 23.3 بلين رپيا رکيا ويا. هن سال بجيٽ رقم رکڻ جو مقصد ته تعليمي ادارن ۾ داخلا لاءِ گهٽي ۾ گهٽا ٻار اچن. "Drop Out" کي روڪي سگهجي ۽ جنس جي بنياد تي روڪ کي ختم ڪري سگهجي ۽ تعليم جو معيار بهتر بنائي سگهجي. داخلائن جو انگ 3.35 ملين مان 3084 ڪرڻو هو. پرائمري سطح تي داخل ٿيل ٻارن جي تعليم ڇڏڻ جي سراسري 19 سيڪڙو مان گهٽائي 17 سيڪڙو ڪرڻي هئي. 1101 عمارتن کان سواءِ هلندڙ پرائمري اسڪولن جون عمارتون ٺاهي ڏيڻيون هيون ۽ 452 نوان اسڪول کولڻا هئا ۽ بند پيل 6900 اسڪولن مان 3700 اسڪولن کي "فنڪشنل" بنائڻو هو. اسڪول مينجمينٽ ڪاميٽين لاءِ 0.5 بلين مهيا ويا ڪيا. 0.25 بلين رپيا ٻارن کي مفت ڪتاب فراهم ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا. 0.19 بلين مڊل اسڪولن ۾ زير تعليم نياڻين لاءِ 0.19 بلين رپيا هائر سيڪنڊري تعليم جي اسڪولن ۾ زير تعليم نياڻين لاءِ مخصوص ڪيا ويا. 0.60 بلين رپيا استادن جي ترتيب لاءِ مخصوص ڪيا ويا ته استادن جي پڙهائڻ واري معيار کي بهتر بنايو وڃي. سال 2006-07ع جي بجيٽ ۾ ساڳي حڪومت چيو ته تعليم جي ڪوالٽي انڪري ناقص آهي ته ان جي سنڀال، نگراني ۽ انتظام ناقص آهن. تعليمي ادارن جي تباهي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انڪري ٿي آهي تہ تعليم کاتي جو ”مانيٽرنگ“ جو نظام اٽپورو رهيو آهي ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي جانچ نہ ڪئي ويئي آهي. موجوده سنڌ حڪومت دعويٰ ڪئي تہ هاڻ ٻارن جو تعداد بہ اسڪولن ۾ وڌايو ويندو استادن جي ڀرتي جي نظام کي پڻ بهتر بڻايو ويندو ۽ اسڪول انتظاميہ کي ”اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽين“ ذريعي بهتر بڻايو ويندو. نياڻين کي اسڪالرشپ ڏيڻ جو سسٽم فول پروف بڻايو ويندو ۽ ٻارن کي مفت ڪتاب ڏيڻ واري سسٽم کي بہ بهتر بڻايو يوندو. پهرين ڪان ڏهين ڪلاس جي ٻارن ۾ مفت ڪتاب ورهائڻ لاءِ 609 ملين رپيا مخصوص ڪيا ويا، 357 ملين رپيا هر نياڻي کي 1000 رپيا اسڪالرشپ ڏيڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا. پر سندن اهي واعدا واعدا ئي رهيا. اڄ ڏينهن تائين 6900 اسڪول بند پيا آهن. تعليمي سال گذري ويو. هڪ نياڻي کي بہ اسڪالرشپ نہ ملي. PITE کي جيڪا استادن جي تربيت لاءِ رقم ڏني ويئي، اها مٿي کان وٺي هيٺ آفيسرن ۾ حصو پتيون ٿي ويئي. اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين لاءِ رکيل ڪروڙ رپيا سيڪريٽريٽ کان هيٺ ضلعي سطح جي آفيسرن ۾ ڀِڳڙن جيان ورهايا ويا. عالمي بئنڪ جيڪا سنڌ جي تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ وڏي رقم ڏئي ٿي، ان جي سربراهہ سنڌ سيڪريٽريٽ جي هڪ اجلاس ۾ جنهن ۾ موجوده وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم موجود هو چيو تہ سنڌ تباهيءَ ڏانهن وڃي رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ تعليم جي ترقي لاءِ رکيل رقم غبن ڪئي ويئي آهي. ڇا اهي سنڌ جي تعليم لاءِ رکيل اربين رپيا استادن هڙپ ڪيا يا تعليم کاتي جي ڪرتائن ۽ ڌرتائن ڪيا.

اسان استاد پنهنجي صفائي ۾ ڪجهہ ڪونہ ٿا چئون تہ اسان تعليم جي تباهي ڪئي آهي، پر جيڪڏهن موجوده وفاقي حڪومت سنڌ جي تعليم لاءِ سنجيده آهي تہ اعليٰ اختياراتي ڪميشن مقرر ڪيو وڃي، اهو انهن فنڊن جي آڊٽ ڪرائي تہ سال 05_2004ع کان وٺي 06_ 2005ع تائين تعليم جي مختلف مدن ۾ رکيل اربين رپين جي رقم ڪنهن هڙپ ڪئي؟ جيڪڏهن ڪنهن بہ ذميوار فرد تي اهو ڏوهہ ثابت ٿئي تہ تعليم کي تباهہ ڪرڻ ۾ انهن جو هٿ آهي تہ ان کي سنڌ جي عوام آڏو سرعام ڦاهي چاڙهيو وڃي، چاهي اهو وزير تعليم هجي يا ڪو ننڍو ڪارندو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سيڪريٽري تعليم هجي يا ضلعي سطح جو ننڍو ڪامورو. اسان تي جيڪي سنڌ سرڪار الزام لڳايا آهن، اڄ بہ اسان سنڌ جي وڏي وزير ڪي آڇ ٿا ڪريون تہ سنڌ جي غير جانبدار تعليمي ماهرن، دانشورن، ۽ اديبن جو هڪ قومي جرڳو جوڙيو وڃي. جيڪڏهن اسان تي اهو ثابت ٿئي تہ تعليم جي تباهي جا ذميوار سنڌ جا ٽي لک استاد آهن تہ اسانکي سنڌ جو قسم آهي تہ سنڌ جي تعليم خاطر اسان پنهنجون تنظميون پاڻ ختم ڪنداسين، ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي تعليم ڪان مٿي ڪابہ شيءِ مقدس ناهي، پر جيڪڏهن ڪو الزام ثابت نہ ٿئي تہ انهن خفيہ هٿن کي بينقاب ڪري عوام آڏو ڪين سنگسار ڪيو وڃي، جن سنڌ جي وڏي وزير کي غلط مشورو ڏيئي ابهرائيپ وارو فيصلو ڪرايو آهي ۽ استاد تنظيمن تي پابندي وڌي آهي ۽ استادن کي ڪاري قانون تحت انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو آهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نڌڙڪا گهوڙا، غيباڻا سوار

پاڪستان ۾ هر سولين يا نان سولين حڪمران جڏهن اقتدار ۾ ايندو آهي تہ پنهنجون پاليسيون نافذ ڪندو آهي. جنرل پرويز مشرف بہ هڪ خاص ايجنڊا تحت اقتدار تي قبضو ڪيو. هن جي پاليسين ۾ هي اهم ڳالهيون شامل هيون: ملڪ جا سڀ پيداواري ادارا نجي مالڪن حوالي ڪيا وڃن, پبلڪ سيڪٽر ۾ فوج ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ادارو نہ هجي. گذريل ستن سالن ۾ بئنڪون, ڪارخانا ۽ ٻيا ڪيترا سرڪاري ادارا فروخت ڪيا ويا آهن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي آمد کي همٿايو ويو آهي. سڄو ملڪ نيلام گهر بڻيل آهي, هر پبلڪ سيڪٽر ۾ موجوده ادارن جا واڳ لڳي رهيا آهن. تعليم جهڙي اهم شعبي متعلق بہ جيڪي پاليسيون جوڙيون ويون آهن, انهن ۾ 1972ع ۾ قومي ملڪيت ۾ ورتل تعليمي ادارن کي واپس سرمائيدارن ۽ سيٺين کي ڏيڻ, تعليمي ادارن کي اين جي اوز جي حوالي ڪرڻ ۽ انهن لاءِ بورڊ آف گورنرس ٺاهڻ ۽ تعليمي اداري ۾ پرائمري استادن کان وٺي ليڪچررن جي ڀرتي ڪنٽريڪٽ (Contract) تي ڪرڻ شامل آهي. هن پاليسي تحت ڪيترا تعليمي ادارا پرائيويٽ سيڪٽر جي حوالي ڪيا ويا آهن.

گذريل سالن ۾ هزارين پرائمري ۽ سيڪنڊري استاد ٻن سالن جي ڪنٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيا ويا, ڪنٽريڪٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ انهن کي گهر ويهڙو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ساڳي طرح ڪاليج سائيڊ تي 741 ليڪچررن کي Contract تي ٽن سالن لاءِ ڀرتي ڪرڻ جو اشتهار شايع

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪيو ويو. تحريري ٽيسٽ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ انهن ليڪچررن کان زباني انٽرويو ورتو ويو. زباني انٽرويو وٺندڙ ٽيم ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر شامل ڪيا ويا. هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اها هئي تہ Writen Test ۾ گهٽ مارڪون رکيون ويون ۽ زباني انٽرويو ۾ وڌيڪ مارڪون رکيون ويون. هن انٽرويو ۾ 741 مرد ۽ خواتين ليڪچرار ڪامياب ٿيا ۽ کين تعليم کاتي طرفان ٽن سالن جي ڪنٽريڪٽ تي ڀرتي جا آفر ليٽر پڻ موڪليا ويا. پوليس طرفان انهن جي تصديق پڻ ڪرائي ويئي ۽ ميڊيڪل بورڊ کان هيلٿ سرٽيفڪيٽ پڻ ورتا ويا. سنڌ حڪومت جي ڪابينہ ۾ اوچتو تبديلي آئي. عرفان الله مروت جي جاءِ تي ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ کي تعليم جي وزارت ڏني ويئي. انٽرويو ۾ ناڪام ٿيندڙ ڪجهہ اميدوارن سنڌ سرڪار کي درخواستون موڪليون، جن ۾ اهو الزام عائد ڪيو ويو تہ ڪنٽريڪٽ تي جيڪي 741 ليڪچرر ڀرتي ويا ڪيا آهن، انهن کي سياسي سفارشن جي بنياد تي ڀرتي ڪيو ويو آهي ۽ ڪجهہ اميدوارن کان 80 هزار کان وٺي هڪ لک رپين تائين رقم وصول ڪئي ويئي آهي. ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ جي حڪم تي ڪنٽريڪٽ ليڪچرارن جي ڀرتي روڪي ويئي ۽ اميدوارن جي رڪارڊ جي جانچ پڙتال جو فيصلو ڪيو ويو ۽ بعد ۾ انهن کان ٻيهر انٽرويو وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

تعليم کاتي جي هن فيصلي ڪانپوءِ ڪامياب ٿيل ڪنٽريڪٽ تي ڀرتي ٿيل ليڪچرارن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنٽريڪٽ ليڪچرارن جي وڪيل ۽ سرڪاري وڪيل درميان هڪ سمجهوتو ٿيو تہ في الحال ڪنٽريڪٽي ليڪچرارن کي ايڊهاڪ طور تي 6 مهينن لاءِ بطور ليڪچرار ڀرتي ڪيو ويندو. ڪنٽريڪٽي ليڪچرارن مجبوري تحت هي فيصلو قبول ڪيو. تعليم کاتي طرفان انهن ليڪچرارن کان 6 هزارن کان 8 هزارن تائين پيسا وٺي پنهنجي پسند جي پوسٽنگ ڏني ويئي، نتيجي طور ايڊهاڪ ليڪچرارن جي اڪثريت کي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻي جي بوائز ۽ گرلز ڪاليجن ۾ پوسٽ ڪيو ويو. هڪ غلط منصوبي بندي تحت جن ليڪچرارن کي ڪاليجن ۾ ڀرتي ڪيو ويو انهن ڪاليجن ۾

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ليڪچرار جي ڪابہ پوسٽ خالي نہ هئي، جيئن تہ هر ڪاليج ۾ فنانس ڊپارٽمينٽ ڪان منظور ٿيل پوسٽون هونديون آهن. ڪاليجن ۾ وڏيڪ ايڊهاڪ ليڪچرارن جي پوسٽنگ ڪري ليڪچرارن جي اڪثريت ڪي پگهار نہ ملي سگهي. سپلا جي ڪوشش سان ڪجهہ ضلعن ۾ خالي پيل پروفيسرن جي پوسٽن آڏو ڪين پگهار ڏياري ويئي پر اجا بہ ڪيترن ضلعن ۾ ليڪچرارن جي پگهار بند آهي. 741 مان اجا بہ هڪ سؤ ليڪچرار اهڙا آهن، جن کي تعليم کاتي طرفان ڪابہ پوسٽنگ نہ ڏني ويئي آهي ۽ اهي هر روز سيڪريٽري تعليم جي دفتر جو طواف ڪندا رهن ٿا. تعليم کاتي جي نااهلي ۽ ڪرپشن ڪري ڪراچي سميت اندرون سنڌ جا ڪيترائي اهڙا ڪاليج آهن، جتي سائنس جا استاد ناهن. ڪيترا دفعا استادن جي ڪوٽ جي مسئلي ڏانهن وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم جو ڌيان ڇڪايو ويو پر ڪو ڪڻ تيل نہ نڪتو. تعليم کاتي جي غلط پاليسين ڪري ايڊهاڪ ليڪچرارز شديد ذهني مونجهارن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي ۾ اهو چيو ويو هو تہ ايڊهاڪ ليڪچرارن کي في الحال ڇهن مهينن جي بنياد تي رکيو وڃي. بعد ۾ انهن کي موقعو ڏنو وڃي تہ هو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي انٽرويو ۾ شريڪ ٿين. منهنجي راءِ ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جيڪو بہ فيصلو ڏنو ويو، اهو انصاف تي مبني نہ هو. ننڍي کنڊ جي مشهور مفڪر ۽ عالم مولانا ابوالڪلام آزاد هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "انسان ذات سان ٻن هنڌن تي ناانصافيون ٿين ٿيون: هڪ جنگ جي ميدانن ۾، ٻيو عدالتن جي ايوانن ۾." پاڪستان ۾ عدالتون هميشہ حڪمرانن جي مرضي جي تابع رهيون آهن، جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان ايڊهاڪ ليڪچرارن جي مسئلي تي غور ڪيو وڃي ۽ ان جي هيٺين پهلوئن کي سامهون رکيو وڃي تہ اسان مثبت نتيجا ڪڍي ايڊهاڪ ليڪچرارن سان انصاف ڪري سگهون ٿا:

1_ ايڊهاڪ ليڪچرارن جي ڀرتيءَ جي اشتهار ۾ اهو واضح طور تي صاف لکيل هو تہ اهي ٽن سالن جي عرصي لاءِ Contract تي ڀرتي ڪيا ويندا.

2_ ايڊهاڪ ليڪچرارن جي تحريري ۽ زباني امتحانن جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪاميابي ڪانپوءِ تعليم کاتي طرفان جيڪو ”آفر ليٽر“ ڪڍيو ويو هو، ان ۾ واضح لکيل هو ته ڪنٽريڪٽ ليڪچرارن کي ٽن سالن لاءِ ڀرتي ڪجي ٿو.

انصاف جي هي تقاضا آهي ته ايڊهاڪ ليڪچرارن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن لاءِ نوڪري ۾ رکيو وڃي. ايڊهاڪ ليڪچرارن کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي جنرل انٽرويو کان مستثنيٰ قرار ڏنو وڃي.

جيڪڏهن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان سندن ميرٽ طئه ڪرائي وڃي ته پوءِ جنرل انٽرويو بدران ڪين هڪ پوسٽ هڪ ليڪچرار جي بنياد تي انٽرويو Fit ۽ Unfit جي بنياد تي ورتو وڃي.

جيڪي 741 (ليڪچرار) ڀرتي ڪيا ويا آهن، انهن کي خالي پيل پوسٽن تي رکيو وڃي. ان لاءِ هر ضلعي ۾مقرري ڪئي وڃي ته جيئن ڪين ريگيولر بنيادن تي پگهار ملي سگهي.

سنڌ ۾ اڳ ۾ هزارين نوجوان بيروزگار آهن ۽ ڪيترا نوجوان بيروزگاري سبب خودڪشي ڪري چڪا آهن. ايڊهاڪ ليڪچرارن کي مڪمل نوڪري جو تحفظ ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته هڪ ليڪچرار کي بيروزگار ڪرڻ پوري خاندان جو معاشي قتل ڪرڻ برابر آهي. سنڌ جي ڪاليجن ۾ ٻن هزارن کان وڌيڪ ليڪچرارن جون جايون خالي آهن. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي موجوده امتحان ۾ جيڪي اميدوار پاس ٿين ته انهن کي خالي پيل جاين تي رکيو وڃي، پر ڪنهن به ايڊهاڪ ليڪچرار کي بيروزگار نه ڪيو وڃي. آئنده ليڪچرارن جي تقرري صرف سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي انٽرويو ذريعي ڪئي وڃي. ايڊهاڪ يا ڪنٽريڪٽ تي ليڪچرارن جي ڀرتيءَ جو سلسلو بند ڪيو وڃي ۽ تعليم کاتي مان ”ايڊهاڪ ازم“ جي پاليسي ختم ڪئي وڃي.

سنڌ جي ڪاليج ايجوڪيشن مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪي آهي 232 ڪاليجن مان 116 ڪاليجن ۾ مستقل پرنسپال ناهن، 33 ڪاليجن کي ڪا مستقبل SNE ناهي. ڪراچي توڙي اندرون سنڌ جي گرلز توڙي بوائز ڪاليجن ۾ سائنس توڙي آرٽس جي مضمونن جي شديد کوٽ آهي. ڪاليج ايجوڪيشن کي ضلعي حڪومتن کان فوري طور تي واپس ڪيو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

وجي ۽ جيئن تہ ڪاليج استادن جي سينيارٽي صوبائي سطح تي آهي، انڪري ڪاليج ايجوڪيشن ڪي ضلعي جاگيردارن، پوتارن ۽ وڏيرن ڪان بچائي صوبائي حڪومت حوالي ڪيو وڃي. ڪاليج ايجوڪيشن جو موجوده انتظامي ڍانچو ختم ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو ۽ سکر ۾ ڌار ڌار ڊائريڪٽوريٽس ڪوليون وڃن.

سنڌ حڪومت وٽ جيڪو ڊائريڪٽر جنرل ۽ ضلعن ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر مقرر ڪرڻ وارو مسئلو زير غور آهي، اهو صرف پئسن جو زيان آهي. هونئن بہ اسان جي تعليم کاتي وٽ اربين رپين جي بجيٽ موجود آهي ۽ ورلڊ بئنڪ، ايشين ڊيويلپمينٽ بئنڪ سنڌ جي تعليم جي سڌاري لاءِ پڻ ڪروڙين ڊالر رقم ڏني آهي، جيڪا ڪميشن ۽ ڪرپشن هيٺ ڪري ضايع ٿي رهي آهي. جيڪڏهن ايمانداري سان جائزو ورتو وڃي تہ موجوده حڪومت جي دور ۾ اربين رپيا خردبرد ڪيا ويا آهن. اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽين SMC جي نالي تي ڪروڙين رپيا تعليم کاتي جا آفيسر کائي ويا آهن. پرائمري، ايلمينٽري، سيڪنڊري ۽ ڪاليج ايجوڪيشن ۾ ڪوبہ سڌارو نہ آيو آهي. صرف ڪوڙن انگن اکرن جي سهاري تي تعليم جي ترقي جا سونهري خواب سنڌين کي ڏيکاريا وڃن پيا. جيتري ڪرپشن سنڌ جي تعليم کاتي ۾ آهي، ايتري شايد پوليس جي کاتي ۾ بہ نہ هوندي. سنڌ جي تعليم لاءِ مونکي صرف هي جملو ياد اچي ٿو جيڪو سپر هاءِ وي تي گڏرنڌڙ هر ٽرڪ مٿان لکيل هوندو آهي. ”چلي جا رهي هين خُدا ڪي سهاري“

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نندڙتڪا گهوڙا، غيباڻا سوار_ قسط 2

پاڪستان جي 58 سالن جي ڄمار ۾ 32 سال حڪومت چئن فوجي جنرلن حڪومت ڪئي آهي ۽ باقي 26 سال حڪومت وزيراعظمن ڪئي آهي. 1937ع جي آئين ناهڻ وقت آئين ۾ آرٽيڪل 6 ۾ اها ڳالهه واضح ڪئي ويئي ته جيڪو ماڻهو آئين کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو يا آئين کي ”منسوخ“ ڪندو ته ان جي هن عمل کي شديد غداري (High Treason) سڏيو ويندو ۽ عوام جي چونڊيل پارليامينٽ ان ڳالهه جي پابند هوندي ته ”شديد غداري“ جي مرتڪب شخص کي سزا ڏيڻ لاءِ مناسب قانون جوڙي. 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 244 ۾ اهو واضح لکيل آهي ته ”آرمڊ فورس“ جو هر ميمبر اهو حلف کڻندو ته هو آئين جي حفاظت ڪندو ۽ آئين تحت مليل فرض سرانجام ڏيندو ۽ آرٽيڪل 245 ۾ اهو صاف صاف لکيل آهي ته ”آرمڊ فورس“ وفاقي حڪومت جي هدايتن مطابق ڪم ڪندي رهندي. 1973ع جي آئين جي سآرٽيڪل 6، 244 ۽ 245 جي باوجود پاڪستان ۾ ٻن فوجي جنرلن اقتدار تي قبضو ڪيو. جنرل ضياءُ الحق 5 جولاءِ 1977ع کان 17 آگسٽ 1988ع تائين ملڪ مٿان زبردستي راڄ ڪندو رهيو. 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل پرويز مشرف اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ اڃا تائين برقرار رکيو اچي.

مغرب جي مهذب ملڪن هميشه پاڪستان ۾ اقتدار تي قبضو ڪندڙ جنرلن جي حمايت ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته هنن کي پنهنجا مفاد پيارا آهن ۽ جمهوريت جي ڀيٽ ۾ مغرب هميشه آمريت جي پٺڀرائي ڪئي آهي. جنرل پرويز مشرف پنهنجي اقتدار کي طول ڏيڻ لاءِ پنهنجو هڪ ”سياسي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نظام“ جوڙيو آهي، جنهن جو سرچشمو جنرل صاحب پاڻ آهي. سڀ ”آئيني ۽ سياسي ادارا“ جنرل صاحب جي تابع آهن. اقتداري توڙي مخالف سياسي پارٽيون ”اسٽئبليشمنٽ“ جي جوڙيل ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيون آهن ۽ جنرل صاحب کان اقتدار ۾ حصو وٺي رهيون آهن. چاڪاڻ ته پاڪستان ۾ هاڻ ڪابه ”ماس پارٽي“ ناهي، جنهنڪي عوام جا مفاد پيارا هجن. هر پارٽي جي ترجيحات مطابق جڏهن 2005ع ۾ نيون چونڊون ڪرايون ويون، هن اليڪشن ۾ وفاقي وزيرن، صوبائي وزيرن، قومي اسيمبلي، صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن حصو ورتو ۽ پنهنجون سيٽون ڇڏي ”ضلعي ناظم“ ٿيڻ کي ترجيح ڏني، چاڪاڻ ته عملي طور تي جيڪي ضلعي حڪومتون جوڙيون ويون آهن، اهي دراصل جاگيردارن، وڏيرن، چوڌرين، پوتارن ۽ سرمائيدارن جون ”سلطنتون“ قائم ٿيون آهن. جن ۾ انهن جي مرضي کانسواءِ پن به نٿو ڇُري سگهي. هن نظام سان جاگيردار، پوتار ۽ وڏيرا وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن، جيڪي پنهنجي سلطنت اندر صوبائي حڪومت جو ڪوبه حڪم يا آرڊر مڃڻ لاءِ تيار ناهن. عملي طور تي ڏٺو وڃي ته هن لوڪل گورنمينٽ نظام جي آڙ ۾ ”ون يونٽ“ جو نئون نظام نافذ ڪيو ويو آهي، چاڪاڻ ته ضلعي حڪومتن کي صرف ۽ صرف وفاقي حڪومتن آڏو جوابده بڻايو ويو آهي، ماضي ۾ ضلعي ناظمن پاڪستان جا 80 ارب خردبرد ڪيا، پر ڪنهن کي ڪجهه نه ٿيو. نئي ضلعي ۾ ڪاليج جي پرنسپال کي ضلعي بدر ڪيو ويو، ضلعي ناظم جي چوڻ تي ڊي سي او يا ٻيا ڪامورا هن کي گورنمينٽ ڪاليج نئون ۾ جوائن نٿا ڪرڻ ڏين. جڏهن ته ويچارو مجبور پروفيسر 31 مارچ تي رٽائر ٿيڻ وارو آهي. هن پرنسپال جو ڏوهه اهو آهي ته هن وزيراعليٰ جي مشير اعجاز شاهه شيرازي ۽ ضلعي ناظم شفقت شاهه شيرازي جي خاندان جي ٻارن کي سنڌ يونيورسٽي جي 2004ع جي ساليانه امتحان ۾ ”غير قانوني ذريعا“ استعمال ڪندي پڪڙيو هو.

ضلعي دادو ۾ گورنمينٽ ڪاليج خيرپورناٿن شاهه جي پرنسپال سان به ضلعي ناظم دادو ساڳيو حشر ڪيو آهي، انتظامي انتقامي ڪاررواين کانسواءِ ڪيترن ڪاليجن جا ترقياتي فنڊ ڊي سي او جي اڪائونٽس ۾ پيل آهن، پر 2001ع کان وٺي اهي ڪاليجن کي نه مليا آهن. ان جو هڪ مثال

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ضلعي حيدرآباد جو آهي، ڪاليجن جي فرنيچر، سائنس جو سامان وٺڻ لاءِ ۽ لائبريرين جا ڪتاب وٺڻ لاءِ صوبائي حڪومت حيدرآباد جي ضلعي حڪومت کي جيڪي فنڊ ڏنا، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

سال 02۔ 2001ع ۾ فرنيچر لاءِ: / 600، 2099 روپيا، سائنس سامان لاءِ: 36000، 51 رپيا، لائبريري جي ڪتابن لاءِ/ 6000، 39 رپيا، ٽوٽل 76 لک 311 هزار 600 رپيا.

سال 03۔ 2002ع ۾ فرنيچر سائنس جي سامان ۽ ڪتابن جي خريداري لاءِ 20 لک رپيا ڏنا ويا.

سال 04۔ 2003ع ۾ فرنيچر، سائنس جي سامان، ڪتابن جي خريد لاءِ 37 لک 75 هزار رپيا ڏنا ويا.

سال 05۔2004ع ۾ هڪ رپيو بہ نہ رکيو ويو. يعني ڪاليجن کي ڪوبہ ساليانو ترقياتي فنڊ نہ ڏنو ويو، اهي پيسا گورنمينٽ بوائز ڪاليج ڪوهسار حيدرآباد، گورنمينٽ بوائز ڪاليج قاسم آباد، حيدرآباد، گورنمينٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊوالهيار، گورنمينٽ گرلز ڪاليج هالا، گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد حيدرآباد، گورنمينٽ بوائز ڪاليج سعيدآباد، گورنمينٽ گرلز ڪاليج لطيف آباد نمبر 8 حيدرآباد، گورنمينٽ ڪاليج مٽياري، گورنمينٽ ڊاڪٽر آءِ ايچ هوم اڪنامڪس ڪاليج حيدرآباد لاءِ صوبائي حڪومت ڏنا هئا.

مٿيان هڪ ڪروڙ 29 لک 52 هزار 600 رپيا گذريل ڇئن سالن کان ڊي سي او حيدرآباد جي اڪائونٽ ۾ پيل آهن. جنهن تان هن کي هر سال لکين رپيا Intrest ملي ٿو. مٿين ڄاڻايل ڪاليجن ۾ ڪلاس لاءِ فرنيچر، ليبارٽريز لاءِ سائنس جو سامان ۽ لائبريرين لاءِ ڪتابن جي شديد کوٽ آهي. وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم جي مٿيون شيون اختيار ۾ آهن پر اهي پيسا ڪاليجن کي نہ مليا آهن، اهو تہ صرف هڪڙي ضلعي حڪومت جي ڪارڪردگي جو نمونو آهي. سنڌ ۾ 22 ضلعن ۾ اهو ئي حشر آهي، ان ڪري ڪاليج استاد ٽن سالن کان اها گهر ڪري رهيا آهن تہ ڪاليج ايجوڪيشن کي ضلعي حڪومتن بدران صوبائي حڪومت حوالي ڪيو وڃي ۽ ڪاليجن جي انتظام هلائڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سکر ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڊائريڪٽوريٽس قائم ڪيون وڃن. انهن کي ميٽرنٽي ليو، ميڊيڪل ليو جي. پي فنڊ ايڊوانس جي منظوري ۾ 17 گريڊ تائين بدلي جا اختيار ڏنا وڃن ته ڪاليجن جو نظام بهتر ٿي سگهي ٿو. تعليم کاتي طرفان جيڪو نئون انتظامي ڍانچو جوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو، ان تحت ڪراچي ۾ هڪ ڊائريڪٽر جنرل جي آفيس کولي ويندي، باقي هر ضلعي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر جي آفيس قائم ڪئي ويندي. منهنجي نظر ۾ ان سان سنڌ جي خزاني تي وڌيڪ بار پوندو، ڇاڪاڻ ته ڪجھه ضلعا اهڙا به آهن، جتي صرف هڪ ڪاليج آهي يا ٻه ڪاليج آهن، مثلاً: نئين قائم ڪيل ضلعي ٽنڊوالهيار ۾ صرف ٻه ڪاليج آهن. ڪاليج ايجوڪيشن ۾ نئين تجربي بدران پراڻيون ڊائريڪٽوريٽس بحال ڪيون وڃن ۽ ڪاليج استادن جي سهولت، انهن کي انتظامي ۽ مالي اختيار ڏنا وڃن. جنهن ۾ گريڊ 11 کان وٺي گريڊ 17 جي تقرري ۽ بدلين جا اختيار ڊائريڪٽر ڪاليجز کي ڏنا وڃن ۽ گريڊ هڪ کان وٺي 10 گريڊ تائين تقررين جا اختيار ڪاليج جي پرنسپالن کي ڏنا وڃن. جيستائين تعليمي ادارا انتظامي ۽ مالي لحاظ کان خودمختيار نه ٿيندا، تيستائين تعليم جو سڌرڻ مشڪل آهي ۽ تعليم کانسواءِ سنڌ پنهنجو ماڳ ماڻي نه سگهندي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اعلان هزارين مان نہ رڳو

سنڌ جي استادن ۽ ملازمن جي آواز دٻائڻ لاءِ تعليم کاتي جي سيڪريٽري سيد غلام علي پاشا هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي، جيڪو منهنجي نظر ۾ غير قانوني ۽ غير آئيني آهي. پاڪستان جي 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 16، 17، 19 ۽ 25 جي نفي آهي. سپريم ڪورٽ آف پاڪستان 2003ع ۾ پنهنجي هڪ فيصلي ۾ چيو آهي تہ ”آئين ملڪ جو سپريم قانون آهي ۽ ان جي برعڪس يا متصادم جيڪو بہ قانون سرڪار طرفان جوڙيو ويندو، اهو غير قانوني هوندو.“ سيڪريٽري تعليم طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جا اهم قانوني نڪتا هن ريت آهن تہ تعليم کاتي ۾ استادن جون غير قانوني تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن، اهي استادن لاءِ ”سوديبازي ڪنڊڙ ايجنٽ“ طور ڪم ڪري رهيون آهن، سوسائٽي رجسٽريشن ايڪٽ 1860 يا سوشل ويلفيئر آرڊيننس تحت استادن کي ڪو حق حاصل ناهي تہ اهي يونين جوڙي سگهن. سنڌ سول سرونٽ ايڪٽ 1973ع تحت سرڪاري ملازم انهيءَ ڳالهہ جا مجاز ناهن تہ اهي يونين جوڙي سگهن. جيڪڏهن ڪو استاد هن پابنديءَ خلاف آواز اٿاريندو تہ ان خلاف ريمووَل فرام سروس (اسپيشل پاور) آرڊيننس تحت قدم کنيو ويندو. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ڪيتريون ”ٽيڪنيڪل“ خاميون آهن، انهن کي جيڪڏهن ڪنهن بہ ”اعليٰ عدالتي اداري“ ۾ چئلينج ڪيو وڃي تہ سيڪريٽري تعليم کي پنهنجي نڪتل نوٽيفڪيشن تي شرمسار ٿيڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ قانوني نقطہ نگاهہ کان ڪيتريون اوڻايون موجود آهن.

اول تہ تعليم کاتي ۾ يونين نہ پر ايسوسيئيشن آهن، جيڪي گذريل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

40 سالن کان ڪم ڪري رهيون آهن. جن سان هر دور جي سرڪار استادن جي مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندي رهي آهي. خود موجوده سيڪريٽري تعليم گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڀيرا استاد تنظيمن سان مسئلن جي حل لاءِ ”مذاڪرات“ ڪيا آهن ۽ گڏجاڻين جي فيصلن جا Minute پڻ جاري ڪيا آهن. انهيءَ ڪري اهو چوڻ تہ استادن غير قانوني طور تي تنظيمون ناهيون هيون. ”منطق“ ۽ ”عقل“ جي لحاظ کان سراسر غلط آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي تہ سرڪاري ملازمن کي تنظيمون ٺاهڻ جو حق حاصل ناهي. سنڌ حڪومت ۾ سيني کاتن ۾ ملازمن جون تنظيمون موجود آهن. جيڪي سنڌ سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1860 يا سوشل ويلفيئر آرڊيننس 1962ع تحت باقاعده ”رجسٽرڊ“ ٿيل آهن. نوٽيفڪيشن جو اهو نُ ڪتو بہ بلڪل غير قانوني آهي. تعليم کاتي جنهن ”ڪاري قانون“ جي ڌمڪي ڏني آهي، اهو هڪ ”آرڊيننس“ آهي ۽ آرڊيننس هڪ ”عارضي قانون“ هوندو آهي، جيڪو صدر يا گورنر ان وقت جاري ڪندو آهي، جڏهن اسيمبلي يا پارليامينٽ جو اجلاس نہ ٿي رهيو هجي. موجوده ”ڪاري قانون“ جي آئين جي تحت ڪنيل قدم جي ڪابہ آئيني ۽ قانوني حيثيت ناهي ۽ نہ ئي ان تحت سيڪريٽري يا ان جي ماتحت اي. ڊي. اوز طرفان ڪنيل قدمن کي ڪا قانوني پنيرائي حاصل آهي. اختيارن جو غلط استعمال خود سيڪريٽري تعليم ۽ ان جي ماتحت آفيسرن کي ڪنهن وڏي ڏچي ۾ وجهي سگهي ٿو.

ملڪي آئين ”برتر قانون“ آهي، جيڪو انهيءَ جي خلاف ورزي ڪندو، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي اهو حق حاصل آهي تہ آئين جي متصادم ڪنهن بہ جوڙيل قانون کي ڪنهن بہ وقت رد ڪري سگهي. استاد تنظيمن تي جيڪا پابندي وڌي ويئي آهي، اها سراسر آئين جي ڀڃڪڙي آهي. آئين جي آرٽيڪل 16 ۾ بلڪل اها ڳالهہ عيان آهي تہ هر شهري کي گڏ ٿيڻ، يعني جلسي ڪرڻ جو حق حاصل آهي. هر شهري کي اهو بنيادي حق حاصل آهي تہ اهو پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ ”يونين يا ايسوسيئيشن“ جوڙي پر اها يونين يا ايسوسيئيشن ملڪي سلامتي جي خلاف نہ هجي. آئين جي آرٽيڪل 19 ۾ اهو بلڪل واضح لکيل آهي تہ ”هر شهري کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تحرير ۽ تقرير يا اظهار جي راءِ جي آزادي جو حق حاصل آهي“. پر اهو اسلام، افواج پاڪستان جي خلاف اظهار راءِ نٿو ڪري سگهي. آئين جي آرٽيڪل 25 ۾ اهو واضح آهي ته پاڪستان جي ڪنهن به شهري سان امتيازي سلوڪ نه ڪيو ويندو. ملڪي آئين پاڪستان ۾ رهندڙ هر شهري لاءِ ”يڪسانيت“ ۽ ”برابري“ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ ان جي ”بنيادي حقن“ جي تحفظ جي ڳالهه ڪري ٿو. تعليم کاتي جي ماتحت ڪم ڪندڙ تعليمي ادارن ۾ ته استاد تنظيمن تي پابندي وڌي ويئي آهي، پر گورنر سنڌ جي ماتحت ادارن، يعني سنڌ جي سڀني يونيورسٽين ۾ ڪم ڪندڙ استاد تنظيمن ۽ ملازمن جي تنظيمن تي ڪنهن به قسم جي پابندي نه وڌي ويئي آهي. هڪ صوبي ۾ قانون جي نفاذ جو ٻٽو معيار ڇو آهي؟

پاڪستان جو آئين پوري ملڪ لاءِ آهي، پاڪستاني وفاق جي ٻين وحدتن پنجاب، سرحد، بلوچستان، فاٽا ۽ آزاد ڪشمير ۾ ڪم ڪندڙ استاد تنظيمن تي ڪابه پابندي نه وڌي ويئي آهي، اهي استادن جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪري رهيون آهن. سنڌ کي اڳ ۾ سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ قومي حقن کان محروم رکيو ويو آهي، ڇا سنڌ سرڪار جي هن منفي قدم سان سنڌ جي استادن ۾ وفاق لاءِ ”محبت“ پيدا ٿيندي؟ تعليم کاتي جي هن اپهرائپ واري قدم سنڌ جي عوام سان گڏوگڏ سنڌ جي ٽن لکن کان مٿي استادن ۽ ملازمن ۾ هڪ نئون ”احساس محرومي“ جو جذبو پيدا ڪيو آهي، جيڪو ملڪ لاءِ ”هاڃيڪار“ آهي.

اڄ کان 22 سال اڳ جڏهن ضياءَ دور ۾ ”شاگرد يونينن“ تي ملڪ گير پابندي وڌي ويئي هئي ته انهيءَ پابندي سڄي ملڪ ۾ خاص طور تي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ لاقانونيت، دهشتگردي ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر کي جنم ڏنو. جنهن جي ڪري سنڌ جي تعليم مڪمل طور تي تباهه ٿي ويئي ۽ تعليمي نظام ۾ ”سفارشي ڪلچر“ ۽ ”داٻو ڪلچر“ پيدا ٿيو. ڪيترين بدعتون ۽ خرابيون پيدا ٿيون. اڄ وري تاريخ جو ورجاءُ ڪيو ويو آهي. تعليمي ادارن ۾ استادن جي تنظيمن تي پابندي وجهي تعليمي ادارن کي وڌيڪ لاقانونيت، انارڪي ۽ انتشار ڏانهن ڌڪيو ويو آهي. تعليم کاتي وٽ استاد تنظيمن تي پابندي وجهڻ جو ڪوبه اخلاقي ۽ قانوني جواز ناهي؟

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

استاد تنظيمون هن غير آئيني قدم تي تعليم کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري خلاف سراپا احتجاج آهن. اڳواٽن کي نوڪرين مان برطرف ڪرڻ، جبري موڪل تي موڪلڻ يا معطل ڪرڻ سان پرامن جدوجهد ”لاقانونيت“ جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ ڪنهن به آواز کي دٻائي نٿو سگهجي، جيترو دٻائبو اهو اوترو وڌيڪ گونجندو رهندو. جيڪڏهن ”سنڌ ايمپلائيز الائنس“ جي مطالبن جو چارٽ ڏٺو وڃي ته انهن ۾ ڪابه اهڙي نقصانده شيءِ ناهي، جنهن سان اسلام کي ڪو خطرو پيدا ٿئي يا ملڪي سالميت ۽ يڪجهتي کي ڪو نقصان پهچي، دراصل تعليم کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم تعليم کاتي ۽ ان جي ٻين ادارن، جهڙوڪ DFFP، پائيٽ (PITE)، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، رورل ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ اسڪول مينجمينٽ ڪاميٽين ۾ ٿيندڙ ڪرپشن، بدعنوانين تي پردو وجهڻ لاءِ استاد تنظيمن تي پابندي وجهڻ وارو تڪڙو قدم کنيو آهي، پر اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ تعليم کاتي جي ڪرپشن بابت جيڪو اچي رهيو آهي، ڇا سنڌ جو وزيراعليٰ سيئي ٽي وي چئنل ۽ اخبارون بند ڪري ڇڏيندو؟ هن وقت ايم ڪيو ايم ۽ ارباب غلام رحيم درميان پيدا ٿيل اختلافن لاءِ قائم ڪيل ”ڪور ڪميٽيءَ“ جوڙي ويئي آهي، ان جي هڪ ميمبر عرفان الله مروف تازو انڪشاف ڪيو آهي ته ”تعليم کاتي طرفان تازو جاري ڪيل 2050 آرڊرن ۾ ٿي سئو آرڊر اهڙا آهن، جيڪي ”ميرٽ لسٽ“ ۾ شامل نه هئا. ڇا ارباب غلام رحيم صاحب اهڙي انڪشاف تي عرفان الله مروت کي به ”جبري موڪل“ تي موڪليندو.

سنڌ حڪومت کي اها صلاح آهي ته تڙ تڪڙ ۾ وڌل استاد تنظيمن تي پابندي فوري طور تي ختم ڪري ۽ وزيراعليٰ استادن جي نام نهاد رهنمائن بدران حقيقي رهنمائن سان سنڌ جي تعليمي نظام ۾ پيدا ٿيل خرابي دور ڪرڻ لاءِ ڳالهين جو رستو اختيار ڪري، ڏنڊي جي استعمال سان ڪوبه مسئلو حل نه ٿيندو. موجوده وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم جي دور ۾ ٿيل بي ضابطگين، بي قاعدگين، ۽ ڪرپشن خلاف هڪ اعليٰ اختياري ڪميشن جوڙي ته هن کي ”اڇي ڪاري“ جي خبر پئجي ويندي. صرف استاد تنظيمن کي تعليم جي تباهي جو ذميوار قرار ڏيڻ سراسر ناانصافي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهي ۽ يڪطرفو ۽ جانبدارانه عمل آهي. هر مسئلي جو حل ”ٽيبل“ (Tebel) آهي. سنڌ ۾ گذريل ستن سالن کان جيڪي ستر هزار اسڪول بند پيا آهن يا پندرهن هزار اسڪولن کي پنهنجون عمارتون ناهن. تيرهن هزار کان مٿي اسڪولن ۾ پاڻي، بجلي، چوديواري ۽ ”واش روم“ جون سهولتون ناهن، انهن سڀني شين جا ذميوار ڇا صرف استاد آهن؟ تعليمي ادارن ۾ استادن جي کوٽ آهي، فرنيچر ناهي، ليبارٽرين ۾ سائنسي آلات ۽ ڪمپيوٽر ناهن، لائبريرين ۾ ڪتاب ناهن. ڇا انهيءَ اوڻائي جا ذميوار به استاد آهن؟ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم اڳ ۾ ئي مشڪلاتن ڪي منهن ڏئي رهيو آهي، ڇا هن استاد تنظيمن تي پابندي جي سمري منظور ڪري پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو ته نه وهايو آهي؟ هي اهڙا سوال آهن جن جو جواب صرف ارباب غلام رحيم ڏئي سگهي ٿو، جنهن جي دعوٰي آهي ته هن جي دور ۾ امن آهي؟

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تهذيبن جو تصادم هڪ عالمي مسئلو

اج ڪلهه يورپ ۽ آمريڪا ۾ ٻين ملڪن جي اهل قلم ۽ دانشورن جي اها راءِ آهي تہ اج جي دنيا ٻن تهذيبن جي تصادم ڏانهن وڌي رهي آهي، يعني اسلامي دنيا ۽ غير اسلامي دنيا هڪٻئي جي خلاف برسرِ پيڪار آهن. اسان انهيءَ ڳالهہ جي ڇنڊڇاڻ ڪنداسين تہ "تهذيبن جو تصادم" ڇا آهي؟

فيبروري 1989ع ۾ جڏهن روس، افغانستان ۾ داخل ٿيو تہ ان وقت آمريڪا جي "سينٽ جيمز يونيورسٽي" واشنگٽن جي پروفيسر ۽ سي آءِ اي جي دانشور فرانسس فوڪوياما، هڪ نئون دستاويز دنيا اڳيان پيش ڪيو. هن دستاويز کي "تاريخ جي خاتمي" (End of History) جو نالو ڏنو ويو. هن نظريي جو مقصد هي هو تہ سڄي دنيا جي عوام کي اهو باور ڪرايو وڃي تہ "تاريخ جو خاتمو" ٿي چڪو آهي ۽ هاڻ سرمائيدارانہ نظام انهن جو حتمي ۽ ابدي مقدر بڻجي چڪو آهي، انڪري هاڻ انهن کي پنهنجي زندگين، سوچن ۽ روين ۽ قسمت کي هن نظام مطابق بنائي ان ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي مستقبل کي ڳاڻڻو پوندو. معاشي، سماجي، اقتصادي، سفارتي ۽ جنگي شعبن ۾ جيڪي تيزي سان تبديليون ۽ تيز موڙ ۽ ڌماڪي خيز واقعا رونما ٿيڻ شروع ٿيا تہ هن نظريي جي ساک کي وڏو نقصان پهتو ۽ هي نظريو هڪ پوچ بڻجي ويو، ايستائين جو بورزوا دانشور، مفڪر ۽ ابلاغ جا ذريعا جيڪي هن نظريي کي سڄي دنيا جي عوام جي ذهنن ۾ شعوري زبردستي مڙهڻ ۾ مصروف هئا، اهي بہ هن جي ناپائيداري ۽ استعداد کي ايترو جلدي محسوس ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا.

1997ع ۾ ساڳي يونيورسٽي جي پروفيسر ۽ سي آءِ اي جي هڪ ٻئي دانشور "سيميول پي هٽنگٽن" (Samuel P. Hitington) فوڪويا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ماجي”تاريخ جي خاتمي“ جي نظريي خلاف هڪ مضمون ”Polemic“ لکيو. جيڪو هڪ ٿيسز ”Thesis“ طور تي منظر عام تي آيو. هن جو عنوان ”تهذيبن جو تصادم“ ”Clash of Civilisation“ رکيو ويو. هن نئين نظريي آمريڪي ۽ عالمي حڪمران طبقن کي درپيش مسئلن ۽ بحرانن مان نڪرڻ لاءِ ۽ ايندڙ پورهيت طبقي جي طبقاتي جدوجهد کي روڪڻ ۽ ٽوڙڻ جي پيش بنديءَ طور تخليق ڪيو ويو. گلوبلائيزيشن جي عمل ۾ قومي رياست ۽ قومي رياستن جو نظريو ڪافي حد تائين ڪمزور ٿيو آهي ۽ سامراجيت کي تقويت ملي آهي. 11/ 9 جهڙن واقعن کي ڄاڻي واڻي جنم ڏنو ويو يا ڪرايا ويا، جن جي ذريعي آمريڪي سامراج هن نظريي کي جواز بڻائي پنهنجي ڪرندڙ معاشي ۽ اقتصادي زوال پذيري ۽ مجروح ٿيندڙ سفارتي سياسي ساک ۽ پنهنجي اثر رسوخ کي بچائڻ لاءِ هن نظريي جي بنياد تي ”دهشتگردي خلاف جنگ“ (War Against Terror) جو آغاز ڪيو. پهريائين افغانستان کي جارحيت جو نشانو بڻايو ويو ۽ پوءِ عراق کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي ويئي. سڄي دنيا ۾ بش انتظاميه، ”دهشتگردي جي خلاف جنگ“ جي نالي تي خوف ۽ هراس ۾ هڪ اهڙي وحشت پکيڙي ڇڏي، جو آمريڪا ۽ يورپ جي پورهيتن ۾ هڪ شديد عدم تحفظ جو احساس ۽ نفسياتي ڪمپليڪس پيدا ٿيو. آمريڪا جي خفيه ايجنسين کي 9 سيپٽمبر 2001ع تي ٿيندڙ دهشتگردي جو اطلاع مليل هو پر انهن کي اندازو نه هو ته ايڏي وڏي پيماني تي بربادي ٿيندي، ان ڪري انهن 9/11 جي واقعي کي ڄاڻي واڻي ڪرڻ ڏنو ۽ پوءِ ”دهشتگردي خلاف جنگ“ جيڪا درحقيقت ”پورهيت طبقي خلاف جنگ“ آهي، انهيءَ کي تيز ڪيو. هن ”فوجي مهم جوئي“ جو جيڪو انجام عراق ۽ افغانستان ۾ ٿي رهيو آهي، اهو انهيءَ مڪافاتِ عمل جو نتيجو آهي، جيڪو آمريڪي سامراج جي ”فرعونيت ۽ فوجي طاقت“ جي تڪبر جي جواب ۾ آمريڪا کي تاريخ هڪ عبرتناڪ سبق سيکاري رهي آهي.

ان ”تهذيبن جي تصادم“ جي نظريي جو ٻيو رخ هي آهي ته گهڻن ملڪن ۾ مذهبي بنياد پرستيءَ کي ڀيهر اڀرڻ جو موقعو مليو. ڪٿي ”اسلامي بنياد پرستي“ سماجي بنيادن کي وسيع ڪيو. ڪٿي ”هندو بنياد پرستي“ اڀري ته ڪٿي ”يهودي بنياد پرستي“ ڪَر کڻي اٿي ۽ دنيا جي صنعتي،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٽيڪنيڪي ۽ مالي اعتبار کان سڀ کان وڏن ۽ ترقي يافته ملڪن جي حڪمرانن ”عيسائي بنياد پرستي“ کي جنم ڏئي پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جي مقصد جي حصول لاءِ استعمال ڪيو.

جيڪڏهن اسان غور سان هن نظريي جو جائزو وٺنداسين ته سڀ کان پهريائين هي نظريو اڄ جي عالمي سرمائيدارانه نظام جي جمود، رجعتي ڪردار، معاشي ۽ سماجي ارتقا کي جاري نه رکڻ جي ناڪامي کي بچائڻ لاءِ ضرورت تحت پيش ڪيو ويو. ايڪويهين صدي جا اهي سماج جيڪي 1400 سال، 2000 سال ۽ 3200 سال ۽ ڪٿي 5000 سال پراڻا آهن، انهن جي پراڻن نظرين، فڪر، سوچن، روين ۽ اخلاقيات کي ڏاڍ جي بنياد تي دنيا مٿان مسلط ڪيو پيو وڃي، ان جو وڏو سبب هي آهي ته جڏهن به تاريخ ۾ ڪو سماجي، معاشي نظام هلي نه سگهندو آهي ته اهو پيداوار جي ذريعن ۽ سماجي ارتقا کي اڳيان وڌائڻ بدران انهيءَ کي جوڙ جيان چنبڙي، انهن جي ارتقا کي روڪيندو آهي ته ان جمود مان اڀرندڙ بحرانن مان نڪرڻ لاءِ حڪمران مختلف قسمن جا طريقا استعمال ڪندا آهن ۽ اهي سماج کي مستقبل ۾ وٺي وڃڻ لاءِ نااهل ثابت ٿيندا آهن ته پوءِ پراڻن نظرين، تصوف ۽ تخيلاتي سوچن کي مسلط ڪندا آهن ۽ اهو ئي ”تهذيبن جي تصادم“ جي نظريي جو مقصد آهي.

اڄ جي عهد ۾ ”تهذيبن جي تصادم جو نظريو“ هڪ انتهائي خطرناڪ ۽ زهريلو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. دنيا ۾ رهندڙ انسانيت جي اڪثريت پاڻ کي انسان سمجهڻ بدران پنهنجو پاڻ کي هندو، مسلمان، يهودي ۽ عيسائي طور پيش ڪري رهي آهي. جيڪڏهن بجلي، پاڻي، گئس، ڪار، جهاز ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضرورتون مذهب کان بي نياز هونديون آهن ته پوءِ پورهيتن جي مذهب جي بنياد تي ورڇ غير منطقي آهي.

”تهذيبن جي تصادم جي نظريي“ مان وچ اوڀر کي جيڪو نقصان پهتو آهي، ان جو ازالو ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته وچ اوڀر جي ملڪن ۾ کاٻي ڌر سان تعلق رکندڙ ليڊر ۽ دانشور به هن نظريي جو شڪار ٿي نظرياتي ۽ سياسي طور تي ختم ٿي چڪا آهن. وچ اوڀر جي حڪمرانن به هن نظريي کي پنهنجي بدعنوان ۽ ظالماڻي حڪمراني کي طويل عرصي تائين قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. اسرائيل جي حڪمرانن جي اها رجعتي ۽

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قدامت پرستانہ سوچ تہ ”عظيم اسرائيل“ جيڪو انهن جي خدا مطابق درياءَ نيل کان درياءَ فرات تائين پکڙيل هوندو. ان کي ٻيهر شدت پسنديءَ سان اُڀاريو پيو وڃي.

اڄ جو سامراج ۽ سيني مذهبن سان تعلق رکندڙ حواري ”سيميول هنٽنگٽن“ جي هن نظريي کي استعمال ڪري پنهنجي دولت جون ٽجوڙيون ڀري رهيا آهن ۽ نسل انساني کي خونريزي، قتل و غارت، بربادي جي اونداهي سان اوتيل کاهيءَ ۾ ڌڪي رهيا آهن ۽ اها ڪيفيت هڪ اهڙي مخصوص عهد جي پيداوار آهي، جتي سالن کان ”طبقاتي جدوجهد“ (Class Sruggle) ٽڪي ٽٽي چڪي هئي پر دنيا ۾ اڄ هڪ ڀيرو وري ”غير طبقاتي سماج“ Classless Society کي قائم ڪرڻ لاءِ تحريڪ تيزي ۽ شدت سان اڀري رهي آهي ۽ هر هنڌ سامراجيت ۽ سرمائيداري کي ختم ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. طبقاتي ڪشمڪش جي نئين لهر جيڪا ”لاطيني آمريڪا“ مان اڀري آهي، جلد ئي تيزيءَ سان پوري دنيا تي ڇائنجي ويندي. جڏهن پورهيت طبقو رنگ، نسل، مذهب ۽ ماضيءَ جي مدي خارج تعصبن کي پاسيرو ڪري ”طبقاتي جدوجهد“ ۾ اڳيان وڌندو تہ پوءِ سڀ ”انسان دشمن نظريا“ ۽ ان جا پيروڪار خودبخود غائب ٿي ويندا. ٻن دورن جو ٽڪراءُ هاڻ فيصلہ ڪن ڪيفيت ۾ داخل ٿي چڪو آهي، انسانيت جي نجات جي نئين عهد جو آغاز ٿي رهيو آهي، انهيءَ عهد کي انساني خوشحالي ۽ فلاح جو عهد بنائڻ لاءِ هڪ ”سوشلسٽ انقلاب“ جي ضرورت آهي. هن عهد جو ڪردار رهيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪ ملڪ ۾ ”سوشلسٽ انقلاب“ آيو تہ پوءِ انهيءَ کي ”جاگرافيائي سرحدن“ ۾ قيد نہ ڪري سگهبو ۽ پوءِ ”عالمي انقلابن“ جو سلسلو شروع ٿي ويندو ۽ دنيا ۾ هڪ اهڙو سماج جنم وٺندو، جنهن ۾ هٿ هٿ جو محتاج نہ هوندو، انسان، انسان جو غلام نہ هوندو. هي انساني سماج، تهذيب ۽ تمدن کي انهيءَ عظيم معراج ڏانهن وٺي ويندو، جتي ماضي جي سيني تعصبن ۽ سيني نفرتن کي هميشہ هميشہ لاءِ دفن ڪيو ويندو ۽ اتان ئي تسخير ِ ڪائنات جي مقدر جو آغاز ٿيندو.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

چي گويرا، جمال ناصر، حسن نصرالله

وچ اوپر ۾ ڪاٻي ڌر جي زوال ڪري جيڪو خال پيدا ٿيو هو ان کي وقتي طور تي ڪنهن حد تائين "اسلامي بنياد پرستي" عارضي طور تي پريو آهي، ان جو اهم ڪارڻ ڪاٻي ڌر جي "استالنسٽ قيادت" جو "مسلح جدوجهد" جو رستو ڇڏي، مذاڪرات، يعني مصلحت پسندي جي راهه وٺڻ آهي. جڏهن صابرا ۽ شتيلا ۾ ٿيل قتل عام جا اجا تائين زخم به نه ڀريا هئا، لبنان ۾ 1981ع ۾ فلسطيني مهاجرن جي ڪئمپ تي اسرائيل طرفان ڪيل ظلم و ستم خلاف، نفرت ۽ انتقام جي جذبن هڪ نئين تنظيم، "حزب الله" کي جنم ڏنو. "حزب الله" طرفان سامراجيت خلاف موقف پيش ڪرڻ، غريبن جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ، صحت، علاج، تعليم ۽ ٻين بنيادي عوامي سهوليتن لاءِ فلاحي ڪمن جي مهم هلائڻ ڪري اها لبنان جي عوام جي امنگن وٽان هڪ مقبول تنظيم بڻجي اڀري. گذريل ڇهن سالن ۾ ايران ۽ شام جي فوجي ۽ مالي مدد ڪري هن کي هڪ "گوريلا تنظيم" بڻائي ڇڏيو. حزب الله ڪا "سوشلسٽ يا انقلابي تنظيم" ناهي، پر "معروضي حالتن" جي ڪري اها هڪ موثر "جنگجو تنظيم" بڻجي چڪي آهي، ان کان علاوه لبنان ۾ ٻيا به "ويڙهو گروپ" موجود آهن. جن حاليه جنگ ۾ گڏجي اسرائيلي جارحيت جو مقابلو ڪيو. هن جنگ ۾ حزب الله سان گڏ "عمل مليشيا" سني، ڪميونسٽ، عيسائي ۽ لبنان جي آبادي جون ٻيون تنظيمون به شريڪ هيون، ان جو پسمنظر هي هو ته اسرائيل کان ڪيترن جنگين هارائڻ کانپوءِ ۽ ذلت برداشت ڪرڻ کانپوءِ عرب عوام ۾ اسرائيل خلاف

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شديد نفرت موجود آهي. ”مغرب جي نوآبادياتي رويي“ ۽ عربن جي سندن حڪمرانن جي بدعنوانين، ظلمن ۽ ڏاڍ ڪري هڪ ”سامراج دشمن“ نفرت انگيز رويو تيزي سان وڌي رهيو آهي. هڪ اهم حقيقت هي آهي ته جهڙي طرح پاڪستان ۾ اسلامي بنيادپرست، ”حزب الله“، ”حماس“ ۽ ٻين تنظيمن جي تصوير پنهنجي نموني سان پيش ڪري رهيا آهن. لبنان، فلسطين ۽ وچ اوڀر ۾ انهيءَ قسم جي بنياد پرستيءَ جو ڪو وجود ناهي. مثال طور: لبنان ۾ مئي 2005ع جي چونڊن ۾ حزب الله جن انتخابي سيٽن تي ٽڪيٽ جاري ڪيا انهن اميدوارن ۾ عيسائي، ڪميونسٽ ۽ قومپرست شامل هئا. ترڪي جي هڪ اخبار ”ايورنسل“ (Evernsel) کي حاليه جنگ دوران انٽرويو ڏيندي حزب الله جي سرواڻ حسن نصرالله چيو ته ”سوشلسٽ تحريڪ جيڪا ڪافي عرصي کان عالمي جدوجهد کان ٻاهر رهي آهي، انهيءَ ٻيهر اسان جي اخلاقي مدد شروع ڪري ڏني آهي. ان جو اهم مثال ”وينزويلا“ جو صدر ”هيوگو شاويز“ آهي. جنهن اسرائيل مان نه صرف پنهنجو سفير واپس گهرايو، پر اسرائيل خلاف مزاحمت ۾ اسان جي ڀرپور مدد ڪئي آهي ۽ اهو ڪم ته مسلمان رياستون نه ڪري سگهيون. هيوگو شاويز جو اهو عمل اسان لاءِ بي پناهه اخلاقي طاقت جو ذريعو بڻيو آهي. اسان لاطيني آمريڪا جي عوام ۽ قائدين کي سلام پيش ڪريون ٿا، جن آمريڪي ڏاڙيلن خلاف وڏي مردانگي سان مزاحمت ڪئي آهي. جيڪا اسان لاءِ اخلاقي طاقت ۽ جرئت جو سبب بڻي آهي.“

حسن نصرالله جي 12 آگسٽ 2006ع تي ڏنل هن انٽرويو مان ڀ شيون ظاهر ٿيون آهن: پهريائين ته لبنان ۾ ”عوامي سوچ“ جي ڪيفيت ڇا آهي؟ سوشلزم جي متعلق بهادرانه طريقي سان گفتگو ڪرڻ ۽ ان جي حمايت ڪرڻ ڪيترو نه آسان ۽ معمولي آهي. ٻيو ته ”جنگيون، انقلابي تحريڪون“ پنهنجي ليڊرن جي سوچن، خيالن ۽ فڪر کي ڪهڙي طرح ”ريڊيڪل“ انداز ۾ بدلائي ڇڏين ٿيون. هن جنگ ۾ نه صرف اسرائيل کي شڪست نصيب ٿي آهي، پر لبنان جي سرمائيدار طبقن ۽ مغرب جي لبناني گماشتن کي شديد مزاحمت ۽ شڪست کي منهن ڏيڻو پيو آهي. گهڻا لبناني سرمائيدار ۽ مغرب نواز حڪمران هن جنگ جي دوران

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”بيروت“ مان پڇي مغربي ملڪن ۾ جوڙيل پنهنجي عياش گاهن ۾ هليا ويا هئا. هاڻ جڏهن واپس اچڻ جي ڪوشش ڪن ته شايد انهن ڪي موجوده ”ريڊيڪل لبنان“ قبول نه ڪري. هن انٽرويو ۾ حسن نصرالله هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ”وچوءِ اسان جي گهٽين ۾ گهمو ڦرو ۽ اوهان انهيءَ ڳالهه جا شاهد هوندا ته ڪهڙي طرح اسان جا ماڻهو عظيم انقلابين شاويز، ارنسٽو ۽ چي گويرا سان بغل گير آهن. هر گهر ۾ اوهان کي ”چي گويرا“ جو پوسٽر ڏسڻو پوندو.“ حسن نصرالله جي خيالن ۾ اها پروڙ پوندي ته اڄ لبنان جي عوام جي سوچ، فڪر ڇا آهي؟ چي گويرا کي پنهنجو آئيڊيل سمجهڻ مان ڇا مراد آهي؟ چي گويرا جي انقلابي نقش قدم تي هلي جنهن انقلاب جي هو ڳولها ۾ آهن، اهو انقلاب ڪهڙو آهي؟ جڏهن ڪيوبا جي انقلاب جي پنجين سالگرهه جو جشن ٿي رهيو هو ته چي گويرا جيڪو هن انقلاب آڻڻ ۾ فيڊرل ڪاسترو جو اهم ساٿي هو. اهو ڪيوبا ڇڏي لاطيني آمريڪا ڏانهن روانو ٿي رهيو هو. لاطيني آمريڪا وڃي هن جو مقصد ڪيوبا ۾ آيل انقلاب کي پوري براعظم ۽ دنيا ۾ ڦهلائڻ هو. ”بوليويا“ ۾ هن انقلاب آڻڻ جو اهو ساڳيو رستو اختيار ڪيو. جنهن راهه تي هلي هن ڪيوبا ۾ انقلاب آندو هو. يعني ”گوريلا جنگ“ ذريعي انقلاب آڻڻ جي ڪيوبا ۾ ڪامياب طريقي ڪانپوءِ ۽ روسي آفيسر شاهي سان سياسي ۽ تنظيمي امور تي ڏگهي بحث ڪرڻ ڪانپوءِ هن کي جيڪو تجربو حاصل ٿيو هو. ان مان چي گويرا هي نتيجو ڪڍيو ته هو ”ٽراٽسڪي“ جي تجزيي کي وڌيڪ ويجهو آهي. جڏهن بوليويا ۾ گوريلا جنگ شروع ٿي ته ٻين ڪامريڊن وانگر جبل تي چڙهڻ، ڊوڙڻ، بندوق هلائڻ لاءِ پنهنجي پٺن تي موجود ”رڪ سيڪ“ ٿيلهي ۾ گهٽ کان گهٽ وزن رکڻو هوندو هو. جڏهن چي گويرا کي گولي هڻي ماريو ويو. هن جي لاش کان هن ضرورتن جو ٿيلهو الڳ ڪري کوليو ويو ته ان ۾ 1400 صفحن تي مشتمل هڪ ڪتاب برآمد ٿيو. هن ڪتاب جو نالو ”انقلاب روس جي تاريخ“ هو. جيڪو ”ليون ٽراٽسڪي“ جو لکيل هو. اڄ جيڪڏهن لبنان، فلسطين ۽ وچ اوڀر جي نوجوانن جو آئيڊيل شخصيت ”چي گويرا“ آهي ته ان ۾ زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين وڙهي آزادي ماڻڻ جو فلسفو موجود آهي. جيڪو ”ٽراٽسڪي ازم“ جو رستو آهي. جنهن کي ٽراٽسڪي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي قتل ڪانپوءِ ”ڪامريڊ ٽيڊ گرانٽ“ بي پناهہ محنت ۽ تخليق جي ذريعي سينگاريوءِ سنواريو آهي ۽ اڳتي وڌايو آهي.

اڄ جي دور ۾ هن نظرين ۽ طريقيڪار جي حقيقت جو ترجمان ”انٽرنيشنل مارڪسٽ لازو (IML)“ آهي، جيڪو دنيا جي 50 کان وڌيڪ ملڪن ۾ مارڪسي قوتن کي جوڙي انقلابي جدوجهد جي هڪ نئين لهر اڀاري رهيو آهي. IHT مارڪسي لينن اسٽ نظرين ۽ طريقيڪار تي بين الاقوامي پارٽي جوڙي، ايڪويهين صدي ۾ انقلابي سوشلزم کي هڪ ڀيرو ٻيهر اجاگر ڪري، سوشلسٽ انقلاب آڻڻ لاءِ پورهيتن جي تحريڪن کي منظم ۽ متحرڪ ڪرڻ جو تاريخي فرض انجام ڏيئي رهيو آهي. حزب الله کي ايران جي مڪمل حمايت حاصل آهي، ان جي فلاحي سرگرمين ۽ مسلح تنظيم لاءِ ايران 30 ڪروڙ ڊالر سالانہ امداد ڏني آهي، لبنان جي تعمير ِ نو ۾ حزب الله جي سرگرمين لاءِ ايران امداد ڏيئي رهيو آهي ۽ مزاحمت لاءِ هٿيار موڪلي رهيو آهي، پر انهيءَ جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ حزب الله ايران جي ڪا ذيلي تنظيم آهي ۽ ايران جي اشارن تي هلي ٿي. حزب الله هڪ جنگجو تنظيم هئڻ سان گڏوگڏ سياسي پليٽ فارم تي بہ هڪ منظم جماعت طور اڀري آهي. عوام جي ووٽن سان لبنان جي پارليامينٽ جي 128 سيٽن مان 14 سيٽون پڻ حاصل ڪيون آهن ۽ الميو هي بہ آهي تہ لبنان جي موجوده سامراج نواز حڪومت ۾ بہ وزارتون پڻ حاصل ڪيون آهن. حاليہ اسرائيل لبنان جنگ ۾ حزب الله جنهن جرئت ۽ دليري سان اسرائيلي فوج سان منظم ويڙهہ وڙهي آهي، ان کي شاندار شڪست ڏني آهي، انهيءَ جنگ ڪانپوءِ آمريڪي سامراج جي نظر ۾ ”حزب الله“ هڪ خطرناڪ تنظيم آهي. هن جنگ کان پوءِ عرب دنيا ۾ جمال ناصر ڪانپوءِ حسن نصرالله مقبول هيرو ٿي اُڀريو آهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ وارو مضمون لاڳو نہ ٿيڻ جي ڪٿا

سنڌ صدين کان محبت ۽ ميلاپ جو مرڪز رهي آهي. سنڌ هميشہ ٻاهران آيل انسانن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. نفرت ڪڌهن بہ سنڌ جي سيڪيولر روح کي نهوڙي نہ سگهي آهي. سيني جبر، ڏاڍ، زور زبردستين ۽ زيادتين باوجود سنڌ مان انسان دوستي اڃا تائين ختم نہ ٿي آهي. سنڌ وارن پنهنجي جيجل امڙ جي ٻولي سنڌيءَ سان گڏ ٻاهران آيل ڌارين جي ٻولين جو پيار ۽ پاٻوهہ مان آڌرڀاءُ ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻوليون پيار، محبت، احساس ۽ جذبات جي اظهار جو ذريعو آهن. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ اردو، پنجابي، پشتو، سرائيڪي، بروهي، بلوچي، هندڪو ۽ ٻين ٻولين وارا لکين انسان امن ۽ آشتيءَ سان رهن ٿا. سائين سچل سرمست رحہ کي ”هفت زبان“ شاعر سڏيو وڃي ٿو. قومي شاعر شيخ اياز جو اردو ٻوليءَ ۾ شاعريءَ جو مجموعو ”ڪل نالہءِ دل“ موجود آهي، سائنڻ نورالهديٰ شاهہ، زيب سنڌي ۽ ٻين ڪيترن سرجڻهارن اردو ٻوليءَ ۾ شاهڪار ڊراما تخليق ڪيا آهن. اسان نفرت کي هميشہ ڌڪاريو آهي. محبت کي من اندر سانڍي رکيو آهي، اسان سنڌين جي من ۾ ڪا ميرائي ناهي. ماڻهپو اسان جو يقين ۽ عشق اسان جو ازلي رهبر رهيو آهي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ آباديءَ جي توازن ۾ تبديلي اچي ويئي. شهرن ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباد ٿي ويا. آيل ڌارين ۾ احساسِ برتري پيدا ٿي ويئي. اهي سنڌين جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي ”بر تر“ ۽ ”بهتر“ سمجهڻ لڳا. پنهنجي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ۽ ٻين ٻولين کي ”علائقائي“ سمجهڻ لڳا. اردو ڳالهائيندڙن سنڌ جي زبان ۽ ثقافت جي باري ۾ ڪو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مثبت رويو اختيار نہ ڪيو حالانڪ هي هڪ ڪڙو سچ آهي. سنڌي ماڻهن نِنڊي ڪنڌ جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت مان ايندڙن جي فراخ دليءَ سان آجيان ڪئي، پر مقامي سنڌين ۽ مهاجرن جي خوشگوار تعلقات جو رشتو مضبوط نہ ٿي سگهيو. انهيءَ جو وڏو سبب پنهنجي ”ثقافت ۽ زبان“ جي باري ۾ ٻاهران ايندڙن جو ”برتري“ وارو رويو هو. سنڌ جي ثقافت ۽ انهن جي نامناسب رويي جي باري ۾ اردو جو مشهور دانشور ڪراچي يونيورسٽي جو سابق وائيس چانسلر ڊاڪٽر جميل جالبي پنهنجي ڪتاب ”پاڪستاني ڪلچر“ ۾ لکيو آهي تہ، ”مهاجر آبادي تهذيبي سطح تي هڪ احساسِ برتري جو جذبو پنهنجي اندر رکندي هئي ۽ جذبات ۾ اهو وساري ويٺي تہ احساسِ برتريءَ جو هيءُ عمل نئين ماحول ۾ نئين ملڪ جي قديم آباديءَ لاءِ هڪ منفي عمل جو درجو رکندڙ هو. قديم آبادي ڪنهن ٻاهر کان ايندڙ آبادي، چاهي اها تهذيبي سطح تي ڪيتري ئي بلند ڇو نہ هجي، احساسِ برتريءَ جي سطح کي قبول نٿي ڪري سگهي. ردعمل طور نفرت جي جذبي ان جي جاءِ والاري. مهاجرن جو ڏوهہ اهو هو تہ انهن قديم آباديءَ جي ڪلچر ۽ انهن جي مسئلن کي سمجهڻ جون ڪوششون نہ ورتيون. انهيءَ ڪري قديم آبادي جلد ئي نئين آباديءَ جو استقبال ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. ايندڙ آبادي اهو وساري ويٺي تہ ”هجرت“ جي معنيٰ ”تبديلي“ هوندي آهي ۽ هجرت سان گڏ تهذيبي ادارا هجرت نہ ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪن بہ ٿا تہ شڪستہ حالت ۾. انهيءَ لاءِ انهن ادارن کي بہ نئين ماحول ۽ نئين تقاضائن تحت بدلجڻ جي ضرورت هوندي آهي. هجرت ڪندڙ آبادي پنهنجي ڇڏيل سماج کي ٻيهر قائم ڪرڻ جو تصور بہ نٿي ڪري سگهي.“ (پاڪستاني ڪلچر صفحو 119)

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ سنڌي زبان کي انگريزي، اردو ۽ ٻين شاهڪار ٻولين جي برابر حيثيت حاصل آهي، پر اسلام آباد جي حڪمرانن اصل ملڪي ٻولين سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي ۽ سرائيڪي کي اها حيثيت نہ ڏني، جيڪا انهن کي ملڻ گهرجي ها. ڊسمبر 1971ع ۾ جڏهن پاڪستان جو ورهاڱو ٿيو تہ باقي بچيل حصي جو حڪمران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بڻيو. هن 1973ع جي آئين ۾ صوبن کي اها اجازت ڏني تہ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اردو ٻوليءَ سان گڏوگڏ پنهنجي ٻولين جي واڌ ويجهه لاءِ قدم کڻي سگهن ٿا. پاڪستان جي 1972ع جي عبوري آئين جي فقري 267 جي شق 2 ۾ اها ڳالهه واضح هئي تہ قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي ڪابہ صوبائي اسيمبلي، قومي ٻوليءَ سان گڏ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال لاءِ قانوني اپاءَ وٺي سگهي ٿي. ساڳي ڳالهه پاڪستان جي 1973ع جي مستقل آئين جي فقري 251 جي شق 3 ۾ بہ موجود آهي. پاڪستان جي 1973ع جي آئين کي سامهون رکندي سنڌ اسيمبلي اتفاق راءِ سان ٻوليءَ جو بل پاس ڪيو جنهن جو نوٽيفڪيشن 17 جولاءِ 1972ع تي جاري ڪيو. بل پاس ٿيڻ ڪانپوءِ عوام دشمن قوتن سنڌ ۾ رهندڙن وڏين آبادين کي هڪٻئي سان ٽڪراءَ ۾ آڻڻ لاءِ پروپيگنڊا ڪئي تہ هن بل سان اردو ٻولي ختم ٿي ويندي. هن بل ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهه نہ هئي. هن بل جي پاس ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ اندر انگريزي زبان کي دفتري زبان، اردو ٻوليءَ کي قومي زبان ۽ سنڌي زبان کي ”صوبائي حيثيت“ ملي. سنڌي زبان انگريزن جي دور کان وٺي سنڌ جي سرڪاري زبان هئي. سرڪاري دفترن، ڪاتن، آفيسن ۽ عدالتن ۾ سڄو وهنوار سنڌي ٻوليءَ ۾ هلايو ويندو هو پر جنرل ايوب جي مارشل لا واري دور ۾ ان کي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو.

گورنر سنڌ 22 جولاءِ 1972ع تي هڪ ترميمي آرڊيننس جاري ڪيو. هن ترميمي آرڊيننس ۾ ڪوبہ اهڙو فقرو موجود ناهي تہ ”آسان سنڌي“ جو مضمون سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي نہ ڄاڻندڙن کي نہ پڙهايو ويندو. صرف سنڌ اندر ملازمت ڪندڙ ڪامورن کي سنڌي يا اردو ٻولي سکڻ لاءِ ڪجهہ مهلت ڏني ويئي ۽ سياسي طور تي اهو بہ فيصلو ٿيو تہ آئنده سنڌ جو گورنر اردو ڳالهائيندڙ هوندو. هن فيصلي جي نتيجي ۾ ان وقت سنڌ جي گورنر مير رسول بخش ٽالپر کي هٽائي بيگم رعنا لياقت علي خان کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو.

سپلا 2005ع ۾ هيءَ گهر ڪئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ايڪٽ مطابق، يارهين ڪلاس جي سنڌي نہ ڄاڻندڙ رهواسين کي ”آسان سنڌي“ جو مضمون پڙهايو وڃي ۽ ان لاءِ 18 جولاءِ 2005ع کان 31 جولاءِ 2005ع تائين علامتي بک هڙتال پڻ ڪئي ويئي. هن بک هڙتال ۾ اردو ڳالهائيندڙ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

باشعور استادن پڻ حصو ورتو. جيڪي پاڻ کي سنڌي قوم جو حصو سمجهن ٿا.

وفاقي وزارت تعليم جي ڪريڪيولم ونگ يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جي شاگردن لاءِ ”اسٽڊي آف اسڪيم“ ۾ ترميم ڪري نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ته، ”يارهين ڪلاس جي سنڌي نه ڄاڻندڙ شاگردن کي هاڻ اردو لازمي بدران ”آسان سنڌي“ جو مضمون پڙهايو ويجي.“ سنڌ جي تعليم کاتي انهيءَ نوٽيفڪيشن جي روشنيءَ ۾ هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان 4 آڪٽوبر 2005ع تي يارهين ڪلاس جي شاگردن لاءِ ”آسان سنڌي“ جو ڪتاب مارڪيٽ ۾ آندو ويو. گورنر هائوس جي دٻاءَ ۾ اچي تعليم کاتي 27 سيپٽمبر جو نوٽيفڪيشن واپس ورتو. علمي، ادبي ۽ سنڌ دوست حلقن جي دٻاءَ جي نتيجي ۾ ”آسان سنڌي“ پڙهائڻ وارو نوٽيفڪيشن ٻيهر بحال ڪيو ويو. سنڌ جي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم اهو اعلان ڪيو ته ”سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي نه ڄاڻندڙ شاگردن کي يارهين ڪلاس ۾ آسان سنڌيءَ جو مضمون پڙهايو ويندو.“ سندس اهو اعلان صرف اخبارن ۽ پرنٽ ميڊيا تائين محدود رهيو ۽ عملي طور تي سنڌ اندر آسان سنڌيءَ جو مضمون نافذ نه ٿي سگهيو آهي. تعليم کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري به عملي طور تي ڪجهه نه ڪري سگهيا. ڇاڪاڻ ته کين ٻوليءَ کان وڌيڪ ”ڪرسي“ پياري هئي. اڳتي هلي اهو اعلان ڪيو ويو ته جيئن ته ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ آسان سنڌي جو مضمون پڙهائڻ لاءِ استاد نه آهن. ان ڪري 150 استاد ڀرتي ڪيا ويندا ۽ ان کان پوءِ ”آسان سنڌي“ جو مضمون نافذ ڪيو ويندو. ڪراچيءَ ۾ اڳ ۾ سنڌي جي مضمون ۾ 100 کان مٿي استاد موجود هئا. ايڊهاڪ ليڪچرارن جا انٽرويو ٿيا ۽ تازو انهن جي ڀرتيءَ جو نوٽيفڪيشن پڻ ڪڍيو ويو آهي، پر سنڌ جي تعليم کاتي جي ڪامورن خبر ناهي ته ڪهڙي مصلحت تحت 50 کان وڌيڪ مرد ۽ خاتون ليڪچرارن کي ڪراچيءَ بدران اندرون سنڌ پنهنجي پسند جي ڪاليجن ۾ پوسٽنگ ڏني آهي. پهرين آگسٽ 2006ع کان اڪيڊمڪ سال شروع ٿي چڪو آهي، پر تعليم کاتو ”آسان سنڌي“ پڙهائڻ واري مسئلي تي خاموش آهي! وزير تعليم ۽ وزيراعليٰ سنڌ، جن ”وڏا اعلان“ ڪيا هئا، اهي به خاموش آهن. سنڌي ٻار گذريل 33 سالن کان شوق

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سان سنڌي ٻولي ايڪٽ مطابق ”سليس اردو“ پڙهي رهيا آهن ۽ انهيءَ مضمون ۾ امتحان پڻ ڏين ٿا ۽ سليس اردو جي مضمون جون ”مارڪون“ پري انٽري ٽيسٽ ۾ شامل پڻ ڪيون وڃن ٿيون. سنڌ جو وزيراعليٰ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم، جنهن آسان سنڌي واري معامري تي گذريل سال پليٰ پار وچڻ ڪان اڳ اهو اعلان ڪيو هو ته، ”هن جي هوندي سنڌي ٻوليءَ کي ڪوبه بااختيار شخص ختم نٿو ڪري سگهي.“ يارهين ڪلاس ۾ ”آسان سنڌي“ جو مضمون وارو مسئلو هن لاءِ ٽيسٽ ڪيس آهي. مونکي اميد آهي ته پنهنجي واعدي مطابق سنڌ جي ڪاليجن ۾ زير تعليم يارهين ڪلاس جي غير سنڌي شاگردن لاءِ ”آسان سنڌي“ جو مضمون ضرور نافذ ڪرائيندو.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تاريخ جو جبر- تاريخ جو فيصلو ڪڏهن به غلط نه هوندو آهي

سنڌ ڪيتري قديم آهي؟ جيتري انساني تهذيب جي ارتقا. سنڌو درياهه به ايترو ئي قديم آهي. موجوده هندستان جي راجپوتانه رياست وارو ٿر يا سنڌ جو ٿر، جنهن جي باري ۾ مورخن جي راءِ آهي ته شروعات ”درياهه سرسوتي“ ۽ ”سنڌو درياهه“ مان ڦٽي نڪرندڙ هڪڙي شاخ ”ويهند“ يا ”واهند“ وارا سرسبز ميدان هئا. اهي ٻئي درياءَ موجوده ”ڪڇ جي رڻ“ ۾ اچي پوندا هئا، جنهن ڪري ڪڇ جو ”رڻ“، رڻ نه هو پر سمنڊ جي صورت ۾ هو. سنڌو درياهه جي شاخ جيڪا موجوده بهاولپور، جيسلمير ۽ ٿر واري پاسي مان ”ويهند“ ۽ ”واهند“ نالي سان وهندڙ هئي، سا عربن جي زماني تائين قائم هئي، پوءِ ان جو وهڪرو بند ٿي ويو. جنهن ڪري بهاولپور جيسلمير ۽ ٿر جا ريگستان ٺهي پيا، ٻئي طرف ”ڪوري نار“ رڻ جو روپ اختيار ڪيو. سنڌو درياهه جيڪو هن وقت صرف انهيءَ درياءَ کي سڏيو وڃي ٿو اهو موجوده هماليه جبل جي ”ڪيلاس پربت“ واري ”مانسروور ڍنڍ“ مان نڪري ڳيپت، ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ واري علائقي مان وهندو ”عربي سمنڊ“ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. البيروني سنڌ کي ”سورن ديپ“، يعني ”سورن واري زمين“ سڏيو آهي، عربن ”مرنديپ“ ڪوٺيو آهي ۽ ساموندي سياحن ”سنڌ“ ۽ ”هند“ جو نالو ڏنو آهي. عربن جي فتح کان اڳ سنڌ جي حد تمام ڪشادي هوندي هئي، انهيءَ ۾ ”پنجاب“ ۽ ”بلوچستان“ جو پاڱو به اچي ٿي ويو. سنڌ جي فتح کان اڳ راءِ گهراڻي جي هندو راجائن وقت سنڌ جون حدون اوير ۾ ڪشمير ۽ قنوج، اولهه ۾ مڪران، ديبل ۽ سمنڊ، اتر ۾ قنڌار، سيستان ۽ سليمان جبل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۽ ذڪر ۾ ”سورت بندر“ تائين ڦهليل هيون. انهيءَ وقت سنڌ جي گادي جو هنڌ ”الور“ هو. هن سرزمين کي يوناني ”سنڌومان“، ”پراچين“ هندو ”سنڌو ديش“، عرب جاگرافي نويس ”مهراڻ“ ۽ سنڌ جا رهواسي ”سنڌو ديش“ جي نالي سان سڏيندا آهن. پنهنجن جي غداري ڪري سنڌ تي هميشہ ڌاريا حڪمران لالچ جي نگاهن سان ڏسندي ڪاهون ڪندا رهيا آهن. وڻ کان ڪنهن پڇيو تہ ”توکي هي لوهہ جو ننڍو ٽڪرو يعني ڪهاڙي ڪيئن ڪپي ٿي؟“ وڻ ڏک مان وراڻيو تہ ”پائو هن ڪهاڙي ۾ منهنجو ئي حصو جڙيل آهي، يعني ڪهاڙي جو ڳن ڪاٺ مان ٺهيل آهي ۽ انهيءَ ڪري ڪپجان ٿو.“ سو سنڌ سان صدين کان ائين ويڌن ٿيندي رهي آهي. سنڌ تي جن ڌارين راڄ ڪيو انهن ۾ عرب، مغل، ترخان، ارغون ۽ انگريز شامل آهن. انگريزن سنڌ تي 1843ع ۾ قبضو ڪيو ۽ ان کي ملڪ ۽ صوبي بدران بمبئي صوبي جو هڪ حصو بڻائي ڇڏيو. بمبئي ۾ سنڌ جي شموليت ڪانپوءِ سنڌ جي ڏکن ۽ تڪليفن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. سنڌ جا ماڻهو جيڪي صدين کان پنهنجي ”خودمختياري“ تحت زندگي گذاريندا آيا، جن جي سماجي زندگي برصغير جي ٻين علائقن کان مختلف هئي، اهي برطانيہ جي نئين سامراجي نظام کي شڪ ۽ عدم تحفظ جي نظرن سان ڏسڻ لڳا. سنڌ جي بمبئي سان شامل ٿيڻ بعد بمبئي جي ماڻهن خاص طرح ۽ هندستان جي عام ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي ويئي، سنڌ جا واپاري تعلقات سموري هندستان سان شروع ٿي ويا، انهيءَ ڪري سنڌ جي آبادي ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. هندستان جي مختلف علائقن مان ٻيون قومون سنڌ ۾ آباد ٿيون، جن ۾ اڪثريت هندستان جي مسلمانن جي هئي، جن بمبئي، يو.پي، بهار، سي. پي، حيدرآباد دڪن ۽ ٻين صوبن مان لڏي اچي سنڌ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي، انهن ۾ اڪثريت واپاري طبقي جي هئي، سنڌ جو عوام بمبئي سان شامل ٿيڻ ڪري ويتر اقتصادي زندگي ۾ مڪمل تباهہ ٿي ويو. انگريز حڪومت چاٽي واٽي سنڌ جهڙي سڪئي ستابي ملڪ کي بمبئي جي ماتحت بنايو تہ جيئن سنڌ جي دولت انگريز سامراج ل ُٽيندو رهي ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجين مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ هوندا، تہ هو آزادي نہ وٺي سگهندا ۽ ان لاءِ سنڌ جو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مٿانهون طبقو جاگيردار وڏيرو لاچار ۽ مجبور ٿي انگريزن جو خوشامندي ٿيندو جنهنڪري انگريز گهڻي عرصي تائين سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهندا. سنڌ جي ڪجهه باشعور اڳواڻن جي اها ڪوشش هئي ته سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪري پيهر خودمختياري واري حيثيت ڏياري وڃي. هن جدوجهد ۾ محترم محمد ايوب کهڙو جو ڪردار نمايان هو. هن جيڪي سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ لاءِ دليل ڏنا، هيٺين ريت هئا:

(1) نهيءَ مان اسان کي حقِ خودارادي ملندو جيڪو هر قوم جو بنيادي حق آهي.

(2) انهيءَ مان صوبي کي بي انصافين ۾ مشڪلاتن کان ڇوٽڪارو ملندو جيڪو گذريل 85 سالن کان لوڙي رهيو آهي.

(3) انهيءَ مان زمين جو سڌارو ۽ زراعت ۾ واڌارو ٿي سگهندو.

(4) انهيءَ مان اهي خرابيون د ُور ٿي سگهنديون، جيڪي 800 ميل پري کان سنڌ تي حڪومت ڪرڻ ڪري پيدا ٿيون آهن.

(5) ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي ترقي وٺرائي ۽ هتان تيز ريل گاڏي شروع ڪري ڪانپور، دهلي ۽ سچو واپار اتر ۽ مرڪزي هندستان سان ڳنڍيو ويندو.

(6) سنڌ پنهنجي جداگانه صوبائي حيثيت حاصل ڪري سگهندي ۽ ٻين ملڪن سان سامونڊي ۽ هوائي رستي جي ويجهي هئڻ ڪري پنهنجي اهميت قائم ڪندي.

(7) سنڌي ٻولي جيڪا قديم ۽ ڪلاسيڪل ٻولي آهي، اها بمبئي سرڪار جي بي توجهي سبب بي وسيءَ جي حالت ۾ آهي، سا وڌيڪ ترقي ڪري سگهندي.

(8) سکر بئراج جون زمينون ايستائين سڌاري نه سگهبيون، جيستائين اهي سنڌ حڪومت جي هٿ ۾ اچن.

(9) پوري هندستان جي صوبن مان برما کانپوءِ بمبئي حڪومت جو انتظامي خرچ گهڻو آهي، جنهن مان سنڌ جي ترقي لاءِ حصو نٿو بچائي سگهجي، بمبئي کان جدا ٿيڻ بعد حڪومت جو خرچ گهٽائي، پيدائش وڌائي، تعميري ڪمن تي خرچ ڪري سگهندي.

1933ع ۾ هندستان جي حڪومت سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ لاءِ هڪ سب ڪميٽي ٺاهي، جنهن ۾ محمد ايوب کهڙو، سيٺ حاجي عبدالله هارون، قاضي عبدالرحمان، اي ايل برائس، ميڪلاڪن ڪاولا، ديوان بهادر

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هيرانند کيسنگهه شامل هئا. هن ڪميٽيءَ جي سفارشن جي روشنيءِ ۾ سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ جو اصولي فيصلو ڪيو ويو. پهرين اپريل 1935ع ۾ برطانيه جي پارليامينٽ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ پاس ڪيو جنهن موجب اپريل 1936ع کان سنڌ کي مڪمل صوبي جي حيثيت ڏني وئي. سر نسلات گرهام کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ ڪراچي کي سنڌ صوبي جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو ۽ سر غلام حسين هدايت الله کي وزيراعليٰ بڻايو ويو.

15 آگسٽ تي ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو. محمد علي جناح پهريون گورنر جنرل بڻيو ۽ نوابزاده لياقت علي خان کي پهريون وزيراعظم چونڊيو ويو. جناح صاحب ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري ملڪ جي گادي جو هنڌ بڻايو ۽ سنڌ جي صوبائي حڪومت کي چيو ويو ته اها حيدرآباد کي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بڻائي. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري فيصلي جي محمد ايوب کهڙو، آغا غلام نبي پٺاڻ، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين رهنمائن سخت مخالفت ڪئي. هنن جو موقف هو ته ملڪ سان گڏوگڏ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچي هئڻ گهرجي، پر جناح صاحب، نوابزاده لياقت علي خان ۽ ٻين جي چوڻ تي اها ڳالهه نه مڃي، محمد ايوب کهڙو ان وقت سنڌ جو وزيراعليٰ هو.

پاڪستان شايد ايشيا جو واحد ملڪ آهي، جنهن ۾ گورنر جنرل، وزيراعظم، وفاقي وزير ۽ انتظامي آفيسر هجرت ڪري ٻين علائقن مان آيا. جنهن جو انهن علائقن سان ڪو به تعلق نه هو. جن صوبن ۽ علائقن ۾ پاڪستان قائم ٿيو هو، اها مسلم ليگ جيڪا ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ صوبائي خودمختياري جي چيمپئن هئي، پنهنجي اصولن تان ڦري وئي، مضبوط مرڪز جو نعرو هڻي ننڍن صوبن جا تاريخي ۽ قومي حق لتاڙيا ويا. سنڌ جي سري ڪراچيءَ کي زبردستي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. مئي 1948ع ۾ پاڪستان جي دستورساز اسيمبليءَ ڪراچي کي وفاقي انتظام هيٺ رکڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌ اسيمبلي کي پاڪستان جي دستورساز اسيمبلي جو درجو ڏنو ويو. سنڌ حڪومت جي دفترن تي وفاقي حڪومت قبضو ڪيو. سنڌين جي حاڪميت جو حق ڪراچي مان ختم ڪيو ويو. سنڌ مسلم

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ليگ 11 جون 1948ع تي پنهنجي اجلاس ۾ ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي هن فيصلي کي ناپسند ڪيو ۽ هن فيصلي کي سنڌ جون سرحدون گھٽائڻ جي سازش قرار ڏنو. 11 جون 1948ع تي 800 سنڌي شاگردن هن فيصلي خلاف ڪراچي ۾ جلوس ڪڍيو. سنڌ مسلم ليگ جي سيڪريٽري آغا غلام نبي پٺاڻ تقرير ڪندي چيو تہ ”جيڪڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو تہ اسان 24 مارچ 1940ع واري قرارداد پاڪستان کي ڦاڙي ڇڏينداسين“. محمد ايوب کھڙي جي احتجاج ڪري هن جي وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو. پير الاهي بخش کي ڪراچي کي وفاق کي ڏيڻ جي صلي ۾ سنڌ جو وزيراعليٰ بڻايو ويو. سنڌ جي سنڌي هندن جي ڇڏي ويل ملڪيتن کي آيل پناهگيرن جي حوالي ڪيو ويو. لڏپلاڻ جي سلسلي ۾ هندستان مان آيل پناهگير وڏي تعداد ۾ سنڌ ۾ آباد ڪيا ويا ۽ انهن جي آبادڪاري لاءِ هڪ ڌار وزارت قائم ڪئي ويئي. تحريڪ پاڪستان جي رهنمائن ورهاڱي کان اڳ ڪڏهن بہ انهيءَ ڳالهہ جو اظهار نہ ڪيو هو تہ ورهاڱي جي صورت ۾ لڏپلاڻ ٿيندي. قرارداد پاڪستان 1940ع، 1946ع جي ڪيبنيٽ مشن پلان، 3 جون 1947ع جي ننڍي کنڊ کي ورهائڻ جي منصوبي، يعني گورنمينٽ آف انڊيا انڊيپينڊنس ايڪٽ، جيڪي پاڪستان جي ٺهڻ جو بنياد آهن، انهن جي ڪنهن بہ شق ۾ لڏ پلاڻ يا هجرت جو ذڪر ناهي، پاڪستان جي قيام کانپوءِ مهاجرن جي آمد کي قانوني قرار ڏيڻ لاءِ نوابزاده لياقت علي خان، گورنر جنرل کان هڪ ”آرڊيننس“ نافذ ڪرايو جيڪو پاڪستان جي قيام جي روح جي خلاف هو. سابق وزيراعظم پاڪستان چوڌري محمد علي، جيڪو هڪ رٽائر آفيسر هو ۽ نوڪر شاهي جو نمائندو هو، پنهنجي ڪتاب ”ايمرجنس آف پاڪستان“ ۾ صفحي نمبر 267 تي لکي ٿو تہ ”مخصوص مفادن خاطر هندستان مان آيل غير قانوني ماڻهن خاطر پاڪستان جي عبوري آئين گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 2 تحت گورنر جنرل کي آرڊيننس جاري ڪرڻ جي اختيار تحت جناح صاحب کي 27 آگسٽ 1947ع تي مجبور ڪيو ويو تہ هو هڪ حڪمنامي تي دستخط ڪري، جنهن تحت پاڪستان ۾ ٻاهريان ماڻهو اچي سگھن. جيڪي پاڪستان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي اقتصادي زندگيءَ لاءِ خطرو بڻيل هئا. هن حڪم نامي، يعني ”پروڪليميشن آرڊر“ تحت سنڌ ۾ ٻه لک، پنجاب، صوبي سرحد، بهاولپور ۽ خيرپور رياستن ۽ بلوچستان ڪي هڪ هڪ لک پناهه گير آباد ڪرڻا هئا.“ لڏپلاڻ جيڪا سڄي سنڌ تي رهي، قيام پاڪستان وقت سنڌ ۾ سنڌي 95 سيڪڙو ۽ ڌاريا صرف 5 سيڪڙو هئا، پاڪستان جي قيام وقت سنڌ جي آبادي 52 لک هئي پر اڄڪلهه سنڌ ۾ ڌاريا پاڪستان جي اندر ۽ پاڪستان کان ٻاهر هر ماهه 30 هزار کان مٿي ماڻهو سنڌ ۾ آباد ٿين ٿا. هڪ سروي مطابق ملڪ ۾ واڌ جي شرح 3.3 سيڪڙو آهي، جڏهن ته سنڌ ۾ 6.6 سيڪڙو آهي، يعني جيترا ماڻهو سنڌ ۾ پيدا ٿين ٿا، اوترا ماڻهو ٻاهران اچن ٿا. اڄڪلهه سنڌ ۽ سنڌين کي تباهه ڪرڻ لاءِ 1955ع ۾ ”ون يونٽ“ ناهيو ويو، يعني سڀ صوبا ختم ڪري پاڪستان ۾ ٻه صوبا ناهيا ويا، هڪ مغربي پاڪستان، جنهن ۾ سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ پنجاب شامل هئا ۽ ٻيو مشرقي پاڪستان، جنهن ۾ بنگال صوبو شامل هو. ون يونٽ جو مقصد ننڍين قومن مٿان پنجاب جي حاڪميت قائم ڪرڻ هو. مرحوم محمد ايوب کهڙو جنهن سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو، ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ تي احتجاج ڪرڻ جي صلي ۾ وزارت اعليٰ قربان ڪري ڇڏي، انهيءَ ماڻهو وري اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ون يونٽ جو نوڙ سنڌي ماڻهن جي ڳچي ۾ وڌو. ون يونٽ جي مخالفت ۾ ان وقت جي سنڌ جي وزيراعليٰ عبدالستار پيرزادي کي ڊسمس ڪيو ويو. سنڌ اسيمبليءَ جي ان وقت جي اسپيڪر مير غلام علي ٽالپر کي گرفتار ڪري مٿي (ٿر) موڪليو ويو. موجوده سيشن ڪورٽ حيدرآباد جي عمارت ۾ هلندڙ سنڌ اسيمبلي مان ون يونٽ جي حق ۾ ڏنڊي جي زور تي منظوري حاصل ڪئي ويئي.

نه ڄاڻ ڇو سنڌ جا سياستدان اقتدار خاطر ڪاٺ جي عارضي ڪرسي خاطر سنڌ ۽ سنڌين کي وساري ويهندا آهن ۽ تاريخ ۾ انهن کي چڱن لفظن سان ياد نه ڪيو ويندو آهي. سنڌ جا ماڻهو اڄ به پير الاهي بخش، قاضي فضل الله، محمد ايوب کهڙو، پير علي محمد راشدي ۽ ڄام صادق علي کي خراب لفظن سان ياد ڪن ٿا، جن عارضي مفادن خاطر سنڌ جا مستقل مفاد وڪيا ۽ پنهنجي تاريخي شخصيت کي داغدار بڻايو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مُلڪ بحرانن جي ڀنوَر ۾

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪافي سال اڳ چيو هو تہ ”صرف انهيءَ ملڪ ۾ سياسي نظام مستحڪم ٿيندو، جنهن ۾ اقتصادي نظام مستحڪم هوندو.“ ڪنهن بہ مهذب ملڪ جي پائيدار ۽ جٽادار سياسي نظام جو بنياد ”ملڪي معيشت“ تي هوندو آهي. پياري پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن حڪومت کي سياسي استحڪام نہ مليو آهي، اهو انڪري تہ هر حڪومت جون معاشي پاليسيون عوام دوست نہ رهيون آهن. 59 سالن جي ڏگهي عرصي کانپوءِ پياري پاڪستان ۾ اڄ عام ماڻهو کي زندگيءَ جون ٻيون نعمتون تہ ٺهيو پر جياپي لاءِ ضروري صاف پاڻي مهيا نہ ٿي سگهيو آهي. ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (WHO) جي هڪ تازي رپورٽ مطابق، پاڪستان جا 90 سيڪڙو ماڻهو دل ۽ گُرڙدن جي بيمارين ۾ مبتلا آهن، ان جو مکيہ ڪارڻ پاڪستان ۾ صاف پيئڻ جو پاڻي نہ ملڻ آهي. پاڪستان ۾ هر ڏاڍو اچڻ سان اها دعويٰ ڪندو آهي تہ هو پاڪستان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندو، ڇاڪاڻ تہ سياستدانن رڳو ملڪ کي لٽيو ۽ ڦريو آهي. پاڪستان جي موجوده فوجي آمر آڪٽوبر 1999ع ۾ جڏهن ملڪ جي اقتدار جي سنگهاسن تي قبضو ڪيو هو تہ هن ملڪ کي سڌارڻ هڪ Road MAP جو اعلان ڪيو هو. ان جا بنيادي نُڪتا هي هئا:

(1) قومي اعتماد ۽ حوصلي جي نئين سري سان جوڙجڪ

(2) وفاق کي مضبوط بنائڻ ۽ صوبن جي وچ ۾ هم آهنگي کي فروغ ڏيڻ

(3) قومي يڪجهتي جي بحالي

(4) انصاف جي تڪڙي فراهمي

(5) غير جانبدارانہ احتساب (Accountblility) وغيره.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ستن سالن گذرڻ ڪانپوءِ ملڪي سياسي، معاشي پاليسين جو جيڪڏهن ايمانداريءَ سان جائزو ورتو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ اسان اتي بيٺا آهيون، جتي ست سال اڳ هئاسين. نائين اليون ڪانپوءِ پاڪستان دهشتگرديءَ جي خاتمي جي نالي آمريڪا جي رهنمائي ۾ وڙهندڙ هر ويڙهہ ۾ صف اول دستي وارو جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، ان سان پاڪستان جون سياسي معاشي حالتون ويتر وڌيڪ خراب ٿيون آهن. افغانستان تي آمريڪي حملي ڪرڻ کان اڳ جنرل پرويز مشرف آمريڪا جي غير مشروط حمايت ڪندي اعلان ڪيو هو تہ ”آمريڪا جون فوجي ڪارروايون افغانستان ۾ صرف محدود مدت لاءِ هونديون“. پر اها دعويٰ غلط ثابت ٿي. اڄ آمريڪي سامراجي پاليسي تحت دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو نيٽو جون اتحادي فوجون هڪ ”غير نيٽو“ ملڪ افغانستان ۾ ڏينهن رات ”طالبان“ جي نالي تي افغانستان ۽ ان جي پرپاسي واري قبائلي علائقن ۾ بيگناهہ عوام جو قتل عام ڪري رهيون آهن. جنهن ۾ سڀ کان سنگين واقعو باجوڙ ايجنسي ۾ مدرسي جي مٿان بمباريءَ جو آهي، جنهن ۾ 83 بيگناهہ مدرسي جا شاگرد ۽ استاد بمباري جو بک بڻيا آهن. ”پينٽاگون“ ۾ وينل ٿنڪ ٽينڪ جي ميمبرن جي غلط پاليسين تحت افغانستان ۾ اڄ آمريڪا جي مدد جي سهاري تي حامد ڪرزئي کي افغانستان جي عوام مٿان مسلط ڪيو ويو، جنهن جي حڪومت جو دائرو صرف ”ڪابل“ تائين محدود ناهي، جنهنکي افغانستان ۾ آمريڪا جي اچڻ جو اصل مقصد وچ ايشيا جي اسلامي رياستن جي گيس ۽ تيل جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ آهي ۽ ايران ۽ پاڪستان تي نظر رکڻ آهي. جنرل پرويز مشرف جنهن اها دعويٰ ڪئي هئي تہ آمريڪا جي افغانستان ۾ مداخلت محدود مدت لاءِ هوندي. اڄ هو نہ صرف آمريڪي فوجين جي سرگرمين ۾ حامد ڪرزئي طرفان پاڪستان خلاف جارحانہ رويي ڪري اڄ ڪلهہ ذهني طرح پريشان نظر اچي رهيو آهي، جنهن جو اظهار هو مختلف هنڌن تي ڪندو رهيو آهي. اڄ ستن سالن جي عرصي ڪانپوءِ جنرل پرويز مشرف پاڻ ئي چوڻ تي مجبور ٿيو آهي تہ ”وفاق ڪمزور ٿيندو پيو وڃي، امن امان جي صورتحال پهريان کان وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي، انتهاپسند اڏوهي جيان پاڪستاني معاشري کي نقصان پهچائي رهيا آهن. جيڪڏهن ايندڙ اليڪشن جيڪا 2007ع جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اوائل ۾ متوقع آهي، عوام اعتدال پسندن کي نہ چونديو تہ قائداعظم جو پاڪستان ختم ٿي ويندو“. جنرل پرويز مشرف سالن کان اهو چوندو اچي ٿو تہ پاڪستان کي هڪ روشن خيال ۽ اعتدال پسند رياست بنائيندو، پر آمريڪي حڪومت جو هڪ اهم رڪن رچرڊ باؤچر تازو چئي چڪو آهي تہ هن خطي ۾ آمريڪي پاليسين کي عملو جامو پارائڻ ئي جنرل پرويز مشرف جو روشن خياليءَ ۽ اعتدال پسنديءَ جو تصور آهي. دهشتگرديءَ جي خاتمي جي ناليءَ تي ستن سالن کان وڙهندڙ ويڙهہ ۾ جيترو پاڪستان کي نقصان پهتو آهي، ان لاءِ صرف هي چئي سگهجي ٿو تہ ”اڄ پاڪستان جو وجود خطري ۾ آهي. دهشتگرديءَ جي خاتمي جي ناليءَ تي جوڙيل غلط داخلي ۽ خارجي پاليسين ڪري پاڪستان کي ناقابلِ تلافي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ پاڪستان جي معيشت ڏينهون ڏينهن زوال پذير آهي.“ ان جو هڪ تازو مثال هي آهي تہ جلدبازي ۽ نجڪاريءَ جي ناليءَ تي ڪوڙين اگهہ ڪروڙن جا صنعتي، ٽيڪنيڪل ادارا نيلام ڪيا ويندا پيا، اهو ئي سبب آهي تہ اسٽيل مل جي وڪري کي سپريم ڪورٽ غير منافعہ بخش قرار ڏيئي رد ڪري ڇڏيو. ملڪ جي خراب معاشي پاليسين ڪري روزمره زندگي ۾ واپرائڻ جي هر شيءِ مهانگي ٿيندي پئي وڃي، جيڪڏهن ڪا شيءِ سستي ٿي آهي تہ ويچارو انسان آهي، جيڪو 24 ڪلاڪ سُورن ۾ آهي ۽ مجبور ٿي هڪ انمول شيءِ، يعني زندگيءَ کي داءَ تي لڳائي رهيو آهي. پاڪستان جي خراب معيشت جو جيڪو حال آهي، اهو خود حڪومت طرفان جاري ڪيل انگن اکرن جي مطابق افراط زر، تجارتي خسارو، ڪرنٽ اڪائونٽس جا بيلنس ۽ بيروزگاريءَ جي موجوده شرح آهي، جيڪا 1999ع ۽ 2000ع جي مقابلي ۾ وڌيڪ خراب ٿي آهي. يورپي يونين طرفان گذريل سال هڪ رپورٽ ۾ چيو ويو هو تہ ”پاڪستان جي حڪومت جي رپورٽن ۾ جيڪا معيشت جي خوشنما شڪل پيش ڪئي ويئي آهي، اها حقيقت جي برعڪس آهي.“ عالمي بئنڪ جي چيف اڪنامسٽ گذريل سال چيو هو تہ ”گذريل پنجن سالن ۾ پاڪستان جي معيشت جي ڪارڪردگي ڀارت ۽ چين جي ڀيٽ ۾ بهتر نہ رهي آهي.“ عالمي بئنڪ جي نمائندي جون 2005ع ۾ چيو هو تہ ”دنيا کي اقتصادي شعبي ۾ چين ۽ ڀارت جي تقليد ڪرڻ گهرجي.“ گذريل چند سالن ۾ ڀارت

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

برآمدات 07 ارب ڊالرن مان وڌي 12 ارب ڊالر تائين پهتي آهي، جڏهن ته پاڪستان جي برآمدات 12 ارب ڊالر مان وڌي 18 ارب ڊالرن تائين پهچندي. ڀارت جا زرمبادله جا ذخيرا، گذريل پنجن سالن ۾ 30 ارب ڊالرن مان وڌي 160 ارب ڊالرن تائين پهتا آهن، جڏهن ته پاڪستان ۾ زرمبادله جا ذخيرا 4 ارب ڊالرن مان وڌي 12 ارب ڊالرن تائين پهتا آهن. عالمي بئنڪ اهو به چيو آهي ته ”پاڪستان جي معيشت ۾ ڪافي خرابيون موجود آهن، جنهن ڪري معيشت تباهه ٿي سگهي ٿي، معاشي ترقي جي رفتار کان پاڪستان جو ”ڀيو“ نه پر ”ڇهون“ نمبر ملڪ آهي.“ جنرل پرويز مشرف اها به دعويٰ ڪئي هئي ته ”پاڪستان ۾ ڪوبه غريب نه رهندو اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن هر پاڪستاني جي ڇهري تي خوشحالي جو نور هوندو ۽ غربت جي اداسي نه هوندي.“ جيڪڏهن مهانگائي ۽ بيروزگاري جي اها رفتار رهي ته ايندڙ سالن ۾ واقعي ڪوبه غريب زنده نه هوندو. پاڪستان جي غربت جي باري ۾ عالمي بئنڪ جيڪا پيشنگوئي ڪئي آهي ته پاڪستان جي آبادي جو 56 سيڪڙو عوام غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي، يعني ڪين هڪ ويلو روز رُکي سُکي ماني نصيب ٿئي ٿي. بيروزگاري جي شرح 1999ع جي مقابلي ۾ اڄ کان وڌيڪ آهي، تعليمي ادارن مان نڪرندڙ ڪروڙين نوجوان ڊگريون ڪڻندي ر ُلندا رهن ٿا ۽ پٽيوالي جي نوڪري به قبول ڪرڻ لاءِ تيار رهن ٿا. جنرل پرويز مشرف ڪرپشن ختم ڪرڻ ۽ بدعنوان سياستدانن، فوجي توڙي سول بيورو ڪريسي جي احتساب جو جيڪو نعرو هنيو هو ۽ اهو به چيو هو ته هن سميت سڀني جو احتساب ٿيندو ۽ اسان قومي دولت جي لٽيرن جو دنيا جي هر ڪ ُنڊ ۾ پيڇو ڪنداسين. احتساب جي نالي تي پاڪستان ۾ جيڪو ٿي رهيو آهي، ان کان ڪوبه ذي شعور انسان انڪار نٿو ڪري سگهي، وفاقي ڪابينا ۾ ڪافي اهڙا وزير ۽ مشير موجود آهن، جن تي اڳ ۾ ”نيب“ جا ڪيس داخل هئا. پاڪستان ۾ حاليه ڪنڊ جو بحران پيدا ڪري ڪروڙين رپين وارا به وفاقي ڪابينه ۾ موجود آهن. تازو خود جنرل پرويز مشرف اهو پاڻ اعتراف ڪري چڪو آهي ته ”بدعنوان ماڻهو پارليامينٽ ۾ پهچي چڪا آهن“. مارچ 2005ع ۾ ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج جي بحران ۾ ماڻهن 780 ارب رپيا نقصان پهتو هو پر 18 مهينن گذرڻ ڪانپوءِ بروڪرز سٽي بازن ۽

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

بحرانن ۾ ملوث بئنڪ ۽ بئنڪن جي آفيسرن خلاف ڪو قدم نہ کنيو ويو آهي، ويتر انهن بااثر ماڻهن جو دفاع ڪيو ويو آهي. جن سياستدانن ۽ بااثر ماڻهن بئنڪ کان اربين رپيا قرض کنيو هو جنرل پرويز مشرف اهو اعلان ڪيو هو تہ جلد ئي قرض کٽندڙن جي لسٽ شايع ڪئي ويندي ۽ چار هفتن جي اندر اهي قرض واپس ڪن نہ تہ کين قانون جي ”لوهي هٿ“ کي منهن ڏيڻو پوندو. ستن سالن گذرڻ ڪانپوءِ بہ قرض کٽندڙن جي لسٽ شايع نہ ٿي آهي. نيب جي آڪٽوبر 2004ع جي رپورٽ مطابق، هنن قرض کٽندڙن جي وصولي ۽ ري شيڊيولنگ ڪئي آهي، جنهن رقم جو ڪاٿو 136 ارب رپيا آهي پر گورنر اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان لکيو آهي تہ قرض جي وصولي ۽ ري شيڊيولنگ جو حجم صرف 17 ارب رپيا آهي. زميني حقيقتون هي آهن تہ بئنڪن پنهنجن ڪروڙين ڪاتيدارن کي 1999ع ۾ اوسطاً ست سيڪڙو سالانہ منافعو ڏنو هو، جڏهن تہ گذريل سال اهو گهٽجي اڍائي سيڪڙو ٿيو آهي، جيڪا استحصال جي بدترين شڪل آهي. اسٽيٽ بئنڪ جي رپورٽن ۾ اهو اعتراف بہ موجود آهي، تہ گذريل سالن ۾ صنعت ۽ تجارت لاءِ بئنڪن جيڪي ڪروڙين رپيا قرض ڏنو هو ان قرض کي کنڊ ۽ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي، سٽيبازي، جائيداد جي خريد ۽ فروخت ۽ قومي بچت جي سرمايہ ڪاري لاءِ استعمال ڪيو ويو، جيڪو ”امانت ۾ خيانت“ جي زمري ۾ اچي ٿو، اهڙي طرح گهٽ وياج تي ڏنل برآمدي قرضن جو غلط استعمال ڪيو ويو. هن رمضان شريف ۾ اربين رپين جا نوان ڪرنسي نوٽ بئنڪن ۽ اسٽيٽ بئنڪ جي ملي ڀڳت سان ”مني چينجرس“ کي بليڪ ۾ وڪيا ويا. اهڙي طرح موجوده حڪومت ملڪ کي استحڪام نہ ڏيئي سگهي آهي، ان لاءِ بهتر ٿيندو تہ ملڪ اندر ۽ صوبن ۾ نگران حڪومتون جوڙيون وڃن ۽ ملڪ ۾ غير جانبدار اليڪشن ڪميشن جوڙي عام چونڊون اينڌڙ مارچ 2007ع ۾ ڪرايون وڃن تہ جيئن اينڌڙ چونڊيل حڪومت ملڪ جي سياسي ۽ اقتصادي بحران کي منهن ڏيئي سگهي ۽ پياري پاڪستان کي وڏيڪ کنهن وڏي نقصان کان بچائي سگهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ايران، وطن پرستي ۽ قومپرستي

ايران هڪ قديم شاندار تهذيب رکي ٿو. ايران ۾ مختلف مذهبن ۽ نسلن جا ماڻهو آباد آهن. ايران جي قوم پنهنجي وطن ۽ زبان سان بيحد محبت ڪري ٿي. ايران جا ماڻهو فارسي زبان کان سواءِ ٻاهرين ملڪن مان سياحن ۽ زائرين سان ٻي ٻولي ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. ايران جي تعليمي ادارن ۾ پهرين درجي کان وٺي پوسٽ گرئجويٽ ڪلاسن تائين سڀ مضمون فارسي زبان ۾ پڙهايا وڃن ٿا. ايستائين جو ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ڪاليجن ۾ بہ ايم آف انٽرڪشن فارسي زبان ۾ آهي. ايران جي ايئرپورٽ، ريلوي اسٽيشن، سرڪاري آفيسن ۽ اهم شاهراهن ۽ رستن تي سائن بورڊ فارسي زبان ۾ لکيل آهن. ايران ۾ جيڪي نسلي گروپ آباد آهن، انهن جي ورڇ هن طرح آهي: پرشين 51 سيڪڙو، اذري 24 سيڪڙو گاڪي، عرب ٽي سيڪڙو، بلوچ بہ سيڪڙو، ترڪمين بہ سيڪڙو ۽ باقي ۾ مزداراني، ڪرد، ليوس، قاشقائي، آرمينس، فارسي ودي، جارجين، گيروگين، اسائرين، ڪرڪاسين، ٽٽس، پشتون ۽ ٻيا شامل آهن. ايران جي 2006ع جي مردمشماري مطابق 7 ڪروڙ آبادي آهي. ايران جي بہ ڀاڱي ٽي سيڪڙو آبادي جي عمر 30 سالن کان گهٽ آهي ۽ لٽريسي ريٽ 80 سيڪڙو آهي. 1979ع جي انقلاب کانپوءِ اٽڪل 3 ڪروڙ ماڻهو اتر آمريڪا، يورپ، ڏکڻ آمريڪا ۽ آسٽريليا ڏانهن هليا ويا آهن. ايران ۾ خانداني منصوبہ بندي ناهي، آڪٽوبر 2006ع جي چونڊ کٽڻ کانپوءِ موجوده صدر محمود احمدي نجاد خانداني منصوبہ بندي جي پروگرام جي مخالفت ڪئي تہ هر خاندان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪي صرف ٻه ٻار پيدا ڪرڻا آهن. محمود احمدي نجاد چاهي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪروڙ ماڻهو پيدا ٿين ته جيئن عراق- ايران جنگ ۾ مارجي ويل آبادي جو ازالو ڪري سگهجي. ايران ۾ افغانستان ۽ عراق مان آيل لکين پناهگير پڻ موجود آهن. ايران جي خواهش آهي ته اهي پناهگير پنهنجي ملڪ موٽي وڃن. ايران جي 98 سيڪڙو آبادي مسلمانن تي مشتمل آهي، جن مان 90 سيڪڙو "شيعه" مسلڪ سان تعلق رکن ٿا ۽ باقي 8 سيڪڙو سني مسلڪ سان تعلق رکن ٿا ۽ باقي ٻه سيڪڙو غير مسلم آهن. جن ۾ بهائي، مندين، هندو، زرتشت، يهودي ۽ عيسائي شامل آهن. ايران جي پارليامينٽ، يعني مجلس ۾ زرتشت، يهودين ۽ عيسائين جون مخصوص سيٽون آهن. بهائي عقيدي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي اڪثريت آهي پر انهن لاءِ نه سيٽون مخصوص آهن ۽ نه ئي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو حق آهي، اقوام متحده جي انساني حقن جي ڪميشن مارچ 2006ع ۾ جيڪا رپورٽ پيش ڪئي آهي ته ايران ۾ بهائي فرقي جي ماڻهن سان ناروا سلوڪ ڪيو وڃي ٿو. ايران جي گاديءَ جو هنڌ تهران هڪ خوبصورت شهر آهي، جنهن ۾ 71,60,094 جي آبادي آهي، ايران جون 50 سيڪڙو صنعتون تهران ۾ آهن، جن ۾ ڪارون ناهڻ جون فيڪٽريون، اليڪٽرانڪ جو سامان، فوجي هٿيارن، ٽيڪسٽائل، شگر، سيمينٽ ۽ ٻين پراڊڪٽس جا ڪارخانا موجود آهن. تهران ۾ انڊر گرائونڊ ريلوي نظام وڇايل آهي، جتي فرانس کان بر آمد ڪيل ٽرينون هلايون وڃن ٿيون. مشهد ايران جو مقدس شهر آهي، جيڪو امام علي رضا عليه السلام جي آخري آرامگاهه آهي، هي شهر تهران کان 912 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي، شيعه فرقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن مطابق امام علي رضا عليه السلام اٺون امام آهي. ان جي ولادت خميس 11 ذوالقعد 148 هجري ۾ مدينه منوره ۾ ٿي، جن جي شهادت صفر 203 هجري ۾ ٿي، ڪين وقت جي حاڪم مامون رشيد عباسيءَ زهر سان ڀريل انگور کارائي شهيد ڪيو. ان وقت امام علي رضا عليه السلام جي عمر 55 سال هئي. ايران جا ماڻهو امام علي رضا عليه السلام جي آخري آرامگاهه کي "حرم شريف" سڏين ٿا. مشهد ۾ دنيا جي مسلم ملڪن مان لکين زائرين

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

امام علي رضا عليہ السلام جي مزار مبارڪ يا آرامگاهہ تي حاضري ڏيڻ اچن ٿا. هڪ اندازي مطابق روزانو هڪ لک ماڻهو امام علي رضا عليہ السلام جي حاضري ڀرين ٿا. ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ زائرين کي هڪ پيرو شاندار لنچ ڪارائي ويجي ٿي، جنهن کي امام علي رضا عليہ السلام جي ”ميزباني“ سڏيو ويجي ٿو. امام جي مرقدگاهہ جا 6 ايوان آهن. جن ۾ ڪلچرل سينٽر پڻ شامل آهي، جتي ٻاهران آيل زائرين کي فارسي، اردو، انگريزي، روسي زبان ۾ لٽريچر مفت فراهم ڪيو ويجي ٿو. ايوانن جي پکيڙ 100 ڪلوميٽر کان وڌيڪ آهي. مشهد مقدس تهران کان پوءِ ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. مشهد جي آبادي 20,37,734 آهي، ان کان سواءِ ٻين وڏن شهرن ۾ اصفهان 15,73,378 جي آبادي تي مشتمل آهي. اصفهان دنيا جو هڪ خوبصورت شهر آهي. اصفهان کي عام چوڻي ۾ ”نصف جهان“ سڏيو ويندو آهي. هي بيگم نصرت ڀٽو جو آبائي شهر آهي، ان کان پوءِ ”تبريز“ 085، 13، 15 آبادي تي مشتمل آهي. ان کانپوءِ ”ڪاراج“ 14,60,961 جي آبادي تي مشتمل آهي. ان کانپوءِ ”شيراز“ 12,78,140 آبادي تي مشتمل آهي. شيراز ۾ فارسي جي عظيم شاعرن شيرازي ۽ سعديءَ جون آخري آرامگاهون آهن. مشهد مقدس کانپوءِ ”قم“ مذهبي لحاظ کان اهم شهر آهي، جنهن جي آبادي 10,45,578 آهي. ”قم“ ۾ امام علي رضا جي همشيره بيبي معصومہ فاطمہ جي آخري آرامگاهہ آهي. ”قم“ ۾ هزارين مدرسا آهن جن ۾ دنيا جي سيني ملڪن سان تعلق رکندڙ عالم تعليم حاصل ڪن ٿا. هن شهر ۾ اٽڪل ڏهہ هزار سنڌي پڻ آباد آهن. ان کانپوءِ ”اهواز“ وڏو شهر آهي، جنهن جي آبادي 8,41,145 آهي. ايران هڪ شاندار تاريخي ثقافت رکي ٿو، جنهن ۾ آرٽ، ميوزڪ، فن تعمير، شاعري، فلاسافي، روايتون ۽ آئيڊيالاجي شامل آهي. ايران جي شاعري ۾ وطن پرستيءَ جو عنصر موجود آهي، فارسي زبان جي عظيم شاعر نظامي مطابق:

همه عالم تن است و ايران دل،
نيست گوينده زرين قياس خجل.

معنيٰ: ايران سڄي دنيا جي دل آهي، هن خيال تي مون کي ڪو افسوس ناهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شاهنامہ جي تخليقڪار فردوسي مطابق:

ڪه ايران بهشت است يا بوستان،
همي بوي مشک آيد از دوستان.

ايران عدن يا باغن جو بهشت آهي، جنهن جي خوشبو دوستن ۾ ساٿين ڪي ملي ٿي.

عظيم شاعر سعدي مطابق:

بني آدم اعضاءَ يک پيکرند،
که در افرينش زيد گوهر ند،
که درافرينش زيد گوهر ند،
چوعضوي بہ آورد روزگار،
دگر عضو ها را نماند قرار.

معنيٰ:

”بني آدم هڪڙي جوهر مان پيدا ٿيو آهي، سڀ انسان هڪ ئي عنصر وانگر آهن، جيڪڏهن هڪ انسان کي تڪليف ٿيندي تہ سڀني انسانيت کي تڪليف ٿيندي. انساني نسل هڪ اهم خوشبو آهي، جنهن جي بنياد تي تخليق آهي. هڪ عضوو ئي ڪافي آهي دنيا کي اهميت محسوس ڪرائڻ لاءِ.“ New Para ان ڪان علاوه نيشاپور ۾ عمر خيام جي آخري آرامگاهہ آهي. ايران جو نئون سال، جنهن کي ”نوروز“ سڏين ٿا، هر سال 20 مارچ تي وڏي پيماني تي ملهايو ويندو آهي. 2004ع ۾ اقوام متحده جي اداري يونيسڪو ”نوروز“ کي انساني قومي ورثي جو عظيم ڏينهن قرار ڏنو آهي. ايران صفائي سٿرائيءَ ۾ دنيا جو عظيم ملڪ آهي. مغرب جي اذان ڪانپوءِ صفائي ڪندڙ سڀي رات شهرن جي روڊن رستن ۾ گهٽين جي صفائي ڪن ٿا ۽ رستن کي پاڻي سان ڌوئين ٿا، پر توهانکي صبح جو ايران جي ڪنهن بہ شهر ۾ ”پاڻي جو ڊُبو“ نظر نہ ايندو ۽ روڊ رستا چمڪندا نظر ايندا، ان ڪري گندگي جي اهم نشاني ”مک“ توهانکي ايران جي ڪنهن بہ شهر ۾ نظر نہ ايندي. هر شهر جي چونڪ ۾ مردن ۽ عورتن لاءِ ڌار ڌار سرڪاري واش روم نهيل آهن، جن کي ڏسي، توهان کي ڪنهن فور اسٽار هوٽل جا ”باٿ روم“ ياد اچي ويندا. ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ ايران ۾ ڪٿي بہ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

توهان کي ”فقير ۽ ڪُتو“ نظر نہ ايندو. ايراني وطن پرست هئڻ سان گڏوگڏ خوددار ۽ محنتي آهن ۽ صفائي کي نصف ايمان سمجهن ٿا. مشهد مقدس ۾ جڏهن مون ايراني ڪلچرل سينٽر ۾ هڪ ”خادم“ کان پڇيو تہ ايران ۾ ”ڪتا“ ڇو نہ آهن, جڏهن تہ ٻيا جانور موجود آهن. هن مذاق ۾ چيو تہ ”سڀ ”ڪتا“ آمريڪا ۽ اسرائيل هليا ويا آهن.“ ايراني آمريڪا ۽ اسرائيل کان سخت نفرت ڪن ٿا, انهن کي هر نماز يا جمعي نماز جي خطبي ۾ مذهبي وعظ سان گڏوگڏ آمريڪا ۽ اسرائيل کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائين ٿا. آمريڪي صدر بش کي هو ”عظيم شيطان“ ۽ اسرائيل کي ”ننڍو شيطان“ سڏين ٿا. ايراني پاڪستان جي موجوده حڪومت کان آمريڪي نواز پاليسين جي ڪري سخت نفرت ڪن ٿا. اسان کي هنن پاڪستاني سمجهي ڌڪار ۽ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو پر جڏهن اسان انهن کي ٻڌايو تہ اسان جو تعلق ”سنڌ“ سان آهي, جنهن جا ايران سان قديمي رشتا ناتا آهن تہ پوءِ نفرت ۾ ڪجهہ ڪمي آئي. ايراني قومپرست کان وڌيڪ وطن پرست آهن. هو پنهنجي وطن سان بيحد پيار ڪن ٿا ۽ ان جي خاطر هو پنهنجو تن من ڌن قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ايران ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ هر ڇوڪر يا ڇوڪريءَ لاءِ ٻہ سال فوجي ٽريننگ لازمي آهي ۽ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هر هٿيار هلائڻ جي تربيت ڏني وڃي ٿي, جيئن پنهنجي وطن تي آمريڪي يا اسرائيلي جارحيت جي صورت ۾ دفاع ڪري سگهن.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪاليج بئنڪ يا هوٽل

پاڪستان هڪ سياسي تجربہ گاھہ آهي، جتي 59 سالن کان مختلف تجربا ٿيندا رهيا آهن، تجربن ئي تجربن ۾ اڌ ملڪ هٿن مان هليو ويو. پر اسان تجربن مان هٿ نہ ڪڍيو آهي. موجوده فوجي آمريت جي دور ۾ هڪ جنرل تنوير نقوي ملڪ کي نئون ”سياسي نظام“ ڏنو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ”انتظامي نظام“ سڏيون تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. جنرل تنوير نقوي کي ملڪ ۾ نئون انتظامي ڍانچي يا سياسي نظام جوڙڻ جو ”ٽاسڪ“ ڏنو ويو. هن نظام جي خاص ڳالھہ اها آهي تہ ملڪ جي ”سول بيوروڪريسي“ لاءِ رکيل عهدن جا نالا تبديل ڪيا ويا، جيئن تہ مٿين انتظامي سطح تي وفاقي سيڪريٽري هوندا آهن، انهن کان پوءِ سيڪريٽريٽ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ ايڊيشنل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري، ڊپٽي سيڪريٽري ۽ سيڪشن آفيسر هوندا آهن. اهڙي طرح صوبن ۾ چيف سيڪريٽري، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، سيڪريٽري، اسپيشل سيڪريٽري، ايڊيشنل سيڪريٽري، ڊپٽي سيڪريٽري ۽ سيڪشن آفيسر هوندا آهن. برصغير ۾ اهڙا آفيسر ”انڊين سول سروس“ (ICS) جو امتحان پاس ڪري سول سروس اڪيڊمي ۾ تربيت وٺڻ کانپوءِ انهن عهدن تي مقرر ڪيا ويندا هئا. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان پنهنجو هڪ انتظامي ڍانچو جوڙيو جنهن کي وفاقي سطح تي هلائڻ لاءِ CSP يا CSS ۽ صوبن کي هلائڻ لاءِ PCS جو نالو ڏنو ويو. هن وقت بہ وفاقي سطح تي CSS جو امتحان ڏيڻ لاءِ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن موجود آهي ۽ صوبن ۾ PCS جي امتحان لاءِ صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن موجود آهي. سيڪريٽريٽ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سطح تي وفاق توڙي صوبن ۾ عهدن ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آندي ويئي، پر ڊويزنل يا ضلعي سطح تي آفيسرن جي پوسٽن جا نالا تبديل ڪيا ويا. ڪمشنر جو عهدو ختم ڪيو ويو ضلعن ۾ ڊپٽي ڪمشنرن بدران ڊي سي او (ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر) مقرر ڪيا ويا. انهن جي مدد لاءِ مختلف کاتن لاءِ ايگزيڪٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسر مقرر ڪيا ويا. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2000ع تحت ضلعن ۾ ضلعي ناظم، ٽائون ناظم، تعلقي ناظم، يونين ڪائونسل ۽ ڪائونسلرن تي مشتمل هڪ نئون انتظامي ڍانچو جوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو. ضلعي حڪومتن کي ضلعي جي حدن اندر 14 گريڊ تائين آفيسر رکڻ ۽ بدلي ڪرڻ جا اختيار ڏنا ويا، باقي مٿين گريڊن جي آفيسرن جي پوسٽنگ جا اختيار صوبائي حڪومت حوالي ڪيا ويا. ستن سالن گذرڻ ڪانپوءِ هن نظام مان عام ماڻهو کي ڪو لاڀ نہ مليو آهي، پر هر سطح تي ڪرپشن ۾ واڌ آئي آهي. ماضي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ ڊويزنل سطح تي ڪمشنر ۽ ضلعي سطح تي ڊپٽي ڪمشنر هوندا هئا، جيڪي پنهنجي صلاحيتن آهر انتظام کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ عوام جي ٽڪو پئسو دادرسي ٿيندي هئي، هينئر ڪٿي بہ حڪومت جي "Writ"نظر نٿي اچي. جڏهن کان ضلعي نظام ِ حڪومت قائم ٿيو آهي، عوام آزار ۾ مبتلا آهي، ڪٿي بہ امان امان نظر نٿو اچي ۽ نہ ئي ڪو ماڻهن جي دادرسي ٿئي ٿي. ضلعي نظام حڪومت ۾ عوام مٿان جيڪي "ناظم" رکيا آهن، تن سڀني خلق ِ خدا کي آزاريو آهي. عوام جي خدمت بدران پنهنجا گهر ڀريا آهن، ائين لڳي ٿو تہ ملڪ اندر ضلعي حڪومتن جي روپ ۾ ننڍيون ننڍيون "خودمختيار رياستون" قائم ڪيون ويون آهن. ضلعن ۾ رهندڙ مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جي قسمت جو مالڪ "جاگيردارن، وڏيرن ۽ ڀوتارن" کي بنايو ويو آهي، جيڪي ڪنهن بہ "اٿارٽي" اڳيان ذميوار ناهن. ضلعي ناظم انهن جهنگلي هاٿين جيان آهن، جن کي قابو ۾ آڻڻ لاءِ ڪو "مهار" ناهي ۽ اهي بدمست ٿي عوام کي چيپياٽي رهيا آهن. ستن سالن ۾ سڀ کان وڏيڪ نقصان سنڌ جي تعليمي نظام کي رسيو آهي، خاص طور تي "ڪاليج ايجوڪيشن" مڪمل طور تي تباهہ ٿي چڪي آهي. ضلعي سطح تي اختيار نہ هئڻ سبب اڄ بہ سوين ڪاليج

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پرنسپالن ڪانسواءِ هلي رهيا آهن. سوين گرلز ۽ بوائز ڪاليجن ۾ سائنسي توڙي آرٽس جا استاد موجود ناهن. سٽن سالن ۾ نوڪرين تي پابندي هٽڻ ڪري ڪاليجن ۾ پٽيوالن، چوڪيدارن، ليبارٽري اٽينڊنٽ، ليبارٽري اسسٽنٽ، ڪلرڪن، اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ جون ٻن هزارن کان مٿي جايون خالي پيل آهن. موجوده اُپرندڙ ڪاليجن جي تعليمي نظام کي آڏو رکي سپلا سڀ کان پهرين اهو مطالبو رکيو ته ”ڪاليج ايجوڪيشن“ کي ضلعي حڪومتن بدران صوبائي حڪومت جي تحويل ۾ ڏنو وڃي. آخر طويل جدوجهد کان پوءِ سنڌ جي گورنر، لوڪل سيلف گورنمينٽ آرڊيننس 2002ع ۾ هڪ ترميم ڪئي آهي، جنهن تحت ڪاليجن کي 20 جون 2006ع کانپوءِ ضلعي حڪومتن بدران صوبائي حڪومت حوالي ڪيو ويندو. اسان جي سول بيوروڪريسي ۾ گهٽو ڪري اهڙن ڪامورن جي اڪثريت آهي، جيڪي خلقِ خدا کي آزاريندا آيا آهن. صرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪامورا موجود آهن، جن کي خوفِ خدا به آهي ۽ جن ۾ خلقِ خدمت جو جذبو به موجود آهي، اسان هميشه اهو عرض رکندا آيا آهيون ته هي دور ”اسپيشلائزيشن“ جو دور آهي، انڪري تعليم کاتي جو سيڪريٽري ڪنهن اهل، ايماندار ۽ اصول پرست استاد کي بڻايو وڃي ته جيئن سنڌ جي اُپرندڙ تعليمي نظام کي بچائي سگهجي. جهڙي طرح هن وقت سنڌ حڪومت جي ”آبپاشي کاتي“ جو سيڪريٽري هڪ انجنيئر آهي ۽ صحت کاتي جو سيڪريٽري هڪ ”ڊاڪٽر“ آهي ته اهڙي طرح تعليم کاتي جو سيڪريٽري به هڪ استاد کي بڻايو وڃي. هڪ استاد ئي تعليم جا پيچيده مامرا سلجهائي سگهي ٿو. اخبارن ۾ اهو پڙهڻ ۾ اچي ٿو ته موجوده سيڪريٽري تعليم، جنهن جو تعلق ”DHG“ گروپ سان آهي، ان به جنرل تنوير نقوي جي نقش قدم تي هلندي، ڪاليجن جي انتظام لاءِ جيڪو نئون ڍانچو مرتب ڪيو آهي، اهو ڪل وٿان آهي، شايد سيڪريٽري تعليم جي نظرن ۾ هاڻ ڪاليج ايجوڪيشن، فائيو اسٽار هوٽل يا بئنڪ آهي. هن صاحب جيڪو انتظامي ڍانچو چيف سيڪريٽري کي سفارش لاءِ موڪليو آهي، ان مطابق سڄي صوبي جي ڪاليجن جو انتظام هلائڻ لاءِ هڪ ”صوبائي تعليمي مئنيجر“ هوندو، جيڪو 20 گريڊ جو هوندو ۽ ان جو هيڊ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪوارٽر ڪراچي ۾ هوندو ۽ باقي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ”ريجنل تعليمي مئنيجر“ هوندا ۽ انهن جا مدد لاءِ ”ڊپٽي تعليمي مئنيجر“ ۽ ”اسسٽنٽ تعليمي مئنيجر“ هوندا. تعليم هڪ معزز پيشو آهي، ان کي بئنڪ يا هوٽل وانگر ڪاروبار نہ سمجهيو وڃي، ان ڪري ماضي وانگر ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊائريڪٽوريٽس ڪاليج ايجوڪيشن قائم ڪيون وڃن ۽ انهن ۾ 20 گريڊ جا سينيئر، اهل ۽ اعليٰ تعليم يافتہ ايماندار، سٺي شهرت رکندڙ آفيسر، ڪاليج ڪيڊر مان رکيا وڃن ۽ سندن مدد لاءِ ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ڪيا وڃن. ڊائريڪٽر ڪاليجز کي گريڊ 1 کان 11 گريڊ تائين تقرري جا اختيار ڏنا وڃن، ليڪچرارن کي بدلي ڪرڻ جا اختيار ڏنا وڃن تہ جيئن ڪاليجن ۾ استادن جي کوٽ پوري ٿي سگهي ۽ ان کانسواءِ جي. پي فنڊ ايڊوانس جي منظوري ۽ طبي موڪل جي منظوري جا اختيار پڻ ڏنا وڃن. جيڪڏهن ڪو نئون عهدو ”ڊائريڪٽر جنرل“ جو پيدا ڪيو وڃي ٿو تہ بهتر ٿيندو، پر ان جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي بدران حيدرآباد ۾ رکيو وڃي، جهڙي طرح صحت کاتي يا زراعت يا ايڪسائيز ائنڊ ٽيڪيشن کاتن ۾ آهي، انهن جي ڊائريڪٽر جنرل جون آفيسون حيدرآباد ۾ آهن.

باقي جيڪڏهن سيڪريٽري تعليم ان ڳالهہ تي بضد آهي تہ صرف هر سطح تي تعليم جا ”مئنيجر“ مقرر ڪيا وڃن تہ سيڪريٽري تعليم جي عهدي جو نالو بدلائي ”چيف آپريٽر“ يا ”صدر تعليم“ رکيو وڃي، ايڊيشنل سيڪريٽرين کي ”نائب صدر“ ڪوٺيو وڃي، ڊپٽي سيڪريٽرين کي ”مددگار مئنيجر“ سڏيو وڃي، پرنسپالن کي ”ڪاليج مئنيجر“، استادن کي ”سيڪنڊ آفيسر“ ۽ شاگردن کي ”گراهڪ“ يا ”Clint“ سڏيو وڃي تہ ماشاءَ الله، سيڪريٽري تعليم جي ڪارڪردگي کي چار چنڊ لڳي ويندا. ڪيس تاريخ ۾ هميشہ هميشہ لاءِ ياد رکيو ويندو. سيڪريٽري تعليم جي ويڄهو ”تعليم“ صرف ڪمائي جو ذريعو آهي تہ پوءِ پرائيويٽ تعليمي ادارن جيان سرڪاري تعليمي ادارن کي پڻ ”تجارت“ جو ذريعو سمجهيو وڃي ۽ سرڪار کي انهيءَ دعويٰ تان هٿ ڪڍڻ گهرجي تہ سرڪار غريبن لاءِ ميٽرڪ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تائين تعليم مفت ڪرڻ گهري ٿي. اعليٰ تعليم به سستي ڪرڻ گهري ٿي ۽ تعليم لاءِ سرڪار جيڪو هي نعرو هنيو آهي ته "Education for all" ان کي "Education for few" سمجهڻ گهرجي. هونئن به تعليم ڪاتي طرفان اسڪالرشپ ڏيڻ يا ڪتاب مفت ورهائڻ وارا اعلان ڪيا وڃن ٿا. اهي هڪ موالي جي ٻڌاڪ ڪان وڌيڪ ڪابه حيثيت نٿا رکن. جيڪڏهن سنڌ سرڪار سنڌ ۽ سنڌين سان مخلص آهي ته تعليم کاتو سنڌ سان درد رکندڙ ايماندار اهل استاد حوالي ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته هڪ استاد آڏو تعليم هڪ مقدس فرض آهي، ڪمائيءَ جو ذريعو ناهي. جتي سرڪار ٻيا تجربا ڪيا آهن. اتي هڪ استاد کي سيڪريٽري تعليم جي عهدي تي رکي تجربو ڪري ڏسي. مون کي پڪ هي ته سرڪار هن تجربي مان مايوس نه ٿيندي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قومن کي غلام بنائڻ جو طريقو

انقلابي شاعر فيض احمد فيض بيروت کي پنهنجي سامهون سڙندي ڏسي چيو هو ته:

”چلو آئو تم کو دکهائين هم،
جو بچا هي مقتل شهر مين،
يه مزار اهل صفا کي هين،
يه هين اهل صدق کي تربتين.“

فيض جي لاڏاڻي کي ورهيه وري ويا، اهو ڏکيو وقت به گذري ويو پر بيروت اڄ به سڙي رهيو آهي، 12 جولاءِ 2006ع کان اسرائيل ۽ لبنان درميان هلندڙ جنگ بند ٿي چڪي آهي، پر هن جنگبندي کي مستقل قرار ڏيڻ مشڪل آهي، هيءَ جنگ نه صرف عارضي طور تي بند ٿي آهي، پر منهنجي سوچ مطابق موجوده جنگبندي مستقبل ۾ ڪنهن نئين وڏي ٿيندڙ جنگ جي بنياد تي قائم ٿي آهي. هن جنگ کي ان ڪري بند ڪرايو ويو ته هن جنگ ۾ آمريڪي سامراج جي پاڇولي ۾ پروان چڙهندڙ اسرائيل کي هر محاذ تي شڪست ٿي رهي هئي. آمريڪا جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ مطابق، ڏکڻ لبنان ۽ اسرائيلي سرحدن سان 18 ميل ڊگهي ويڪري پٽيءَ ۾ هڪ بفر زون قائم ڪيو ويندو ۽ اتي اقوام متحده ۽ لبنان جي فوج تعينات ڪئي ويندي، اقوام متحده ۽ لبنان پندرهن پندرهن هزار فوجي موڪليندا. جنهن جي بنيادي ذميواري اسرائيل کي ”حزب الله“ کان تحفظ ڏيارڻ هوندو. 33 ڏينهن کان جاري جنگ جي جنگبندي ته ٿي ويئي آهي، پر سوال هي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پيدا ٿئي ٿو تہ هن جنگ ۾ فتح ڪنهن جي ٿي؟ اسرائيل يا حزب الله جي؟ دنيا جا مبصرين ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ تي مجبور آهن تہ حزب الله کي شڪست ڏئي اسرائيل ڪي فتح حاصل نہ ٿي سگهي، ان مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ حزب الله کي هن جنگ ۾ فتح ٿي آهي. گذريل مهيني جڏهن مان ۽ منهنجا دوست انقلابي اڳواڻ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي وَنيءَ محترمہ غنويٰ ڀٽو صاحبہ سان سندس مڙس جي وفات تي تعزيت ڪرڻ ويا هئاسين تہ ستر ڪلفٽن جي ڊرائنگ روم ۾ اسانجي هڪ دوست هن کان بيروت ۾ هلندڙ جنگ جي معلومات وٺڻ لاءِ ڪجهہ سوال ڪيا هئا تہ هن وراڻيو هو تہ سوويت يونين جي ٽُٽڻ کان پوءِ دنيا ۾ "Bi-Polar" سسٽم بدران هاڻ "Uni- Polar" سسٽم قائم ٿي چڪو آهي، يعني اڳ ۾ ٻہ عالمي ڪيمپ هئا، هڪ جي سرواڻي آمريڪا ڪري رهيو هو ۽ ٻي ڪيمپ جي سرواڻي سوويت يونين ڪري رهيو هو. پر هاڻ صرف هڪ ڪيمپ آهي، جنهن جو سرواڻ آمريڪي سامراج آهي. جنهن جو مقصد دنيا جي انهن شاهوڪار قومن جي معدني وسيلن تي قبضا ڪرڻ آهي ۽ ان جا خواب ڪٽي انهن قومن تي ڪاهون ڪندي نظر اچي ٿو دنيا جا آزادي پسند انسان ٻين ملڪن جي مدد جي سهاري کان سواءِ آمريڪي سامراج سان ڏوبدو وڙهي رهيا آهن. جنهن کي محترمہ غنويٰ ڀٽو "War of People" چئي رهي هئي. هن "حزب الله" کي دهشتگرد تنظيم بدران "PLO" جي برابر حريت پسند تنظيم قرار ڏنو. هي جنگ اسرائيل صرف پنهنجي ٻن فوجين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ شروع ڪئي، پر لبنان جي عوام ظالم اسرائيل سان حزب الله جي قيادت ۾ مهاڏو اٽڪائي اهو ثابت ڪيو تہ دنيا جي ڪابہ طاقت آزادي جي جذبي کي دٻائي نٿي سگهي. اهو ئي جذبو هو جنهن ڪري اسرائيل پنهنجي ٻن فوجين جي آزاديءَ کانسواءِ جنگبندي قبول ڪئي. اسرائيل هن جنگ ۾ اها دعويٰ ڪئي تہ هن حزب الله جي جنگي صلاحيت ختم ڪري ڇڏي آهي، هن جنگ ۾ حزب الله اسرائيل تي صرف 230 راڪيٽ فائر ڪري هن کي پويان هٽڻ تي مجبور ڪيو ۽ حزب الله جي دعويٰ آهي تہ هن وٽ اڃا بہ هزارين راڪيٽ موجود آهن. اسرائيل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي وزيراعظم اها ڳالهہ تسليم ڪئي آهي تہ حزب الله هن جنگ ۾ صرف 3 هزار راڪيٽ استعمال ڪيا آهن، هن وٽ اجا 12 هزار راڪيٽ موجود آهن. آمريڪا ۽ اسرائيل کي اها غلطفهمي هئي تہ شديد وحشياڻي بمباري کانپوءِ شايد حزب الله کي شڪست ملي، پر هنن جا سُندر سپنا اڌورا رهجي ويا، هي جنگ ڪنهن الميي طور ياد رکي ويندي، ۽ تاريخ ڪجهہ نہ وساريندي آهي. وقت جو مؤرخ سڀ ڪجهہ ياد رکندو آهي. هن کي هي ياد رهندو: تباهہ حال بيروت، دنيا جو خوبصورت شهر جنهن جا ڪجهہ حصا ويرانيءَ جو ويراڳ بنجي چڪا آهن، اهي ننڍ ۾ ستل معصوم ٻار جيڪي اسرائيل جي وحشياڻي بمباري ڪري هميشہ لاءِ ننڊ جي هنج ۾ هليا ويا آهن، جن جي مائرن جي نيڻن مان نير سُڪي چڪا آهن. اقوام متحده خصوصي ڪورآرڊينيٽر جين ايگلينڊ مطابق، گلن جهڙن معصوم ٻارڙن جي قتل تي اهو محسوس ٿيو تہ هن جنگ جو بنياد صحيح نہ هو. مؤرخ هي بہ ياد رکندو تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا حزب الله جا جوڌا جنگجو ڪهڙي طرح نہ ثابت قدميءَ سان جديد اسلحي سان ليس اسرائيل جي مقابلي ۾ بيهي رهيا. مؤرخ هي بہ ياد رکندو تہ 60 کان وڌيڪ اسلامي ملڪ جن وٽ لکن جي تعداد ۾ جديد تربيت يافتہ فوج آهي، ڪهڙي طرح نہ خاموش تماشائي بنيل رهيا، ان کان وڌو ڏوهہ انهن مسلمان ملڪن جي خاموشي آهي، جيڪي بيروت ۾ انساني رت سان کيڏندڙ هولي تي خاموش رهيا. جن جي ضمير ذرڙو بہ جنبش نہ ڪئي. هاڻي هي ڳالهہ چٽي طرح عيان ٿي چڪي آهي تہ ايڪويهين صدي ۾ جنگين جو مقصد سياسي بالادستي نہ، پر صرف ۽ صرف ٻين ملڪن جي قيمتي وسيلن تي قبضو ڪري استعمال ڪرڻ آهي، پر حقيقت ۾ آمريڪي سامراج جي اها بدنيتي نڪري نروار ٿي آهي، هن وقت گلوبل ايجنڊا مطابق مسلمان ملڪن جي وسيلن تي قبضو ڪرڻو آهي، چاهي اهي وسيلا زرخيز زمين جي صورت ۾ هجن، يا تيل يا پاڻيءَ جي صورت ۾ ۽ پوءِ انهن وسيلن تي خوشيءَ سان قبضو ڪجي يا زوريءَ سان. عسڪري ماهرين مطابق، آڪٽوبر 1999ع ۾ آمريڪي سامراج جون لالچي نگاهون وچ ايشيا جي ملڪن تي مرڪوز هيون، عام ماڻهو هن خطي ۾ هڪ پيرو وري روس جي وڌندڙ عمل دخل خلاف آمريڪي پاليسين کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”ردعمل“ سمجهي ٿو پر درحقيقت اها انهن تيل ۽ گئس جي ذخيرن جي ڪشش هئي، جنهن آمريڪا جو توجهه هن خطي ڏانهن ڇڪائي. سڀ کان وڏو تيل جو ذخيرو آذربائيجان ۾ آهي، جنهن جو ڪاٿو اٽڪل 3.7 ملين بيرل لڳايو ويجي ٿو ان کان علاوه قازقستان، ترڪمانستان، ازبڪستان ۾ به تيل جا وڏا ذخيره موجود آهن. وسيلن جي هن پس منظر ۾ عرب، اسرائيل جنگ کي ڏسڻ جي ضرورت آهي، هن جهيڙي جي گهرائي تيل سان گڏوگڏ اهو پاڻي پڻ آهي، جنهن تي آمريڪي سامراج قبضو ڪرڻ چاهي ٿو، هن خيال جي تائيد لبيا جي انقلابي اڳواڻ ۽ صدر معمر قذافي جو هي بيان ڪري ٿو ته ”عرب هاڻ اهو سمجهي ويا آهن ته دراصل اسرائيل انهن وسيلن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جن ۾ تيل سان گڏوگڏ پاڻي پڻ آهي.“ جڏهن مصر جي صدر انورالسادات درياءَ نيل جي پاڻي کي ”ڪيمپ ڊيوڊ“ معاهدي تحت اسرائيل کي ڏيڻ چاهيو ته هن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. اسرائيل اڪثر غزه جي پٽي کي فلسطينين کي واپس ڪرڻ جي ڳالهه ڪندو رهيو آهي پر يلجي به ”گولان“ جي انهن ٽڪرين جو نالو نٿو کٽي، ڇاڪاڻ ته غزه جي پٽيءَ ۾ پاڻي جا زير زمين ذخيرا تمام ٿورا آهن. جڏهن ته گولان جي ٽڪرين تي پوندڙ بارش جي ڪري پاڻيءَ جي جمع ڪيل ذخيرن تي اسرئيل جو دارومدار آهي. وچ اوير جي تاريخ ۾ ”نهر سئز“ به ان حوالي سان مشهور آهي ته هن نهر تي اجاره داري لاءِ مصر ۽ اسرائيل ۽ فرانس ۽ برطانيه برسرپيڪار رهيا آهن. هن جهيڙي جي ڪري هزارين انسان اجل جو شڪار ٿيا. چيچنيا جي جنگ دوران جيڪا قتل و غارت گري ٿي، آمريڪا انهيءَ کي روس جو اندروني معاملو قرار ڏئي خاموش تماشائي بنيل رهيو پر جڏهن آمريڪا افغانستان ۾ طالبان جي ذريعي ڪشت و خون جي بازار گرم ڪئي ته روس به خاموش رهيو. 70 جي ڏهاڪي ۾ جڏهن عربن تيل کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ته آمريڪا جي ان وقت جي صدر جمي ڪارٽر چيو ته ”خليج فارس جي علائقي مان آمريڪا لاءِ تيل جي سپلاءِ ۾ جيڪڏهن ڪنهن به رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان کي آمريڪا تي حملو سمجهيو ويندو ۽ پوءِ اسان کي اختيار هوندو ته اسان انهن کي ڪيئن ٿا منهن ڏيئي سگهون.“

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اسرائيل ۽ لبنان جي جنگ بہ هن ڪوشش جي هڪڙي ڪڙي آهي. اسرائيل هر حال ۾ قبضي ۾ آيل علائقي کي واپس ڪرڻ نٿو گهري. هن خطي ۾ ٿيندڙ برساتن مان ”بحيره گيلسي“ کي پاڻي جي سپلاءِ ٿئي ٿي، هي فلسطين جي مٺي پاڻي جو وڏو ذخيرو آهي. هن ڍنڍ مان هڪ وڏي پائيپ لائين جي ڪري اسرائيل جي ڏکڻ علائقي کي پاڻي سپلاءِ ڪيو وڃي ٿو. اسرائيل جون نظرون لبنان جي درياءَ ”ليطاني“ تي پڻ آهن پر حزب الله جي مزاحمت جي باعث هن جو خواب شرمندهءِ تعبير نہ ٿي سگهيو. عالمي برادري، خصوصًا مسلمان ملڪن کي آمريڪي جارحيت ۽ اسرائيل جي وحشياڻي عمل خلاف آواز اُٿارڻ گهرجي تہ بيروت ۾ ٿيندڙ بيگناهہ انسانن جو قتل، معصوم ننڍ ۾ ستل ٻارڙن تي بمباري رڳو بيروت جو مسئلو ناهي، پر عالم انسانيت سان گڏوگڏ عالم اسلام جو مسئلو آهي. اها جنگ صرف اسرائيل ۽ لبنان جي جنگ نہ هئي، پر ان ”گلوبل ايجنڊا“ جو حصو آهي، جنهن تي آمريڪا عمل درآمد ڪري رهيو آهي. عراق، افغانستان ۽ لبنان جي جنگ ان سلسلي جي ڪڙي آهي، سياڻي ائين نہ ٿئي، جو ايران ڪانپوءِ پاڪستان، آمريڪي جارحيت جو شڪار ٿئي. پاڪستان کي آمريڪا جي دهشتگردي خلاف نام نهاد جنگ ۾ ايترو اڳتي وڃڻ نہ گهرجي، جو پنهنجو وجود بہ داءَ تي لڳائي ويهي رهي. آمريڪي سامراج ڪڏهن بہ قوم جو دوست نہ رهيو آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو. هن کي صرف پنهنجا مفاد پيارا آهن، ”جيري حاصل ڪرڻ خاطر ٻڪري ڪهي سگهي ٿو.“ پاڪستان دنيا ۾ دهشتگردي جي جنگين ۾ آمريڪا کان بہ اڳرو رهي ٿو پر لبنان تي مڙهيل دهشتگردي تي پاڪستان جي مجرمانہ خاموشي تي پوري پاڪستان جي عوام جو ڪنڌ شرمساريءَ کان جهڪيل آهي، شايد پاڪستان سان گڏوگڏ انهن اسلامي ملڪن جون بہ اکيون کلن، جيڪي خودغرضي ۽ غفلت جي اگهور ننڊ ۾ پوريل آهن، شايد ڪڏهن تہ جاڳن.

ڪاش تيري دل مين اتر جائي ميري بات.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جمهوريت، سياست ۽ فوج

تازو لنڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ۽ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سربراهہ ميان محمد نواز شريف درميان هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ جيڪڏهن موجوده وزيراعظم شوڪت عزيز 31 جولاءِ تائين پنهنجي عهدي تان استعفيٰ نہ ڏني ۽ جنرل پرويز مشرف پنهنجا ٻہ عهدا نہ ڇڏيا تہ اي آر ڊي ۾ شامل جماعتن جا قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ويٺل ميمبر استعيفائون ڏيئي ڇڏيندا ۽ احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو. اي آر ڊي جي اهم مطالبن ۾ اهو مطالبو بہ شامل آهي تہ هاڻ سياست کي "Demilitrise" ڪيو وڃي، يعني فوج جو عمل دخل گهٽايو وڃي، ڇاڪاڻ تہ فوج جي عمل دخل ڪري ملڪ ۾ جمهوري ادارن کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي ۽ بار بار مارشل لائن جي ڪري بين الاقوامي طور ملڪي ساک کي نقصان پهتو آهي، فوج جي عمل دخل ڪري پاڪستان کي پنهنجي اڪثريتي علائقي، يعني مشرقي پاڪستان تان هٿ ڪڻڻو پيو ۽ هينئر بہ بلوچستان ۽ وزيرستان ۾ هلندڙ فوجي آپريشن ڪري ملڪ جي سلامتي ۽ يڪجهتيءَ کي خطرو آهي. اها هن ملڪ جي بدقسمتي آهي تہ هن ملڪ ۾ پردي پويان يا پردي کان ٻاهر سدائين فوج حڪومت ڪئي آهي، پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو 1954ع ۾ فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب خان کي ملڪ جو "وزير دفاع" بڻايو ويو، جيڪو ڪابينہ جي فيصلن تي اثرانداز ٿيندو رهيو. ملڪ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۾ 1956ع کان وٺي 1958ع تائين ٻن سالن جي عرصي ۾ پاڪستان جي ٻئي آئين جي نفاذ ڪانپوءِ ٿوري ٿوري عرصي ۾ فوج جي دٻاءَ تحت وزيراعظم بدلبا رهيا. چوڌري محمد علي، حسين شهيد سهروردي، اسماعيل ابراهيم چندريگر ۽ ملڪ فيروز خان نون ٻن سالن ۾ ملڪ جا وزيراعظم رهيا. پاڪستان جي سياسي تاريخ جو مطالعو ڪيو وڃي ته فوج جي دٻاءَ سبب ملڪ ۾ 9 اسيمبليون ٽُٽي چڪيون آهن. پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبلي ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جي دور ۾ 1946ع ۾ ڪرايل چونڊن جي نتيجي ۾ قائم ٿي، هن اسيمبلي جي اهم ذميوارين ۾ سڀ کان اهم ڪم ملڪ لاءِ نئون آئين جوڙڻو هو پر هڪ معذور ۽ منڊي گورنر جنرل چوڌري غلام محمد 24 آڪٽوبر 1954ع تي اها اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي، پاڪستان جي ٻي آئين ساز اسيمبلي 1955ع ۾ صوبائي اسيمبلين جي ووٽن ذريعي عمل ۾ آئي. هن اسيمبلي جي اهم ڪم ۾ نئون آئين جوڙڻو هو. هر فوجي حڪومت ۾ هميشه ننڍين صوبن ۽ قومن جا تاريخي حق غضب ٿيندا آيا آهن، سنڌ، بلوچستان، سرحد جي قومپرستن ۽ پنجاب جي لبرل پروگريسو سياستدانن جي ڪوشش سان ”نيشنل عوامي پارٽي“ جو وجود عمل ۾ آيو، جنهن ۾ سائين جي ايم سيد ۽ عطاءُ الله مينگل، خان عبدالولي خان، عبدالصمد اڇڪزئي، خيربخش مري ۽ ٻيا شامل هئا. هن پارٽيءَ جي منشور ۾ سڀ کان پهريون نڪتو اهو شامل هو ته ”ون يونٽ“ کي ٽوڙيو وڃي، جنهن ۾ نظريه پاڪستان ۽ اسلام جي آڙ ۾ ننڍيين قومن جا حق غضب ٿي رهيا هئا ۽ ٻيو اهم نڪتو هو ته پاڪستان کي آمريڪا جي اشاري تي ٺهيل سامراجي معاهدن سيٽو ۽ سينٽو مان نجات ڏياري وڃي، ٽين اهم ڳالهه اها آهي ته جڏهن به نعپ برسر اقتدار ايندي ته ملڪ مان جاگيرداري، سرمائيداري ۽ وڏيرا شاهي نظام کي ختم ڪندي.

1956ع جي آئين جوڙڻ ڪانپوءِ حڪومت جي فرضن ۾ اها ڳالهه شامل هئي ته ملڪ ۾ نيون چونڊون ڪرايون وڃن ۽ ملڪ جي قومي اسيمبلي جو قيام عمل ۾ آندو وڃي، ملڪ جي ”ڳجهن ادارن“ حڪومت کي اها رپورٽ ڏني ته جيڪڏهن چونڊون آزاد، شفاف ۽ غير جانبدار ڪرايون ويون ته ان ۾ ”نيشنل عوامي پارٽي“ اڪثريت حاصل ڪري وٺندي، جيئن

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٿي حڪومت فيبروري 1959ع ۾ چونڊيون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ته ملڪ جي صدر ميجر جنرل اسڪندر مرزا 7 آڪٽوبر 1958ع تي ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪري قومي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي ۽ 1956ع جو آئين منسوخ ڪري ڇڏيو ان وقت پاڪستان جو وزيراعظم ملڪ فيروز خان نون هو. هن مارشل لا جو مقصد سامراجي مفادن جي تڪميل ۽ ننڍين قومن جي استحصال کي جاري ساري رکڻ هو.

1962ع ۾ جنرل ايوب خان هڪ نئون آئين ٺهرايو هن آئين تحت ملڪ ۾ بنيادي جمهوريتن جو نظام قائم ٿيو. ملڪ ۾ 80 هزار حلقا (Cosistituencies) ٺاهيا ويا. هنن 80 هزار ميمبرن ذريعي ملڪ ۾ قومي اسيمبلي ۽ مغربي پاڪستان ۽ مشرقي پاڪستان جي صوبائي اسيمبلين جا ميمبر چونڊرايا ويا. خود جنرل ايوب خان ڌانڌلي ذريعي پنهنجي سامهون بيٺل صدارتي اميدوار (محمد علي جناح جي ڀيڻ) محترمه فاطمه جناح کي هارايو ۽ پاڻ کي صدر منتخب ڪرايو. ايوب جي دور ۾ قومي خزاني کي لٽيو ڦريو ويو. خود سندس پ ُٽ ڪرپشن ۾ ڪاهي پيا. پنهنجي سياسي حمايتين کي نوازڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو ته جيئن مخالف ڪئمپ ۾ شامل نه ٿي سگهن. ايوب خان ان وقت جي وزير خزانه شعيب جي مشوري تي پنهنجي ٻنهي پٽن گوهر ايوب ۽ اختر ايوب کي فوج مان رٽائر ڪرائي ڪاروبار ڪرايو. ڊاڪٽر فزانزپڪ مطابق، ”ايوب خان جي خاندان ڪرپشن طور 20 ملين ڊالر ميڙيا.“ ايوب خان سياستدانن کي سياست مان خارج ڪرڻ لاءِ جيڪو ”EBDO“ جو قانون نافذ ڪري انهن کي نااهل قرار ڏنو ان جي نتيجي ۾ ملڪي سياست ۾ هڪ خلا پيدا ٿيو خاص طور تي ايوب خان جي ڏينهن ۾ بنگال ۾ نيشنلزم عروج تي پهتو. 1965ع جي پاڪ انڊيا جنگ ڪانپوءِ روس جي شهر تاشقند ۾ پاڪستان ۽ ڀارت درميان امن معاهدو ٿيو جنهن ۾ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته آئنده ٻئي ملڪ پنهنجا تڪرار، طاقت جي استعمال بدران مذاڪرات جي ذريعي طئه ڪندا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو ان وقت پاڪستان جو وزير خارجه هو ان کي وزارت تان هٽايو ويو. ڀٽو صاحب جي ڀهرين اها ڪوشش هئي ته هو نيشنل عوامي پارٽي ۾ شامل ٿئي بعد ۾ دوستن جي مشوري سان هن

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پنهنجي پارٽي جوڙي ۽ ايوب خان خلاف تحريڪ کي تيز ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ايوب خان استعيفيٰ ڏني. هن اقتدار ان وقت اسيمبلي جي اسپيڪر چوڌري فضل قادر جي بدران فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل يحييٰ خان جي حوالي ڪيو. جنرل يحييٰ قومي اسيمبليءَ کي 26 مارچ 1969ع تي توڙي ڇڏيو ۽ ملڪ جي آئين کي منسوخ ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ مٿان مارشل لا مڙهي ڇڏي. جنرل يحييٰ خان وعدو ڪيو ته هو ملڪ ۾ جلدي نيون چونڊون ڪرائيندو. 1970ع ۾ ”هڪ ماڻهو هڪ ووٽ“ جي بنياد تي ملڪ ۾ چونڊون ڪرايون ويون. انهن چونڊن ۾ شيخ مجيب الرحمان جي سياسي پارٽي عوامي ليگ کي قومي اسيمبلي جي 313 سيٽن مان 151 سيٽون مليون ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي کي 81 سيٽون مليون. جنرل يحييٰ خان جي اها ڪوشش هئي ته ملڪ جو وزيراعظم پلي شيخ مجيب الرحمان ٿئي پر کيس ”صدر پاڪستان“ جي عهدي تي برقرار رکيو وڃي، جيڪو شرط شيخ مجيب الرحمان قبول نه ڪيو. اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن حوالي ڪرڻ بجاءِ بنگالين کي ”غدار“ قرار ڏئي وڏي پيماني تي بنگال ۾ قتل عام ڪيو ويو. بنگالي پناهه وٺڻ لاءِ ڀارت ڏانهن هليا ويا. بعد ۾ بنگالين ”گوريلا ويڙهه“ جو آغاز ڪيو. جن جي ڀارت جي وزيراعظم اندرا گانڌي مڪمل مدد ڪئي. شيخ مجيب الرحمان کي گرفتار ڪري پاڪستان آندو ويو. فوجي آپريشن جي نتيجي ۾ پاڪستان ٻه اڌ ٿيو. ”جيڪڏهن هن سياسي بحران جو حل ڳالهين ذريعي ڪڍيو وڃي ها ته شايد بنگال پاڪستان کان ڌار نه ٿئي ها.“ جنرل يحييٰ خان جو دور پاڪستان جو هڪ ”سياهه دور“ آهي، جنهن ۾ پاڪستان کي مڪمل طور تي لٽيو ڦريو ويو ”ايوان صدر“ کي عياشين جي آماجگاهه بڻايو ويو. ميڊم نورجهان، جنرل راڻي ۽ فلمي اداڪاره ترانه جا قصا ملڪ جي سياسي تاريخ جو داغدار حصو بڻجي ويا. بچيل پاڪستان جو اقتدار شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حوالي ڪيو ويو. جنهن 1971ع جي پاڪ ڀارت جنگ ۾ 90 هزار فوجي قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ ”شمله“ ۾ ڀارت جي وزيراعظم اندرا گانڌي سان مذاڪرات ڪيا ۽ شهيد ڀٽو جي ڪوششن سان ”شمله معاهدو“ عمل ۾ آيو ۽ 90 هزار جنگي قيدي آزاد ٿيا. 1977ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آمريڪا جي اشاري تي فوج اقتدار تان هٽائي ڇڏيو ۽ قتل جي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ پنجاب هاءِ ڪورٽ طرفان ڦاسي جي سزا ڏياري ويئي. سپريم ڪورٽ ۾ غير پنجابي ججن شهيد ڀٽو کي ڦاسي ڏيڻ جي فيصلي جي مخالفت ڪئي، پر پنجاب سان تعلق رکندڙ ججن پنجاب هاءِ ڪورٽ طرفان ڏنل ڦاسي جي سزا برقرار رکي. 4 اپريل 1979ع تي ڀٽو کي ڦاسي تي ٽنگيو ويو. جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ ملڪ ۾ ڪرپشن وڏي پئماني تي ٿي. جنرل ضياءُ الحق قومي اسيمبلي کي 5 جولاءِ 1977ع تي ٽوڙڻ ڪانپوءِ اهو اعلان ڪيو هو تہ ملڪ اندر 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وينديون، پر جنرل ضياءُ الحق جو ڪارو دور ”يارهن سال“ رهيو. ضياءُ الحق جي دور ۾ پاڪستان ۾ ڪرپشن سان گڏوگڏ ”بنياد پرستي“ جو بنياد پيو. ڪو ذي شعور انسان ضياءُ الحق جي دور کي سنٺو دور نٿو لکي سگهي. ضياءَ دور ۾ فوجي جنرلن وڏي پئماني تي ڪرپشن ڪئي ۽ ان کان علاوه ملڪ ۾ ”فرقيواريت“ کي هٿي ڏني. زڪوات ۽ عشر آرڊيننس جي نفاذ تي شيعہ فرقي جي اڳواڻن جي زبردست احتجاج ڪري آرڊيننس ۾ ترميم ڪري ”اهلِ تشيع“ کي زڪوات ۽ عشر کان آجو قرار ڏنو ويو. ضياءُ الحق جي دور ۾ ”اسلام“ جي نالي تي عوام جو وڏي پيماني تي استحصال ڪيو ويو. پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اعلان ڪيو ويو تہ ديني مدرسن جون سَندون ۽ ڊگريون ملڪ جي يونيورسٽين جي ڊگرين برابر هونديون. هن فيصلي ڪري ملڪ ۾ ”ملائيت“ کي زبردست فروغ مليو. 1987ع ۾ ايم آر ڊي جي تاريخي جدوجهد ڪانپوءِ مجبوراً ملڪ ۾ غير جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن جي ملڪ جي اڪثر جمهوريت پسند پارٽين مخالفت ڪئي، پر ”مذهبي جماعتن“ ان ۾ حصو ورتو. وزيرن، مشيرن، پارليامينٽ جي ميمبرن، جنرلن ۽ نوڪرشاهي جي ڪل پُرزن کي وڏي پيماني مٺ پڳڙن تي پلاٽ ڏنا ويا. ضياءَ دور ۾ ملڪي قانونن کي اورانگهيو ويو ۽ اختيارات جو ناجائز استعمال ڪيو ويو. 1987ع ۾ ري ڪنڊيشنڊ ڪارن جو اسڪينڊل منظر عام تي آيو. هن اسڪينڊل ۾ ڪابينہ جي هڪ وزير حامد سرفراز هڪ ڪروڙ روپيا ڪميشن طور ورتا. پاڪستان شپنگ ڪارپوريشن لاءِ ڪجھ جهازن جي خريد فروخت ۾ پڻ ضياءُ الحق

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪابينہ جي وزير ”مصطفيٰ گوڪل“ جو نالو منظر عام تي آيو جنهن ۾ خود ضياءُ الحق ڪميشن تي ڪروڙين روپيا حاصل ڪيا. فوج جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ جنرل ضياءَ سول انتظاميہ نيم سرڪاري ادارن، سرڪاري ڪارپوريشنن ۽ محڪمہ خارجہ ۾ رٽائرڊ فوجي آفيسرن کي سٽيپيون پوسٽون ڏنيون 1981ع ۾ 44 پاڪستاني سفيرن مان 18 جو تعلق فوج سان هو 1985ع ۾ 96 فوجي آفيسرن کي مرڪزي حڪومت جي اعليٰ عهدن تي نامزد ڪيو. جنرل ضياءَ جي دور ۾ ڪرپشن، رشوت، اسمگلنگ ۽ منشيات جي ڪاروبار کي عروج تي پهچايو ويو. ناجائز اسلحي جو ڪاروبار شروع ٿيو. ملڪ ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر کي فروغ مليو. فوجي جنرلن جي ڪرپشن کي لڪائڻ لاءِ ”اوجهڙي ڪئمپ“ جو ڊرامو ڪيو ويو. جنهن ۾ اختر علي عبدالرحمان ۽ ٻيا ڪيترا جنرل شامل هئا. ضياءَ دور ۾ صوبائي پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽي ۽ آڊيٽر جنرل جي رپورٽن ۾ سرڪاري کاتن ۾ سنگين بدعنوانين ۽ ملڪي قومي وسيلن کي لٽڻ ڦرڻ تي هيٺيان چند انڪشاف ٿيا:

(1) پنجاب پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي 50 ارب رپين جي خردبرد جو انڪشاف ڪيو.

(2) وفاقي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي مطابق، سرڪاري کاتن ۾ هر سال 40 ارب رپين جي گهپلن جو انڪشاف ٿيو ۽ انڪم ٽيڪس ۾ هر سال هڪ کرب رپين جا ٽيڪس چوري ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو.

جنرل ضياءُ الحق ۽ ان جي ساٿين جو ڪرپشن جو وڏو حصو ان ”مقدس جهاد“ جي نالي تي ڪيو ويو جيڪو افغانستان ۾ ٿيو. هن ۾ ضياءُ الحق ۽ سندس ساٿين اربين رپيا ڪمايا. اهو ئي سبب آهي، جو انهيءَ جنرلن جا نسل هن وقت ايشيا ۾ امير ترين شخصيتون آهن ۽ موجوده حڪومت ۾ اهم عهدن تي فائز آهن. جيڪڏهن ملڪ کي قائم ۽ دائم رکڻو آهي تہ پاڪستاني سياست ۾ فوج جي عمل دخل کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ سڀني قومن کي مساوي حق ڏيڻا پوندا.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هيوگو شاويز: نئين صدارتيءَ انقلابي پارٽيءَ جي ضرورت

وينزويلا جي صدر هيوگو شاويز ٻئي مدي لاءِ ملڪ جي صدارت سنڀالڻ لاءِ عهدي جو قسم کڻي ورتو آهي. حلف کڻڻ وقت هيوگو شاويز روايت موجب ساڄو هٿ مٿي کڻڻ بدران کاٻو هٿ مٿي کڻي قسم کنيو. ان موقعي تي شاويز چيو تہ هن پنهنجي سڄي حياتي سوشلزم لاءِ ارپي ڇڏي آهي. لاطيني آمريڪا اڄڪلهہ سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وڌي رهيو آهي. وينزويلا ۾ هيوگو شاويز، بوليويا ۾ ايوا مورالس، چلي ۾ مشيل بيشيلخٽ، ميڪسيڪو ۾ اوپيز اوبراڊور ۽ نڪاراگوا ۾ ڊينيل، ايڪواڊور ۾ رافيل ڪورايا سوشلسٽ مشن کي اڳتي وڌائڻ ۾ پيش پيش آهن، حالانڪ آمريڪا ۽ ان جي ساٿارين طرفان مختلف مرحلن تي انهن جي راهن ۾ رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون. وينزويلا، جنهن کي ڪرسٽوفر ڪولمبس 1498ع ۾ دريافت ڪيو هو اهو هن مشن ۾ سيني ڪان اڳيان آهي. وينزويلا جي ڪل پکيڙ (زمين ۽ پيٽن تي مشتمل) 352, 144 چورس ميل آهي ۽ ڪل آبادي 435، 730، 25 ماڻهن تي مشتمل آهي، ان جي گاديءَ جو هنڌ ”ڪراڪس“ آهي. وينزويلا ۾ مختلف نسلن جا ماڻهو آباد آهن، جن ۾ اسپينش، اٽلين، پورچوگيز، عرب، جرمن ۽ آفريڪي نسلن جا ماڻهو شامل آهن. وينزويلا جي سرڪاري ٻولي ”اسپينش“ آهي. اُتان جي آباديءَ جو مذهب ”عيسائيت“ آهي، خواندگي جي شرح 2003ع جي تخميني مطابق 93 سيڪڙو آهي. هيوگو شاويز جي پيدائش 28 جولاءِ 1954ع تي ٿي، سندس ماءُ ۽ پيءُ پرائمري استاد هئا. هو فوج ۾ ڀرتي ٿيو. 1992ع ۾ هڪ ناڪام فوجي بغاوت جي نتيجي ۾ هن کي فوج جي نوڪريءَ مان ڪڍيو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ويو. 17 سالن تائين فوج جي اداري سان وابستہ رهيو پر ناڪام بغاوت جي نتيجي ۾ هن کي قيد جي سزا ڏني ويئي، ٻن سالن ڪانپوءِ ان وقت جي صدر رافيل هن جي باقي سزا معاف ڪئي ۽ ڪيس جيل مان آزاد ڪيو ويو. آزاديءَ ڪانپوءِ هن صدارتي چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. هيوگو شاويز هڪ ”شعلہ بيان“ مقرر آهي. 1998ع ۾ شاويز صدارتي انتخابي مهم جو آغاز ڪيو ۽ پنهنجي ڪرشماتي شخصيت ۽ اندازِ خطابت جي نتيجي ۾ هن صدارتي چونڊ ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ ڪيس 56 سيڪڙو ووٽ مليا. فيبروري 1999ع ۾ هو صدر جي عهدي تي فائز ٿيو. 2006ع جي چونڊن ۾ هن شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ڪيس 61 سيڪڙو ووٽ مليا، اهي چونڊون 3 ڊسمبر 2006ع تي ٿيون. هيوگو شاويز جي خواهش آهي تہ وينزويلا جي آئين ۾ ترميم ڪري صدارتي عهدي جو مدو وڌايو وڃي ۽ آئين مان اها شق ختم ڪئي وڃي تہ صدر جي عهدي تي ڪو اميدوار صرف ٻہ ڀيرا چونڊ وڙهي سگهي ٿو. تيل جي دولت سان مالامال وينزويلا (اسپين جي اڳوڻي ڪالوني) ۾ صدارتي نظام آهي ۽ صدر جي چونڊ سڌيءَ طرح عوام ڪري ٿو. صدارتي عهدي جو مدو 6 سال آهي، صدر چونڊجڻ کان پوءِ هو نائب صدر ۽ ڪابينہ جا وزير پاڻ چونڊي ٿو. وينزويلا ۾ پارليامينٽ هڪ ايوان تي مشتمل آهي، جنهن کي ”قومي اسيمبلي“ سڏيو وڃي ٿو. قومي اسيمبلي ۾ ميمبرن جو تعداد 167 آهي. وينزويلا ۾ 1863ع ۾ موت جي سزا ختم ڪئي ويئي، ڪنهن بہ ماڻهو کي موت يا ڦاسي جي سزا نٿي ڏيئي سگهجي. وينزويلا تيل جي دولت سان مالامال آهي، پر ان جي باوجود 50 سيڪڙو آبادي غربت جو شڪار آهي ۽ هزارين ماڻهو بيروزگار آهن. هيوگو شاويز جي اندروني پاليسي ”بوليورين مشن“ کان متاثر آهي، جنهن ۾ غربت جو خاتمو، مفت اسپتالن جي تعمير، جتي غريبن کي مفت علاج جون سڀ سهولتون ميسر هجن ۽ وڏي پيماني تي سرڪاري تعليمي ادارا قائم ڪرڻ آهي تہ جيئن غريب مفت تعليم حاصل ڪري سگهن. هيوگو شاويز آمريڪا جو ڪٽر مخالف آهي. هن جو چوڻ آهي تہ وينزويلا وٽ عالمي سياسي منظرنامي ۾ ڪيڏڻ لاءِ تيل جي صورت ۾ انتهائي مضبوط ڪارڊ موجود آهي ۽ اسان اهو ڪارڊ دنيا ۾ آمريڪا خلاف استعمال ڪنداسين. OPEC جي اهم ملڪ جي حيثيت سان شاويز اوپيڪ ملڪن جو دورو پڻ ڪري چڪو آهي. شاويز گذريل سال اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ سامهون

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ويٺل آمريڪي صدر بش کي ”شيطان“ قرار ڏنو هو ۽ هن کي دنيا جي امن لاءِ خطرو چيو هو. 2006ع ۾ لبنان- اسرائيل جنگ ۾ هيوگو شاويز اسرائيل مان بطور احتجاج پنهنجو سفير گهرائي ورتو ۽ اسرائيل کي هٽلر سان مشابهت ڏني ۽ لبنان جي وڏي پيماني تي غير مشروط حمايت ڪئي. هيوگو شاويز ڪرپشن جي سخت خلاف آهي ۽ هن غربت ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترائي انقلابي قدم کنيا آهن. 1999ع جي چونڊن ۾ ڪاميابيءَ کانپوءِ هن رستن ۽ گهرن جي تعمير جو اعلان ڪيو ۽ ڪيترن ادارن جي نجڪاري جي عمل کي پڻ روڪي ڇڏيو. 1999ع ۾ شاويز قومي اسيمبلي جي چونڊن سان گڏوگڏ آئين ۾ تبديليون آڻڻ لاءِ ريفرينڊم پڻ ڪرايو. جنهن ۾ 72 سيڪڙو ماڻهن هن جي حق ۾ ووٽ ڏنو. قومي اسيمبلي ۾ شاويز جي حمايت يافته پارٽي جي اميدوارن 95 سيڪڙو ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ملڪ جو نالو ”بوليوين ريپبلڪ آف وينزويلا“ رکيو ويو. ڊسمبر 1999ع ۾ نئون آئين منظور ڪيو ويو. ان دوران ملڪ ۾ سخت برساتون پيون ۽ مٽيءَ جون ڦڪون ڪريون، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ 30 هزار انسان اجل جو شڪار ٿيا. شاويز تي سندس مخالفن الزام لڳايو ته هن شهري دفاع طرفان ڏنل رپورٽ کي نظرانداز ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ قيمتي جانين جو نقصان ٿيو آهي. جولاءِ 2000ع ۾ نئين آئين تحت قومي اسيمبليءَ جون چونڊون عمل ۾ آيون. انهن چونڊن سان گڏ شاويز ٻيهر صدارتي چونڊ ڪرائڻ جو پڻ اعلان ڪيو ۽ پاڻ اميدوار بڻيو. شاويز جي حمايت يافته اتحاد قومي اسيمبلي ۾ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت حاصل ڪئي. صدارت جي شروعاتي ٽن سالن ۾ عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ اهم قدم کنيا ويا، جن ۾ عوام لاءِ مفت علاج ۽ يونيورسٽي سطح تائين مفت تعليم شامل آهي. اپريل 2002ع ۾ شاويز مخالف رهنما ڪارلوس ۽ ٽيگا ٻه روز لڳاتار عام هڙتال ڪرڻ جو اعلان ڪيو. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو صدارتي محل ڏانهن روانا ٿيا، جتي ٻهريائين شاويز جا حامي جمع هئا. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي گروپن ۾ تصادم ٿي پيو. حڪومت تمام ميڊيا تي هيوگو شاويز جون تقريرون نشر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مظاهرن ۽ فسادن جي خبرن هلائڻ تي پابندي وجهي ڇڏي. حيرت انگيز طور تي وينزويلا جي فوج جي سربراهه ٽي وي تي اعلان ڪيو ته صدر شاويز استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي آهي ۽ ان جي جاءِ تي عارضي سربراهه مقرر ڪري شاويز کي حفاظتي تحويل ۾ ورتو ويو آهي. نئين سربراهه مملڪت

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شاويز جي سيني پاليسين، قومي اسيمبلي ۽ عدالتي ادارن کي ڪالعدم قرار ڏنو ۽ ملڪ جو نالو ٻيهر ”ريپبلڪ آف وينزويلا“ رکيو ويو. عبوري صدر جي قدمن جي نتيجي ۾ شاويز جي حامين پوري ملڪ ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو. شاويز جي وفادار سپاهين صدارتي محل تي قبضو ڪري شاويز کي آزادي ڏياري، ان جي نتيجي ۾ وينزويلا جي تاريخ ۾ سڀ کان مختصر حڪومت جو خاتمو ٿي ويو. شاويز ٻيهر صدارت جي عهدي تي فائز ٿيو. هن پنهنجي خلاف ٿيل بغاوت جو الزام آمريڪا تي هنيو. هن تي ڪيترا ڀيرا ٿيل قاتلانہ حملا پڻ ناڪام ٿيا آهن، جنهن جو ذميوار هو آمريڪا کي قرار ڏئي ٿو. پنهنجي صدارت دوران هيوگو شاويز هڪ ٽي وي پروگرام جي ميزباني ڪندو رهيو، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي گفتگو ڪرڻ کان علاوه عوام جون ٽيليفون ڪالز بہ ٻڌندو هو. هيوگو شاويز کي چار نياڻيون آهن. هو مذهبي لحاظ کان رومن ڪيٿولڪ آهي پر هن جا رومن ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ فرقن جي مذهبي رهنمائن سان ناتا سٺا ناهن. وينزويلا جي عوام لاءِ ”هيوگو شاويز“ هڪ هيرو ۽ ماڊل جي حيثيت رکي ٿو. شاويز جي وڌندڙ مقبوليت جي ڪري آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ اهو چوڻ تي مجبور ٿيو آهي تہ آمريڪا وينزويلا سان تعميري ۽ دوستانا تعلقات قائم ڪرڻ جو خواهشمند آهي. وينزويلا انقلابي تبديلين ڏانهن وڌي رهيو آهي، پر ان جي ڪاميابيءَ لاءِ هڪ مضبوط ۽ منظم پارٽيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا بنيادي سياسي ۽ معاشرتي ڍانچي کي تبديل ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي، ڇاڪاڻ تہ هيوگو شاويز جي سحر انگيز شخصيت کي ڪنهن سازش ذريعي رستي تان هٽايو وڃي ٿو تہ پوءِ وينزويلا خانہ جنگي جو شڪار ٿي سگهي ٿو ۽ تبديليءَ ڏانهن وڌندڙ قدم خودبخود رڪجي ويندا. هڪ انقلابي پارٽي ئي انقلاب جي تڪميل ڪري سگهي ٿي. دنيا ۾ جيڪي نوان سياسي نظريا جنم وٺي رهيا آهن، انهن ۾ شخصيت بدران پروگرام ۽ نظريي کي مرڪزي اهميت حاصل آهي ۽ انقلابي پارٽي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ اها روس يا چين جي طرز جي انقلاب کي نافذ ڪري، پر هر ملڪ ۽ قوم لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي زميني حالتن، سماجي ماحول ۽ ثقافتي زندگيءَ مطابق انقلابي پروگرام کي ترتيب ڏئي ۽ عوام جي احساسن ۽ جذبن جو احترام ڪري.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آئين ۽ ايران جي سول سوسائٽي

ايران ۾ 1979ع جي انقلاب جي اناويهين سالگرهہ ملهائي پئي وڃي. ان موقعي تي ايراني صدر محمود احمدي نجاد چيو آهي تہ ايران ڪنهن بہ صورت ۾ آمريڪا آڏو نہ جهڪندو. صدارتي اليڪشن دوران هن عوام سان جيڪي بہ واعدا ڪيا هئا، انهن ڪي هر صورت ۾ نڀائڻ جي ڪوشش ڪندو، جنگ مڙهڻ جي صورت ۾ هر مرد، عورت ۽ ٻار پنهنجي مادرِ وطن جي حفاظت ڪندو.

ڪنهن بہ مهذب جمهوري رياست جي سڃاڻپ اها هوندي آهي تہ ان ۾ ڪجهہ اخلاقي ۽ سياسي ماپا ڏنا ويندا آهن. انهن ماپن ۾ آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني، سماجي انصاف ۽ شهري آزاديون شامل آهن. آئون جڏهن ايران ويو هئس، تہ مون اتي ايران جي موجوده سياسي نظام کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي تہ 1979ع ۾ امام خمينيءَ جي قيادت ۾ ايندڙ انقلاب ۽ شهنشاهيت جي خاتمي ڪانپوءِ ايران ۾ ڪهڙيون سياسي، معاشي ۽ اخلاقي تبديليون آيون آهن؟ سڀ ڪان پهرين تہ ايران ۾ نئين ناهيل آئين تحت سڀ ادارا هلايا وڃن ٿا. ڪابہ شخصيت آئين کان بالاتر ناهي. هر سياسي اداري پارليامينٽ، انتظاميہ ۽ عدليہ کي ڏار ڏار اختيار مليل آهن ۽ هر ادارو پنهنجي فيصلي ڪرڻ ۾ آزاد ۽ خودمختيار

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهي. ايران ۾ قانون جي حڪمرانيءَ کي تمام گھڻي اهميت مليل آهي. سمورا شهري قانون جي اطاعت ڪن ٿا. ايستائين جو ڪنهن بہ ڪار يا بس کي اجازت ناهي تہ اها رستي تي بيءَ ڪنهن گاڏيءَ کي ڪراس ڪري سگھي. ايران جي وڏن شهرن ۾ مون کي ڪٿي بہ پوليس يا قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي مداخلت نظر نہ آئي. قانون جي حڪمرانيءَ جو هڪ مثال اهو بہ آهي تہ اصفهان جي دوري دوران جڏهن سج لٿي کان پوءِ ٿڪ پيچڻ خاطر هڪ پارڪ ۾ وڃي ويٺاسين، تہ ڏٺوسين تہ بہ نوجوان ڇوڪريون پارڪ جي ڪنڊ ۾ پينٽنگس ٺاهي رهيون هيون. اهي تختي تي لڳل ڪاغذ تي مصوريءَ جا رنگ پکيڙي رهيون هيون. اهي خوف کان بي نياز ۽ مطمئن هيون. هنن سان گڏ ڪو مرد بہ نہ هو. اسان وٽ سج لٿي کان پوءِ اڪيلي سر پارڪ ۾ وڃي مصوري ڪرڻ جو نوجوان نياڻيون سوچي بہ نٿيون سگھن. ايران جي سول سوسائٽي ۾ پوليس جي مداخلت نہ هجڻ برابر آهي. اتي پوليس انسانن لاءِ آزار ڪونهي، پر ماڻهن جي مددگار آهي. ايستائين جو ڪو اجنبي جيڪڏهن رستو ڀلجي وڃي تہ ايران جي سپاهيءَ وٽ متعلقہ شهر جو نقشو موجود هوندو آهي ۽ هو آسانيءَ سان راهہ ڀليل انسانن کي دڳ لڳائي ڇڏيندو آهي. ايران جي سياسي نظام ۾ سڀ کان وڏو عمل دخل سماجي انصاف (Social Justice) جو آهي. ايراني حڪومت جي سڀ کان گھڻي ڪوشش آهي تہ هر ايراني شهريءَ کي ان جون بنيادي ضرورتون مهيا ڪيون وڃن، جنهن ۾ اٽو لٽو ۽ اجهو، تعليم ۽ صحت جون سهولتون شامل آهن. ايراني سياسي نظام ۽ سول سوسائٽيءَ ۾ عورت کي تمام گھڻي اهميت ڏني ويئي آهي. ايستائين جو مرڪزي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي وهنوار ۾ انهن کي برابريءَ جي حيثيت ڏني ويئي آهي. مرڪزي ڪابينہ ۾ عورتن کي معقول نمائندگي مليل آهي. فوج، ايئر فورس، نيوي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ عورتن کي مناسب نمائندگي مليل آهي. صوبن ۾ جيڪڏهن مرد گورنر آهي تہ ڊپٽي گورنر جي عهدي تي خاتون مقرر ٿيل آهي. بازار ۾ نجي دڪانن تي پڻ عورتون ڪاروبار هلائين ٿيون. ايران جي خلاف اها مغربي پروپيگنڊا بلڪل غلط آهي تہ 1979ع جي انقلاب کانپوءِ عورت کي گھر جي چوڏيواريءَ ۾ قيد ڪيو ويو آهي. 1979ع جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انقلاب کانپوءِ ايراني سماج ۾ جيڪو مان ۽ مرتبو عورت کي مليو آهي، اهو مغربي ملڪن کان وڌيڪ آهي. صرف غير اخلاقي حرڪتن کي ٻنجو ڏنو ويو آهي. عورت جي تقدس جي پائماليءَ وارين محفلن ۽ حرڪتن کي بند ڪيو ويو آهي، فحاشي ۽ عريانيءَ کي روڪيو ويو آهي. ايران ۾ عوام کي مڪمل شهري حق مليل آهن. تحرير ۽ تقرير جي آزادي آهي. عقيدي ۽ عبادت جي آزادي آهي. جيتري رواداري، سهپ ۽ بردباري ايران جي سياسي نظام ۾ آهي، ايتري شايد ئي ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ ملي. ايران ۾ سرڪاري ملازم جي سياست ۾ حصي وٺڻ تي ڪا پابندي ناهي، صرف ”لازمي سروس“، يعني ”فوج“ جي اهلڪار جي سياست ۾ حصي وٺڻ تي پابندي آهي. ان جو هڪ مثال هي آهي تہ موجوده ايراني صدر محمود احمدي نجاد پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. هو تهران جي انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو مستقل استاد آهي. هن کان اڳ علي اڪبر رفسنجاني پڻ پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر هو ۽ اڄڪلهہ تهران جي ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ آرٿوپيڊڪ وارڊ جو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ آهي. سرڪاري ملازم موڪل وٺي ڪنهن بہ سياسي عهدي لاءِ بيهي سگهي ٿو. محمود احمدي نجاد پهريائين تهران جي ميئر جي عهدي تي ڪاميابي ماڻي ۽ هاڻ هن صدارتي عهدي تي ڪاميابي ماڻي آهي. هو هڪ لوهار جو پُٽ آهي. هو اڄ بہ پنهنجي اباڻي گهر ۾ رهي صدارتي فرض سر انجام ڏئي ٿو. گذريل سيپٽمبر ۾ جڏهن اسان ايران ۾ هئاسين تہ اسان ڏٺو تہ ايران جي فضائي ڪمپني جي جهاز ۾ هڪ عام مسافر جي حيثيت ۾ نيويارڪ ۾ اقوام متحده جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيو هو. هن لاءِ ڪو ڌار اسپيشل جهاز موجود نہ هو ۽ ساڻس صرف پنجن ڇهن تي مشتمل صدارتي اسٽاف گڏ هو. هن سان ڪو وڏو لشڪر نہ هو. ايران ۾ صدارتي عهدي کان وٺي سرڪاري آفيسر تائين هر ماڻهو سادگي ۽ قناعت سان پنهنجا سرڪاري فرض سرانجام ڏئي ٿو. ايران جا آفيسر پينٽ ڪوٽ پائين ٿا، پر”ٽائي“ استعمال نٿا ڪن. ٽائي کي هو ”صليب“ جي نشاني سمجهن ٿا. عام مرد ۽ عورت پڻ گهڻو ڪري ”جين“ ۽ ”شرٽ“ استعمال ڪن ٿا. خواتين مٿان حجاب پائين ٿيون. مون شهر مقدس جي ايئرپورٽ تي واپسيءَ مهل جڏهن مسافرن جي لائونج ۾ هڪ اڌڙوٽ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

عورت ڪي سگريٽ پيئندي ڏٺو تہ مون کي حيراني ٿي. ايران ۾ حقي ۽ سگريٽ پيئڻ تي ڪا پابندي ناهي، حقي ڇڪڻ جون باقاعدي هوٽلون هر وڏي شهر ۾ موجود آهن. سير و تفريح لاءِ هر وڏي شهر ۾ خوبصورت پارڪ ۽ ريسٽورانٽ آهن. ايران ۾ هلندڙ بسن جا ٽرمينل ڪنهن بہ ايئرپورٽ کان گهٽ ناهن. اصفهان کان تهران ويندڙ بس ۾ ٽڪيٽ جي بڪنگ ڪرائڻ کانپوءِ سوار ٿياسين، ائين محسوس ٿيو تہ پي آءِ اي جي ڪنهن بوئنگ جهاز ۾ سوار ٿيا آهيون. بس ۾ ماني ۽ مشروب جو پڻ بندوبست آهي ۽ هر بس ۾ ٽي وي لڳل آهي، جتي ايراني ۽ هندستاني فلمون هلايون وڃن ٿيون. ايران جي هر شهر ۾ سئنيمائون پڻ موجود آهن، جن ۾ ايراني ۽ هندستاني فلمون ڏيکاريون وڃن ٿيون. ايران جي وڏي خوبي اها آهي تہ 1979ع جي انقلاب کا پوءِ انهن پنهنجي”ايراني ڪلچر“ کي دائم ۽ قائم رکيو آهي. قديم عمارتون ۽ قديم مجسمہ هر شهر ۾ موجود آهن. ايران ۾ ايمانداري ۽ اعتبار کي وڏي اهميت مليل آهي. ٽيڪسي ڊرائيور جڏهن ڪنهن پيٽرول پمپ تي وڃي ڪار ۾ پيٽرول پرائيندو آهي تہ اهو پاڻ هٿ سان ڪار ۾ پيٽرول پريندو آهي ۽ پيٽرول جا پئسا پاڻ ئي پيٽرول پمپ جي مالڪ کي ادا ڪندو آهي.ايراني سڪي کي”تمن“ سڏيو ويندو آهي. هڪ پاڪستاني رپئي جي قيمت 15 تمن جي برابر آهي. مون 3 0 سالن جي نوڪريءَ ۾ ڪڏهن بہ هڪ لک رپيا گڏ نہ ڏٺا آهن. ايران ۾ پاڪستاني رپين جي عيوض جڏهن ايراني ڪرنسي ۾ ”تمن“ ورتاسين تہ مون کي ڏهہ هزار رپين جي عيوض ڏيڍ لک ”تمن“ مليا. مون رب پاڪ جو شڪر ادا ڪيو تہ مان اڄ لک پتي ٿي ويو آهيان، پر ڇئن ڏينهن ۾ اهي سمورا پئسا ختم ٿي ويا. ايران ۾ پيٽرول، سي اين جي ۽ بجلي بلڪل سستي آهي. ٽيليفون جي لوڪل ڪال فري آهي. ڪراچيءَ کان تهران، تهران کان مشهد جهاز جي “Return Ticket” لاءِ اسان صرف ايڪويهہ هزار رپيا ڀريا. پر جيڪڏهن ڪوئيٽہ ۽ تافتان جي رستي بسن ذريعي وڃبو تہ بلڪل گهٽ خرچ ايندو. زائرين جيڪي قافلن جي صورت ۾ ايران وڃن ٿا، اهي ٽيهہ هزار رپين ۾ ايران جون سڀ زيارتون ڪري سگهن ٿا. انهن پئسن ۾ ڀاڙي، ماني ۽ رهائش جو بندوبست ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان سوات، ايوبيہ، ڪوهہ مري، مدائين، ڪالام وغيره سير

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تفريح لاءِ ويندا سين تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک رپيا خرچ ٿي سگهي ٿو. ايئرن پئسن ۾ هوائي جهاز ۾ لگزري بسن ذريعي اسان سڄو ايران 15 ڏينهن ۾ گهمي ڦري سگهون ٿا. ايران ۾ جوراب، سوئيٽر ۽ ڪمبل بلڪل سستا آهن. پاڪستاني ٻن رپين ۾ جوراب جي هڪ سٺي جوڙي ملي سگهي ٿي. پاڪستاني 100 رپين ۾ هڪ سٺو گرم سوئيٽر ملي سگهي ٿو جڏهن تہ 300 رپين ۾ هڪ سٺو سهڻو ڪمبل ملي وڃي ٿو. ايران جون سرحدون ٻن سمنڊن، يعني عربي سمنڊ ۽ ڪاري سمنڊ سان ملن ٿيون. انڪري هن ملڪ ۾ 8 وڏا بندرگاهہ آهن. سڀني کان وڏو بندرگاهہ "بندر عباس" آهي. سمنڊ جي ڪنارن تي بہ تفريح جا ڪافي سهڻا ۽ دلچسپ ماڳ تهيل آهن. ايران صفائي، سهڻن ماڳن، خوبصورت ۽ روشن رستن، گلن سان سينگاريل پارڪن ۽ مواصلاتي نظام جي ڪري ڪيترن ئي مغربي ملڪن کان خوبصورت ملڪ آهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعليم، تجربا ۽ امتحان

هن ملڪ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ تجربا ٿيندا رهن ٿا. انهيءَ ڪري هر شعبو تجربن جي ور چڙهيل آهي. ان جي نتيجي ۾ نہ ادارا جڙي سگهيا آهن ۽ نہ ئي وري ڪا مستقل پائيدار پاليسي، جيڪا عوام ڪي لاڀ ڏئي سگهي. هر ايندڙ حڪمران پنهنجي مفاد ۽ مرضيءَ مطابق ملڪ ۾ سياسي ادارن ۽ اهم شعبن ڪي هلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، خاص طور تي جڏهن ملڪ ۾ مارشل لا هوندو آهي، يا غير جمهوري حڪومتون، تہ سڄي ملڪ جو عوام تجربن جي ان آزار ۾ اچي ويندو آهي. هونئن تہ هر شعبي ۾ تجربن جي طبع آزمائي ٿيندي رهي آهي، پر تعليم جي شعبي تي اهڙي مشق سڀني کان سرس ٿيندي رهي آهي.

دنيا جي ملڪن ۾ سڀ کان پهرين اتي جي تعليمي نظام کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جو تعليمي نظام جٽادار، لاڀ ڏيندڙ ۽ Result oriented approach رکندڙ آهي تہ پوءِ اهو ملڪ دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي صف ۾ اهم جاءِ والاريندو آهي. قومن جي بقا ۽ تنزل ۾ تعليمي نظام کي اهم حيثيت حاصل هوندي آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪابہ سول يا نان سولين حڪومت ملڪ لاءِ ڪو صحتمند ۽ پائيدار تعليمي نظام جوڙي نہ سگهي آهي. ملڪي سياست ۾ ”سگهاري ڌر“ جي مداخلت ڪري ڪي بہ پائيدار سياسي ادارا جڙي نہ سگهيا آهن ۽ نہ ئي جمهوري روايتون ۽ قدر پنهنجي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مستقل جاءِ وٺي سگهيا آهن. 1958 ع ۾ جنرل ايوب خان جي مارشل لا پاڪستان جي تاريخ جي سخت ترين مارشل لا هئي. مارشل لا قانونن ذريعي ملڪ جي هر شعبي ۾ تبديليون آنديون ويون. تعليم جي شعبي ۾ جيڪي تبديليون آنديون ويون، ان سان سنڌ جي تعليم کي ڪاپاري ڌڪ رسيو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ سنڌي فائنل جو امتحان رائج هو، ان جو معيار اڄ جي گرئجوئيشن کان بہ وڌيڪ هو. ايوب دور ۾ تعليمي نظام ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ”شريف ڪميشن“ جوڙيو ويو. جنهن جي سفارشن جي روشنيءَ ۾ سنڌي زبان جي تعليم کي پنجين درجي تائين محدود ڪيو ويو. سنڌي فائنل جو امتحان ختم ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگرد ستين درجي جو امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ استاد، تپيدار ۽ ڪلرڪ جي نوڪري ماڻيندو هو. ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن مان نيڪالي ڏني ويئي. ان نا انصافيءَ خلاف سنڌ جي استادن، اديبن، دانشورن ۽ ساڃهہ وند طبقي ”شريف ڪميشن“ جي سفارشن کي رد ڪري ڇڏيو. ان عوامي جدوجهد جي نتيجي ۾ 14 آڪٽوبر 1962ع تي هڪ آرڊيننس جاري ڪيو ويو تہ، ”حڪومت هاڻ نئين صورتحال جو نئين سر جائزو ورتو آهي ۽ فيصلو ڪيو آهي تہ سنڌي زبان جي اڳوڻي حيثيت برقرار رکي وڃي، سنڌي زبان تعليمي ادارن ۾ ذريعهءِ تعليم (Medium of instruction) رهندي، جيئن اڳ ۾ هئي. اهي شاگرد، جيڪي سنڌي زبان کي ”ذريعهءِ تعليم“ استعمال ڪن ٿا، تن کي پرائمري جي چوٿين درجي کان اردو لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سيکارڻ متعلق صورتحال اڳ وانگر قائم رهندي.“

1960_61ع کان وٺي عمل ۾ ”نئين اسڪيم“ موجب سنڌي، ڇهين ڪلاس کان ٻارهين درجي، يعني انٽر تائين انهن تعليمي ادارن ۾ لازمي مضمون (Compulsory) رهي آهي، جن جو ”ذريعهءِ تعليم“ سنڌي آهي، اها حيثيت نہ بدلبي. انهيءَ آرڊيننس موجب سنڌي زبان جي تعليم جي اڳوڻي حيثيت هڪ ڀيرو وري بحال ٿي. جنرل ايوب جي ڏينهن ۾ هڪ ٻيو فيصلو بہ ٿيو تہ سنڌي فائنل جي امتحان سان گڏو گڏ ميٽرڪ جي امتحان جو سسٽم پڻ ختم ڪيو ويو. 1962ع کان اڳ ميٽرڪ جو امتحان سنڌ يونيورسٽي وٺندي هئي ۽ ان جو معيار بلند هو پر 1962ع ۾ هڪ آرڊيننس

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ذريعي تعليمي بورڊ قائم ڪيا ويا. ميٽرڪ جو امتحان ختم ڪري نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحان جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جنهن ڪي ميٽرڪ جي امتحان جو درجو ڏنو ويو ۽ تعليمي بورڊن کي اها ذميواري حوالي ڪئي ويئي تہ اهي نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو امتحان وٺن. اڳ ۾ شاگرد چار درجا سنڌيءَ جا پاس ڪري پهرئين درجي انگريزيءَ ۾ داخل ٿيندو هو. پر ايوب دور ۾ پنجون ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ پهرئين ڪلاس انگريزي، يعني ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ جو سسٽم رائج ڪيو ويو. ڇهين، ستين ۽ اٺين ڪلاس جا امتحان ”اسڪول انتظاميہ“ وٺندي هئي، باقي نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو امتحان سيڪنڊري تعليمي بورڊن جي حوالي ڪيو ويو ۽ ان کي ميٽرڪ سڏڻ بدران ”سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ“ (ايس ايس سي) جو درجو ڏنو ويو ۽ ميٽرڪ کانپوءِ انٽرميڊيٽ امتحان جو سسٽم رائج ڪيو ويو. جنهن کي ”هائر سيڪنڊري سرٽيفڪيٽ“ (ايچ ايس سي) جو نالو ڏنو ويو. ان کانپوءِ شاگردن کي گرئجوئيشن جي ڪورس پڙهڻ لاءِ ”اهل“ قرار ڏنو ويو. نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو امتحان ڌار ڌار رکيو ويو. اهڙي طرح هر سال ٻار نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو جدا امتحان ڏئي ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪندا هئا. جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ سڀ کان پهرين تعليم واري وفاقي وزارت زبيده جلال جي حوالي ڪئي ويئي، جيڪا بلوچستان ۾ اين جي او جي حوالي سان مشهور هئي ۽ ان اين جي او تحت پنهنجا تعليمي ادارا هلائيندي هئي. سنڌ ۾ گورنر محمد ميان سومري جي دور ۾ تعليم جي وزارت انيتا غلام علي جي حوالي ڪئي ويئي. بعد ۾ اها وزارت دولتپور سان تعلق رکندڙ خان محمد ڏاهري جي حوالي ڪئي ويئي. 2002ع جي عام چونڊن کان پوءِ وزارت تعليم، عرفان الله مروت حوالي ڪئي ويئي. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سابق استاد حميده کهڙو کي وزير تعليم بڻايو ويو. شوڪت عزيز جي وزير اعظم ٿيڻ کان پوءِ زبيده جلال بدران تعليم جهڙو اهم شعبو رٽائرڊ جنرل قاضي جاويد اشرف جي حوالي ڪيو ويو. تعليم جهڙي اهم شعبي ۾ هو نت نوان تجربا ڪري رهيو آهي، جنهن سان ملڪي تعليمي نظام سڌرڻ بدران تباهہ ٿي رهيو آهي. هر روز تعليمي نظام کي جديد تقاضائن مطابق بنائڻ لاءِ حيرت انگيز ۽ عجيب و غريب فيصلا ڪيا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پيا وڃن ۽ اهي فيصلا استادن ۽ ٻارن تي زبردستي مڙهيا پيا وڃن. انهن فيصلن ۾ نائين ۽ ڏهين درجي جي گڏيل امتحان وارو تڪراري فيصلو بہ شامل آهي. هن فيصلي موجب نائين ڪلاس جو امتحان جدا نہ ٿيندو ۽ ٻار ڏهن مضمون بدران هاڻ چوڏهن مضمون پڙهندا ۽ ٻن سالن ڪانپوءِ چوڏهن مضمونن جو امتحان گڏ ورتو ويندو. هاڻ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحان ۾ ٽوٽل مارڪون 850 بدران 1050 هونديون. هن فيصلي کان اڳ ڪنهن بہ تعليمي ماهر يا ورڪنگ ٽيچر کان راءِ نہ ورتي ويئي. هي نج نوڪرشاهي جو فيصلو آهي. منهنجي نظر ۾ هن فيصلي پويان پاليسي سازن جو صرف هڪ ئي "فلسفو" شامل آهي تہ غريب، ٻي پهچ ۽ مسڪين ٻارن لاءِ اعليٰ تعليم جا دروازا بند ڪيا وڃن. حڪومت هڪ طرف "تعليم سڀني لاءِ" (Education for all) جو نعرو هڻي ٿي، تہ ٻئي طرف عملي طرح اهڙا قدم کڻي رهي آهي، جو اعليٰ تعليم جا دروازا پورهيتن، هارين ۽ مسڪينن جي ٻارن تي هميشہ لاءِ بند ٿيندا وڃن. دنيا جي ملڪن ۾ "سيمسٽر سسٽم" تيزي سان وڌي ويجهي رهيو آهي، جنهن نظام ۾ هر ٽئين مهيني امتحان ورتو وڃي ٿو پر هتي ساليانی امتحان واري سرشتي بدران هاڻ ٻن سالن ۾ امتحان وٺڻ وارو سسٽم رائج ڪيو پيو وڃي. حڪمرانن جي هوڏ جي نتيجي ۾ غريب جو ٻار هاڻ اٺين ڪلاس جي امتحان کان اڳتي وڌي نہ سگهندو يا تعليم کان محروم رهندو. جيڪڏهن حڪمرانن جي هن تڪراري فيصلي جو چيد ڪبو تہ اسان کي هيٺيون شيون چٽيءَ طرح نظر اينديون:

(1) هڪ امتحان ۾ شاگرد لاءِ 14 پيپرن جو امتحان فطري طرح مشڪل ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جو مدي خارج امتحاني نظام "مينوئيل" بدران ٻارن جي "ياد داشت" جي عمارت تي بيٺل آهي. هڪ سال اڳ پڙهيل مضمونن جو ٻئي سال امتحان وٺڻ "غير فطري" آهي ۽ ٻار سان سراسر ناانصافي ۽ زيادتي آهي. ٽن ڪلاڪن ۾ صرف ٿيوري جو امتحان وٺڻ تعليم جي فطري گهرجن خلاف آهي. جنهن ٻار جي "ياد داشت" سٺي هوندي سو بہ مشڪل سان ٽن ڪلاڪن ۾ سوالن جا جواب لکي سگهندو، پر جنهن ٻار جي "يادداشت" ڪمزور هوندي، اهو تہ ٽن ڪلاڪن اندر هڪ سوال جو جواب بہ نہ لکي سگهندو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(2) استاد اڳ ۾ ذهني پريشانين جو شڪار آهي، اهو ذهني مونجهارن جي ڪري ايتري محنت نٿو ڪري، جيتري هن کي ڪرڻ گهرجي. ڇا اسان جو پريشان حال استاد چوڏهن سبجيڪٽ پڙهائڻ جي قومي معيار تي پورو لهندو يا نه؟ جڏهن ته پڙهائڻ جو سسٽم پڻ مدي خارج آهي. اڃا اسان کي عالمي تعليمي معيار تائين پهچڻ لاءِ پنجاهه سال کپن. اسان جي اسڪول سسٽم ۾ جديد تقاضائن مطابق آڊيو يا وڊيو سسٽم رائج نه ٿي سگهيو آهي، هتي ته چاڪ ۽ ڊسٽر به ڪلاسن لاءِ مشڪل سان ملن ٿا.

(3) ٻن سالن جو امتحان گڏ وٺڻ سان ”ٽيوشن“ جي ڪاروبار ۾ واڌارو ايندو. جن ٻارن جا والدين سرنديءَ وارا هوندا، سي پنهنجي ٻارن کي ٻئي سال ٽيوشن سينٽرن ذريعي اضافي تعليم ڏياري امتحانن ۾ ويهاريندا، پر اهي غريب ٻار ڪيڏانهن ويندا، جن جي پيرن ۾ جتي به ناهي، هڪ ويلي جي ماني به ميسر ناهي، سي ٽيوشن جي في ڪٿان ڀريندا؟ امتحان جي موجوده مدي خارج سسٽم ۾ صرف سرنديءَ وارا ٻار پاس ٿيندا. ٽيوشن کان علاوه اهي ڳري رقم خرچ ڪري به تعليمي بورڊن جي ”ڪرپٽ بدبودار نظام“ مان پسند جون مارڪون حاصل ڪري وٺندا، پر غريب جا ٻار اهو امتحان پاس نه ڪري سگهندا!

(4) حڪومت هڪ طرف ته ”ڪاپي ڪلچر“ کي ختم ڪرڻ لاءِ اعلان ڪري رهي آهي، پر نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو امتحان گڏ وٺڻ سان ”ڪاپي ڪلچر“ ۾ اضافو ٿيندو. استاد شاگرد کي اها ترغيب ڏيندو ته اهي هر حال ۾ ٽيوشن سينٽرن ۾ اچن. استاد جو اهوئي رويو آهي، جيڪو سماج مان استاد جو مرتبو گهٽائي ٿو.

تعليم کاتي جي ڪيترن انتظامي عملدارن طرفان اهو چيو وڃي ٿو ته ”ٽيوشن جائز آهي.“ گذريل سال ڪراچيءَ جي ايگزيڪٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (ايجوڪيشن) اهڙو سرڪيولر پڻ تعليمي ادارن ڏانهن موڪليو هو. اهڙن سرڪيولرز مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته سرڪاري سطح تي ٽيوشن ڏيڻ جي حوصلي افزائي ٿي رهي آهي. ٽيوشن صرف سرنديءَ وارا ٻار ئي حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪي سڄي سماج جو صرف پنج سيڪڙو آهن، پر پنجانوي سيڪڙو غريبن جا ٻار، جيڪي روح ۽ جسم جي رشتي کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

برقرار رکڻ لاءِ پڙهائيءَ سان گڏو گڏ تعليمي ادارن کان پوءِ ڪجهه نه ڪجهه پورهيو ڪري جيئڻ لاءِ جتن ڪن ٿا، انهن لاءِ ڏاڍو مشڪل هوندو ته اهي ”ٽيوشن“ جا پيسا ڀرين. حڪومت کي نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي گڏيل امتحان وارو تڪراري فيصلو واپس وٺڻ گهرجي، جيڪو سراسر غريبن تي اعليٰ تعليم جا دروازا بند ڪرڻ جي برابر آهي. ان سان گڏو گڏ مدي خارج نصاب کي به بدلائڻ گهرجي، ٻارن کي سکيا ڏيڻ جي عالمي معيار مطابق جديد طريقا اختيار ڪيا وڃن ۽ امتحان جو مدي خارج نظام بدلايو وڃي، اعليٰ تعليم مفت ڪرڻ جو اهتمام ڪيو وڃي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انساني حقن جي تحفظ ۾ اعليٰ عدالتن جو ڪردار

هر مهذب ۽ جمهوري ملڪ ۾ آئين يا دستور اعليٰ قانون هوندو آهي. آئين قاعدن، اصولن ۽ قانونن جو هڪ اهڙو مجموعو هوندو آهي، جيڪو رياست جي جوڙجڪ ۽ ان جي مختلف حصن ۽ ڪاتن جي اختيارن ۽ انهن جي باهمي تعلقات، رابطن ۽ حڪومت ۽ شهرين وچ ۾ تعلقات ۽ شهرين جي حقن ۽ فرضن جي لکت ۾ تفصيل جو ميلاپ هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ آئين رياست جو بنيادي قانون هوندو آهي، جنهن ۾ پارليامينٽ، انتظاميہ ۽ عدليہ جي اختيارن جي ورڇ ٿيل هوندي آهي. پاڪستان ۾ 1973ع وارو آئين ترميمن جي لڳل چتين جي باوجود هڪ اهم دستاويز آهي، جنهن ۾ رياست جي ادارن، حڪومت جي جزن ۽ شهرين جي حقن جو ذڪر آهي. آئين کان بالاتر ڪو بہ ادارو يا شخصيت ناهي. حڪومت سنڌ جي تعليم کاتي 21 جولاءِ 2006ع تي سنڌ اندر استاد تنظيمن تي پابندي عائد ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن ڪڍيو جنهن ۾ سنڌ جي تعليم جي تباهي جو ذميوار استاد تنظيمن کي قرار ڏنو ويو. استاد تنظيمن تي پابندي جي نوٽيفڪيشن کي ملڪي آئين ۽ انساني بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو ۽ ان خلاف پرامن احتجاج ڪيو، ان جو اهم سبب هي هو تہ پاڪستان جي ٽن صوبن، يعني بلوچستان، پنجاب ۽ سرحد ۾ استاد تنظيمن تي پابندي نہ هئي، ٻيو تہ خود سنڌ اندر گورنر سنڌ جي ماتحت ڪم ڪندڙ سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن ۾ اهڙي پابندي نہ لڳائي ويئي هئي. سنڌ حڪومت جي بجيٽ بُڪ مطابق، سنڌ ۾ سوا پنج لک سرڪاري ملازم آهن، جن ۾ ٽن لکن کان وڌيڪ ملازم تعليم کاتي ۾ آهن. تعليم کاتي جي سيني استادن ۽

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ملازمن پابنديءَ جي پيش نظر هڪ اتحاد جوڙيو. ان دوران استادن جي پرامن احتجاج تي پوليس تشدد پڻ ٿيو. پوليس استادن تي ڪيس داخل ڪري انهن کي گرفتار بہ ڪيو پر عدالتن مان اهي ضمانتون ڪرائي آزاد ٿي ويا.

13 ڊسمبر 2006ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ، استاد تنظيمن واري حڪومتي فيصلي کي غير آئيني قرار ڏنو. هن ڪيس ۾ استادن پاران مجيب پيرزادو، رٽائر جسٽس رشيد رضوي ۽ اختر حسين ايڊووڪيٽ وڪالت ڪئي ۽ سنڌ سرڪار طرفان نامياري وڪيل خالد انور وڪالت ڪئي. هاڻ اهو ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ حڪومت، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي آهي، سپريم ڪورٽ جي هن بينچ ۾ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري بہ شامل آهي. سنڌ حڪومت جي اها اپيل ٻڌڻي لاءِ سپريم ڪورٽ منظور ڪئي آهي، پر سنڌ اندر رجسٽرڊ استاد تنظيمن کي قانون جي دائري اندر سرگرمين جاري رکڻ جي پڻ اجازت ڏني آهي. سپريم ڪورٽ جي بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ٻن مهينن جي اندر رکي آهي. چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ کي غير فعال بنائڻ ۽ موجوده بحران پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ استادن جي تنظيمن تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سنڌ حڪومت جيڪا اپيل داخل ڪئي آهي تہ هن ڪيس جو فيصلو جلد ڏنو وڃي، پر حالتن جي حساب سان اهو ممڪن نظر نٿو اچي تہ ڪو ٻن مهينن اندر ڪيس جي شنوائي ٿيندي يا ڪو فيصلو ايندو. علم سياست ۽ قانون جي شاگرد جي حيثيت سان مان اهو چئي سگهان ٿو تہ موجوده بحران پاڪستان جي "سياسي تاريخ" جو وڏو آئيني ۽ قانوني بحران آهي. 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 209 تحت صدر پاڪستان کي اهو اختيار حاصل آهي تہ هو اعليٰ عدالتن جي ڪنهن بہ جج خلاف شڪايتن جي صورت ۾ سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس موڪلي سگهي ٿو. آئين مطابق سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ (1) چيف جسٽس آف پاڪستان، (2) سپريم ڪورٽ جا 2 سينئر ترين جج ۽ (3) هاءِ ڪورٽن جا بہ سينئر ترين چيف جسٽس شامل هوندا. يعني سپريم جڊيشل ڪائونسل پنجن ججن تي مشتمل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هوندي. جيئن تہ موجوده ريفرنس سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي خلاف آهي. 1973ع جي آئين ۾ اهڙي ڪابہ وضاحت ناهي تہ ريفرنس يا انڪوائري ۾ آيل جج کي غير فعال يا معطل ڪيو ويندو. جيستائين سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس جي ڪارروائي هلندي، جسٽس افتخار محمد چوڌري پنهنجي "منصب" تي فائز رهندو. بين الاقوامي قانون جي روايتن مطابق اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ هو پنهنجا انتظامي اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو، صرف عدالتي ڪارروائيءَ ۾ حصو نٿو وٺي سگهي. پاڪستان جي موجوده "آئيني بحران" کي جيڪڏهن جلد حل نہ ڪيو ويو تہ دنيا ۾ ملڪي وقار کي سخت نقصان پهچندو. ملڪ ۾ جيڪو سياسي انتشار پيدا ٿيندو، ان سان سيڻي جمهوري، آئيني ۽ سياسي ادارا تباهہ ٿي ويندا. خطي ۾ عالمي طاقتن جي وڌندڙ دلچسپيءَ سبب پاڪستان کي ڪيترائي بيروني خطرا موجود آهن، انڪري ضروري آهي تہ اندروني بحران کي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي. ملڪي سلامتي ۽ استحڪام کان مٿانهين ڪا بہ شيءِ ناهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪارونجهر جي مور جهڙي خواهش ۽ لڙڪ

منهنجا ٻه سٺا دوست آهن، جن هر حال ۾ مون سان نڀايو آهي، جن مان هڪ ڪامريڊ ڄام ساقي، سابق سيڪريٽري ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان آهي. ڄام ساقي هاڻ ڪميونسٽ مان"صوفي" بڻجي ويو آهي. مون کان دوست سوال پڇندا آهن ته، ڪامريڊ ڄام ساقي "صوفي" ڇو بڻيو؟ تنهن تي آئون کين چوندو آهيان ته، اڄڪلهه آئون پڻ تصوف ڏانهن مائل ۽ ان جو قائل آهيان، ڇاڪاڻ ته اشتراڪي انسانيت جي ڀلائي چاهيندڙ آهن ۽ صوفي ٻه انسانذات سان محبت ۽ ڀلائيءَ جو درس ڏين ٿا.

گذريل سال ايران جي پوليٽيڪل سسٽم ۽ ايجوڪيشن سسٽم کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ اتي ڪجهه دانشورن سان علم سياست جي نئين نظريي "Liberation Theology" تي گفتگو ٿي، ان کان پوءِ هنن مون کي قائل ڪيو ته اسلامي ملڪن ۾ انهيءَ نئين فڪر ۽ نظريي تحت ئي انقلاب آڻي سگهجي ٿو. هونئن ٻه مان ننڍي هوندي کان اهو خواب ڏسندو رهيو آهيان ته پاڪستان ۾ هڪ ڏينهن ضرور انقلاب ايندو. تبديليءَ جي ان جستجو ۾ منهنجون مختلف ماڻهن سان ڪچهريون ٿينديون رهيون آهن. ان ئي جستجو ۾ ڪامريڊ منظور حسين چوڌري (ميمبر قومي اسيمبلي ۽ چيئرمين "پاڪستان يونين ڊفينس ڪئمپئن") سان پڻ ڪچهريون ٿيون. انهن ڪچهرين ۾ هن جو جيڪو نقطهءِ نظر هو، سو اهو هو ته مان هن سان گڏجي ڪم ڪريان. ڇاڪاڻ ته منهنجا ٻه پراڻا ساٿي ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ حميده گهانگهرو (بيواهه شهيد نظير عباسي) ان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تنظيم ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. وينزويلا ۾ تازو جڏهن نيون صدارتي چونڊون ٿيون، ته ڪامريڊ منظور حسين چوڌريءَ آفر ڪئي ته ”هيوگو شاويز“ کي مبارڪباد ڏيڻ لاءِ آئون به ساڻس گڏجي وينزويلا وڃان، پر مون انڪار ڪيو. منهنجي ان انڪار جو سبب اهو هو ته مون وٽ واپسي ٽڪيٽ جا پئسا نه هئا. مان هڪ غريب مسڪين خاندان سان تعلق رکان ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيو آهي ته من اندران ڪا نه ڪا خواهش اٿندي آهي، پر پنهنجي ”جيب“ کي ڏسي، خاموش ٿي ويندو آهيان، بلڪل انهيءَ ڪارونجهر جي مور جيان، جيڪو چيٽ ۾ مستيءَ مان نچندو آهي، پر جڏهن ان جي نظر پنهنجن پيرن تي پوندي آهي ته سندس اکين ۾ لڙڪ تري ايندا آهن. روئڻ جي ڳالهه ته مون اصطلاحن ڪئي، حقيقت اها آهي ته مون کي روئڻ نه ايندو آهي. 1978ع ۾ جڏهن منهنجو غريب پيءُ گذاري ويو ته مان نه ر ُنس، چاڪاڻ ته جيڪڏهن آئون روئان ها ۽ همت هاري ويهان ها ته منهنجا ٿي ننڍا ڀائر ۽ ڀيڻ روئي پون ها. جڏهن منهنجو نظرياتي ساٿي ڊاڪٽر شڪور دائودپوٽو گذاري ويو هو، نصرپور جي قبرستان ۾ ان جو مڙهه مٽيءَ ۾ لاهيندي آئون نه ر ُنو هئس. هونئن به آئون غم کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ واري ڳالهه جو قائل آهيان. ڪن ٿورن ماڻهن کي خبر آهي ته ڊاڪٽر شڪور دائودپوٽو 4 مارچ 1967ع واري جدوجهد جو اصل هيرو هو. ماما يوسف لغاري، جام ساقي، ۽ ٻين ۾ هن ئي اتساهه پيدا ڪيو ۽ قومي جاڳرتا جو روح ڦ ُوڪيو. ڊاڪٽر شڪور دائودپوٽو سنڌ جي هڪ وڏي عالم ”شيخ السنڌ“ مولوي عبدالحق رباني جو وڏي ۾ وڏو فرزند هو. مولوي عبدالحق رباني اهو ئي ساڃيهه دوست عالم هو، جنهن هالا ۾ پ پ جي پهرئين ڪنوينشن ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي کي روبرو چيو هو ته، ”ڀٽا صاحب! پارٽيءَ ۾ وڏيرا، مير، پير، رئيس ۽ جاگيردار نه رکو نه ته ڏکئي وقت ۾ اهي توهان کي ڇڏي ويندا.“ شڪور دائودپوٽي جي زندگيءَ تي سائين رباني صاحب جي تربيت جو وڏو اثر رهيو. رباني صاحب هميشه مون کي ۽ عزيز اڄڻ کي چوندو ته، توهان ٻئي شڪور جا نظرياتي دوست آهيو هن کي چئو ته شادي ڪري. ڊاڪٽر شڪور جو موقف هو ته، ”انقلابي“ کي شادي نه ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر شڪور جيئن ته لنڊن ۾ پي ايچ ڊي دوران ”ليبر

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پارٽيءَ“ جي ليفٽسٽ نظريو رکندڙ رهنما ”مائيڪل فٽ“ سان گڏجي ڪم ڪيو هو ۽ يورپ جي ڪاٻي ڌر سان لاڳاپيل پارٽين جي رهنمائن سان دوستي هوندي هئس. جڏهن لنڊن مان واپس آيو ته، چيائين، ”پوسٽنگ ڪٿي وٺجي؟“ مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو ته، ڪراچيءَ ۾ پوسٽنگ وٺو. ڪراچي ڪامريڊن جو ڳڙهه آهي. ڊاڪٽر شڪور پي ايڇ ڊي کان اڳ ايس اي ايل ڪاليج ميرپورخاص ۾ ليڪچرار هو. مون کي ياد آهي ته ذوالفقار علي ڀٽي کي 4 اپريل 1979ع تي جڏهن ڦاسي آئي، ته سنڌ سراپجي ويئي. شڪور دائود پوٽي مون سان گڏ ايل ايم سي حيدرآباد جي لان تي سڄي رات ڪچهري ڪئي. هو گهڻو ڏکارو هو. سنڌس چوڻ هو ته، ملڪ جي ڪاري ڏاند جي ڏٽين ايڏي وڏي ”جينئس“ شخصيت کي ماري ڇڏيو. پر هن جي پارٽيءَ جا ليڊر خاموش رهيا، پنجاب ۽ سنڌ جي ڪارڪنن پاڻ کي ساڙيو ۽ ماريو. هي اهو ئي زمانو هو جڏهن جنرل ضياءُ هن ديس تي ڪاري رات وانگر ڇانيل هو. ان وقت سنڌ جي مارشل لا منتظم جنرل اقبال مارشل لا ريگيوليشن آرڊر جاري ڪيو ۽ سنڌ جي ڪاليجي استادن ۾ بيچيني پيدا ڪئي ته ڪميشن پاس توڙي ريگيولر ڪاليج استاد ٻيهر سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو انٽرويو ڏين. 1200 کان مٿي ڪاليجي استادن ۽ تعليم کاتي جي ”ڊي اي اوز“ جون نوڪريون خطري ۾ هيون. استادن ۾ خود فوجي حڪومت بي چيني پيدا ڪئي ۽ پوءِ ڊاڪٽر شڪور جي قيادت ۾ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين سڀ استاد رستن تي اچي ويا. استادن جي هڪ ڊگهي ۽ منظم جدوجهد کان پوءِ فوجي حڪومت کي اهو حڪم واپس وٺڻو پيو. 31 مئي 1979ع تي ڊاڪٽر آر. اي. شاهه (سابق سيڪريٽري) سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو استادن سان ”تحريري معاهدو“ ڪيو. ڊاڪٽر شڪور دائود پوٽي ڏينهن رات ڪري ڪاليجي استادن جي تنظيم کي منظم ڪيو. هن جي دل جا ٻه Volve ختم ٿي ويا. بلڊ پريشر ۽ شگر جو مريض بڻجي ويو. ان ڪري ريٽائرمينٽ کان اڳ گذاري ويو. هن وقت سنڌ جي تعليم جي ٻيڙي ڪناري لڳائڻ وارين دعوائن کي ڪنارو ملي نه سگهيو آهي. حڪمران اڪثر ڪري اهو چوندا آهن ته پرائيويٽ اسڪولن جو تعليمي معيار سرڪاري اسڪولن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. دراصل سنڌ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اندر ٽن قسمن جو ”تعليمي سسٽم“ رائج آهي. مدرسہ اسڪول، A.O Level اسڪول ۽ سرڪاري اسڪول. ٽنهي هنڌن تي نصاب بہ مختلف آهي، تعليم هاڻ خدمت بدران تجارت بنجي ويئي آهي. A.O Level اسڪولن ۾ سڄو زور انگريزي ۽ ڪمپيوٽر سيکارڻ تي آهي. ڇا انگريزي ٻولي اچڻ سان يا ڪمپيوٽر سکڻ سان تعليمي معيار وڌي ٿو؟ A.O Level تعليمي ادارن ۾ جيڪي ڳاتي پڳيون فيون آهن، انڪري ملڪ جا سرمائيدار پيهر وري تعليمي ادارا کولي رهيا آهن، تعليم هڪ نفعي بخش ڪاروبار بنجي ويئي آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ غريبن، مسڪينن ۽ پورهيتن جا ٻار پڙهن ٿا. نذر حسين مهر جڏهن سيڪريٽري تعليم بنيو، موصوف ”انفرميشن ٽيڪنالاجي“ جو مضمون لازمي قرار ڏنو. ٺيڪيدارن ڪي ڪاليجن جي ليبس جا ٺيڪا ڏنا ويا. هڪ ڏينهن مون سائين جن کي عرض ڪيو تہ، ڪنهن بہ اسڪيم کي نافذ ڪرڻ لاءِ پهرين زميني حقيقتون ڏٺيون وينديون آهن، سڀ ڪان پهرين انفراسٽرڪچر مڪمل ڪيو ويندو آهي. اتي هڪ ايڊيشنل سيڪريٽري (اڪيڊمڪ) جيڪو فزڪس ۾ پي ايڇ ڊي هو، ان کي اها خبر نہ هئي تہ سنڌ ۾ گهڻا ڪاليج آهن ۽ ڪمپيوٽر سائنس جي مضمون ۾ ڪيترا استاد آهن. موصوف چيو تہ، ”جتي ڪمپيوٽر ليب نہ آهن، اتي اسان انٽرنيٽ ذريعي انفرميشن ٽيڪنالاجي ٻارن کي پڙهائينداسين.“ مون پنهنجي ٽيهن سالن جي نوڪري ۾ بہ سيڪريٽري تعليم ڏٺا، جن کي تعليم جو بہ درد هو ۽ سنڌ سان بہ سچا آهن. هڪ سائين مظهر الحق صديقي، جيڪو سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر آهي، جنهن جا سڀ ٻار سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهيا آهن. اڄ بہ سائينءَ جي نياڻي گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد ۾ بي اي-ون جي شاگرديائي آهي. ٻيو ڪي- بي رند صاحب. جيڪڏهن حڪمران سنڌ جي تعليم جي بهتري چاهين ٿا تہ وفاقي حڪومت کان هڪ تعليمي آرڊيننس ڪڍايو وڃي تہ، ”سيئي وزير، مشير، ڪامورا، پارليامينٽ، سينيٽ، صوبائي اسيمبلين جا ميمبر، ضلعي ناظم ۽ تعلقي ناظم پنهنجا ٻار سرڪاري تعليمي ادارن ۾ داخل ڪرائين.“ سنڌ جي تعليم خود بخود سڌري ويندي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قانون، معاشرو ۽ مظلوم استاد

مهذب قومون حالتن پٽاندڙ ”قانون“ جوڙيندڙيون رهنديون آهن ۽ قانون جو احترام رياست جي هر شهريءَ تي لازم آهي، ڇاڪاڻ ته قانون ضابطن ۽ اصولن جي زنجير هوندو آهي، جنهن تحت انساني سماج پرامن زندگي بسر ڪندو آهي. رياست جو بنيادي فرض ملڪ اندر امن قائم ڪرڻ هوندو آهي، ته جيئن شهري سک ۽ سانت سان زندگي بسر ڪري سگهن. رياست جي حاڪميت جو اظهار قانون ذريعي ٿئي ٿو. قانون ڇا آهي؟ انگريزي لفظ ”Law“ پراڻي جرمن لفظ ”Lag“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ”جميل يا سنوت واري شيءِ“ انگريزي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ”يڪسانيت“ (Uniformity) جي معنيٰ ۾ ڪتب اچي ٿو يعني قانون مان مراد آهي اها شيءِ، جيڪا سڌي ۽ سنوت واري هجي ۽ جنهن ۾ هڪجهڙائي هجي. سنڌي لفظ قانون، عربيءَ ذريعي، قديم يوناني لفظن ”ڪينون“ (Kanon)مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ ”قاعدو“ يا ”بنيادي پيمانو“ آهي. اهو اصول، جنهن مطابق ڪم ڪيو وڃي. قانون جو تعلق انساني ڪردار سان به آهي، يعني قانون، اصولن جو اهڙو مجموعو آهي، جنهن جو مقصد ”انساني فعلن ۽ رويي“ جي رهنمائي آهي. سڄي مهذب دنيا يا سول سوسائٽي ۾ قانون جي معنيٰ سماج کي انصاف مهيا ڪري ڏيڻ آهي. قانون جي نفاذ مان مراد شهرين جي جان، مال، عزت نفس ۽ آزاديءَ جو تحفظ ڪرڻ آهي. آزاديءَ ۽ قانون ۾ گهرو ڳانڍاپو آهي.

اسان وٽ سرڪاري ملازمن کي سنگهرن ۾ سوگهو ڪرڻ لاءِ هڪ قانون نافذ ڪيو ويو، جنهن کي ”اسپيشل سروس ريموول آرڊيننس 2000ع“ ”سڏجي ٿو. سنڌ ۾ 30 آگسٽ 2002ع تي گورنر سنڌ طرفان اهڙو قانون جاري ڪيو ويو. سنڌ اندر سرڪاري ملازمن لاءِ اڳ ۾ به ڪيترائي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قانون نافذ آهن. جيڪي ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪيا هئا. جن ۾ سرڪاري ملازمن جي هر فعل لاءِ قانون جوڙيو ويو هو. انهن ۾ سينيارٽي، ترقين، ڊسپلين، ايفيشنسي، معطلي ۽ رٽائرمينٽ متعلق قانون ۽ رولز شامل آهن. هنن قانونن ۽ رولز جي موجودگيءَ ۾ نئين قانون جي ضرورت نہ هئي. پر هي قانون صرف انهيءَ لاءِ جوڙيو ويو تہ جيئن ڪو سرڪاري ملازم سرڪار جي حڪمن جي انحرافي نہ ڪري سگهي. اسان جي ملڪ ۾ هونئن بہ اها روايت بنجي ويئي آهي تہ ڪنهن بہ سرڪاري ملازم ۾ اها جرئت نہ آهي تہ اعليٰ اختيارين طرفان جاري ٿيل ڪنهن بہ غير قانوني حڪم تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪري، ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ جرئتمند ڪامورا ائين موڪلائي ويا آهن، جيئن ڪارونجهر مان مور. جيئن تہ استاد بہ سرڪاري ملازم آهن، انڪري انهن تي بہ هر سرڪاري قانون جو اطلاق ٿئي ٿو. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي تعليم جي انتظام لاءِ هڪ سيڪريٽريٽ قائم ٿيل آهي، جنهن ۾ هڪ سيڪريٽري، هڪ اسپيشل سيڪريٽري، چار ايڊيشنل سيڪريٽري، تيرهن ڊپٽي سيڪريٽري ۽ پنجويهن کان مٿي سيڪشن آفيسر آهن. ان کان علاوه پنج پراجيڪٽ ڊائريڪٽر پڻ آهن. انتظامي لحاظ کان تعليم کاتي جي سيڪريٽريٽ وڏي ۾ وڏي سيڪريٽريٽ آهي، پر بدانتظاميءَ جي لحاظ کان شايد نمبر ون آهي. اتي ڪنهن بہ استاد جو فائل صحيح صورت ۾ نہ ملندو نہ ئي ڪو ڪاغذ. جيستائين ڪو استاد گهٽ ۾ گهٽ سيڪريٽريٽ جا ست چڪر نہ ڪاٽي، ايستائين ان جي ڪم جو اڪلاءُ مشڪل آهي. پرائمري کان وٺي ڪاليجي استادن تائين ڪوبہ استاد تعليم کاتي جي ڪارڪردگيءَ کان مطمئن نہ آهي. اڄڪلهہ تعليم کاتو پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بنائڻ بدران استادن جي پويان ڪاهي پيو آهي. صبح شام اهو راڳ آلاپيو پيو وڃي تہ تعليم جي تباهيءَ جا ذميوار استاد آهن، هاڻ انهن سان هڪ هڪاٽي ٿيندي. استادن کي آزارڻ لاءِ مختلف هٿڪنڊا استعمال ڪيا پيا وڃن، ڪاري قانون اسپيشل ريمووِل آرڊيننس 2000 جو سهارو ورتو پيو وڃي ۽ سڀ کان خطرناڪ ڳالهہ اها آهي تہ ان قانون جو استعمال غلط ٿي رهيو آهي. هن قانون ۾ اها ڳالهہ واضح آهي تہ هي قانون بدعنوان، ڪرپٽ، نامي گرامي، ملڪيت ٺاهيندڙ نااهل، خراب شهرت رکڻ واري سرڪاري ملازم خلاف

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

استعمال ڪيو ويندو. هن قانون جي غلط استعمال سنڌ جي استادن ۾ شديد بيچيني پيدا ڪئي آهي ۽ اڳتي هلي اها بيچيني ڪنهن وڏي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي، جنهن جو ذميوار تعليم کاتي جي انتظاميه کان سواءِ ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي؟ هن قانون جي غلط استعمال جو شڪار گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد (حيدرآباد) جي 20 خواتين ٽيچرز کي بنايو ويو آهي. تازو سيڪريٽري تعليم سنڌ طرفان 15 اپريل 2006ع تي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 20 خواتين ليڪچرارز کي معطل ڪيو ويو آهي. 20 ئي خواتين ليڪچررز جا نالا هڪ نوٽيفڪيشن ۾ آهن. منهنجي راءِ مطابق، هي نوٽيفڪيشن هيٺين نڪتن جي ڪري ناقص آهي، جيڪو تڙ تڪڙ ۾ جاري ڪيو ويو آهي:

(1) هڪ ئي نوٽيفڪيشن ۾ 20 خواتين ليڪچررز کي معطل ڪرڻ غير قانوني آهي. هر هڪ خواتين ليڪچرار لاءِ ڌار نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻو هو.

(2) هن نوٽيفڪيشن ۾ انن ليڪچرارن جا نالا بلڪل غلط لکيل آهن، انهن نالن سان ڪي به اهڙيون خواتين ليڪچرار موجود ناهن.

(3) هن نوٽيفڪيشن ۾ ڪنهن به قانون جو ذڪر ناهي ته ڪهڙي قانون ۽ ضابطي تحت ليڪچرارن کي معطل ڪيو ويو آهي؟

(4) هن نوٽيفڪيشن ۾ خواتين ليڪچرارن جي معطليءَ جو ڪو به سبب نه ڄاڻايو ويو آهي، ته هنن جو ڏوهه ڪهڙو هو؟

(5) هنن خواتين ليڪچرارن جي معطليءَ جو پسمنظر هي آهي ته 20 مارچ 2006ع تي سيڪريٽري تعليم ٻين آفيسرن سان گڏ گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد جو معائنو ڪيو هو ۽ جن خواتين ليڪچرارز کي معطل ڪيو ويو آهي، اهي ڪاليج ۾ موجود هيون. استادن جي مسٽر رول تي 20 مارچ تي سيني معطل ڪيل استادن جي حاضري پڻ لڳل آهي. سيڪريٽري تعليم يا ٻئي ڪنهن آفيسر طرفان استادن جي حاضريءَ جي رجسٽر تي ڪو به "Visiting" نوٽ لڳل ناهي.

سرڪاري پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي اها خبر جاري ڪرائي ويئي ته گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد جون پرنسپال سميت 26 خواتين استاد غير حاضر هيون، 20 خواتين ليڪچرارز کي اسپيشل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ريموول آرڊيننس 2000ع تحت معطل ڪيو ويو آهي. ڇٽن اسسٽنٽ پروفيسرن خلاف چيف سيڪريٽري ۽ ٽن ايسوسيئيٽ پروفيسرن، جن ۾ پرنسپال به شامل آهي، وزير اعليٰ کي معطل ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي طرفان سفارش ڪئي ويئي آهي. هن خبر جو مقصد استادن ۾ خوف پکيڙڻ هو. پرنسپال ۽ استادن جي ڪاليج ۾ موجودگي ۽ مسٽر رول تي حاضري اها ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته تعليم کاتي طرفان اختيارن جو غلط استعمال ڪيو ويو آهي. معطليءَ جي نوٽيفڪيشن ۾ معطل ڪيل استادن کي تعليم کاتي طرفان هدايت ڪئي ويئي آهي ته اهي سڀ ڊسٽرڪٽ ايگزيڪٽو آفيسر حيدرآباد وٽ رپورٽ ڪن. منهنجي نظر ۾ انتظامي ۽ تعليمي لحاظ کان اها هدايت به غلط آهي. 27 خواتين استادن کي ضلعي ايگزيڪٽو آفيسر وٽ رپورٽ ڪرڻ مرداڻي معاشري ۾ نامناسب عمل آهي. صبح جو 9 کان وٺي 2 وڳي تائين اهي ٽيچرز ڪٿي وقت گذاريندي‌ون؟ سروس رولز مطابق، معطل استادن کي ڪو به ڪم نه ڪرڻو آهي، يعني انهن کي ڪلاس به نه وٺڻا آهن. گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد، ڊگري ڪاليج آهي، جنهن ۾ بي اي، بي ايس سي ۽ بي ڪام تائين ٻن هزارن کان وڌيڪ نياڻيون زير تعليم آهن. سيڪريٽري طرفان معطليءَ جي حڪم ڪانپوءِ نياڻين جي تعليم پڻ متاثر ٿي آهي. هڪ وڏي انگ ۾ استادن کي بيگناهه معطل ڪرڻ نه صرف استادن سان زيادتي آهي، پر ٻارن سان پڻ زيادتي آهي. بيگناهه معطل ٿيڻ ڪري خواتين استادن کي نه صرف ذهني ٽارچر ڏنو ويو آهي، پر شاگردن ۽ سماج جي نظرن ۾ انهن جي عزتِ نفس کي پڻ پائمال ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تعليم کاتي کي ڪنهن به صورت ۾ اهڙا تڪڙا ۽ غير قانوني قدم نه کڻڻ گهرجن، جن سان نه صرف تعليم کاتو بدنام ٿئي ٿو، پر استادن جي پڻ رسوائي ٿئي ٿي. سنڌ جي وزير اعليٰ کي اها گذارش آهي ته انصاف ۽ قانون جي حڪمراني خاطر تعليم کاتي جي خواتين استادن جي بحالي جو حڪم ڏنو وڃي، ۽ تڪڙ ۾ ڪو به اهڙو قدم نه کنيو وڃي، جنهن سان سنڌ حڪومت جي نيڪناميءَ تي حرف اچي. هڪ طرف جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي، گڊ گورننس ۽ قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، ته ٻئي طرف استاد دشمنيءَ ۾ اهڙن قانونن جو سهارو ورتو پيو وڃي، جيڪو هڪ ٻٽو معيار آهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

صوبائي خودمختياريءَ جا بنياد ڪهڙا هجڻ گهرجن؟

برصغير جي عظيم عالم، مفڪر ۽ سياسي رهنما مولانا ابوالڪلام آزاد هڪ هنڌ لکيو آهي ته، ”ڪنهن به سچي ڳالهه کي رڳو ان لاءِ ڇڏي ڏيڻ ته اها ڳالهه ٻڌڻ وارو ڪوبه ناهي، ائين نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته سچ هميشه سچ آهي، پوءِ پلي سڄي دنيا ۾ ان سچائي کي مڃڻ وارو هڪ ماڻهو ئي ڪٿي هجي.“ ٻئي هنڌ لکن ٿا ته ”سچائي ۽ حق جي سوڀ تي منهنجو ڪامل ايمان آهي، دنيا ۾ ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جن کي سچ جي روشني جَ ـهڪي نظر اچي ته ان ۾ سندن اکين جو قصور آهي، ان ۾ سچ جو ڪهڙو ڏوهه؟“ اڄڪلهه اسلام آباد ۽ سنڌ ۾ صوبائي خودمختياري جي مسئلي تي سنڌ سرڪار سيمينار ڪرائي رهي آهي. هن سلسلي ۾ هڪ سيمينار 3 فيبروري تي حيدرآباد ۾ ٿيو. ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ جي حڪم تي هن سيمينار ۾ مون به شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي سوچ مطابق سفارشون لکت ۾ به ڏنيون آهن. گهڻا ذي شعور انسان 1940ع واري ٺهراءَ کي پاڪستاني رياست قائم ڪرڻ جو پهريون ”سماجي معاهدو“(Social Contract) سمجهن ٿا. هيءُ ٺهراءُ 24 مارچ 1940ع تي ”لاهور“ جي منٽو پارڪ ۾ پاس ٿيو پر اسان ڊاڪٽر خورشيد ڪمال عزيز جي ڪتاب Murder of History of Pakistan مطابق تعليمي ادارن ۾ زير تعليم نسل کي ڪوڙ پڙهائي رهيا آهيون ۽ اڪثر نصاب ڪوڙن مفروضن تي مبني آهي ۽ هر سال 23 مارچ تي لاهور ٺهراءُ جو ڏينهن ملهائيندا آهيون. هن ٺهراءَ جو اصل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

متن هيٺئين ريت آهي:

Resolved that it is the considerd view of this session of the All India Muslim League that no constitutional plan would be workable in this country or acceptabte to the muslims unless it is desined on the following basic princeples viz that geographically contiguous inits are demarcated into regions which should be so constituted, with such territorial re_ adjustment as may be necessary, that the areas in which the muslims are numerically in a majority, as in norh_ westerm and eastern zones of India, should be grouped to constitute independent states in which the constituent units shall be autonomus and sovereign

هن ٺهراءَ جون مکيہ ڳالهيون هي هيون تہ هندستان جا مسلمان تيستائين راضي نہ ٿيندا، جيستائين سموري آئيني مسئلي تي نئين سري کان غور نہ ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ آئين مسلمانن کي ايستائين منظور نہ هوندو، جيستائين اهو سندن منظوري سان پاس نہ ڪيو ويندو. ڪوبہ آئيني منصوبو هن ملڪ ۾ هلڻ جهڙو نہ ٿيندو ۽ مسلمانن کي قبول نہ پوندو، جيستائين اهو هيٺين بنيادي اصولن تي رٿيو نہ ويو هجي، جنهن ۾ ملڪ جون جاگرافيائي پر واريون ايراضيون نئين سر ڦيرڦار ڪري اهڙي طرح بيهاريون وڃن، جن ۾ مسلمان اڪثريت ۾ آهن. جيئن الهندي ۽ اڀرندي هندستان ۾، تن کي ڳنڍي ”آزاد رياستون“ بنايون وڃن. جن ۾ گڏجندڙ صوبا ”آزاد ۽ خودمختيار“ رياستون هجن. آزادي لاءِ جدوجهد جي تاريخ ۾ 1940ع وارو ٺهراءُ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهو صرف بنيادي يادگار ”دستاويز“ نہ هو، پر ايڪائين ۽ وحدتن جي حاڪميت ۽ خودمختياري جو پروانو هو.

پاڪستان جو اڳوڻو وزيراعظم چوڌري محمد علي، جيڪو 1956ع واري آئين جو خالق آهي ۽ موجوده نامور قانوندان خالد انور جو والد آهي، اهو پنهنجي ڪتاب ”The emergency of Pakistan“ ۾ لکي ٿو تہ:

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”جمهوريت معنيٰ اڪثريت جو روح، پر جي اها اڪثريت دائمي ۽ پشت بہ پشت هلندي ايندي ۽ ان کي اعليٰ تعليم جون سهولتون، انتظامي ۽ اقتصادي برتري، ابلاغ جي ذريعن تي اجاره داري ۽ دولت جي فراواني ۽ فرمانروائي جي طاقت حاصل هوندي.“

هڪ معتبرپنجابي ۽ پنجاب جي اڳوڻي وزيراعليٰ ميان ممتاز دولتانہ India Pakistan factor جي مصنف راجندر سارين کي 5 فيبروري 1980ع تي ڏنل انٽرويو ۾ چيو هو تہ ”مسٽر جناح تہ ڪيبنيٽ مشن جي تجويزن تي مڪمل حمايت جو قائل هو، جنهن ۾ ٽي هينيان گروپ ٺاهيا ويا هئا. (1) گروپ اي: مدراس، بمبئي، يو.پي، بهار سي. پي، اوڙيسا ۽ مني پور. (2) گروپ بي: پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان. (3) گروپ سي: بنگال ۽ آسام.“

ڪيبنيٽ مشن پلان مطابق ”هر صوبائي گروپ پنهنجو آئين ٺاهيندو، امور خارجہ، دفاع ۽ مواصلات ڪانسواءِ بين سيني ڪاتن جي سار سنڀال لهندو، صوبن کي انهيءَ ڳالهہ جي اجازت هوندي تہ هو ڏهن سالن کان پوءِ آئين جي ”فقرن“ کي تجويز هيٺ آڻي سگهن ٿا ۽ هر هڪ رياست يا صوبي کي مرڪز سان پنهنجا تعلقات طئي ڪرڻ جي آزادي هوندي.“

مون تازي ٿيل سيمينار ۾ جيڪي سفارشون پيش ڪيون هيون، ان مطابق هڪ مضبوط ۽ مستحڪم پاڪستان لاءِ ضروري آهي تہ پاڪستان جي خالق صوبن کي، يعني سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کي ٻيهر نئين سري سان نئون سماجي معاهدو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان کي قائم ڪرڻ لاءِ جيڪو سماجي معاهدو 1973ع ۾ ڪيو ويو هو اهو بار بار مارشل لائن ڪري پنهنجي اهميت وڃائي چڪو آهي. پاڪستان هڪ وفاقي رياست آهي. هن وفاق کي قائم دائم رکڻ لاءِ منهنجي ذهن ۾ جيڪي تجويزون آهن، سي هيٺين ريت آهن:

(1) ملڪ ۾ فوري طور تي ججن، دانشورن، تعليمي ماهرن ۽ قانوني ماهرن تي مشتمل مرڪز ۽ صوبن ۾ نگران حڪومتون قائم ڪيون وڃن.

(2) بلوچستان ۽ وزيرستان ۾ هلندڙ تڪرار ختم ڪيا وڃن ۽ هٿيار کڻندڙن لاءِ عام معافي جو اعلان ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ طاقت ڪنهن بہ مسئلي جو حل ناهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(3) مارچ 2007ع ۾ نئين آئين ساز اسيمبلي لاءِ ”هڪ ماڻهو هڪ ووٽ“ جي بنياد تي آزاد اليڪشن ڪميشن ذريعي چونڊون ڪرايون وڃن.

(4) سڀني صوبن لاءِ قومي اسيمبلي توڙي سينيٽ ۾ هڪجيترين سيٽون رکيون وڃن.

نئون سماجي معاهدو يا آئين هينين تجويزن تي مشتمل هئڻ گهرجي:

(1) مرڪز کي صرف ٽي کاتا دفاع، خارجه امور ۽ مواصلات ڏنا وڃن ۽ پاڪستان جو نالو United States of Pakistan رکيو وڃي.

(2) چيف آف آرمي اسٽاف، چيف آف ايئر اسٽاف، چيف آف نيول اسٽاف، سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ججن، وفاقي ڪابينا جي وزيرن جي تقرري، وفاقي محتسب اعليٰ، وفاقي سيڪريٽرين جي تقرري جي منظوري، وفاقي بجيٽ جي منظوري، سينيٽ کان ورتي وڃي.

(3) سپريم ڪورٽ، فوج ۽ وفاقي نوڪرين ۾ سڀني صوبن کي هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي.

(4) ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ جوڙي وڃي، جنهن جي منظوري پڻ سينيٽ کان ورتي وڃي.

(5) آزاد مالياتي ڪميشن جوڙي وڃي، جنهن ۾ صوبن کي برابر نمائندگي ڏني وڃي.

(6) صوبن مان نڪرندڙ پيٽرول، گئس، معدني وسيلن جي آمدني صوبن کي ڏني وڃي.

(7) صوبائي گورنر جي پوسٽ مڪمل طور تي ختم ڪئي وڃي ۽ چونڊيل وزيراعليٰ کي سڀ اختيار ڏنا وڃن يا گورنرن جي منظوري پڻ سينيٽ ۽ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ کان ورتي وڃي.

(8) پاڪستان ۾ انگريزي کي State Language قرار ڏنو وڃي، اردو سنڌي، بلوچي، پشتو پنجابي کي قومي زبانن جو درجو ڏنو وڃي.

(9) هڪڙي صوبي مان ٻئي صوبي ۾ نوڪري ڪندڙ کي Work- Pemit هڪ خاص مدت لاءِ ڏني وڃي.

(10) ووٽ جو حق صرف مقامي مستقل رهندڙ ماڻهو کي ڏنو وڃي.

(11) قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۽ سينيٽ جي اميدوار لاءِ گريجوئيٽس جو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شرط ختم ڪيو ويجي. ضلعي ڪائونسلن تعلقہ ڪائونسلن ۽ يونين ڪائونسل جي ميمبري لاءِ ميٽرڪ جو شرط ختم ڪيو ويجي.

(12) سرڪاري ملازم ڪي ايران وانگر صدر، وزيراعظم، قومي اسيمبلي، سينيٽ، صوبائي اسيمبلي يا لوڪل گورنمينٽ جي سيٽن تي بيهڻ جو حق ڏنو ويجي.

(13) فوج جي عهدي تي ڪم ڪندڙ مٿان ملڪ جي ڪنهن بہ عهدي تي بيهڻ تي پابندي لڳائي ويجي.

(14) ملڪ ۾ مارشل لا جي صورت ۾ وفاقي ايڪائين ڪي عليحدگي جو حق (Right of Separation) ڏنو ويجي.

(15) سيلز ٽيڪس وصول ڪرڻ جو اختيار صوبي ڪي ڏنو ويجي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سرڪار، ملڪي خزانو ۽ غريب عوام

پاڪستان ۾ حڪومت چاهي سولين هجي يا نان سولين، سالياني بجيٽ پيش ڪرڻ وقت اها دعويٰ ضرور ڪندي آهي ته ”هيءَ بجيٽ عوامي بجيٽ آهي، جنهن مان عام ماڻهوءَ کي فائدو پهچندو، غربت دور ٿيندي ۽ ملڪ ۾ خوشحالي ايندي.“ عوام اوجاڳيل اکين سان گذريل 59 سالن کان اهڙا سپنا ڏسندو پيو اچي، پر نه ته ملڪ مان غربت گهٽي آهي ۽ نه ئي خوشحالي آئي آهي. پاڪستان ۾ اڄ به جيڪڏهن ڪا شيءِ سستي آهي ته اها انساني زندگي ئي آهي. انسان نالي جنس جو اگهه ايترو ته ڪريل آهي، جو ڪي ماڻهو جيئڻ تي خودڪشيءَ کي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن.

هن سال جي بجيٽ، جنهن جي 21 جون تي قومي اسيمبليءَ جي ايوان به منظوري ڏني، 15 ڪرب روپين جي هئي. هن بجيٽ جي منظوريءَ کان علاوه گذريل سال بجيٽ کان وڌيڪ خرچ ڪيل 2 ڪرب 31 ارب رپين جي ”ضمني بجيٽ“ جي منظوري پڻ ڏني ويئي. گذريل سال جي بجيٽ 10 ڪرب 98 ارب رپين تي مشتمل هئي. قومي اسيمبليءَ ۾ جيڪا ضمني بجيٽ پيش ڪئي ويئي، ان ۾ ڪجهه خرچ اهڙا به آهن، جن مان محسوس ٿئي ٿو ته اسان وٽ جمهوريت بجاءِ ”بادشاهت“ آهي. موجوده وفاقي ڪابينه جيڪا ملڪي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي ڪابينا آهي ۽ جنهن جا 60 کان وڌيڪ ميمبر آهن، تن جي پگهارن، الائونسن، ٽي اي، ڊي اي لاءِ رکيل رقمن کان 13 ڪروڙ 78 لک رپيا وڌيڪ خرچ ٿيا. وفاقي حڪومت لاءِ ٻاهرين ملڪن مان قيمتي ”مرسڊيز“ ڪارون گهرائڻ تي ٽيڪسن ۽ ڊيوٽين جي ادائيگي جي مد ۾ 36 ڪروڙ 60 لک، 37 هزار روپيا وڌيڪ خرچ ڪيا ويا.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ان لاءِ حڪومت اهو جواز ڄاڻايو آهي تہ ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا وڌڻ سبب ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ اهم وفدن ۾ شامل ميمبرن جي حفاظتي اپاءَن خاطر ”بلٽ پروف“ ڪارون گهرايون ويون آهن. پارليامينٽ جي”ڪشمير ڪميٽي“ جي چيئرمين لاءِ پيجارو خريد ڪرڻ لاءِ 50 لک روپيا وڌيڪ خرچ ڪيا ويا. صدر ۽ وزير اعظم لاءِ هوائي جهازن جي خريداريءَ تي 47 ڪروڙ 74 لک 18 هزار رپين جي وڌيڪ رقم خرچ ڪئي ويئي. صدر جي غير ملڪي دورن لاءِ هڪ سال دوران 10 ڪروڙ رپيا ۽ وزير اعظم جي دورن لاءِ 15 ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا. رينجرس کي هنگامن کي منهن ڏيڻ واسطي جديد هٿيارن جي خريداريءَ لاءِ 5 ڪروڙ رپيا ڏنا ويا. وانا آپريشن جي متاثر ماڻهن کي 21 ڪروڙ 33 لک روپين جو معاوضو ڏنو ويو. جيڪو بہ قانون نافذ ڪندڙ ادارن لاءِ ئي هو.

وزير اعظم جي دعويٰ مطابق هن سال عوام جي فلاح، بهبود ۽ ترقيءَ لاءِ بجيٽ ۾ 45 ارب روپيا رکيا ويا آهن. اها دعويٰ بہ ڪئي ويئي آهي تہ ملڪ اندر غربت ۾ گهٽتائي آندي ويندي. شهري علائقن ۾ سرڪاري رپورٽن مطابق، غربت جو سبب نوجوانن کي روزگار نہ ملڻ آهي. سرڪاري رپورٽ ۾ ملڪ ۾ غربت جي شرح 30 سيڪڙو ٻڌائي ويئي آهي. پاڪستان پلاننگ ڪميشن جي دعويٰ آهي تہ 2011ع تائين غربت صرف 15 سيڪڙو وڃي رهندي. تازو گڏيل قومن جي ترقياتي اداري UNDP جي هڪ رپورٽ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان جي آباديءَ جو 44 سيڪڙو عوام غربت جي آخري سطح کان بہ هيٺ زندگي بسر ڪري رهيو آهي. ملڪ ۾ 80 سيڪڙو بيمارين جو اهم ڪارڻ عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي نہ ملڻ ٻڌايو ويو آهي. وزير اعظم شوڪت عزيز چيو آهي تہ ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ يونين ڪائونسل سطح تي فلٽريشن پلانٽ لڳايا ويندا. ان مقصد لاءِ 2007ع جي آخر تائين 7 ارب 80 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان ملڪ ۾ 2036 فلٽريشن پلانٽ لڳايا ويندا. حڪومت جي زرمبادلہ جي ذخيرن ۾ 13 ارب ڊالرن کان وڌيڪ رقم هئڻ جي باوجود ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جا مسئلا سنگين ٿيندا پيا وڃن. مهانگائيءَ عام ماڻهوءَ کي تہ متاثر ڪيو آهي، پر مهانگائيءَ جي نتيجي ۾ سڀ کان گهڻو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

متاثر پگهاردار طبقو ٿيو آهي. هڪ سروي مطابق کائڻ پيئڻ جي شين جي قيمتن ۾ 200 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، پر سرڪار ملازمن جي پگهارن ۾ صرف 15 سيڪڙو واڌ ڪئي ويئي آهي. ملڪ اندر حڪومت طرفان قيمتن تي ڪو به ڪنٽرول ناهي رهيو. ضرورت وارين شين جي قيمتن ۾ هر مهيني اضافو ٿيندو رهي ٿو، جنهن جو اثر عام ماڻهوءَ تي ئي پوي ٿو پر سرڪار ڪارخانيدارن، سرمائيدارن ۽ واپارين کي ڪجهه به چوڻ لاءِ تيار نه آهي، ڇاڪاڻ ته پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ۾ اهڙن ماڻهن جي نمائندگي موجود آهي. وفاقي ڪابينا ۾ اهڙا ڪيترا ئي وزير شامل آهن، جيڪي شگرملز ۽ ٻين صنعتن جا مالڪ آهن. هن سال جڏهن کنڊ جي قيمتن ۾ اوچتو اضافو ٿيو ۽ 27 رپيين مان کنڊ جو في ڪلو 50 رپيين تائين وڪامڻ لڳو، تڏهن حڪومت نيب کي قيمتن جي واڌ لاءِ ذميوار ڌرين خلاف ڪارروائيءَ جا حڪم جاري ڪيا، پر حڪومت ۾ شامل بااثر وزيرن ۽ حڪومتي پارٽي جي ميمبرن جي دٻاءَ بعد حڪومت نيب کي ڏنل اهڙيون هدايتون واپس وٺڻ تي مجبور ٿي. جيڪڏهن موجوده حڪومت واقعي به عوام کي ريليف ڏيڻ چاهي ٿي، ته ڪيس هن سال کنهن به شيءِ جي قيمت موجوده اگهه کان نه وڌائڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي اهڙي اعلان تي سختيءَ سان عملدرآمد پڻ ڪرائڻ گهرجي، پر ظاهر آهي ته ائين ٿيڻ ممڪن نه آهي.

سعودي عربيه، جتي ”بادشاهت“ آهي ۽ جتي هر سال سڄيءَ دنيا جا لکين مسلمان عمري ۽ حج جي فرض جي ادائيگي لاءِ وڃن ٿا، اتي به گذريل 20 سالن دوران کائڻ پيئڻ جي شين جي اگهن ۾ ڪا به واڌ نه ٿي آهي. اتان جا حڪمران به اسان جي حڪمرانن وانگر شاهي محلاتن ۾ رهن ٿا، پر عوام کي مهانگائيءَ کان بچائڻ لاءِ انهن سعودي عربيه ۾ سخت قسم جا قانون نافذ ڪيا آهن. برطانيه ۾ گذريل ڇهن سالن ۾ پيٽرول، کير، بيدن، ڪڪڙين، کنڊ ۽ ٻين کائڻ پيئڻ جي شين ۾ ڪو به اضافو نه ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ مهذب ملڪ جي سرڪار جي بنيادي فرضن ۾ اها ڳالهه شامل هوندي آهي ته اها پنهنجي ملڪ جي شهرين جا اهنج دور ڪري. ان کانسواءِ هڪ ويلفيئر اسٽيٽ جو تصور جڙي ئي نٿو سگهي. ستن سالن کان جنرل پرويز مشرف جي سرڪار قائم دائم آهي، جيڪڏهن هن جا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”صلاحڪار“ بهتر هجن ها تہ اهي ملڪي معيشت کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۾ ضرور ڪو ڪردار ادا ڪن ها. جنرل صاحب ميگا پراجيڪٽ جي ڳالهہ ڪري ٿو پر ملڪ ۾ ستن سالن دوران اهڙو ڪوبہ ميگا پراجيڪٽ تيار نہ ڪيو ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ عوام کي ڪو لاڀ حاصل ٿيو هجي.

پاڻي ۽ بجلي انساني جيئاپي لاءِ بنيادي ضرورتون آهن. ستن سالن ۾ موجوده حڪومت ماڻهن کي صرف پيئڻ جو صاف پاڻي بہ مهيا ڪري نہ سگهي آهي ۽ نہ ئي ڪو بجليءَ جي درست استعمال توڙي اضافي پيداوار لاءِ ڪي اپاءَ ورتا ويا آهن. اڄ سڄي ملڪ ۾ ”لوڊشيڊنگ“ جو آزار آهي، پر حڪومت جي دعويٰ آهي تہ ملڪ ۾ ڪا بہ لوڊشيڊنگ نہ آهي. ڪراچي جيڪو پاڪستان جو هن وقت واحد انٽرنيشنل بندرگاهہ آهي، اتان جا رهواسي بجلي ۽ پاڻيءَ جي بحران ڪري سخت پريشان آهن. تازو حڪومت ۾ شامل اتحادي ڌر جي چئن وفاقي وزيرن صدر ۽ وزير اعظم کي گڏيل خط لکيو آهي تہ ”ڪراچيءَ ۾ بجليءَ جي بحران کي حل ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هن اهم مسئلي تي عوام شديد ردعمل جو اظهار ڪري سگهي ٿو.“ ڪراچيءَ جا شهري جنهن تڪليف ڏيندڙ صورتحال ۾ زندگي گهاري رهيا آهن، اها ئي صورتحال سنڌ جي باقي شهرن ۽ ٻهراڙين جي پڻ آهي، جتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي غائب رهي ٿي. بجلي ۽ پاڻيءَ وارو وفاقي وزير لياقت جتوئي اها دعويٰ ڪندي ٿڪجي نٿو تہ واپڊا وٽ اضافي بجلي آهي ۽ ملڪ ۾ ڪٿي بہ لوڊشيڊنگ ناهي. اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي دور ۾ وفاقي وزير کي اهڙي غلط دعويٰ نٿي جڳائي. ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت اهڙا ڪيئي شهر آهن، جتي بجليءَ سان گڏ پاڻيءَ جو بحران بہ مستقل شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيئڻ جي پاڻي جي هڪ ڦڙي لاءِ پريشان رهن ٿا. تازو حيدرآباد جي علائقي اسلام آباد جي رهواسين پاڻيءَ جي کوٽ ڪري ڪراچي ويندڙ عوام ايڪسپريس کي ڪيترن ڪلاڪن تائين روڪي ڇڏيو ۽ ٽرين تي پٿراءُ ڪيو. اها صورتحال سنڌجي هر وڏي ننڍي شهر ۾ پيدا ٿيندي نظر اچي ٿي. عوام نہ حڪمرانن مان مطمئن آهي ۽ نہ ئي اپوزيشن جي سياسي پارٽين مان.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مهانگائي، بيروزگاري، بک، بدحالي، بيمارين عوام جي اڪثريت کي ”اڌ مئو“ ڪري ڇڏيو آهي. حڪمرانن جي اها ڪوشش آهي تہ اقتدار تي سندن دائمي قبضو رهي. انهيءَ لاءِ اهي هر آئيني يا آئين کان مٿانهون قدم کڻڻ لاءِ تيار آهن. اپوزيشن عوام جي اصل مسئلن تي ڪا بہ سگهاري تحريڪ هلائڻ لاءِ تيار ناهي. ٻئي ڌريون اسٽيٽسڪو جون قائل ٿيون لڳن. لڳي ٿو تہ اصل واڳ ڌڻين طرفان حڪومتي پارٽي توڙي اپوزيشن کي ڌار ڌار ايجنڊائون ڏنيون ويون آهن تہ اهي مليل ايجنڊائن جي دائري ۾ رهي، پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪن. عوام جيئي يا مري، ڪنهن کي ان سان ڪا بہ همدردي نہ آهي.

موجوده حڪومت جڏهن اها دعويٰ ڪري ٿي تہ ملڪي خزاني ۾ 13 ارب ڊالرن جو ذخيرو موجود آهي، تڏهن وتائي فقير جو هڪ لطيفو ياد اچي ٿو. وتايو هڪ بازار مان گذري رهيو هو تہ مٺائيءَ سان ٿالهہ ڀري ويٺل هڪ حلوائيءَ تي نظر پيس. هن ويجهو وڃي کيس اک ۾ آڱر هنئي. حلوائي ڪاوڙ مان ڇيو، ”فقير اکيون ڇو ٿو ڪڍين؟“ وتائي عاجزيءَ مان وراڻيو تہ ”پائو! مون سمجهيو تہ توهان انڌا آهيو جو اوهان جي اڳيان مٺائين جا ڍير لڳا پيا آهن ۽ توهان انهن کي هٿ بہ نٿا لڳايو.“ دڪاندار وراڻيو تہ ”فقير جيڪڏهن مٺائي کائيندس تہ منهنجو جڻ ٻچو رلي ويندو.“ وتائي ٺهہ پهہ جواب ڏنس تہ ”مونکي کائڻ ڏي، منهنجو پلي جڻ ٻچو رلي.“ سرڪاري خزانو بہ شايد ان مٺائيءَ وانگر آهي، جيڪا عوام جي کائڻ لاءِ نہ آهي. جيڪڏهن پيل اربين ڊالرن جي ذخيري مان سرڪار عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ بہ رقمون خرچ ڪري تہ شايد ماڻهن جي تڪليفن ۾ گهٽيءَ حد تائين گهٽتائي اچي سگهي، پر شايد اها بہ هڪ حڪمت عملي آهي تہ عوام سدائين سورن ۾ هجي. ان جي نظر حڪومتي ايوانن تي نہ پوي. باقي دنيا کي ٻڌائڻ لاءِ ضروري آهي تہ پاڪستان وٽ اربين ڊالر خزاني ۾ موجود آهن. ڇاڪاڻ تہ سرڪاري معيار موجب ملڪي خوشحالي خزاني جمع ڪرڻ سان تعلق رکي ٿي، غربت جي خاتمي ۽ عوام جي زندگين ۾ تبديلي آڻڻ سان ان جو ڪوبہ تعلق نہ آهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شال پاڳا نہ ٿئي سنڌڙي!

سنڌ جي سائين جي ايم سيد جي خواهش هئي تہ پاڪستان جي وفاق اندر سنڌ ۽ سنڌين سان جيڪي زيادتيون ٿي رهيون آهن ۽ وڏو صوبو ننڍين قومن جا جيڪي تاريخي ۽ سياسي حق غصب ڪيا آهن، انهن خلاف سنڌي مڙيئي مٺ ٿي جدوجهد ڪن ۽ استحصال کان پنهنجي جند آجي ڪرائين. ماضيءَ ۾ سنڌ جي سياسي پارٽين جا ڪيترا اتحاد جڙيا، پر ”اسلام آباد“ سان پيار جا پيچ اڙائيندڙن هميشہ انهن اتحادن ۾ ڏار وجهي، سنڌ جي نالي تي پنهنجا پيٽ پريا ۽ سنڌين جي جدوجهد کي سبوتاز ڪيو پاڻ سٺيا ٿيا آهن ۽ سنڌ ڏينهون ڏينهن اٽيي ٿيندي رهي آهي.

پونم کانپوءِ جڏهن ممتاز ڀٽو جي سربراهيءَ ۾ ”سنڌ قومي اتحاد “ جڙيو تہ وري سنڌين ۾ اها آس ۽ اميد ڪر کڻي جاڳي تہ سنڌ جا سور جلد پڄاڻيءَ تي پهچندا، پر سنڌ قومي اتحاد کي سنڌ جي قومي حقن لاءِ جيڪا منظم جدوجهد ڪرڻ کپي، ان ڏس ۾ ڪو بہ لاياٽتو ۽ اثرائتو قدم کڻندي نظر نہ پيو اچي، شايد ان جو وڏو سبب اتحاد جي سربراهہ ممتاز ڀٽو جي صحت جي خرابي هجي، جو هر ڇهن مهينن کانپوءِ ڪيس پرڏيهہ اسهڻو پوي ٿو.

اڄ جن حالتن مان سنڌ گذري رهي آهي، وقت جي تقاضا آهي تہ سنڌ سان نينهن جو ناتو ڳنڍيندڙ جماعتون ”خودپرستي“ ۽ ”اناپرستيءَ“ جي خول مان نڪري هڪ پليٽ فارم تان گڏجي جدوجهد ڪن ۽ پاڻ ۾ ”ايڪي ۽ قومي ٻڌيءَ“ جو ثبوت ڏين، ٻيءَ صورت ۾ اسان جو حشر بہ ”ريڊ انڊين“ ۽ ”فلسطينين“ جهڙو ٿيندو. سنڌ تہ رهندي، پر شايد سنڌي نہ رهندا. سنڌين جي نانءَ تي ڪي ٻيا ماڻهو راڄ ڪندا. موجوده ملڪي حالتن جي پيش نظر گهٽ ۾ گهٽ ڌارين جي آبادڪاري، پاڻي ۽ ناڻي جي ورهاست، مڪمل صوبائي خودمختياري، ڪالاباغ ڊئم ۽ گريٽر ٿل ڪئنال جهڙن منصوبن، ضلعن جي ورهاست، ڳوٺن جي ڍاهڻ وارن مسئلن تي سنڌ جون سموريون قومپرست ۽ وطن پرست پارٽيون گڏجي جدوجهد ڪري سگهن ٿيون.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اها هڪ سياسي روايت رهي آهي تہ سنڌ جا سڄاڻ ماڻهو ۽ سياسي اڳواڻ پنهنجي نظرين ۽ سياسي عقيدن جي دائرن ۾ بند رهندا آيا آهن، پر سنڌ جي اڪثر قومپرست پارٽين ۽ سڄاڻ شخصيتن ڪي سنڌ قومي اتحاد جي پليٽفارم تي ڏسي ڪجهہ پڪ ٿئي ٿي تہ پيالي ۾ پيئڻ ۽ پيارڻ جي رسم پراڻي ٿي چڪي آهي. هي التجا ۽ آس تہ جيڪر هاڻي سنڌ جا سڀ رهبر پاڻ ۾ ملي پون تہ سنڌين تان مهڻي ميٽ ٿي پوي.

هن ۾ ڪا پلائي هئي، جو تاريخ سنڌين ڪي ماضيءَ ۾ ڏارين ڦورن کان بچاءَ جو فن ۽ فڪر سيکاريو. ويهين صديءَ جا چارئي ظالمانہ نظام Zionism, Facism, Nazism, Recism لڳاتار ائين لاڳو رکيا ويا آهن، جو هينئر اسان جي هٿ فاتحہ ڪرڻ وارو بہ ڪو مشڪل هجي ها. اڄ جي حالتن جو ايمانداري سان جائزو وٺجي تہ سنڌ جي نيڻن مان نير پيو وهي. سانوڻ جي مينهن جيان ظاهري طرح ان جو ڇيهہ ڇيڙو بہ نظر نٿو اچي.. ڏک تہ اهو آهي تہ انهن ستمن ۽ سختين ۾ پراوِن سان گڏ پنهنجن بہ هٿ پئي ونڊايو آهي. سنڌ جو سياسي ڪلچر بہ عجيب رهيو آهي، مثال طور طلسمي سياست، چيلي گرو واري سياست، وٺ جواب ڏي جواب واري سياست، ڪڪڙ ڪوري جي واهہ واهہ وڏيري واري سياست، جي سائين حاضر سائين واري سياست، انائيگر سياست، ابت سبت دانشورن جي مصلحتي ۽ مطلبي سياست، پگهاردار ۽ پينشن بردارن جي سياست وغيره شامل آهن، الميو اهو آهي تہ سڀ مختلف ”ليبل“ ۽ ”لقب“ لڳائي، سنڌ جي ٽڪلي نرڙ تي چنبڙائي، حب الوطنيءَ جو ٿورو بہ ٿڦيندا وتن، جيتوڻيڪ اهي سياسي صورتحال جا اڻوٽندڙ ڪردار رهيا آهن، جن سنڌ جي سياسي ماحول ۽ وايومنڊل کي نانگ ور ڏيئي، سنڌي وطن پرست سياست کي نقصان پهچايو آهي.

جڏهن بہ ماضيءَ ۾ سنڌ دوست ماڻهن ڪن سياسي نڪتن تي گڏجي هڪ پليٽ فارم جوڙيو آهي، تڏهن اقتدار جا مربي ۽ انهن جي خاص ماڻهن اهڙيءَ جدوجهد جي راهہ ۾ ڪڏون ڪوٽيون آهن، اسانکي اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ اقتدار کي پنهنجا ”ديو راڄ“ ۽ ”ديوتا“ آهن، جنهن جا پوڄاري لاتعداد آهن. هن ”ديو راڄ“ کي ”ڏاڍائي قانون پيئو“ ۽ ”نينهن نيايو لوپ“ آهي، شروع ۾ ديو راڄ پنهنجو دٻدٻو جاري ۽ ساري رکڻ لاءِ ماڻهن جي دلين ۾

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڏھڪاءُ ۾ ذھنن ۾ خلفشار پيدا ڪري، سندن ساھ مٽ ۾ بند ٿو ڪري، پر مهاڏي جي صورت ۾ پنهنجي نينهن نياپن، يعني لوڀ ۽ لالچ ڪان ڪم وٺي، عوامي تحريڪن ۾ پنهنجا ماڻهو ڇڏي ٿو ڏئي، جن جو مقصد ۽ پيشو ئي پئسو آهي، انهن کي جدوجهدن کي ڇيهو رسائڻ لاءِ هوشياريءَ ۽ حرفت استعمال ڪرڻ جي سکيا اهڙي نموني ملي ٿي، جو ظاهري طرح قومي جدوجهد جا ٻانهن ٻيلي ٿي وٺي چڙهتون ڏين ٿا ۽ تيستائين ڪڙڪا ۽ واڪا ڪندا رهن ٿا، جيستائين چنبو ۽ چوڪا آواز ڊٻجي نه وڃن. هڪ دفعو اهڙيءَ جدوجهد جو همدم ۽ همدرد ٿي قبضو ڪري سڄي جفاڪشيءَ کي گهيري ۾ آڻي وڃي "گهاٽ گهاتو" جي ور چاڙهين ٿا. بس اها ئي گهڙي حساس ۽ فيصلا ڪن هوندي آهي، جڏهن ڪارڪنن کي ذهن ۽ پير پختا ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، پر اسان موركائيءَ ۾ ڪوڙي سڪي کي قبول ڪري، مڪر ۽ جعلسازيءَ ۾ قاسي گڙدولين ۾ اچي ويندا آهيون. ان ڪانسواءِ پارٽين جا نوان نسخا ۽ ڇاپا، مک پارٽين مان ڀڳل ۽ ٽٽل فرد ۽ ٽولا، ذاتين ۽ قبيلن جي بنياد تي تنظيم سازي، سنڌي قوم کي "بلوچ ۽ سماٽ" سميت مختلف واري خانن ۾ ورهائڻ وارو عمل معاملا فهمي بجاءِ مونجهارا پيدا ڪن ٿا. هاڻ "ڏوهين ۽ ڊوهين" کي ڪنهن به ريت "عفو ۽ درگذر" جي خيرات سان نه نوازڻ گهرجي، جو ان جو ئي ڪيتو لوڙي رهيا آهيون. سنڌي قوم ۾ زرخيز ذهنن، مخلص ڪارڪنن، فرض شناس سرويچن ۽ باضمير رهنمائن جي کوٽ ڪانهي، پر هڪڙا اسانجا پنهنجا سڄڻ اهڙا به آهن، جن کي ڪا به لالچ ڪانهي، پر ڪين سر جي سانگي بدذن بنائي ڇڏيو آهي، اهي رياستي جبر ۽ ڏاڍ ڪان ڊڄي قومي جدوجهد ڪان الڳ ٿي تماشائي بنيل آهن، منهنجيءَ نظر ۾ اُهي به، سنڌ کي پهتل نقصان ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. اسلام آباد ڏانهن جوابدارن سنڌي بنجي، سنڌ کي سخت ڇيهو رسايو آهي، هاڻ ته نظر ائين پيو اچي ته ڌارين کي سنڌ کي ڀاڱا ڪرڻ ۾ ٽن سالن کان وڌيڪ عرصو نه لڳندو، ڇو ته پينٽاگون جو اهو پراڻو منصوبو آهي ته ننڍي ڪنڊ کي ٻيهر ملڪن ۾ ورهائجي، ان لاءِ آمريڪي دانشورن "ڪي- 3" جو فارمولو جوڙيو آهي. 2010ع تائين انهيءَ فارمولا تي عمل ڪرڻو آهي، ان ڪري سنڌ جي عوام توڙي اڳواڻن کي بيحد احتياط ۽ سمجهداريءَ سان معاملن کي سمجهڻو آهي. ائين نه ٿئي ته پوءِ هٿ ئي هٽندا رهجي وڃون.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نظريہ ضرورت واري نظرئي جوشاندار استعمال

حڪومت جا ٽي اهم حصا هجن ٿا: (1) اسيمبلي، (2) انتظاميا ۽ (3) عدليہ. اسيمبليءَ جو ڪم ملڪ لاءِ قانون سازي ڪرڻ ۽ انتظاميہ جو ڪم قانون تي عملدرآمد ڪرائڻ ۽ عدليہ جو ڪم قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي سزا ڏيڻ ۽ قانون جي تشريح ڪرڻ آهي. هڪ مفڪر ”سجوڪ“ صحيح چيو آهي تہ: ”سياسي نظام ۾ عدليہ جي اهميت سڀني کان وڌيڪ آهي. جڏهن بہ ڪنهن قوم جي سياسي تهذيب ۽ تمدن کي آزمايو ويندو آهي تہ سڀ کان پهرين اتان جي عدالت جا معيار ماپيا ويندا آهن.“ هڪ ٻئي مفڪر لارڊ برائس چيو آهي تہ جنهن رياست ۾ عدل ۽ انصاف نہ هوندو، اها رياست گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندي آهي، جيڪڏهن قانون کي صحيح نموني سان نافذ نہ ڪيو وڃي تہ زندگي ڪڙي ٿوهر جيان بڻجي ويندي آهي، جيڪڏهن قانون جو نفاذ ڪمزور طرح يا بددليءَ سان ڪيو وڃي تہ امن امان جي گارنٽي ختم ٿي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ تہ امن صرف انهيءَ صورت ۾ ئي قائم رهي ٿو.

پاڪستان جي موجود چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري چيو آهي تہ عدليہ جي ساک ۽ ان جي سيٽ اپ کي بهتر بنائڻ لاءِ ضروري آهي تہ عوام کي بغير ڪنهن دير جي سستو ۽ غير جانبدار انصاف فراهم ڪيو وڃي. نئين عدالتي سال جي آغاز جي موقعي تي فل ڪورٽ ريفرنس کي خطاب ڪندي، هن چيو تہ: ”عدالت عظميٰ هميشہ ملڪ اندر غير يقيني واري صورتحال ۾ مثالي فيصلا ڏنا آهن. ملڪ ۾ جڏهن بہ ڪو سياسي بحران آيو، ڪو آئيني تعطل پيدا ٿيو تہ اعليٰ عدالتن ڏانهن رجوع ڪيو ويو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

عدالتن انهن موقعن تي ڪجهه تاريخي فيصلا ڏنا آهن، جن مان ڪن فيصلن جي عوام ڀرپور تائيد ڪئي آهي ۽ ڪجهه فيصلن تي شديد تنقيد پڻ ڪئي ويئي آهي.“ جسٽس افتخار محمد چوڌري چيو تہ، ”انصاف جي فراهمي ۾ موجود رڪاوٽن کي دور ڪرڻ لاءِ ۽ عدليہ جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ڪيترا موثر قدم کنيا آهن. ماتحت عدالت ۾ التوا هيٺ ڪيسن جي صورتحال سنگين ٿيندي پئي وڃي. عام ماڻهن جو عدالتن تان اعتماد ختم ٿيندو پيو وڃي، جنهن جي ڪري انصاف جي فراهمي ۾ دير ٿي رهي آهي.“ جسٽس افتخار محمد چوڌري جيڪو ڪجهه چيو آهي، اهو اسان سالن کان ٻڌندا پيا اچون ۽ اهو ئي سچ آهي تہ عوام کي بنان ڪنهن دير جي سستي ۽ غير جانبدار انصاف جي فراهمي تمام ضروري آهي. جيڪڏهن عدالتن کي ماضيءَ جي پس منظر ۾ پرکبو تہ اسان کي گهڻيون شيون ملنديون. جڏهن پاڪستان جي پهرين دستور ساز اسيمبليءَ کي جنرل چوڌري غلام محمد ٽوڙي ڇڏيو تہ ان وقت جي دستور ساز اسيمبليءَ جي اسپيڪر مولوي تميزالدين خان مرحوم، جنهن جو تعلق بنگال سان هو. تنهن انهيءَ قدم کي سنڌ جي هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو. ڪورٽ چوڌري غلام محمد جي انهيءَ قدم کي غير قانوني قرار ڏنو ۽ پنهنجي فيصلي ۾ لکيو تہ جيئن تہ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جيڪو پاڪستان جو عبوري آئين بہ آهي، ان مطابق پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي بحال ڪجي ٿي، پر حڪومت هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي سپريم ڪورٽ ۾چئلينج ڪيو. سپريم ڪورٽ گورنر جنرل جي حڪم کي جائز قرار ڏنو ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏنو. ان وقت سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس چوڌري منير هو. جنهن اڳتي هلي پنهنجي ڪتاب ”From Jinnah to Zia“ ۾ اهو اعتراف ڪيو هو تہ ڪجهه بااثر قوتن جي دٻاءَ ۾ اچي هن اهو فيصلو ڏنو هو. جسٽس منير ئي هو، جنهن پاڪستان ۾ ”نظريہءِ ضرورت“ جو رواج وڌو. ضرورت تحت جائز قرار ڏنو ويندو رهيو. جنرل پرويز مشرف جي اقتدار تي اچڻ کي بہ ”نظريہءِ ضرورت“ تحت جائز ۽ حق بجانب قرار ڏنو ويو. ملڪ جي دانشورن، قانون جي غير جانبدار ماهرن اڄ ڏينهن تائين ”نظريہءِ ضرورت“ تحت نفاذ کي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حق بجانب تسليم نہ ڪيو آهي. دانشورن ۽ قانون جي ماهرن جي اها پختي ۽ پڪي راءِ آهي تہ جيستائين ”نظريہءِ ضرورت“ مان نجات حاصل نٿي ٿئي، تيستائين ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي قائم ڪرڻ ناممڪن آهي. هن وقت بہ ملڪ اندر ڪيترائي اهميت وارا معاملا آهن، جن جو انصاف وارن ادارن پاران پاڻمرادو نوٽيس وٺي سگهجي ٿو. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت جي مسئلي، وفاق ۽ صوبن درميان اختيارن جي ورڇ جي مسئلي ۽ صدر جي ورديءَ جي مسئلي جهڙا معاملا آهن، جيڪي توجهہ طلبين ٿا. 13 سال اڳ صدر غلام اسحاق خان طرفان ميان نواز شريف جي حڪومت مان برطرفيءَ جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران عدالت ”نظريہءِ ضرورت“ کي مڪمل طور تي مسترد ڪندي اعلان ڪيو هو تہ ”عاصمہ جيلاني“ ڪيس ۾ جنرل يحيٰ خان کي غلط قرار ڏنو ويو هو ۽ پوءِ حاجي سيف الله ڪيس ۾ محمد خان جوڻيجو مرحوم جي حڪومت جي جنرل ضياءُ الحق طرفان برطرفيءَ کي غير قانوني قرار ڏنو ويو هو. هنن ٽن مثالن جي باوجود جڏهن 12 آڪٽوبر 1999ع تي نواز شريف جي حڪومت جي خاتمي وارو معاملو بحث هيٺ آيو تہ ان خاتمي کي جائز ۽ صحيح قرار ڏيڻ لاءِ هڪ ڀيرو وري ”نظريہءِ ضرورت“ جو سهارو ورتو ويو. اسان وٽ جيترو غلط استعمال ”نظريہءِ ضرورت“ جو ٿيو آهي، ايترو شايد ئي ڪٿي ٿيو هجي. جرمنيءَ جو پروفيسر ”ڪيلسن“ جيڪو هن نظرئي جو خالق آهي، تنهن هن نظرئي جي باري ۾ لکيو آهي تہ ”ڪنهن بہ انقلاب رونما ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن ماڻهن جي اقتصادي حالت بهتر نٿي ٿئي ۽ عوام جا اهنج ۽ سور نٿا گهٽجن، هر ماڻهو جون بنيادي ضرورتون نٿيون پوريون ٿين تہ پوءِ ان انقلاب يا تبديليءَ کي جائز قرار نٿو ڏئي سگهجي.“ پاڪستان ۾ جيڪو بہ نظريہءِ ضرورت جو استعمال ڪيو ويو آهي، ان سان پروفيسر ”ڪيلسن“ جو روح ٿي سگهي ٿو تہ قبر ۾ تڙپندو هجي!

سپريم ڪورٽ جي موجوده چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ڪجهہ فيصلا اهڙا ڪيا آهن، جو هڪ ڀيرو وري عوام ۾ اميد پيدا ٿي آهي تہ ڪين سستو ۽ تڪڙو انصاف ملندو. پاڪستان اسٽيل مل جي نيلاميءَ جو مسئلو هجي يا مظلوم منو ڀيل جي گم ڪيل خاندان جي ڀاتين جو مسئلو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هجي، چيف جسٽس هڪ مضبوط ۽ نوس موقف اختيار ڪيو آهي، جيڪو شايد واڳ ڍڪين کي نہ وڻي، پر اهي فيصلا عوام لاءِ وڏي آٿت آهن. اسان جي موجوده قانون ۽ انصاف جي سسٽم ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن، جن کي دوراندیشي، جرئت ۽ ڏاهپ سان حل ڪري سگهجي ٿو. پاڪستان جي عدالتن ۾ لاتعداد ڪيس سماعت هيٺ آهن، هڪ هڪ جج وٽ هزار کان مٿي ڪيس هلي رهيا آهن. انڪري سول ڪورٽن توڙي سيشن ڪورٽن جو تعداد وڌائڻو پوندو، سرڪار طرفان عدالت جي جيڪا بجيٽ رکي وڃي ٿي، اها بہ ناڪافي آهي، جج صاحبان جون پگهارون گهٽ آهن، انهن کي رهائش ۽ طبي سهولتون بہ ناهي ماتر آهن ۽ ڪنوينس بہ پورو سارو آهي. موجوده حالتن ۾ آباديءَ جي وڌندڙ شرح ۽ ڏوهن جي رفتار کي ڏسي گهٽ ۾ گهٽ هيٺين سطح تي ڪورٽن جو تعداد ٻيڻو ڪيو وڃي. سول جج صاحبان کي گهٽ ۾ گهٽ 18 هون گريڊ ڏنو وڃي. رهائش، ڪنوينس ۽ طبي الائونس جي مد ۾ موجوده رقم کي ٻيڻو ڪرڻ گهرجي. سپريم ڪورٽ توڙي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پڻ ججن جو انگ وڌايو وڃي، وفاق ۾ شامل ايڪائين جي لحاظ کان هر يونٽ کي برابر جي نمائندگي ڏني وڃي، ڇاڪاڻ تہ آئين مطابق سپريم ڪورٽ کي نہ صرف هيٺين ڪورٽن مٿان اپيل ٻڌڻ جو اختيار آهي، پر سپريم ڪورٽ کي اهو بہ اختيار آهي تہ جيڪڏهن مرڪزي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ ڪو تڪراري مسئلو پيدا ٿئي ٿو تہ سپريم ڪورٽ اختلافي مسئلي تي فيصلي ڏيڻ جو اختيار رکي ٿي.

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن کي هٽائڻ يا برطرفيءَ جو اختيار صرف ۽ صرف جوڊيشل سپريم ڪائونسل کي هئڻ گهرجي. ججن جي مقرريءَ جو اختيار برطانيہ وانگر پارليامينٽ کي هئڻ گهرجي. جيلن ۾ اهڙا ماڻهو واڙيل آهن، جن کي سال گذري وڃن ٿا، پر انهن جي ڪيسن جو فيصلو نٿو ٿئي، اهڙن ماڻهن کي هڪ سال گذرڻ کان پوءِ ضمانت ملڻ گهرجي. منهنجو ذاتي مشاهدو آهي تہ جيلن ۾ قيد ڪي اهڙا قيدي بہ هوندا، جيڪي گهڻو ڪري بيگناهہ هوندا آهن يا انهن جي ڪيل ڏوهہ جي سزا صرف هڪ يا بہ سال هوندي آهي، پر ڪورٽن جي شنوائين جي چڪر ۾ ورهيہ وري ويندا آهن.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعليم جو ٻيڙو ڪيئن تو تري سگهي؟

تازو اسٽيٽ بئنڪ طرفان پاڪستان جي معيشت بابت جاري ڪيل رپورٽ ۾ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو ويو آهي تہ مسلسل مهانگائيءَ جي نتيجي ۾ هر شيءِ جي قيمت ٻيڻي تي چڪي آهي ۽ ناڻي جي واڌ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، ان صورتحال ۾ وزيراعظم سان ملاقات ۾ سندن پاران ڪيل اهو مطالبو سئو سيڪڙو جائز محسوس ٿئي ٿو تہ استادن جي پگهارن ۾ بہ سئو سيڪڙو اضافو ڪيو وڃي. اها ڪا لڪل ڳالهہ نہ آهي تہ استادن وٽ پگهار کان سواءِ گذر سفر جو ٻيو ڪوبہ ذريعو نہ هوندو آهي. ڪنهن دور ۾ پرائمري استاد جي پگهار سون جي تولي جي ملهہ برابر هوندي هئي، پر هاڻي ائين ناهي، استاد کي جسم ۽ روح جي رشتي کي قائم رکڻ لاءِ وڏيڪ هٿ پير هڻڻا پون ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو استادن جي اڪثريت نوڪريءَ سان گڏ ٻيا ڌنڌا بہ ڪرڻ تي مجبور آهي. ڪي ٽيوشن پڙهائين ٿا، ڪي مانڊٽيون هلائين ٿا، ڪي مال پڙين تي چوپائي مال جي خريد و فروخت ڪرائي بہ پئسا ڪمائين ٿا، انڪري ئي استادن جي اڪثريت اسڪولن مان غائب رهي ٿي ۽ پيٽ گذر لاءِ ٻين ڪمن ڪارين ۾ مصروف رهي ٿي، توڙي جو جيڪو استاد ڪلاس نٿو وڃي، اهو نہ رڳو سرڪار جو پر قوم جو بہ ڏوهي آهي. استادن جي ڪلاسن مان غائب رهڻ سبب سموري استاد برادري سماج ۾ خوار خراب ۽ رسوا ٿي آهي، استادن جي اڪثريت ۾ اها "ڪميٽمينٽ" نہ رهي آهي، جيڪا هڪ قوم جي سجاڳ ۽ ذميوار فرد ۾ هئڻ گهرجي، جيتوڻيڪ استاد انهيءَ ڪارخاني جو ڪاريگر آهي، جتي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ذهن تيار ٿين ٿا، پر انهن ئي استادن پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪري سنڌي سماج کي ڪيئي سال پٺتي ڌڪي ڇڏيو آهي، ڪي استاد انهيءَ ڳالهه کي اڳين پيش ڪندا آهن تہ استادن جون پگهارون گهٽ آهن. انڪري اهي پنهنجو ڌنڌن ۾ لڳل آهن ۽ پڙهائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪن ٿا. تڏهن عجيب لڳندو آهي، جڏهن ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان هن پيشي طرف آيا آهن، ڪين اڳواٽ اها خبر هوندي آهي تہ هن شعبي ۾ پگهارون اهي ئي آهن، ان جي باوجود اهڙو ڪو جواز ڄاڻائي، مورڳو ڪلاسن مان غائب رهڻ يقينن قومي ۽ اخلاقي ڏوهہ آهي. اها ڳالهہ بہ پنهنجيءَ جاءِ تي اهميت جوڳي آهي تہ ضرورتون ئي ماڻهوءَ کي ڏوهي بڻائين ٿيون، مهذب ملڪن ۾ پرائمري استادن جي پگهار سيڪنڊري ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ جي استادن کان بہ وڌيڪ هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ پرائمري تعليم، تعليمي سرشتي جي پٺيءَ جي ڪنڊي جيان آهي، جيڪڏهن اهو ئي سڌو نہ هوندو تہ زندگي صحيح معنيٰ ۾ سک سان هلي نٿي سگهي، ان ڪري ان ڳالهہ تي هڪ ئي راءِ آهي تہ استادن جي پگهار ۽ الائونسس لاءِ هڪ الڳ ڪميشن ويهاري، انهن کي ان قابل بڻائڻ گهرجي تہ جيئن استاد گهٽ ۾ گهٽ روزاني زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهن. پر ان جي باوجود ان ڳالهہ کي بہ نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي، تہ پگهارن جي بهاني پنهنجيءَ قوم جي ايندڙ نسلن کي جهالت جي اونداهيءَ ۾ ڌڪڻ هڪ سنگين قومي ڏوهہ آهي، جنهن جي سزا ايندڙ ڪيئي نسلن کي ڀوڳڻي پوندي.

اسان وٽ استادن جو هڪ اهم مسئلو ترقين لاءِ ٽائيم اسڪيل نافذ ڪرڻ وارو آهي. ماضيءَ ۾ يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن طرفان استادن جي ترقين لاءِ هڪ فارمولو جوڙيو ويو هو، پر ان تي بہ عمل نہ ٿي سگهيو. اهو فارمولا فقط ڪاليجي ۽ يونيورسٽين جي استادن لاءِ هو، جنهن مطابق گهٽ ۾ گهٽ 7 سال ليڪچر طور بهتر نموني فرض نڀائيندڙ استاد کي مقرر ڪيل مدي ڪاٽيوءِ اسسٽنٽ پروفيسر طور ترقي ڏني ويندي. 6 سال اسسٽنٽ پروفيسر طور ڊيوٽي ادا ڪندڙ کي ايسوسيئيٽ پروفيسر، جڏهن تہ 5 سال ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪندڙ کي سندس ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي پروفيسر طور ترقي ڏني ويندي، جيڪڏهن اهڙو ٽائيم اسڪيل تحت

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جڙندڙ فارمولو واقعي بہ هر سطح تي نافذ ڪيو وڃي تہ تعليمي ماحول ۾ گهڻي بهتري اچي سگهي ٿي ۽ استادن جا مسئلا بہ گهڻيءَ حد تائين حل ٿي سگهن ٿا. تازو استادن هڪ مطالبو اهو بہ ڪيو آهي تہ هائوس رينٽ ڪرنٽ پي اسڪيل تحت ڏنو وڃي. هن وقت وڏن شهرن، خاص طور ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي جي استادن کي بنيادي پگهار جو 45 سيڪڙو جڏهن تہ باقي علائقن ۾ 30 سيڪڙو هائوس رينٽ ڏنو وڃي ٿو. ماضيءَ ۾ پگهارن ۾ تہ واڌارو ڪيو ويو پر هائوس رينٽ منجمند (Freeze) ٿي رهيو. نتيجي ۾ عملي طور استادن کي وڏن شهرن ۾ جيڪو هائوس رينٽ ملي ٿو اهو 20 سيڪڙو آهي ۽ ٻهراڙين ۾ 15 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ سيڪريٽريٽ، بينڪن ۽ ٻين خودمختيار ڪارپوريشنس ۾ هائوس رينٽ ڪرنٽ پي اسڪيل تحت ڏنو وڃي ٿو پر استادن لاءِ اهڙو قانون نٿو جوڙيو وڃي. سالن کان وٺي ڪنوينس الائونس بہ هڪ هنڌ بيهي رهيو آهي، جڏهن تہ گاڏين جي ڀاڙن ۾ غير معمولي واڌ ٿي چڪي آهي، نتيجي ۾ ڪيترائي استاد شاگردن وانگر اڌ ڀاڙو ڏين ٿا ۽ ائين شرمساريءَ جو منهن ڏسن ٿا.

استادن جي ٻارن کي پروفيشنل ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخلا توڙي نوڪرين لاءِ ڪوٽا وارو مسئلو بہ سندن مستقبل جي حوالي سان گهڻي اهميت رکي ٿو. ماضيءَ جون حڪومتون ان حوالي سان 25 سيڪڙو ڪوٽا ڏينديون رهيون آهن، پر اها ڪوٽا صرف پرائمري ۽ سيڪنڊري استادن تائين محدود هئي، جنهن کي بہ اسان جي استاد اڳواڻن غلط استعمال ڪيو. اولاد جي نالي تي نوڪريون وٺي، ٻين ماڻهن کي وڪرو ڪيون ويون. ائين استاد اڳواڻن ۾ ڪرپشن ڪاهي پيئي تہ سموري برادريءَ جي بدنامي بہ ٿي. هن وقت يونيورسٽين جي استادن ۽ ملازمن جي اولاد لاءِ تہ سيٽون مخصوص آهن، پر پرائمري، سيڪنڊري ۽ ڪاليجي استادن جي اولاد لاءِ ڪي بہ سيٽون مخصوص ناهن. سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر غلام علي الانا استادن جي اولاد لاءِ ٻہ بہ سيٽون مخصوص ڪيون هيون، جنهن کي مظهرالحق صديقي بہ برقرار رکيو آهي. جيڪڏهن ميڊيڪل يونيورسٽي، انجنيئرنگ ۽ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ بہ استادن جي ٻارن لاءِ سيٽون مخصوص ڪيون وڃن تہ اسان استادن جي ٻارن جو مستقبل محفوظ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٻڌائي سگهجي ٿو. هن وقت تعليم کاتي جو اهم مسئلو ايڊهاڪ بنيادن تي ڀرتيون بہ آهي. ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي جيڪي ڀرتيون ٿين ٿيون، انهن ۾ سفارش يا رشوت جو عمل دخل وڌيڪ رهي ٿو. هڪ اڳوڻي وزير تعليم ڪانٽريڪٽ جي بنيادن تي 741 ليڪچرار ڀرتي ڪيا هئا ۽ اها ڳالهہ بہ عام ٿي ويئي هئي تہ هر هڪ ليڪچرار جي پوسٽ لاءِ 80 هزار کان هڪ لک رپين تائين ورتا ويا آهن. رشوت ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي ۽ نہ ڪو ونڊڻ وارو ثبوت ڇڏي ويندو آهي، ان ڪري ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ جي بنيادن تي ڀرتين جي خامي سان اهل ماڻهن کي موقعو ملندو ۽ تعليم کاتي ۾ بهتر تبديلي ايندي. اسان وٽ استادن جي پگهارن مان هر مهيني سوين رپيا گروپ انشورنس طور ڪٽيا وڃن ٿا، پر اهي پئسا بہ استادن جي وارثن کي تڏهن ئي ملندا آهن، جڏهن استاد هي جهان ڇڏي چڪو هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو استاد جيئري ريٽائر ٿيو تہ ڪيس هڪ رپيو بہ انشورنس جو ناهي ملندو، ظاهر آهي تہ اها هڪ وڏي زيادتي آهي. مرڻ يا جيئڻ سان انشورنس اسڪيم تي تہ ڪو اثر نٿو پوي، ان ڪري انشورنس ڪمپنين جيان گروپ انشورنس جا پئسا رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ ڏيڻ لاءِ قانون ۾ ترميم ٿيڻ کپي، جيئن استادن کي اها ٻڌل رقم ملي سگهي. مرڪزي يا صوبائي سطح تي Monitoring جو سسٽم بہ انتهائي ڪمزور آهي. جيڪڏهن ان نظام کي بهتر ٻڌائي ان ۾ ڪامورن سان گڏوگڏ سماجي ورڪر ۽ ورڪنگ استاد بہ شامل ڪيا وڃن تہ تعليمي ماحول کي بهتر ٻڌائي سگهجي ٿو. موجوده سرڪار استادن کي ”بيسٽ ٽيچر“ ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، پر ان ۾ بہ انصاف نٿو ڪيو وڃي. اسان جي ريجن ۾ ”بيسٽ پرنسپل“ جو ايوارڊ ان ڪاليج جي پرنسپال کي ڏنو ويو جنهن کي چارج وٺندي ڇهہ مهينا مس ٿيا هئا. هوءَ ويچاري پاڻ ئي حيران پريشان هئي تہ هن کي ڪهڙيءَ طرح ”بيسٽ پرنسپل“ جو ايوارڊ ڏنو ويو آهي؟ بيسٽ ٽيچر جو ايوارڊ بہ هڪ اهڙي استاد کي ڏنو ويو جنهن ڪڏهن بہ ڪلاس جو منهن نہ ڏٺو هو. جيڪڏهن خود تعليم کاتو ئي اهڙن استادن جي همٿ افزائي ڪندو رهندو تہ آخر تعليم جو ٻيڙو ڪيئن ترندو؟

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

صوماليہ تي جارحيت ۽ آمريڪي منصوبو

دنيا جي پرامن ڌرتيءَ کي انساني رت سان رڱڻ آمريڪا جو پراڻو شاهاڻو شوق رهيو آهي. دنيا ۾ تباهي ۽ بدامني پکيڙڻ جي باري ۾ جڏهن ڪو تجزيہ نگار سنجيدگيءَ سان ڪنهن "تحقيق" جي شروعات ڪندو تہ، ڌرتيءَ جي گولي تي هر هنڌ آمريڪي فوجي مداخلت ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ جنگين ۽ انسان ذات جي تباهيءَ کي نظر انداز نہ ڪري سگهندو. هر آمريڪي فوجي مداخلت جي نتيجي ۾ بيگناهہ انسان قتل ٿيا آهن، تباهي ۽ بربادي آئي آهي، ۽ دنيا جو امن تباهہ ٿيو آهي. آمريڪي جارحيت جا داستان دنيا جي ڪتابن ۾ عيان آهن. ماضيءَ ۾، دنيا ۾ ڪميونزم جو خوف ڪڙو ڪري لکين انسانن جو رت وهايو ويو آهي، پوءِ پلي 1954ع ۾ گوئٽي مالا ۾ انساني رت جي هولي کيڏڻ واري ڪڏي ڪرت هجي، يا 1965ع ۾ ڊومي ري پبلڪ ۾ ڪميونزم جي نالي تي بيگناهہ انسانن جو رت وهائڻ هجي. 1983ع ۾ گرينيڊا واري جارحيت هجي يا 1989ع ۾ "پاناما" وارو ظلم هجي يا ويٽنام جي ڊگهي بي مقصد جنگ. هن کان اڳ انسانن جو قتل عام ڪميونزم جي آڙ ۾ ڪيو ويو آهي. 9/11 کانپوءِ دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي نالي تي عراق ۽ افغانستان ۾ انسانن جو قتل عام جاري آهي، پر اقوام متحده يا ان جا ذيلي ادارا سلامتي ڪائونسل، جنرل ڪائونسل ۽ عالمي عدالت، آمريڪا جي خوني هٿ کي روڪڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. آمريڪا امن جي نالي تي سڄي دنيا ۾ امن کي تباهہ ڪري رهيو آهي. اهي ملڪ، جتي بادشاهتون يا مطلق العنان حڪومتون آهن، اتي جا حڪمران آمريڪا جي هن سنگين ڏوهہ ۾ هڪجهڙا ڀائيوار ۽ Co_accused آهن.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڇاڪاڻ آمريڪا جي ٿئي ڏي تي سندن بادشاهتون ۽ غير جمهوري حڪومتون قائم آهن.

مسلم ملڪ آمريڪي جارحيت جو سڀ کان وڌيڪ نشانو بڻيل آهن. هر انهيءَ شخص کي دهشتگرد سڏيو وڃي ٿو جيڪو آمريڪي ظلم ۽ ستم خلاف آواز اٿاري ٿو. تازو صوماليه تي جارحيت ڪري هڪ نئون محاذ کوليو ويو آهي. صوماليه، آفريقا جو هڪ اهم اسلامي ملڪ آهي. اوڀر آفريقا جي هن ملڪ جو سرڪاري نالو صوماليه ڊيموڪريٽڪ ري پبلڪ آهي، جنهن جي اولهه ۾ ايٿوپيا، اتر - اولهه ۾ ڊجي بوٽي، ڏکڻ-اولهه ۾ ڪينيا آهي، صوماليه ۾ مرڪزي حڪومت نالي ماتر آهي، ان جا علائقا صومالي ليند، پونٽليند انتظامي لحاظ کان خودمختار آهن. صوماليه پهرين جولاءِ 1960ع تي برطانيا ۽ اٽليءَ کان آزادي ماڻي. هتي جي گاديءَ جو هنڌ موغاديشو آهي. جولاءِ 2005ع جي مردم شماريءَ مطابق صوماليه جي آبادي 82 لک، 28 هزار آهي ۽ سرڪاري زبان ”صومالي“ آهي. حڪومت جي نظام کي Transitional Federal Government سڏيو وڃي ٿو. صوماليا جي ڪرنسي کي ”صومالي شلنگ“ سڏيو وڃي ٿو. 24 ڊسمبر 2006 ع تي ايٿوپيا، صوماليه کي فوجي جارحيت جو نشانو بنايو. 9 جنوري 2007ع تي آمريڪي فوجي تعاون سان صوماليه تي بمباري ڪئي وئي. ايٿوپيا جي فوجن صوماليا تي حملو ڪري اسلام پسند يونين آف اسلامڪ ڪورٽس جي حڪومت ختم ڪري ڇڏي ۽ گاديءَ جي هنڌ موغاديشو تي مڪمل قبضو ڪري ڇڏيو. ظاهري طرح هن حملي جو مقصد آمريڪي نواز حڪومت قائم ڪرڻ آهي.”يونين آف اسلامڪ ڪورٽس“ جي اڳواڻ عمر ادريس تازو بي بي سي کي انٽرويو ڏيندي چيو تہ ”ايٿوپيا جون فوجون اڳتي ضرور وڌي آيون آهن، پر اهو جنگ جو خاتمو ناهي. اسان ڄاڻون ٿا تہ آمريڪا کي عراق ۾ کهڙن تجربن کي منهن ڏيڻو پيو پوي ۽ ان ڪري اهو چوڻ تہ اسلامڪ ڪورٽس جي فوج شڪست کائي چڪي آهي، محض هڪ خواب آهي.“

آمريڪا جي حمايت سان ايٿوپيا جي ٿيل اڳرائيءَ جي ڪري صوماليہ جي مقبول حڪومت جو خاتمو ڪيو ويو آهي، جنهن 16 سالن جي خانہ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جنگي ڪان پوءِ صوماليہ ۾ امن قائم ڪيو هو ۽ عوام ڪي تحفظ جو احساس ڏياريو هو. هن ڪان اڳ قبائلي سردارن ۽ وار لارڊس وڏي پيماني تي ملڪ ۾ ڦرلٽ ۽ افراتفري ڦهلائي هئي. ايٿوپيا جي جارحيت ڪانپوءِ انهن سردارن وري ڪر ڪنيو آهي. شهرن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا آهن. آفريقي يونين مطالبو ڪيو آهي تہ ايٿوپيا جون فوجون ملڪ خالي ڪري واپس هليون وڃن. اهڙي طرح ڪينيا، جيڪو پڻ آمريڪا ۽ ايٿوپيا جو دوست آهي، ان پڻ ايٿوپيا جي فوجن جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو آهي. صوماليہ تي ايٿوپيا جو حملو ۽ قبضو اقوام متحده جي ٺهرائن ۽ بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي آهي، پر هميشہ جيان آمريڪا جي صدر بش ايٿوپيا جي فوجن جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ۽ انهن جي هر طرح سان مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. آمريڪا، صوماليہ ۾ ايٿوپيا جي حملي ڪي بہ دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي سلسلي جي ڪڙي ڄاڻائي ان جي غير مشروط حمايت ڪري رهيو آهي. آمريڪي حمايت سان ايٿوپيا جي صوماليہ تي جارحيت جو اصلي مقصد تيل سان مالا مال ملڪ ۾ پنهنجي پسند جي ڪمزور حڪومت قائم ڪرڻ آهي، جيڪا آمريڪي اشاري تي هلي آمريڪا جي مستقل مفادن جو دفاع ڪري سگهي. آمريڪا، صوماليہ ۾ اقوام متحده طرفان اسلحي جي فراهميءَ تي لڳايل پابنديءَ جي پڻ ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي ۽ وار لارڊز جي حمايت ڪري رهيو آهي، جن صوماليہ جي عوام ڪي سدائين ڦريو ۽ لٽيو آهي ۽ پنهنجي خونخوار چنبن سان عوام جو قتل عام ڪيو آهي. هن حملي جو مقصد اسلام پسندن ڪي هن خطي مان هميشہ لاءِ نيڪالي ڏيڻ آهي ۽ صوماليہ ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن ڪي مستقل طور تباهہ ڪرڻ آهي. 1993ع ۾ صوماليہ جا اهي آمريڪي حمايت يافتہ وار لارڊز اقوام متحده جي امن فوج ڪي نيڪالي ڏيئي چڪا آهن، جيڪا صوماليا ۾ سالن ڪان هلندڙ خانہ جنگيءَ ڪي ختم ڪرڻ لاءِ آئي هئي ۽ ان حملي ۾ وار لارڊز طرفان 18 آمريڪي پڻ ماريا ويا هئا.

ڏٺو وڃي تہ صوماليہ ۾ اسلام پسندن جي پسپائي عارضي آهي. اسلام پسندن جو پوئتي هٽڻ دراصل ويتنام ۽ عراق وانگر هڪ ڊگهي گوريلا جنگ جي شروعات آهي، جيڪا غير مقبول وار لارڊز جي طاقت ڪي عبرتناڪ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شڪست ڏيندي. صوماليہ جهڙي مسلمان ملڪ ۾ اسلام پسندن جي فوج کي عوامي حمايت پڻ حاصل آهي ۽ عوام جي حمايت سان وڙهندڙ قوتن کي ڪڏهن بہ ڪا سامراجي قوت شڪست نٿي ڏيئي سگهي. ان جو مثال اسان عراق ۽ افغانستان مان وٺي سگهون ٿا. جتي آمريڪي حمايت يافتہ حڪومتن جو ملڪ مٿان ڪو بہ ڪنٽرول ناهي. اهي صرف گاديءَ جي هنڌ تائين آمريڪي پهريداريءَ ۾ قائم ٿيل حڪومتون آهن. جن کي عراق يا افغانستان جي عوام جي ٽڪي جيتري حمايت بہ حاصل ناهي. عراق ۾ آمريڪي حمايت يافتہ صدام حسين کي ڦاسي ڏيڻ جو صرف هي آمريڪي مقصد هو تہ جيئن آمريڪا خلاف وڙهندڙ وطن پرست عراقين کي ورهائي سگهجي. فرقيوارانا فساد ڪرائي سگهجن يا عربن ۽ ڪردن وچ ۾ خانہ جنگي ڪرائي سگهجي. پر عراق جي وطن پرست قوتن انهيءَ آمريڪي سازش کي پرکي ورتو ۽ صدام حسين جي ڦاسيءَ کي ڪا بہ اهميت نہ ڏني ۽ پنهنجون نظرون پنهنجي اصل مقصد کي ماڻڻ تي رکيون. عراق، آمريڪا لاءِ ٻيو ويٽنام بڻجي چڪو آهي. افغانستان جي حامد ڪرزئي جي ڪمزور حڪومت اتحادي فوجن جي پهري ۾ رهندي پنهنجو مقصد نہ پئي ماڻي سگهي.

اڳتي هلي صوماليہ جي صورتحال بہ ساڳي وڃي بيهندي. موجوده هلندڙ جنگ اڳتي هلي هڪ نئون رخ اختيار ڪري سگهي ٿي، جتي آمريڪا مخالف انقلابي فيڪٽر جي غالب اچڻ جا روشن امڪان آهن. آمريڪا ۽ ايٿوپيا ان ڳالهہ کان خوفزده پڻ آهن تہ صوماليہ ۾ هلندڙ جنگ، انقلاب جي جذبي ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ انقلاب جو هي جذبو ايٿوپيا ۽ اريٽيريا ۾ پڻ هڪ نئين عوامي مزاحمت کي جنم ڏيندو. ايڪوهين صدي آمريڪا جي شڪست جي صدي هوندي ۽ وطن پرستن ۽ عوام جي طرفدار ماڻهن جي ڪاميابيءَ جي نويد هوندي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ جي ڌاڙيلن مان جند ڪيئن ڇڏائجي؟

جنرل ضياءُ الحق جي ڪاري دور ۾ ڪرپشن، ڪميشن ڪلچر، پلاٽن ۽ پرمٽن جي سياست، فرقيواريت، مذهبي جنونيت، ڪلاشنڪوف ۽ هيروئن جهڙن مرضن جو جنم ٿيو. سنڌ کي خاص طور ايم آر ڊي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي هڪ نرالي سزا اها ملي، ته شهرن اندر دهشتگردن ۽ ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن منهن ڪڍيو. شهرن اندر دهشتگردن ڀتي، غنڊه ٽيڪس وٺڻ ۽ مخالفن کي نيست و نابود ڪرڻ جو ڪم ڪيو ته ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن عوام کي ڦريو ۽ لٽيو. ماڻهن کي اغوا ڪري ڪاٺئن پنگ وصول ڪرڻ جو رواج وڌو. سال 1987ع ۾ منهنجا ٻه دوست سيد علي اڪبر شاهه ۽ آغا سڪندر شام جي وقت المنظر هوٽل ڄامشورو وٽان اغوا ڪيا ويا. ان وقت حيدرآباد جو ايس پي محمد بچل سانگري هو. هن مشورو ڏنو ته اغوا ٿيل همراهن کي ڄامشورو ۾ قائم اعليٰ تعليمي ادارن جي هاسٽلن ۾ ڳولهيو وڃي. ڇاڪاڻ ته ڪجهه شاگرد اغوا جي وارداتن ۾"مڊل مين" جو ڪردار ادا ڪندا هئا ۽ هاسٽلن ۾ نامي گرامي ڌاڙيلن جي اچڻ وڃڻ ۽ رهڻ جو سلسلو به هلندڙ هو. اغوا ٿيل دوستن کي ڳولهيندي، اسان جي معلومات ۾ ڪافي اضافو ٿيو ته ڌاڙيل ماڻهو اغوا ڪيئن ٿا ڪن، انهن جا ٽاڪ ڪهڙا آهن ۽ ڪنهن حيلي وسيلي انهن کي آزاد ڪرائي سگهجي ٿو. اهو به پتو پيو، ته مختلف ضلعن ۾ ڪهڙن پوتارن جون سلطنتون قائم آهن.

علم سماجيات جي لحاظ کان ڌاڙيل ٽيڙ جا جيڪي ڪارڻ آهن، انهن ۾ سماجي ناهمواري، طبقاتي جبر، پئسن جي حَوس، نا انصافي، قبائلي جهيڙا، غيرت ۽ پلاند، هيرو ازم، ايڊوينچرزم شامل آهن. ماضيءَ ۽ اڄ جي ڌاڙيلن ۾ اخلاقي قدرن جي لحاظ کان به زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ماضيءَ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جا حڪمران ان کي ڏاڙيل يا دهشتگرد سڏيندا هئا، جيڪو”وطن پرست“ هوندو هو، قومي غيرت ۽ ڌرتيءَ جو درد رکندو هو. سڪندر مقدونيءَ جو دور هجي يا چندر گپت موريا جو، عربن جو دور هجي يا ارغونن ۽ ترخانن جو. غيرن جي غلامي قبولڻ بدران جيڪي انساني جابرن ۽ غاصبن سان مهاڏو اٽڪائيندا هئا ۽ ڌارين جي آڏ نہ مڃيندا هئا، سي تڏهوڪن حاڪمن جي نظر ۾ ڏاڙيل هوندا هئا ۽ کين ختم ڪرڻ لاءِ انعام اڪرام مقرر ڪيا ويندا هئا. ماضيءَ جو ڏاڙيل دڳن ۽ ننگن جو رکوالو هو. ڌرتيءَ جو درد رکندڙ ۽ ڌارين سان نفرت ڪندڙ هو. اهو ئي سبب آهي، جو پيٽ ڏٽيءَ سر ڏهر ۾ سنڌ جي هڪ عظيم سورمي، جنهن کي وقت جي حڪمرانن ڏاڙيل سڏيو يعني لاکي ڦلاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هو ڪڇ جو نَڪر راجپوت هو جنهن ڏاڙيل بنجي ظالم حڪمرانن جي ڏاڍ کي چئلينج ڪيو ۽ مسڪين ماروئڙن جي مدد ڪئي. اڻين هڪ زماني جو سنڌ جو ڏاڙيل باغيرت، باضمير، حيا ۽ شرم جو رکوالو ننگن جو لڄپال، ڦرلٽ ڪندڙن جو ويري، نياڻين جي مٿي تي هٿ رکندڙ، ٻيڏڙن ۽ معصوم ٻارن تي رحم ڪندڙ هوندو هو. هن جي ويڙهہ هميشہ وطن جي ويرين، انياءُ ڪندڙ ظالمن، نياڻين جي لڄ لٽيندڙ لٽيرن خلاف رهي. هن هميشہ حڪمرانن جي هيٺانهين ڪري، فائدا حاصل ڪندڙ وڏيرن جو جيئڻ جنجال بنايو. ٻي پهچ ماڻهن جي واهر ڪئي. مون 1970ع ۾ سينٽرل جيل جي ڪاري وارڊ ۾ ڪيترن نامي گرامي ڏاڙيلن جا نالا ٻڌا، جيڪي اهڙن ڏاڙيلن جي صف ۾ آٿي سگهجن ٿا. انهن ۾ ڦل ماڇي، رحيم هنگورو، غلام حسين واڍو، علي مراد ميرجت وغيره شامل آهن.

علم نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ماءُ جي پيٽان ڪو بہ ڌوهاري نٿو پيدا ٿئي، پر سماجي ناانصافين، اقتصادي ناهموارين، معاشي ۽ اخلاقي جبر ۽ ويڪائو وڏيرن جي تسلط کي ختم ڪرڻ لاءِ ڏاڙيل جنم وٺي ٿو. پر اڄ جي ڏاڙيل بابت نفسيات، سياست، سماجيات ۽ ڏوهن جا ماهر بہ راءِ ڏيڻ کان قاصر آهن. سياسي ڌرين جي اها راءِ آهي تہ 1983ع ۽ 1986ع جي ايم آر ڊي جي هلچل کان پوءِ اصل حاڪمن، سنڌ کي قومي شعور، قومي ٻڌي ۽ هٿياربندن سان خالي هٿين مهاڏي اٽڪائڻ جي سزا ڏيڻ لاءِ ”دهشتگرد“ ۽ ”ڏاڙيل“ پيدا ڪيا يا انهن کي هٿي ڏني. هڪ اڻ تصديق ٿيل سروي مطابق سنڌ اندر هن وقت چاليهہ هزار کان مٿي ڏاڙيل موجود آهن ۽ اڪثريت مٿان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پوتارن جو هٿ آهي. اها ڳالهه به سوچڻ جي آهي ته ڌاڙيل ڪڏهن به ڌارين کي اغوا نٿا ڪن، پر پنهنجن ئي غريب غربن ۽ اوڙي پاڙي ۾ رهندڙ اڀوجهه ڌرتيءَ ڄاوَن جو اغوا ٿيڻ معمول آهي. اڄوڪي ڌاڙيل کي نه ڌرتيءَ جو ننگ آهي، نه ئي نياڻين سياڻين جو حيا. هنن کي نه مائرن ۽ ڀينرن جو احساس آهي ۽ نه ئي جهور پوڙهن ۽ معصوم ۽ ابهم ٻارن جو خيال آهي. تازو ئي هڪ شخص کي اغوا ڪيو ويو. پينگ نه ملڻ جي صورت ۾ ڪيس قتل ڪيو ويو. ڪي ٽي اين تي بيگناهه قتل ٿيل شخص جي پنجن سالن جي معصوم نياڻي سڏڪا ڀريندي چيو "مان روز پنهنجي پيءُ سان پاڪر پائي سمهندي هئس. هاڻ مون کي ابو ڪانسواءِ ننڊ ڪيئن ايندي؟" اهڙيون ڪيتريون ئي نياڻيون سنڌ ۾ هر روز سڏڪا ڀريندي ڏسجن ٿيون، جن جا پنهنجا بيگناهه ماريا وڃن ٿا. ڪاش ڪوئي هنن نياڻين جي درد کي به سمجهي.

اڄ جا ڌاڙيل انسانيت ۽ اخلاقيات جا سڀ ليڪا اورانگهي چڪا آهن. هنن آڏو بهادري ۽ سورهيائي پنهنجن ئي ماڻهن کي لٽڻ، ڦرڻ ۽ آزارڻ ۾ آهي، جڏهن ته هنن جو رت ۽ ضمير هن مقدس مٽيءَ جي مان ٿهيل ئي نه هجي. هنن جي ساٿيهه جي سڪ، حيا ۽ شرم، دين ۽ ڌرم نِيرن نوٽن، سونن لاڪيٽن، راڊو واچن ۽ بوسڪيءَ جي پٽڪن تي وڪامي ٿو وڃي. اڄ سنڌ جو سَنڌُ سَنڌُ هنن جي جهٽن ۽ ڇهڪن سان چُور چُور آهي. اڄ اسان جا نه گهر محفوظ آهن ۽ نه ئي ويڙها، نه ٻار ٻچا محفوظ آهن، نه ئي ننگ نياڻيون، نه ٻنيون محفوظ آهن، نه ئي ونيون. هي پنهنجن جا ويري ٻين آڏو ڪنڌ نوائي هلن ٿا، پر پنهنجن کي ڌاڙهين ۽ ڦاڙهين ٿا. سنڌ جي زراعت، معيشت، تعليم، امن، سک ۽ چين، سڀ ڪجهه سندن ئي ڪارروائين سبب تباهه ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ رهندڙ هندو پاڻرن سان ته وڌيڪ ويڌن آهي. اهي هر وقت ڌاڙيلن جي ظالمانه ڪارروائين جو نشانو بڻجندا رهن ٿا. ڌرتيءَ تي رهڻ لاءِ هنن پاڻرن 1947ع کان وٺي ڪيتري قيمت ادا ڪئي آهي، اهو ڪو هنن کان پڇي. اتر هجي يا لاڙ ڪاڇو هجي يا ٿر، هي پاڻر عدم تحفظ جو شڪار آهن، جڏهن ته اڪثريت هجي يا اقليت، ان جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪرڻ حڪومت جي ئي ذميواري آهي. سنڌ جي وجود کي بچائڻ لاءِ جتي شهرن کي دهشتگرديءَ کان محفوظ بڻائڻو آهي، اتي اهو به لازم آهي ته ٻهراڙين کي ڌاڙيلن کان نجات ڏياري وڃي. مون وٽ ڌاڙيلن مان جند آجي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪرائڻ لاءِ هيٺيون تجويزون آهن. جيڪڏهن انهن تي عمل ڪيو وڃي ته گهٽيءَ حد تائين بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا:

(1) جيڪي جاگيردار، وڏيرا، پوتار يا عملدار، ڌاڙيلن کي هٿيار، گوليون، بارود ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ملوث آهن، انهن کي گرفتار ڪري سندن جائداد ضبط ڪئي وڃي، پوءِ پلي انهن جو تعلق حڪمران پارٽيءَ سان هجي يا اپوزيشن سان.

(2) ٻهراڙين ۾ زراعت تي مبني صنعتون قائم ڪري، روزگار جا وسيلا پيدا ڪيا وڃن.

(3) ٻهراڙين ۾ تعليم کي لازمي قرار ڏيئي، تعليم کي عام ڪيو وڃي.

(4) قبيلائي جهيڙا ختم ڪرڻ لاءِ يونين سطح تي پئنچائتي نظام قائم ڪيو وڃي.

(5) پوليس ۾ اعليٰ تعليم يافته عملو ڀرتي ڪيو وڃي، خاص طور تي سماجيات ۽ نفسيات جا ماهر آفيسر مقرر ڪيا وڃن، ڪين سٺيون پگهارون ڏنيون وڃن.

(6) تڪڙي ۽ سستي انصاف لاءِ عدالتي نظام ۾ تبديلي آندي وڃي.

(7) جنهن پوليس عملدار جي حد ۾ اغوا يا ڌاڙي جي واردات ٿئي، ان خلاف سخت قدم کنيو وڃي.

(8) ڳوٺن ۾ رضاڪار چوڪيداري نظام قائم ڪيو وڃي ۽ ڳوٺاڻن کي هٿيار ڏنا وڃن.

(9) ڪچي ۽ ٻيلي وارن علائقن ۾ موجود ڌاڙيلن جا ٽاڪ ختم ڪرڻ لاءِ منظم طريقي سان آپريشن ڪيو وڃي.

(10) قانون ۾ ترميم ڪري، اغوا ڪندڙ ڏوهاريءَ لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي وڃي.

جتي ڌاڙيلن کي ختم ڪري عوام جي جند آجي ڪرائڻ حڪومت جو فرض آهي، اتي سنڌ جي سڀني سياسي پارٽين، خاص طور قوم پرست ڌرين کي به منظم ۽ نئوس پروگرام تيار ڪرڻ گهرجن. انهن پارٽين جا ڪارڪن سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچي ڳوٺاڻن جي تعاون سان خود حفاظتي نظام قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ڌاڙيلن کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪچي ۽ ٻيلن جا گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن. ته ڌاڙيلن کي هٿيار، گوليون ۽ کاڌي جو سامان نه ملي سگهندو. اهو سڀ ڪجهه ڏکيو ضرور آهي، پر ناممڪن نه آهي. اسان کي ٻين تي ڀاڙڻ بجاءِ پنهنجي مڙسي پاڻ ڪرڻي پوندي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انتظامي ادارن جي ناڪاميءَ جو ذميوار ڪير آهي؟

آمريڪي ميگزين ”فارين پاليسي ائنڊ فنڊ فار پيس“ نالي هڪ آمريڪي تنظيم تازو دنيا ۾ جن ”ناڪام رياستن“ جي فهرست شايع ڪئي آهي، ان ۾ پاڪستان کي ”نائين نمبر“ تي رکيو ويو آهي، جڏهن ته سوڊان کي ”دنيا جي ناڪام ترين رياست“ قرار ڏنو ويو آهي. پهرين ڏهن نمبرن تي جن رياستن کي رکيو ويو آهي، انهن ۾ سوڊان، ڪانگو، آئيوري ڪوسٽ، عراق، زمبابوي، چاڊ، صوماليه، هيٽي، پاڪستان ۽ افغانستان شامل آهن.

گذريل سال ناڪام رياستن جي لسٽ ۾ پاڪستان 34 هين نمبر تي هو. صرف هڪ سال ۾ ان عالمي اداري جي نظر ۾ پاڪستان جي پوزيشن ايتري ته ڪمزور ٿي ويئي آهي، جو ان کي نائين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن رپورٽ ۾ پاڪستان کي جن سببن جي ڪري ”ناڪام رياست“ قرار ڏنو ويو آهي، سي هيٺيان آهن: (1) پاڪستان جي حڪومت اڃا تائين سرحد صوبي جي قبائلي علائقن ۾ هلندڙ مزاحمت کي ختم نه ڪري سگهي آهي ۽ هر روز هن آپريشن ۾ سوِلين توڙي نان سوِلين ماڻهو موت جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. گذريل سال 8 آڪٽوبر تي ڪشمير ۽ صوبي سرحد ۾ آيل پيانڪ زلزلي سبب هزارين خاندان بي گهر ٿي ويا. هن قدرتي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان ۾ ڪنهن به موثر سرڪاري اداري جو وجود نه هو. پاڪستاني حڪومت متاثر ٿيل مظلوم ماڻهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ لاءِ ڪي به منظم ۽ ٺوس قدم نه کڻي سگهي آهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(2) پاڪستان ۾ رهندڙ قومن ۾ شديد قسم جي بيچيني وڌي وڃي تي چڪي آهي. پاڪستاني وفاق ۾ شامل وحدتون موجوده پاڪستاني رياست مان مطمئن ناهن. ان ڪري نسلي ۽ قومي ڇڪتاڻ ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. رپورٽ مطابق، پاڪستاني رياست هن وقت پنهنجي مشڪل ۽ پيچيده دور مان گذري رهي آهي. ڪيترن ئي علائقن تي پاڪستاني رياست جو ڪنٽرول نہ رهيو آهي. عوام جي اڪثريت موجوده حڪومت کي جائز تصور نٿي ڪري. اجتماعي فيصلن ۾ عوام جو عمل دخل نہ آهي. حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون ميسر نہ ڪري سگهي آهي. 58 سالن ۾ پاڪستان جي رياست ماڻهن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي بہ مهيا نہ ڪري سگهي آهي، جيڪو انساني زندگيءَ جي بقاءِ لاءِ بيحد ضروري آهي.

جيڪي بيون خرابيون بيان ڪيون ويون آهن، انهن ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن وارو ذڪر پڻ آهي. ڪرپشن هر ڪاتي ۾ ماضيءَ کان ڌهوڻ تي وڌي آهي. ڪرپشن کي روڪڻ لاءِ ذميوار ادارا ڪو موثر ڪردار ادا نہ ڪري سگهيا آهن. ڪرپشن جي الزام هيٺ آيل سياستدانن جي اڪثريت حڪومت ۾ شامل آهي. ٽيڪسن جي وصوليءَ جو نظام بہ گهٽي ياڳي ناڪام ٿي چڪو آهي. پاڪستان ۾ صرف هيٺين طبقي کان ٽيڪس وصول ڪيو وڃي ٿو پر ”وڏيون مڇيون“ پورو ٽيڪس ادا نٿيون ڪن. ٻهراڙين ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب ماڻهو مجبور ٿي شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن ۽ حڪومت انهن کي مناسب روزگار مهيا نہ ڪري سگهي آهي. ملڪ جو معاشي نظام صرف سرمائيدارن جي فائدي لاءِ آهي، ان ڪري امير ڏينهون ڏينهن امير تر ۽ غريب ڏينهون ڏينهن غريب تر ٿي رهيو آهي. ناڪام معاشي نظام جي ڪري پاڪستان جي سول سوسائٽي تي منفي اثرا پئجي رهيا آهن. سماج مان امن ۽ آشتي ختم ٿي ويئي آهي. قابل ۽ اهل ماڻهو ملڪ مان لڏي رهيا آهن، جيڪا هڪ خطرناڪ ڳالهہ آهي. سماج ۾ ماحولياتي گدلاڻ عروج تي آهي. هوا، پاڻي، روشني سڀ ماحولياتي گدلاڻ مان متاثر ٿي رهيا آهن. جنهن شيءِ زنده ماڻهن مان جيئڻ جو اتساهہ ختم ڪيو آهي، اها راڪيٽ رفتار مهانگائي آهي. پيٽرول، ڊيزل ۽ گاسليٽ جي اگهن ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو ويو آهي. واپڊا بہ بجلي جا اگهہ وڌائڻ جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

موڊ ۾ آهي، انڪري سڄي ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ جو آزار آهي. پيٽرول جو اگهه تہ ڄاڻي واڻي وڌايو ويو آهي، عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول جون قيمتون ڪري رهيون آهن. سعودي عرب تازو پيٽرول جي قيمتن ۾ 30 سيڪڙو ڪمي آندي آهي، اسان وٽ پيٽرول جي کپت جو وڏو حصو سعودي عرب مان درآمد ٿئي ٿو پر هتي پيٽرول جون قيمتون وڌي رهيون آهن. ايران جي سرحد ويجهي هجڻ ڪري ڪوئيٽہ ۾ 10 رپين کان 12 رپين تائين پيٽرول ملي رهيو آهي. پوءِ پاڪستان جي عوام کي 58 رپين ۾ ڇو وڪرو ڪيو پيو وڃي؟ جڏهن تہ هندستان ۾ پيٽروليم جي پيداوار تي 10 سيڪڙو ٽيڪس گهٽايو ويو آهي. پاڪستان جي پيٽرول جي ضرورت سعودي عرب، ايران ۽ خليجي عرب ملڪ پوري ڪري رهيا آهن. عوام کي پيٽرول جي اگهن ۾ رعايت ڏيڻ بدران ملڪي ۽ غير ملڪي پيٽروليم ڪمپنين کي فائدو پهچايو پيو وڃي. هاڻ تہ ٽرانسپورٽ ۽ ريلوي جي ڀاڙن ۾ بہ اضافو ڪيو ويو آهي. عام ماڻهوءَ کان سفري سهولتون کسيون وڃن آهن. شايد هاڻ ماڻهو وري سواريءَ لاءِ اٺ، گهوڙا ۽ گڏهہ استعمال ڪن. ڪڻڪ جون قيمتون هٿرادو طور تي وڌايون وڃن آهن. حڪومت ۾ شامل چند سرمائيدارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ ٻن مهينن اندر ڪڻڪ جو اگهہ 27 رپين مان 42 رپين تائين پهچايو ويو. ايوب خان جي دور ۾ صرف چار آنا في ڪلو ڪڻڪ ۾ اضافو ڪيو ويو هو تہ سڄي ملڪ جو عوام رستن تي اچي ويو هو. پبلڪ اڪائونٽس ڪاميٽيءَ ڪڻڪ جو اگهہ وڌائڻ جو ذميوار حڪومت ۾ شامل وزيرن ۽ مشيرن کي قرار ڏنو آهي، جن جا ڪڻڪ جا ڪارخانا آهن، شروع شروع ۾ حڪومت نيب کي حڪم ڏنو تہ ڪڻڪ جي اگهہ ۾ اضافي جي تحقيقات ڪرائي وڃي، بعد ۾ ”پراسرار“ نموني اهو حڪم واپس ورتو ويو. موجوده حڪومت عوام کي اهو باور ڪرائي ٿي، اسان جو ملڪ ترقي ڪري رهيو آهي، اسان ڪشڪول ڀڃي ڇڏيو آهي. اسان وٽ 13 ارب ڊالر جا پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا موجود آهن ۽ هر پاڪستاني ماڻهوءَ جي آمدني ساليانہ 800 ڊالر آهي. ڇا اسان اهو پڇي سگهون ٿا تہ عوام جي في ڪس آمدنيءَ جي اضافي وارن انگن اکرن ۾ ڌاڙيل، چور، رهزن، رشوت خور، ڪرپٽ سول ۽ نان سويلين عملدارن جي آمدني بہ شامل آهي؟

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

11/9 ڪانپوءِ پاڪستانين تمام گهڻو پرڏيهي ناڻو پاڪستان موڪليو آهي، جيڪي ڪربين ڊالر ٿين ٿا. اها رقم ڪيڏانهن ويئي؟ گذريل سالن ۾ پبلڪ سيڪٽر ۾ هڪ به يونيورسٽي نه کولي ويئي، نه هائر ايجوڪيشن لاءِ تعليمي ادارا کوليا ويا. جيڪي پوليٽيڪنيڪل ڪاليج هئا، انهن جي اڪثريت بند ٿي ويئي آهي ۽ هاڻ انهن ۾ ناظمن ۽ نائب ناظمن جون آفيسون قائم ٿي چڪيون آهن. ٻهراڙين ۾ جيڪي اسڪول کليا هئا، اهي اڄ اوطاقون آهن. سنڌ ۾ 6900 اسڪول بند پيا آهن، انهن جي هلائڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪو به منصوبو ناهي. سنڌ ۾ 12 هزار کان وڌيڪ اسڪول عمارتن جي بغير هلي رهيا آهن، انهن جي عمارتن جوڙڻ لاءِ تعليم کاتي وٽ ڪا اسڪيم ناهي. عوام کي تعليم ۽ صحت جون سهولتون پهچائڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي، پر حڪومت تعليمي ادارن ۽ اسپتالن مان جان ڇڏائڻ چاهي ٿي، انکري نجڪاريءَ لاءِ روز نت نوان منصوبا جوڙيا پيا وڃن. سنڌ جي زراعت تباهه ٿي چڪي آهي، فصل ته ڇا، پر ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي به نٿو ملي. هاڻ ته بجليءَ جي اگهه ۾ اضافي جون خبرون به اچي رهيون آهن. انڊيا ۾ جڏهن سرڪار هارين ۾ مفت زمينون ورهايون، ته انهن کي پاڻي ۽ بجلي به مفت فراهم ڪئي ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي، جنهن ڪري ڀارت ۾ جيڪو فروٽ ۽ ڀاڄيون پيدا ٿين ٿيون، اهي گهٽ لاڳت سبب سستيون آهن. ملڪ ۾ موجوده سياسي بحران جو اهم سبب عوام کي بنيادي سهولتون مهيا نه ڪرڻ آهي. حڪومت عوام جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت لاءِ ڪي ٺوس ۽ منظم قدم نه کنيا آهن، ان ڪري جيستائين حڪمران پنهنجي آئيني فرض کان انحراف ڪندا رهندا، تيستائين بحرانن ۾ ڪميءَ جو ڪو امڪان پيدا ٿي نه سگهندو.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ملڪ ۾ هڪ نئين سماجي معاهدي جي ضرورت!

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ ”بدترين جمهوريت، بهترين آمريت کان بهتر آهي!“ اسان وٽ بہ جنرل پرويز مشرف جي حڪمرانيءَ هيٺ ملڪ ۾ ”مستحڪم جمهوريت“ قائم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم هلي رهيو آهي. آئين جي بالادستي، جمهوري ادارن جي استحڪام، قانون جي حڪمراني، گڊ گورننس، ڪرپشن جي خاتمي، غربت ختم ڪرڻ وغيره جنرل صاحب جي مقصد ۽ منشور جو حصو ڄاڻايا ويندا رهيا آهن. 2001ع ۾ مرڪز توڙي صوبن ۾ قائم ڪيل حڪومتون، جنرل صاحب جي خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون آهن.

آمريڪي صدر جارج بش جي پاڪستان جي تفريحي دوري ڪانپوءِ، اها ڳالهہ عالم آشڪار ٿي چڪي آهي تہ پاڪستان ۾ جلد عام چونڊون ٿينديون ۽ اهي چونڊون صاف شفاف ۽ غير جانبدار هونديون. ڪنهن بہ مهذب جمهوري سماج ۾ منصفانہ چونڊن لاءِ هيٺين شين جو هجڻ بيحد ضروري سمجهيو ويندو آهي:

(1) آزاد ۽ غير جانبدار اليڪشن ڪميشن جو قيام.

(2) صحيح حلقہ بنديون (Constituncies)

(3) غلطين کان پاڪ ووٽر لسٽون.

(4) چونڊن جي نگرانيءَ لاءِ غير جانبدار نگران حڪومت جو قيام

(5) چونڊن کان پوءِ غير جانبدار اليڪشن ٽربيونل جو قيام.

جنرل پرويز مشرف تازو جسٽس محمد فاروق خان کي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جو مستقل چيئرمين مقرر ڪيو آهي. هڪ مڪمل اليڪشن ڪميشن لاءِ اجا هر هڪ صوبي مان هڪ هڪ ميمبر،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

يعني چار ميمبر مقرر ڪرڻا آهن، جيڪي هاءِ ڪورٽن جا جج هوندا.

پاڪستان ۾ قومي اسيمبليءَ توڙي صوبائي اسيمبلين جا تڪ (Constituncces) 2001ع ۾ جوڙيا ويا هئا. انهن تي ڪابه ملڪي سياسي پارٽي مطمئن نه آهي. هڪ عام راءِ اها به آهي ته 2001ع جون عام چونڊون انجنيئرڊ هيون، ان ڪري حلقه بنديون اهڙيون جوڙيون ويون، ته جيئن من پسند نتيجا حاصل ڪري سگهجن. پ پ ۽ نواز ليگ جي اميدوارن کي هارائڻ لاءِ ڊانڊلين جون شڪايتون به ٻڌڻ ۾ آيون.

غيرجانبدار ملڪي توڙي غير ملڪي مبصرن جي اڪثريت 2001ع جي عام چونڊن کي ”مشڪوڪ“ قرار ڏنو هو. ووٽر لسٽن ۾ اهڙيون ته غلطيون موجود آهن، جو انهن کي درست ڪرڻ لاءِ ڪافي وقت لڳي سگهي ٿو. ڪجهه اميدوارن بابت ته شڪ ظاهر ڪيا پيا وڃن، ته پنهنجي تڪن اندر انهن ڏهه هزارن کان پنجاهه هزارن تائين ڪوڙا ووٽ درج ڪرايا آهن. نه صرف ڪوڙا ووٽ درج ڪرايا ويا آهن، پر شناختي ڪارڊ به ڪوڙا ٺهرايا ويا آهن، جنهنڪري اهڙا اميدوار ڪنهن به اليڪشن ۾ هارائي نٿا سگهن. صاف ۽ شفاف چونڊن ڪرائڻ لاءِ مرڪز توڙي صوبن ۾ غيرجانبدار نگران حڪومتن جو قيام ضروري هوندو آهي. 1973ع واري آئين ۾ 17 هين ترميم کان پوءِ آئيني طور اهو لازم ٿي ويو آهي ته آئنده چونڊون غير جانبدار نگران حڪومتن جي نگرانيءَ ۾ ڪرايون وڃن. آئين ۾ هن ترميم کان پوءِ اها به پابندي لڳي چڪي آهي ته نگران حڪومتن ۾ شامل ماڻهو عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جا اهل نه هوندا. جڏهن ته چونڊن لاءِ نگران حڪومتون ٽن مهينن لاءِ جوڙيون وينديون. موجوده مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون ختم ڪيون وينديون ۽ اسيمبليون ٽوڙيون وينديون. ملڪ جي سياسي پارٽين جا به وڏا اتحاد. يعني اي آر ڊي ۽ متحده مجلس عمل اهو چوندا رهيا آهن، ته جنرل پرويز مشرف جي موجودگيءَ ۾ منصفانه ۽ غيرجانبدارانه عام چونڊون ممڪن ناهن، انهيءَ لاءِ جنرل صاحب کي چيف آف آرمي اسٽاف سان گڏو گڏ صدارت جو عهدو پڻ ڇڏڻو پوندو. اپوزيشن جنرل پرويز مشرف جي استعيفيٰ جي گهر ان ڪري ڪري رهي آهي، ته جيئن ڪا ”سياسي بارگننگ“ ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه سمجهه

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۾ اچڻ جهڙي آهي ته جنرل پرويز مشرف جو اقتدار تان هٽڻ سولو نه آهي. ڇاڪاڻ ته آمريڪي صدر جارج بش چئي چڪو آهي ته آمريڪي مقصدن جي حاصلات تائين جنرل پرويز مشرف ئي پاڪستان جو سربراهه هوندو. ۽ اها ڳالهه چٽي آهي ته پاڪستان ۾ آمريڪي مفاد جلد ختم ٿيڻا نه آهن. ان بعد اسان وٽ هڪ سياسي روايت اها به آهي ته اسلام آباد پهچڻ لاءِ واشنگٽن جي رستي کان ڦرڻو پوي ٿو.

اسان وٽ جڏهن به پاڪستان ۾ عام چونڊون ٿينديون آهن ته ڌانڌلين جي شڪايت ڪندڙ اميدوار اليڪشن ٽربيونل ۾ پٽيشن داخل ڪندا آهن، پر اليڪشن ٽربيونل فيصلي ڏيڻ ۾ ايتري ته تاخير ڪندا آهن، جو پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلين جو پنج ساله مدو ئي ختم ٿي ويندو آهي. انڪري ضروري آهي ته اليڪشن ۾ ڌانڌلين کي روڪڻ لاءِ اعليٰ عدليه جي ججن تي مشتمل گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه اهڙا اليڪشن ٽربيونل جوڙيا وڃن، جيڪي پنهنجا فيصلا ٽن مهينن اندر ٻڌائڻ لاءِ پابند هجن. مٿين قدمن کڻڻ کانپوءِ ئي ملڪ ۾ آزاد، غيرجانبدار، صاف ۽ شفاف چونڊون ممڪن ٿي سگهن ٿيون، پر پاڪستان ۾ جيڪو موجوده قومي ۽ جمهوري بحران آهي، اهو عام چونڊن جي نتيجي ۾ حل ٿي سگهندو يا نه؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن تي هر ذي شعور شخص پريشان آهي. بلوچستان ۾ هلندڙ فوجي آپريشن، وزيرستان ۾ گهرو ويڙهه، سنڌ جي اصلوڪن رهواسين سان زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ٿيندڙ ناانصافيون عام چونڊن کان پوءِ به ختم ٿي سگهنديون يا نه؟ ان لاءِ ڪي مضبوط ۽ نوس سياسي قدم کڻڻا پوندا.

سياسي مفڪرن جي راءِ ۾ ڪنهن به رياست جو قيام هڪ ”سوشل ڪانٽريڪٽ“ ڪرڻ کانپوءِ ئي ممڪن آهي. اها ڳالهه ورجائڻ جي ضرورت نه آهي، ته پاڪستان هڪ وفاق آهي ۽ اهو به هڪ سوشل ڪانٽريڪٽ جي نتيجي ۾ ئي وجود ۾ آيو آهي. پاڪستان جي رياست جي قيام جو پهريون سوشل ڪانٽريڪٽ 24 مارچ 1940ع تي لاهور ۾ ٿيو هو، جنهن ۾ نئين رياست ۾ شامل ٿيندڙ ايڪائين کي يقين ڏياريو ويو هو ته رياست جي قيام کانپوءِ اهي آزاد ۽ خودمختيار هونديون ۽ انهن جا قومي، اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حق محفوظ هوندا، پر قيام کان پوءِ ان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سوشل ڪانٽريڪٽ تي عمل نہ ڪيو ويو. ننڍا صوبا قومي ۽ سياسي استحصال جون دانهون ڪندا رهيا. جنهن جي نتيجي ۾ 1971ع وارو سانحو پيش آيو ۽ اڪثريتي صوبو مشرقي پاڪستان، بنگلاديش جي روپ ۾ الڳ ملڪ بڻجي ويو.

هاڻ سمورا سياسي ۽ جمهوري سوچ رکندڙ ماڻهو ان تي اتفاق ڪندي نظر اچن ٿا، تہ جيڪڏهن وفاق کي قائم رکڻو آهي، تہ ان لاءِ سڀ کان پهرين نئين آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون ڪرائڻيون پونديون ۽ ملڪ لاءِ هڪ نئون آئين سڀني قومن جي رضامنديءَ سان جوڙڻو پوندو. ان آئين ۾ اهو شرط بہ لازمي طور شامل ڪرڻو پوندو تہ ننڍين صوبن کي هر قسم جي سياسي ۽ قانوني آزاديءَ جو حق حاصل هئڻ گهرجي. اها ڳالهہ لڪل نہ آهي تہ پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ناهي ڏنو ويو ۽ ان ۾ ملڪ جي طاقتور ادارن توڙي اصل واڳ ڌڻين جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. اهڙن ادارن ۾ شامل اڪثريت جو تعلق وڏي صوبي سان آهي، جنهن ڪري گهڻا تڻا فيصلا بہ ان جي ئي مفادن کي آڏو رکي ڪيا وڃن ٿا. اهڙن قومي ادارن جي جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻي، ننڍن صوبن کي برابريءَ جو حصو ڏيڻو پوندو. پاڪستان جي تاريخ ۾ صرف جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ طاقتور ادارن سان لاڳاپيل ماڻهن کي ئي فائدو پئي پهتو آهي. عام ماڻهو اڄ بہ صاف پاڻيءَ جي گلاس لاءِ پريشان آهي. ملڪ ۾ موجود استحصالي "سياسي سسٽم" ڪري، عام ماڻهو روز مري ۽ روز جيئي ٿو. بي پهچ ماڻهو بک، موتمار مهانگائي، بيروزگاري، بدحالي، مفلسي ۽ ناداريءَ جي چڪيءَ ۾ پيڙجي رهيو آهي. کيس هڪ ويلي جي ماني بہ نصيب نہ آهي. سنڌ ۾ تہ اهو حال آهي تہ هر مهيني هڪ سئو کان وڌيڪ ماڻهو خودڪشيون ڪن ٿا. ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر جارج وال تازو جيڪا تصوير چٽي آهي، ان ۾ صاف چيو ويو آهي تہ اڄ جي سنڌ کان 1947ع واري سنڌ وڌيڪ سکي ۽ خوشحال هئي. سنڌ جي اڪثريتي آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذاري رهي آهي. ٻهراڙيون مڪمل طور تباهہ ٿي چڪيون آهن. اهڙي ئي صورتحال بلوچستان، سرحد ۽ سرائيڪي بيلٽ ۾ رهندڙ عوام جي آهي، ان ڪري ملڪ ۾ حقيقي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جمهوريت جي قيام لاءِ استحصال ۽ جبر کان پاڪ نئين سياسي نظام جو قيام ناگزير آهي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون يعني”اٽو لٽو ۽ اجهو“ حاصل هجي. ڪو به انسان بُئي انسان اڳيان هٿ نه ٽنگي. ان ڪانپوءِ ئي وفاق مستحڪم ۽ مضبوط ٿي سگهي ٿو. طاقت جي زور تي ڪوبہ نظام قائم رکڻ هاڻ پراڻو فارمولو بڻجي چڪو آهي. تيزيءَ سان وڌندڙ قومي شعور کي ”طاقت ۽ جبر“ ذريعي روڪڻ ناممڪن آهي. هاڻ حڪمرانيءَ لاءِ ماڻهن جون دليون کٽڻ ضروري آهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

استادن ۽ ملازمن جي مطالبن تي ڊائلاگ ڇو نہ ٿئي؟

سنڌ ايمپلائيز الائنس سنڌ جي تعليمي ادارن، تعليمي بورڊن ۽ يونيورسٽين جي استادن ۽ ملازمن جو گڏيل اتحاد آهي، جنهن جي ميمبرن جو ڪاٿو 3 لک کن فردن تي مشتمل آهي. هن اتحاد جو جنم سنڌ سرڪار پاران استادن ۽ ملازمن جي تنظيمن تي پابنديءَ واري اعلان ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٿيو آهي. ملڪ ۾ هڪ طرف آئيني بالادستي، قانون جي حڪمراني، جمهوري ادارن کي مستحڪم ڪرڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، تہ ٻئي طرف استادن ۽ ملازمن جي جمهوري تنظيمن تي پابندي وجهڻ جا اعلان پڻ ٻڌجي رهيا آهن.

1973ع واري آئين جي آرٽيڪل 17، بعنوان ”Freedom of Associaton“ ۾ اها ڳالهہ چٽيءَ طرح لکيل آهي تہ ”ملڪ جي هر شهريءَ کي پنهنجي ايسوسيئيشن جوڙڻ جو حق حاصل هوندو، پر ان لاءِ اهو شرط عائد آهي تہ اها ايسوسيئيشن ملڪ جي سلامتي ۽ يڪجهتيءَ خلاف نہ هجي.“ هاڻ جيڪڏهن استادن ۽ ملازمن جي تنظيمن جو ناقدانہ جائزو وٺنداسين تہ استادن يا ملازمن جي ڪا بہ تنظيم ملڪ ٽوڙڻ نٿي چاهي. اها صرف پنهنجي ميمبرن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري ٿي. عالمي انساني حقن جي چارٽر ۾ پڻ اها ڳالهہ عيان آهي تہ هر هڪ انسان کي پنهنجي مزاج مطابق ايسوسيئيشن جوڙڻ جو حق آهي. پاڪستان جيئن تہ گڏيل قومن جو ميمبر آهي، ان ناتي سان اهو ان ڳالهہ جو بہ پابند آهي تہ پنهنجن شهرين کي عالمي انساني حقن جي منشور مطابق سڀ حق فراهم ڪري.

سنڌ سرڪار پاران استاد تنظيمن تي پابنديءَ جو جيڪو ٻيو جواز ڏنو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پيو وڃي، سو ٻين صوبن ۾ استادن جي تنظيمن جي نہ هجڻ وارو آهي، جڏهن تہ اهڙيءَ ڳالهہ ۾ ذري برابر بہ وزن نہ آهي. پنجاب، سرحد، بلوچستان، آزاد ڪشمير ۽ قبائلي علائقن ۾ اسڪول ۽ ڪاليج سطح تي تنظيمون موجود آهن، جيڪي پنهنجي ميمبرن جي بهتريءَ ۽ حقن لاءِ ڪم ڪن ٿيون، انڪري حڪومت جو اهڙو جواز غير منطقي آهي. سنڌ سرڪار جو اهو موقف بہ درست نہ آهي تہ استاد تنظيمون تعليم جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهن. جيڪڏهن گذريل ٻن سالن جو ايمانداريءَ سان جائزو ورتو وڃي تہ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن، گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن، سنڌ پروفيسرس / ليڪچررس ايسوسيئيشن يا ٻين استاد تنظيمن طرفان ٻن سالن ۾ هڪ ڏينهن بہ درس تدريس جي عمل ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ وڌي ويئي آهي ۽ نہ ئي امتحاني عمل ۾ ڪو رُخنو پيدا ڪيو ويو آهي، پر سنڌ جي نوڪرشاهي استاد تنظيمن کي پنهنجين من مانين آڏو رڪاوٽ سمجهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ استاد تنظيمن ضلعي سطح کان وٺي صوبي جي سطح تائين تعليم کاتي جو انتظام هلائيندڙ ڪامورن جي ڪرپشن ۽ ڪميشن ڪلچر خلاف آواز اٿاريو آهي. جيڪڏهن سنڌ سرڪار هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن ايماندار ۽ باضمير جج کان تحقيقات ڪرائي، تہ پاڻيهي خبر پئجي ويندي تہ تعليم کاتي جا انتظامي آفيسر ڪهڙا ڪلور ڪري رهيا آهن. عالمي بئنڪ ۽ ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ طرفان مليل اربين رپين جا فنڊ ڪهڙي نہ سائنٽفڪ طريقي سان خردبرد ڪيا وڃن ٿا. اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين جي نالي ۾ هر ضلعي جي اي ڊي او تعليم کي هر سال جيڪي هڪ کان ڏيڍ ڪروڙ رپيا ڏنا وڃن ٿا، انهن جو استعمال ڪٿي ۽ ڪيئن ٿئي ٿو؟ انتظامي عهدن تي ڪم ڪندڙ تعليم کاتي جي آفيسرن جي جائداد ۽ ملڪيت جي انڪوائري ڪرائي وڃي تہ اهڙن عهدن تي اچڻ کان اڳ وٽن ڪيتري ملڪيت هئي ۽ هاڻ سندن پوزيشن ڇا آهي؟

سنڌ ايمپلائيز الائنس طرفان سنڌ سرڪار کي مطالبن جو جيڪو منشور پيش ڪيو ويو آهي، ان تي بحث جي کليل دعوت ڏجي ٿي، تہ الائنس جون گهرون جائز آهن يا ناجائز؟ الائنس جي منشور جي پهرئين نُڪتي ۾

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اها ڳالهہ واضح آهي تہ استاد تنظيمن تي ڪنهن بہ قسم جي پابندي قبول نہ ڪئي ويندي. ڇاڪاڻ تہ اسان ان کي پاڪستان جي آئين ۽ عالمي انساني حقن جي چارٽر خلاف سمجهون ٿا. الائنس جي منشور جي ٻئي نُ ڪتي موجب تعليم کاتي ۾ استادن ۽ ملازمن جي اولاد لاءِ طئي ٿيل ڪوٽا سميت فوتي ڪوٽا تي عمل درآمد ڪيو وڃي. پاڪستان ۾ فوج، ريلوي، واپڊا، سوئي گئس ۽ بينڪن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي ٻارن لاءِ جڏهن ڪوٽا مخصوص آهي، تہ پوءِ اهو حق استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڇو نٿو ڏنو وڃي. ماضيءَ ۾ انهي ڪوٽا تي عمل درآمد ٿيندو رهيو آهي، پر گذريل ڇهن سالن کان اها ڪوٽا نظر انداز ڪئي پئي وڃي. پتو پيو آهي تہ تعليم کاتي طرفان هن ڏس ۾ موڪليل سمري کي وڏي وزير اهو چئي رد ڪري ڇڏيو آهي تہ سنڌ اندر سموريون نوڪريون ميرٽ جي بنياد تي ڏنيون وينديون. تازو جڏهن سنڌ اندر حڪومت ڪندڙ اتحادي ڌرين جي رڌٽي ۾ رولو پيو. تڏهن خبر پيئي تہ اصل جهيڙو نوڪرين ڏيڻ تان آهي. سنڌ حڪومت اهو تسليم ڪيو آهي تہ 40 سيڪڙو نوڪريون ايم ڪيو ايم کي ڏنيون وينديون ۽ باقي 60 سيڪڙو نوڪريون اتحادي ڌرين کي ڏنيون وينديون. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڪنهن بہ حڪمران کي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي تہ اهو نوڪرين کي اتحادين ۾ ونڊي ورهائي ڇڏي؟ اتي ميرٽ ڪيڏانهن غائب ٿي ويئي؟

1998ع جي آدمشماريءَ مطابق، سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين جي آبادي صرف 23 سيڪڙو آهي. ايم ڪيو ايم کان علاوه ايم ايم اي ۽ پ پ پ ۾ بہ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي شامل آهن. تہ پوءِ صرف ايم ڪيو ايم کي 40 سيڪڙو ڏيڻ جو واعدو ڪيئن پيو ڪيو وڃي؟ جيڪڏهن ان جو جواز اهو ڏنو وڃي ٿو تہ هن فارمولي تي ڄام صادق جي دور ۾ عمل ٿيو هو. تہ اهو بہ نہ وسارڻ کپي تہ ڄام صادق جو دور هڪ اونداهو دور هو. جنهن دوران سنڌ ۽ سنڌين کي پهتل نقصان جو ازالو ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندو. ڄام صادق جي دور حڪومت سنڌين کي 20 سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ سنڌ کي ان جي جائز مالي ۽ پاڻيءَ واري حق کان محروم ڪيو ويو. نوڪريون صرف ميرٽ جي بنياد تي ڏنيون وڃن ۽ ماضيءَ ۾ استادن جي اولاد لاءِ مخصوص ڪوٽا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تي عمل درآمد ڪيو وڃي. الائنس جي منشور ۾ چيل آهي تہ شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ڪم ڪندڙ استادن ۽ ملازمن جي پگهارن ۽ الائونسن ۾ فرق ختم ڪيو وڃي ۽ وڌندڙ موتمار مهانگائي ۽ افراط زر جي حساب سان پگهارن ۽ الائونسن ۾ اضافو ڪيو وڃي. ملڪ جو صدر ۽ وزير اعظم پاڻ بہ اها ڳالهہ تسليم ڪري چڪا آهن تہ مهانگائيءَ ۾ واڌ ٿي آهي. ان لحاظ کان پگهارون ۽ الائونس وڌڻ گهرجن. سنڌ سرڪار کي بہ خاص طور پرائمري استادن جو پگهار سون جي تولي برابر ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن هو روح ۽ جسم جو رشتو برقرار رکي سگهن. ٻهراڙين ۾ ڪم ڪندڙ استادن کي بلوچستان وانگر خصوصي الائونس ڏنا وڃن تہ جيئن اهي ذهني طور مطمئن ٿي، پنهنجو فرض ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ادا ڪري سگهن.

الائنس ۾ شامل تنظيمن کي شڪايت آهي تہ سرڪار يا انتظامي ڪامورا استادن ۽ ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ بدران اسپيشل ريمووَل فرام سروس آرڊيننس 2000ع ذريعي انتقامي ڪارروائيون ڪري رهيا آهن. هن ڪاري قانون جو شڪار سپ کان پهرين بدين جي 8 پرائمري استادن کي بنايو ويو. مٿن اهو الزام هنيو ويو تہ انهن پگهارن جا ڪوڙا چيڪ جاري ڪيا، جي پي فنڊ ۾ گهوٻيون هنيون ۽ اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين جي فنڊن ۾ خردبرد ڪيو. سنڌ سرڪار جي فنانشنل رولز مطابق پگهارون، جي پي فنڊ ايڊوانس ۽ اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين جي فنڊن جي استعمال جو ذميوار صرف اي ڊي او تعليم آهي ۽ ڪنهن بہ مد ۾ ادائگي چيڪ ذريعي ڪئي ويندي آهي ۽ چيڪ جاري ڪرڻ جو مجاز صرف EDO تعليم يا ADO تعليم آهي. پرائمري استادن تي اهڙا الزام هڻي، انهن خلاف بدين جي ٿاڻي تي ايف آءِ آر ڪٽائي وئي ۽ هڪ استاد وليداد گاڏهي جيڪو 9 نياڻين جو پيءُ آهي، تنهن کي 6 مئي کان 24 مئي تائين جيل ۾ بند ڪرايو ويو. تازو سنڌ هاءِ ڪورٽ ان جو ضامن ڪنيو آهي. اسان سنڌ جي چيف جسٽس کي گذارش ڪنداسين تہ پرائمري استادن سان ٿيل زيادتين جو ازخود نوٽيس وٺي ۽ تعليمي ڪامورن پاران اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ خلاف قدم کڻي ۽ اسپيشل رِمووَل آرڊيننس 2000ع جهڙي قانون کي ختم ڪيو وڃي. اسپيشل رِمووَل

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آرڊيننس جو ٻيو شڪار گورنمينٽ گرلز ڪاليج قاسم آباد جي 20 ليڪچرارن کي بڻايو ويو، جن جي معطليءَ جي آرڊر ۾ نہ ڪنهن قانون جو ذڪر آهي ۽ نہ ئي ڪو الزام درج ٿيل آهي. ڇئن مهينن دوارن صرف هڪ ليڪچرر جو چپ چاپ ۾ نہ صرف معطليءَ جو آرڊر واپس ورتو ويو پر ڪيس اسسٽنٽ پروفيسر طور ترقي پڻ ڏني ويئي. تعليم کاتي جي هن ٻٽي معيار جو نوٽيس ڪير وٺندو؟

جنرل پرويز مشرف جي نئين نظام تحت سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2000ع تحت تعليم کاتي کي پڻ ضلعي حڪومتن حوالي ڪيو ويو. ناظمن، نائب ناظمن ۽ ڪائونسلرن جي سياسي مداخلت ڪري اُڀرندڙ تعليمي نظام کي ويتر تباهيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. الائنس جي اها گهر آهي تہ تعليم هڪ اهم شعبو آهي، ان جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ان کي ضلعي حڪومتن جي تحويل مان ڪڍي، صوبائي حڪومت حوالي ڪيو وڃي. پنجاب ۾ تعليمي بورڊن جو انتظام صوبائي حڪومت حوالي آهي، پر سنڌ ۾ تعليمي بورڊن جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي گورنر سنڌ وٽ آهي. هن وقت تعليمي بورڊن جي اهم عهدن تي صرف ڪانٽريڪٽ تي رکيل رٽائر استاد ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ حڪومت طرفان رٽائر ٿيڻ جي ڄمار جي حد 60 سال رکي ويئي آهي، پر تعليمي بورڊ انهي حد ۾ قيد کان آزاد آهن. الائنس جي گهر آهي تہ سنڌ جا تعليمي بورڊ تعليم کاتي حوالي ڪيا وڃن ۽ رٽائرڊ عملدارن کي هٽائي، انهن جي جاءِ تي حاضر سروس استاد رکيا وڃن.

الائنس جي اهم گهر اها بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ايڪٽ 1972ع مطابق سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي نہ ڄاڻندڙ شاگردن لاءِ يارهين ڪلاس ۾ آسان سنڌيءَ جو مضمون لاڳو ڪيو وڃي. وڏي وزير اهو واضح اعلان ڪيو هو تہ سندس موجودگيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي خطرو ناهي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اتحادي ڌر جي دٻاءَ ۾ اچي سنڌ جي تعليم کاتي آسان سنڌي پڙهائڻ جو نوٽيفڪيشن 8 نومبر 2005ع تي واپس وٺي ڇڏيو ۽ متحده سان لاڳاپيل گورنر سنڌ، جيڪو سنڌ جي بورڊن جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي پڻ آهي، تنهن جي هدايتن تي سال 2006ع جي انٽرميڊيٽ جي امتحان جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تائيم ٽيبل مان آسان سنڌيءَ جو مضمون خارج ڪيو ويو. جيڪو 1973ع واري آئين ۽ سنڌي ٻولي ايڪٽ 1972ع جي ابتڙ عمل آهي. سنڌ جي وڏي وزير کي گهرجي ته پنهنجي ڪيل قول اقرار تي عمل ڪرائي ۽ آسان سنڌيءَ جو مضمون سرڪاري توڙي پرائيويٽ تعليمي ادارن ۾ نافذ ڪرائي.

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ به ٻِٽا قانون رائج آهن. جيڪڏهن ڪو استاد انهن خلاف آواز اٿاري ٿو ته ان خلاف انتقامي ڪارروائيون ڪيون وڃن ٿيون. تازو سنڌ زرعي يونيورسٽي جي استادن کي محض ان ڪري شوڪاز نوٽيس ڏنا ويا آهن، ته انهن يونيورسٽين ۾ رائج غلط قانون ۽ وائيس چانسلر تي تنقيد ڪئي. يونيورسٽيون سکيا جو اعليٰ مرڪز آهن. ان ڪري انهن ۾ هڪجهڙيون پاليسيون رائج هجڻ گهرجن. سنڌ جي سمورين يونيورسٽين کي مالي حوالي سان خودمختياري ملڻ گهرجي. استادن ۽ ملازمن جي جائز گهرن کي تسليم ڪري، انهن تي عمل درآمد ڪيو وڃي. سال 2002ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جن به استادن ۽ ملازمن کي موو اوور، سليڪشن گريڊ، ايڊوانس انڪريمينٽون مليون آهن، انهن کي سندن جائز ڊفرنس جي رقم ادا نٿي ڪئي وڃي. فنانس ڊپارٽمينٽ طرفان ڪو نه ڪو بهانو بڻائي، استادن ۽ ملازمن کي سندن جائز حق کان محروم ڪيو ويندو رهيو آهي. ان زيادتيءَ جو به ازالو ٿيڻ گهرجي. الائنس جي مطالبن جي فهرست صدر، وزير اعظم پاڪستان، گورنر سنڌ، وزير اعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، وزير تعليم سنڌ ۽ سيڪريٽري تعليم سنڌ کي موڪلي وئي آهي. اسان جي گذارش آهي ته الائنس جي مطالبن جي مڃتا لاءِ فوري طور مذاڪرات ڪرايا وڃن، ڇاڪاڻ ته الائنس جون گُهرجون جائز آهن. جدوجهد کان اڳ ۽ جدوجهد کان پوءِ مسئلن جي حل لاءِ وري به ”ڊائلاگ“ ٿيڻا آهن. ايتري دير نه ڪئي وڃي استادن ۽ ملازمن جو احتجاج شديد صورت اختيار ڪري وڃي ۽ سنڌ جي تعليمي امن ۾ رُخنو پوي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

عوام دوست بجيٽ جون دعوائون ۽ مهانگائي!

وفاقي وزير مملڪت براءِ امور خزانه عمر ايوب خان سومر جي ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ 07_2006ع لاءِ 14 ڪرب رپين ڪان وڌيڪ وفاقي بجيٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ 373 ارب رپين جو خسارو ظاهر ڪيو ويو آهي. گذريل سال جي بجيٽ 10 ڪرب 98 ارب رپين تي مشتمل هئي. انهيءَ لحاظ کان موجوده بجيٽ ۾ چار ڪرب رپيا وڌايا ويا آهن. بجيٽ ۾ ڏيکاريل 373 ارب روپين جو خسارو نجڪاري جائيداد جي مسواڙن، پراپرٽي، اسٽاڪ مارڪيٽ جي ڪاروبار ۽ بينڪن جي چيڪن تي ڊيوٽي ۾ اضافي مان پورو ڪيو ويندو. دفاع تي گذريل سال جي ڀيٽ ۾27 ارب رپيا وڌيڪ رکيا ويا آهن، يعني هن سال دفاع تي 2 ڪرب 50 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا. تعليم لاءِ 18 ارب روپيا ۽ صحت لاءِ 4 ارب روپيا رکيا ويا آهن. ديامير، ڀاشا ڊيم، ڪالاباغ ڊيم سميت ٻن وڏن ڊيمن لاءِ 110 ارب رپيا مخصوص ڪيا ويا آهن. بجيٽ ۾ ٽيڪس وصول ڪرڻ جو هدف 1841 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. پوڻا چار ڪرب رپين جو خسارو پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت پبلڪ سيڪٽر ۾ قائم ڪيل ادارن جو وڪرو ڪرڻ، جائيداد ۽ پراپرٽي جي خريد و فروخت تي ٽيڪس لڳائڻ، ڪمپيوٽر جي سامان تي 500 رپيا سيلز ٽيڪس ۽ انشورنس تي ايڪسائيز ڊيوٽي 5 سيڪڙو ڪئي ويئي آهي ۽ ٻاهرين سفري ٽڪيٽ تي 15 سيڪڙو ايڪسائيز ڊيوٽي لڳائي ويئي آهي. ڪيبل آپريٽر في ڪنيڪشن 5 2 رپيا ماهوار ادا ڪندا. سگريٽن جي قيمتن تي 7 سيڪڙو ٽيڪس وڌيڪ لڳايو ويو آهي. بينڪن ۾ 5 2 هزار

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

رپين کان وڌيڪ رقم ڪيڊرائڻ تي پڻ وِدهولڊنگ ٽيڪس ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي. ماحوليات جي تحفظ لاءِ 167 ملين روپيا، تعميرات ۽ معاشرتي سهولتن لاءِ 1040 ملين رپيا صحت عامہ ۽ خدمتن لاءِ 4728 ملين رپيا، تفريح ۽ ثقافتي امور لاءِ 2741 ملين رپيا، تعليمي امور خدمت لاءِ 18778 ملين رپيا. سماجي تحفظ لاءِ 728 ملين رپيا، ترقياتي منصوبن لاءِ 435000 ملين رپيا مخصوص ڪيا ويا آهن. سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 15 سيڪڙو مهانگائي الائونس رکيو ويو آهي. ڪارخانن ۽ ٻين ادارن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جو گهٽ ۾ گهٽ پگهار 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. بجيٽ ۾ اهو بہ اعلان ڪيو ويو تہ ڪاڌي پيتي جون شيون خاص طور تي داليون، کنڊ ۽ اٽو يوٽيلٽي اسٽورن تي سستي اگهہ تي عوام کي فراهم ڪيو ويندو. حڪومت اهو بہ واعدو ڪيو تہ مهانگائيءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ذخيرو ڪندڙن ۽ ناجائز منافعي خورن کي گرفت ۾ آڻڻ ۽ انهن کي سزا ڏيڻ لاءِ پرائيس مئجسٽريٽ مقرر ڪيا ويندا.

هاڻ جڏهن اسان موجوده ساليانہ بجيٽ جو جائزو وٺنداسين تہ موجوده بجيٽ مان عام ماڻهو کي ڪو بہ فائدو نہ ملي سگهندو. چاڪاڻ تہ گذريل ٻن سالن جي پيٽ ۾ ڪاڌي پيتي جي شين کنڊ، اٽي، دالين ۽ ٻين شين جي قيمتن ۾ بہ سئو سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. حڪمرانن هميشہ عوام کي انهيءَ خوف ۾ مبتلا رکيو آهي تہ پاڪستان سان ڪا جنگ ٿيڻ واري آهي، ان لاءِ مضبوط دفاع ضروري آهي. دنيا ۾ وڌندڙ گلوبلائيزيشن کان پوءِ دشمنيون گهٽجي رهيون آهن ۽ دوستيون وڌي رهيون آهن. دنيا جي نئين حالتن مطابق، آمريڪا ڀارت کي هن خطي ۾ چڱو مڙس مقرر ڪرڻ چاهي ٿو ۽ آمريڪا جي خواهش تي پاڪ- ڀارت ناتا بهتر ٿي رهيا آهن. 1947 واريون قائم ڪيل سرحدون ۽ نفرتون هاڻ نالي ماتر وڃي رهيون آهن. دفاع تي 27 ارب رپيا وڌائڻ بدران اڳوٽي مخصوص ڪيل رقم ۾ پڻ گهٽتائي ڪرڻ گهرجي ها ۽ اها رقم سماجي شعبن لاءِ مخصوص ڪئي وڃي تہ عوام جي هانءَ تي ڪجهہ ڇنڊو پوي ها. هڪ فلاحي رياست جو اهو بنيادي فرض هوندو آهي تہ اها عوام جون بنيادي گُهرجون پوريون ڪري. حڪومت جو اولين فرض ملڪ ۾ وڌندڙ موتمار مهانگائيءَ کي روڪڻ آهي، جنهن جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪري عالمي سروي مطابق پاڪستان جو 82 سيڪڙو عوام غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي، يعني انهن کي هڪ ويلو ماني به مشڪل سان ملي ٿي. سرڪار جي اها دعويٰ ته حڪومت طرفان قائم ٿيل يوٽيلٽي اسٽورن تي ڪنڊ، داليون، اٽو ۽ ٻيون شيون سستي اگهن تي ملنديون. جيڪڏهن ايمانداري سان جائزو ورتو وڃي ته يوٽيلٽي اسٽور وڏن شهرن ۾ قائم ٿيل آهن ۽ تعلقي هيڊ ڪوارٽرز ۾ اهڙا يوٽيلٽي اسٽور قائم ٿيل ناهن. ملڪ جي آباديءَ جو 75 سيڪڙو اڄ به ٻهراڙين ۾ رهي ٿو. سوال آهي ته حڪومت هنن مسڪين ماڻهن کي سستي اگهه تي شيون ڪٿي ۽ ڪيئن فراهم ڪندي؟ شهرن ۾ جيڪي يوٽيلٽي اسٽور آهن، انهن جو تعداد به گهٽ آهي. ٻه ڪلو ڪنڊ وٺڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هر ماڻهوءَ جا 8 ڪلاڪ ضايع ٿين ٿا، يعني ماڻهو آفيس مان يا ته موڪل وٺي يا ڪو مزدور پنهنجي هڪ ڏينهن جي ڏهاڙي وڃائي يوٽيلٽي اسٽور جي لائين ۾ 8 ڪلاڪ بيهي ٻه ڪلو ڪنڊ حاصل ڪري ۽ ان سان گڏ ٻيون شيون به خريد ڪري. حڪومت سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ صرف 15 سيڪڙو مهانگائي الائونس جو اضافو ڪيو آهي، جڏهن ته مهانگائي 200 سيڪڙو وڌي آهي ۽ شين جي اگهن تي حڪومت جو ڪو هٿ وس نٿو هلي. هر روز ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جو اگهه وڌي ٿو. پگهارن جي اضافي جو شرط وڌندڙ مهانگائي ۽ افراط زر سان مشروط ڪيو وڃي، نه ته سرڪاري ملازم کي مهانگائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ بي ايمانيءَ وارا طريقا اختيار ڪرڻا پوندا. ڪو به انسان پنهنجي ٻچن کي بک وگهي مرڻ واري حالت کي ڪنهن به صورت ۾ پسند نه ڪندو. ان لاءِ هن کي هر قانون جي حد اورانگهڻي پوندي، ان ڪري ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته، ”هر ڏوهه جي جڙ بُک آهي، جيڪڏهن بُک کي ختم ڪيو وڃي ته سماج مان خود بخود ڏوهه ختم ٿي ويندا.“

حڪومت صنعتن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور جو گهٽ ۾ گهٽ پگهار 4000 مهانگائيءَ جي لحاظ کان بلڪل گهٽ آهي. جيڪڏهن ٻن ٻارن، ماءُ ۽ پيءُ تي مشتمل چئن ماڻهن جي ماهانه بجيٽ ٺاهي وڃي ته في ماڻهو کي هڪ ويلي جا مشڪل سان 7 رپيا 40 پئسا ملندا. پاڪستان جو ڪوبه اقتصادي ماهر 4 هزار رپين مان چئن ڀاتين تي مشتمل هڪ خاندان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي بجيٽ ناهي ڏيکاري. زندگيءَ جون حقيقتون ڏاڍيون تلخ آهن. پيٽ وڏو پاپي آهي، هن پيٽ کي ڀرڻ لاءِ انسان کي ڇا نٿو ڪرڻو پوي. ڪاش! اسانجي ملڪ جا اقتصادي ماهر انگن، اکرن تي وڃڻ بدران زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کي ڏسي پوءِ بجيٽ ناهين. پاڪستان ۾ ڏينهون ڏينهن بيروزگاري وڌي رهي آهي، لکين نوجوان هٿن ۾ ڊگريون کڻي رلندا وتن ٿا. حڪومت هن بجيٽ ۾ بيروزگار نوجوانن کي بيروزگاري الائونس ڏيڻ لاءِ ڪو به اعلان نہ ڪيو آهي، جڏهن تہ هر مهذب رياست ۾ بيروزگارن لاءِ مثبت قدم کنيا ويجن ٿا. 1977ع کان اڳ رٽائرڊ ٿيندڙ ملازمن جي پينشن جي واڌاري وارو مسئلو سمجهہ ۾ نٿو اچي. جيڪي سرڪاري ملازم 1977ع کان اڳ رٽائر ٿيا هوندا، انهن جي عمر لازمي طور 90 سال هوندي. مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهڙن سرڪاري ملازمن جو تعداد ڪيترو هوندو؟ پر جيڪڏهن اهو فيصلو فوج مان ريٽائرڊ ٿيندڙ ڪميشنڊ ۽ نان ڪميشنڊ آفيسرن لاءِ ڪيو ويو آهي تہ پوءِ ان جي ڪليل وضاحت ڪئي وڃي. حڪومت کي صرف ۽ صرف مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ کاڌي پيتي جي شين، يعني اٽي، دالين، کنڊ، چانهہ، گيهہ، مصالحن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو ڪمي ڪرڻ کپي ها. پيٽرول، ڊيزل، گئس ۽ بجليءَ جي اگهن ۾ بہ 50 سيڪڙو ڪمي ڪري ها تہ پوءِ اسان هن بجيٽ کي ”ويلفيئر بجيٽ“ سڏيون ها. هن بجيٽ اچڻ کان پوءِ مهانگائي گهٽ ٿيڻ بدران وڌندي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ”مالياتي مئنيجرن“ کي عوام جي مفادن بدران ورلڊ بينڪ ۽ آءِ ايم ايف جو مفاد پيارو آهي. اسان جي اڪثريتي مالياتي مئنيجرن جو تعلق هن ڌرتيءَ بدران ٻاهرين ملڪن سان آهي. اهي هن ملڪ جي ”مارڪيٽ اڪانامي“ کي يورپ، خاص طور تي آمريڪا ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي تابع ڪرڻ گهرن ٿا. پر شايد اهي اها ڳالهہ وساري ويٺا آهن تہ دنيا ۾ خاص طور تي لاطيني آمريڪا، نيپال ۽ ٻين ملڪن مان هڪ ”گلابي لهر“ وري اٿي آهي، جنهن ۾ هر استحصالي نظام تباهہ و برباد ٿي ويندو، ڪا بہ دنيا جي طاقت ان کي روڪي نہ سگهندي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ، تعليم ۽ تعليمي ادارا

ڪنهن بہ قوم جي ذهني اوسر ۽ قومي ترقيءَ ۾ تعليم جو ڪردار اهم هوندو آهي. تعليمي ادارا قومن جي اسرڻ ۽ نسرڻ ۾ بنيادي اهميت رکن ٿا. تعليمي ادارن ۾ روشني جنم وٺي ٿي، تعليمي ادارا ڪنهن بہ قوم جو قومي مورچو هوندا آهن. تعليمي ادارن ۾ انقلاب پلجن ٿا. دنيا جي تواريخ جو اڀياس ڪبو تہ اسان کي اهو معلوم ٿيندو تہ هر قوم ۾ ڪو نہ ڪو مقدس تعليمي ادارو ضرور ملندو، جيڪو قومي آزادي ۽ انقلاب لاءِ روشني جو مينار ثابت ٿيو آهي. جيڪڏهن ”آمريڪن يونيورسٽي بيروت“ نہ هجي تہ عربن ۾ ڪڏهن بہ قومپرستي جي لهر نہ اڀري ها، بنگلاديش ۾ ڍاڪا يونيوسٽي نہ هجي ها تہ بنگالي پنهنجي ماءُ ٻولي تي نہ پهچن ها، تهران يونيورسٽي نہ هجي ها، تہ شايد ايران مان شهنشاهيت جو خاتمو نہ اچي ها ۽ جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي نہ هجي ها تہ سنڌين جي جان ون يونٽ مان نہ ڇٽي ها ۽ سنڌ ۾ قومپرستيءَ جو جذبو پيدا نہ ٿئي ها.

سنڌ ۾ ڪيتريون ئي يونيورسٽيون آهن، ڪاليج آهن، هاءِ اسڪول ۽ پرائمري اسڪول آهن، پر جيڪڏهن اسان ايمانداري ۽ غير جانبدارانہ نموني انهن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺنداسين تہ خبر پوندي تہ سنڌ جا سڀ تعليمي ادارا اهو ڪردار ادا نہ ڪري رهيا آهن، جيڪو ڪنهن بہ قوم کي مهذب ۽ ترقي يافتہ بنائڻ لاءِ ضروري هوندو آهي. شاگردن جي گروهہ بندي ۽ اناپرستيءَ جي ڪري يونيورسٽيون مقتل گاهہ بنيل آهن، يونيورسٽين ۾ هر ٻئي ٽئي ڏينهن شاگردن طرفان ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تان ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي ٿو. جيڪي شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، انهن کي زبردستي تعليم حاصل ڪرڻ کان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

روڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي يونيورسٽين جي اها صورتحال سنڌ جو تعليمي ماحول تباهہ ڪري ڇڏيندي، ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ مائٽ پنهنجا ٻار يونيورسٽين ۾ موڪلڻ بند ڪري ڇڏيندا. سرندي ورا تہ پرائيويٽ يونيورسٽين ۾ وڃي تعليم حاصل ڪندا، پر مڊل ڪلاس، لوئر مڊل ڪلاس ۽ محنت ڪش طبقي جي ٻارن تي تعليم جا دروازا هميشہ بند ٿي ويندا. سنڌ جي سڀني سياسي پارٽين ۽ خاص طور تي حڪومت سنڌ کي هن اهم مسئلي تي توجهہ ڏيئي سنڌ جي يونيورسٽين مان بدامني کي تڙڻ لاءِ پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

سنڌ جي پبلڪ سيڪٽر ۾ قائم ٿيل ڪاليجن جي حالت بہ ڪا قابل رشڪ ناهي. ماضيءَ ۾ جيڪي عوام دشمن ۽ آمريت جي ڪُک مان پيدا ٿيل حڪومتون هيون، انهن تہ ڄاڻي واڻي سنڌ جي ڪاليجن کي نظرانداز ڪيو، ان جي نتيجي ۾ ڀهراڙي جا بوائز توڙي گرلز ڪاليج مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويا. گذريل ٻن سالن کان سنڌ اندر عوامي حڪومت آهي، پر عوامي حڪومت بہ هنن ڪاليجن جي بهتري لاءِ ڪي مثبت قدم نہ کنيا آهن. اڳوڻو سيڪريٽري تعليم تہ پنهنجي آفيس تائين محدود رهيو. هن ٻن سالن جي عرصي دوران ڪنهن بہ تعليمي اداري جي صورتحال جو جائزو نہ ورتو. هاڻ نئون سيڪريٽري تعليم آيو آهي، گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ بہ ڏينهن ٻهراڙي جي ڪاليجن ۾ وڃي پاڻ ڏسي تہ انهن جون ضرورتون ڪهڙيون آهن؟ هي دور ميرٽ جو دور آهي. يونيورسٽين يا پروفيشنل تعليمي ادارن ۾ جيڪو داخلا جو سسٽم رائج آهي. اهو انٽري ٽيسٽ جي ذريعي آهي. جيڪڏهن ٻارن وٽ سائنس جا استاد نہ هوندا تہ صحيح معنيٰ ۾ ڪيئن تعليم حاصل ڪري سگهندا؟ انٽري ٽيسٽ جو امتحان ڪيئن پاس ڪري سگهندا!؟ ساڳي صورتحال هاير سيڪنڊري اسڪولن، هاءِ اسڪولن ۽ پرائمري اسڪولن جي آهي. ٻہ سال گذري ويا، پر هنن تعليمي ادارن جي صورتحال بہ نہ سُڌري آهي. جڏهن اسان پنجاب جي تعليمي صورتحال جو جائزو وٺنداسين تہ اتي ٻن سالن ۾ تعليمي ادارن جي صورتحال ۾ بهتري آئي آهي. سنڌ جي تعليم کاتي جي ڪرتا ڌرتائن کي بہ سنڌ جي تعليمي ادارن جي مالڪي ڪرڻ کپي. اڄڪلهہ صورتحال اها آهي تہ هر هنڌ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پرائيوٽ تعليمي ادارا برساتي ڪنڀين جيان گهر گهر، گهٽي گهٽي ڪُلي رهيا آهن، جتي تعليم مهانگي آهي. غريب طبقي جا ماڻهو جيڪي ٽن وقتن جي مانيءَ لاءِ ڏينهن رات جاکوڙ ڪن ٿا، اهي پرائيوٽ تعليمي ادارن ۾ پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيڻ جو سوچي به نٿا سگهن. ڪراچي ۾ به سنڌ جي ٻهراڙين جي ٻارن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دروازا بند آهن. گلگت بلتستان، ڪشمير، فاٽا جي ٻارن لاءِ ته سيٽون مخصوص آهن، پر سنڌ جي ٻهراڙيءَ جو ٻار ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن ۾ تعليم جو سوچي به نٿو سگهي!

ڪاليج سطح تي پبلڪ سيڪٽر ۾ ڪاليجن منجهه جيڪا تعليم ڏني وڃي ٿي، انهن ۾ پري ميڊيڪل، پري انجنيئرنگ، ڪامرس ۽ آرٽس جون فيڪلٽيون شامل آهن. جيئن ته دنيا جديد علوم جي ميدان ۾ ترقي ڪري رهي آهي ته سنڌ سرڪار جو اهو به قومي فرض بنجي ٿو ته جيڪي فيڪلٽيون آهن، انهن جي حالت بهتر بنائي وڃي ۽ ڪاليجن ۾ جديد علوم جا شعبا پڻ کوليا وڃن ته سنڌ جا ٻار دنيا سان ميرٽ جي ميدان ۾ مقابلو ڪري سگهن. هن وقت سنڌ صوبي ۾ هوم اڪنامڪس جي شعبي ۾ هڪ پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج آهي، جيڪو صرف ڪراچي ۾ آهي، جيئن ته هوم اڪنامڪس جو شعبو جديد علوم جو هڪ حصو آهي. صوبي جي مختلف ڪاليجن ۾ گريجوئيٽ سطح جي تعليم نياڻين کي ڏني وڃي ٿي، پوسٽ گريجوئيٽ هوم اڪنامڪس ڪاليج ڪراچي ۾ هئڻ ڪري، سنڌ جون نياڻيون ڪراچي ۾ ويندي گهٻرائين ٿيون. ڇاڪاڻ ته ڪراچي بارود جو ڍير هئڻ ڪري بدامني جي آماجگاهه بنيل آهي. 1988ع ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي پهرئين دور حڪومت ۾ ڪراچي کان ٻاهر هوم اڪنامڪس جي شعبي ۾ هڪ پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج قاسم آباد ۾ منظور ٿيو ته جيئن ٻهراڙي جون نياڻيون پوسٽ گريجوئيٽ جي تعليم حاصل ڪري، زندگي ۾ باعزت مقام ماڻي سگهن. بلڊنگ تيار ٿي ويئي، پر 1990ع ۾ لساني فسادن جي ڪري ان بلڊنگ ۾ ڪاليج نه کلي سگهيو. ارباب دور ۾ ان وقت جي وزير تعليم جي هدايت تي هن بلڊنگ ۾ پوليس اسٽيشن قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو پر قاسم آباد جي باشعور ماڻهن جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

احتجاج سبب پوليس ٿاڻو نہ ڪلي سگهيو بعد ۾ سياسي رشوت عيوض هي بلڊنگ هڪ پرائيوٽ اسڪول کي ڏني ويئي. تازو ٻيهر هن بلڊنگ جي هڪ حصي تي قبضو ڪري ٿاڻو کولڻ جو فيصلو ڪيو ويو جيڪو قاسم آباد جي رهواسين جي احتجاج ڪري ختم ڪيو ويو. هي تعليمي ادارو سنڌ حڪومت جي ملڪيت آهي، عوام جي پگهر ۽ پورهئي تي لڳايل ٽيڪس جي آمدني مان جڙيو آهي. جيڪڏهن هن بلڊنگ ۾ نياڻين لاءِ هڪ نئون گرلز ڪاليج کوليو وڃي ۽ ان ۾ جيڪي فيڪلٽيون قائم ڪرڻ گهرجن، انهن ۾ ايم اي هوم اڪنامڪس، ايم ڪام، ايم سي ايس انفارميشن ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر سائنس، پبلڪ ايڊمنسٽريشن، بي بي اي ۽ ايم بي اي شامل هئڻ گهرجن تہ سنڌ جي هزارين نياڻين کي تعليم جهڙي اهم زيور سان آراستہ ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هي بلڊنگ سنڌ سرڪار پنهنجي قبضي ۾ وٺي، نياڻين لاءِ گرلز ڪاليج نہ کوليو تہ اها سنڌ جي عوام سان ناانصافي ٿيندي. منهنجي راءِ موجب جيڪڏهن هن گرلز ڪاليج جو نالو شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي ۽ هن ڪاليج جي بلڊنگ اندر ٻهراڙي جي نياڻين لاءِ هاسٽل پڻ تعمير ڪئي وڃي تہ جيئن سڄي سنڌ جون نياڻيون جديد علوم جو فيض حاصل ڪري سگهن. قاسم آباد ۾ رهندڙ قومي اسيمبلي، سينيٽ توڙي صوبائي اسيمبليءَ جي پنجاهہ کان وڌيڪ چونڊيل عوامي نمائندن جو اهو اخلاقي ۽ قومي فرض بڻجي ٿو تہ هن تعليمي اداري کي فنڪشنل بنائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. جڏهن تہ هن اداري جي کولڻ لاءِ فزيبلٽي رپورٽ سنڌ جي تعليم کاتي وٽ اڳ ۾ ئي موجود آهي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ، گڊ گورننس ۽ پ پ پ

محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت جي پويان ڪهڙا هٿ آهن؟ انهيءَ متعلق في الحال ڪجهه چئي نٿو سگهجي؟ اقوام متحده محترمه جي شهادت جي تحقيقات ڪري رهي آهي. محترمه جي شهادت جي خبر مون مڪه معظمه ۾ ڪعبته الله شريف ۾ ٻڌي. ان وقت اسان مغرب جي نماز ادا ڪري رهيا هئاسين. ڪنهن کي به يقين نه پئي آيو ته واقعي محترمه بينظير سان ائين ٿي سگهي ٿو!؟ ٻئي ڏينهن هڪ انگريزي اخبار ”عرب ٽائيمز“ ۾ محترمه جي شهادت جي خبر ڇپيل هئي. ان اخبار ۾ القاعده جي سعودي عرب جي ترجمان جو بيان پڻ هو. جنهن ۾ هن اهو موقف پيش ڪيو هو ته، محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ۾ سنڌن ڪو هٿ ناهي، اصلي قاتل ٻيا آهن، انڪري پاڪستان حڪومت انهن جا پيرا کڻي.

سنڌ جو عوام 1970ع هر ڀيري ”شهيدن جي پارٽي“ يعني پ پ پ کي ووٽ ڏيندو هو. گڏريل اليڪشن ۾ سنڌ جي عوام پاڻ ملهايو. قومي توڙي سنڌ اسيمبلي ۾ پ پ پ اڪثريت حاصل ڪئي. محترمه بينظير ڀٽو شهادت کان اڳ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ جيڪو منشور پيش ڪيو هو. اهو ساڳيو منشور هو جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1970ع جي اليڪشن ۾ پيش ڪيو هو ۽ 1973ع جي آئين ۾ 17 ترميم کي ختم ڪرڻ ۽ آزاد عدليه جي بحالي لاءِ هن لنڊن ۾ نواز شريف سان ”ميثاق جمهوريت“ جو معاهدو پڻ ڪيو هو. مرڪز ۾ پ پ پ ٻين سان گڏجي مخلوط حڪومت جوڙي. سنڌ- بلوچستان ۾ پڻ مخلوط حڪومت جڙي. سرحد ۾ اسفند يار

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ولي وارن حڪومت ٺاهي ۽ پنجاب ۾ نواز ليگ ۽ پ پ پ گڏجي حڪومت جوڙي. سنڌ ۾ سيد قائم علي شاهه کي سنڌ جو وڏو وزير بڻايو ويو ۽ ڪيس تمام گهٽا وزير، مشير ۽ اسپيشل اسسٽنٽ ڏنا ويا. محترمه بينظير ڀٽو به پنهنجي پهرين دور حڪومت ۾ سيد قائم علي شاهه کي وڏو وزير بڻايو هو پر "احسن ڪارڪردگي" ڪانپوءِ 15 مهينن بعد آفتاب شعبان ميراڻي سنڌ جو وڏو وزير بڻايو ويو. هاڻي به سوا سال جي سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي کي ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ نه گڊ گورننس آهي، نه قانون جي بالادستي آهي. چورين، اغوا، ڌاڙا، وڏن شهرن ۾ بيگناهه انسانن جو قتل عام روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي. 1991ع واري پاڻي ٺاهه تي عمل نه پيو ٿئي. ناڻي ورڇ ۾ به سنڌ سان ناانصافي ٿي رهي آهي. تازو پ پ پ جي مرڪزي ڪميٽي جي هڪ گڏجاڻي آصف علي زرداري جي زير صدارت ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌ ڪابينا جي وزيرن ۽ انهن جي کاتن ۾ ڦير ڦار جي لاءِ اشارو ڏنو ويو آهي. سنڌ جي ڪنهن به کاتي جي ڪارڪردگي کي جيڪڏهن عوام جي نگاهن کان پرکيو وڃي ته هر کاتي ۾ لٽ مار جاري آهي. نوڪريون وڪڻڻ جا الزام لڳي رهيا آهن. هر ڪو وزير، مشير پنهنجا نوازڻ ۾ پورو آهي، غريب ۽ بي پهچ ماڻهو اڃ به پريشان آهن. سنڌ ۾ پ پ پ جا اتحادي هر وقت پ پ پ کي "بليڪ ميل" ڪرڻ لاءِ حڪومت کان ڌار ٿيڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا. ملڪي منتظمين پرڏيهه پڌاريل رهنما کي ايلاز ڪن ٿا ۽ هڪ الٽيميٽم ختم ٿئي ٿو ته وري ٻيو شروع ٿئي ٿو. پنجاب، سرحد، بلوچستان ۾ "ڪمشنريٽ نظام" بحال ٿي چڪو آهي، پر سنڌ ۾ اتحادين جي ڌمڪين جي ڪري اڃان روشني جو ڪو به ڪرڻو نظر نٿو اچي. سنڌ بجيٽ ۾ وزير مشيرن لاءِ نيون لگزري گاڏيون خريد ڪرڻ لاءِ ڪروڙين رپيا رکيا ويا آهن، وزيرن ۽ مشيرن جي فرنيچرن خريد ڪرڻ لاءِ پڻ ڪروڙين رپيا رکيا ويا آهن، جنهن ۾ هڪ ميز 80 هزار رپيين ۾ ايندي ۽ ڪرسي 40 هزار رپيين ۾ ايندي. اهي خرچ رهيا ته حڪومتي خرچن تي ڪيئن ڪنٽرول ٿي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سگهندو؟ هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته گورننس کي بهتر بنايو وڃي. عام ماڻهو کي رليف ڏنو وڃي. قانون جي ”رٽ“ قائم ڪئي وڃي. چورين، ڌاڙا، اغوا جون وارداتون ختم ڪرايون وڃن. پاڻي جي معاهدي تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي. اين ايف سي ايوارڊ گهڻ رخي بنيادن تي ورتو وڃي. سنڌ ۾ نوڪرين لاءِ وڻندڙ ”کليل دڪان“ بند ڪرايا وڃن. ڇا ڪجي؟ ڪنهن کي دانهن ڏجي؟ ون ڪان ڪنهن پڇيو ته. ”توکي هي ننڍڙو کهاڙو ڪيئن ٿو ڪپي؟“ وڻ جواب ۾ وراڻيو ته. ”کهاڙي اندر جيڪو ڳن آهي، اهو مون مان ئي جڙيل آهي.“ سو اسان سنڌين سان به اڄڪلهه اها ئي ويڌن آهي.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعليم جي تباهي جو داستان، موجوده صورتحال ۽ حل

مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ:

“Humanity is divided into two classes Teachers and taught”

”انسان ذات ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي، هڪ استاد ۽ ٻيو شاگرد“

انسان جو سمورو جيون يا تہ علم حاصل ڪرڻ ۾ گذري ٿو يا علم ڏيڻ ۾. هي دنيا جيڪا ”مالڪِ المُلڪ“ تخليق ڪئي آهي، سا هڪ عظيم درسگاهہ آهي، جنهن ۾ هر انسان وک وک تي ڪجهہ سکي ٿو. دنيا ۾ انسان يا تہ سکڻ آيو آهي، يا سکيا ڏيڻ لاءِ.

ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ، استاد اهو ڪاريگر آهي، جيڪو زندگيءَ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪري ٿو جتي ذهن تيار ٿين ٿا ۽ ذهن بہ هزارن ۽ لکن ۾. ڪنهن بہ انقلاب جي آبياري لاءِ لکين ڪروڙين ذهن ڪم ڪن ٿا، اهو انقلاب ڀلي روس جو هجي يا چين جو فرانس جو انقلاب هجي يا “ايران” جو تازو انقلاب.

هڪڙي ڏاهي استاد متعلق تلخي مان چيو آهي تہ:

”Now no body honours Teachers because Teacher do not honour truth and light“.

”اڄڪلهہ سماج ۾ ماڻهو استاد جي عزت ان ڪري نٿا ڪن، ڇاڪاڻ تہ استاد، سچ ۽ روشنيءَ جي عزت نٿو ڪري“

پاڪستان ۾ علم جو زوال ان وقت شروع ٿيو جڏهن استاد ميرٽ بدران سياسي ڪوٽا تي ڀرتي ٿيا. عام طور تي پاڪستان ۾ ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ هي زوال جمهوري حڪومتن ۾ آيو تہ غير جمهوري حڪومتن ۾ پڻ. تعليم جو مقصد سچ ۽ روشني آهي، جيڪا دهر اوندهہ کي ترڙ لاءِ ضروري

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهي. ڪنهن بہ جاهل قوم کي پل توهان ”آزادي“ جهڙي عظيم نعمت وٺي ڏيو پر اها قوم ”آزاديءَ جي حفاظت“ نہ ڪري سگهندي ۽ ”جهالت“ جي ڪري پيهر ”غلامي جهڙي لعنت“ ۽ ذلت جي زنجيرن ۾ جڪڙجي ويندي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت سنڌ ۾ جيڪي عالم عامل هئا، انهن ۾ اڪثريت غير مسلمانن جي هئي، انهن کي ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين ننڍين وڏن شهرن مان نيڪالي ڏني ويئي ۽ انهن جي جاءِ آيل مسلمانن والاري، جن جي ”ٻوليءَ“ ٻي هئي، نتيجي ۾ هڪ وڏو ”خلا“ پيدا ٿيو جيڪو اڃا تائين موجود آهي. اهڙي طرح سنڌ جا شهر اسان کان کسجي ويا، انهن کي اصل سڃاڻپ ختم ڪري، نئين سڃاڻپ ڏني وئي، ان وقت حيدرآباد ۾ علامہ دائود پوٽي هڪ ”سرڪيولر“ جاري ڪيو تہ سنڌ جي اصل باشندن ۽ آيل ڏارين جي وچ ۾ intergeration پيدا ڪرڻ لاءِ درسگاهن ۾ ”سنڌي ٻولي“ کي ڏارين لاءِ لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ قديم رهواسين لاءِ ”اردو“ پر ان تي عمل نہ ٿي سگهيو ۽ علامہ دائود پوٽو طرفان ”يڪجهتي“ لاءِ جاري ڪيل سرڪيولر کي هوا ۾ ڦاڙي ڦٽي ڪيو ويو.

ضياءَ الحق جي دور ۾ انهيءَ نفرت کي وڌيڪ هوا ڏني ويئي ۽ نسل پرستي جي بنياد تي سياسي پارٽين جو بنياد وڌو ويو ۽ ڪيترا ”جڙتو“ اتحاد قائم ڪيا ويا. ضياءَ الحق جي دور ۾ ئي قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کي ”ماسترن“ جي ڪوٽا ڏني ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي ”تعليم“ مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويئي. سنڌ ۾ اڄ بہ 7572 کان وڌيڪ پرائمري اسڪول بند آهن، جڏهن تہ ٽوٽل پرائمري سرڪاري اسڪولن جو تعداد 49028 آهي، باقي 41456 اسڪولن مان 29035 اسڪول بغير ”بجلي“ ۽ 5037 بغير ”فرنيچر“ جي ڪم ڪن پيا. سنڌ جي سرڪاري ۽ پرائيوٽ اسڪولن ۾ نہ نصاب ساڳيو آهي ۽ نہ ئي في. سنڌي ٻوليءَ ايڪٽ 1972ع لازمي هئڻ جي باوجود سنڌ جي 12000 پرائيوٽ اسڪولن ۾ سنڌي زبان نٿي پڙهائي وڃي، جڏهن تہ سنڌي ٻارن کي اردو پڙهائڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. هن وقت سنڌ حڪومت پاران 20 هزار استادن کي سکيا ڏيڻ لاءِ اربين رپيا بجيٽ رکي ويئي آهي. 27 هزار پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن ۾ استادن جي ڀرتيءَ لاءِ هڪ ارب رپيا،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پهرئين ڪان ڏهين ڪلاس تائين مفت ڪتاب ڏيڻ لاءِ 5 ملين رپيا بجٽ ۾ رکيا ويا آهن. جڏهن ته 7572 بند پيل اسڪولن مان 1300 بند پيل اسڪول اين جي اوز پاران کولايا ويندا. هن وقت سنڌ جا 29 هزار اسڪول بجليءَ کان محروم آهن. 25 هزار اسڪول پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ 5 هزار اسڪول فرنيچر کان محروم آهن. سڄي سنڌ جي 247 سرڪاري ڪاليجن ۾ اٽڪل 3 لک شاگرد ۽ شاگرديائڻيون انٽر ميڊيٽ، بي اي ۽ ايم اي/ ايم ايس سي جي تعليم حاصل ڪن پيا. هن وقت خاص طور تي ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ميرپورخاص کي ڇڏي ٻهراڙي جي ڪاليجن ۾ حساب، ڪيميسٽري، فزڪس، بائلاجي، باٽني، انگلش، ڪمپيوٽر ۽ سائنس جي مضمونن ۾ 1130 ليڪچرارن جي کوٽ آهي. گذريل 12 سالن ۾ نوڪرين تي ”پابندي“ هئڻ ڪري سنڌ جي تعليم کي سخت نقصان پهتو آهي. سنڌ ۾ 126 ٽيڪنيڪل ادارا ۽ 73 ووڪيشنل ادارا سنڌ حڪومت جي انتظام هيٺ ڪم ڪن پيا. انهن ۾ به استادن ۽ تعليمي سهولتن جي کوٽ موجود آهي. سنڌ جي تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪجهه تجويزون هيٺين ريت رکجن ٿيون.

1. سيڪريٽري تعليم جي عهدي تي ڪنهن ماهر تعليم کي رکيو وڃي، جهڙي طرح شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 1972ع جي دور ۾ ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ ته هي دور اسپيشلائيزيشن جو دور آهي.
2. تعليم کي سڌارڻ لاءِ تعليم جي ماهرين جي هڪ ڪاميٽي جوڙي وڃي، جيڪا ٽن مهينن اندر سنڌ سرڪار کي سفارشون مرتب ڪري ڏي ته سنڌ جي تباهه ٿيل تعليم کي ڪيئن سڌارجي؟
3. استادن کي تربيت ”فائيو اسٽار“ هوٽلن بدران سرڪار جي قائم ڪيل تربيتي ادارن ۾ ڏني وڃي.
4. پرائمري اسڪولن کي کولائڻ لاءِ صحافين، دانشورن، استادن، تعليمي ماهرن ۽ سرڪاري آفيسرن تي ”ڪاميٽي“ جوڙي وڃي، جيڪا ٽن مهينن اندر سنڌ حڪومت کي صحيح رپورٽ ڏئي ۽ اها ڪميٽي هر ضلعو تعلقو ”وزٽ“ ڪري.
5. سنڌ جا تمام تعليمي ادارا ضلعي حڪومتن کان ڪسي سڌي طرح

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تعليم کاتي حوالي ڪيا وڃن.

6. استادن جون پرتيون صرف ۽ صرف ”ميرٽ“ جي بنياد تي ڪيون وڃن ۽ هر قسم جي ڪوٽا بند ڪئي وڃي.

7. استادن لاءِ ”جزا ۽ سزا“ جو معيار مقرر ڪيو وڃي.

8. تعليمي ادارن جي انتظامي پوسٽن تي صرف اهل استاد، آفيسر مقرر ڪيا وڃن. سياسي سفارشن تي مقرر ڪيل انتظامي آفيسرن کي فوري طور تي هٽايو وڃي.

9. تعليم کاتي ۾ او پي ايس تي ڪم ڪندڙ انتظامي آفيسرن کي سنڌ ڪابينا جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ فوري طور تي هٽايو وڃي.

10. پرائيوٽ اسڪولن جي پيهر ”رجسٽريشن“ ڪئي وڃي ۽ انهن جي في نه وڌائي وڃي ۽ کين سرڪاري نصاب پڙهائڻ جو پابند بڻايو وڃي.

11. ديني مدرسن جي پڻ رجسٽريشن ڪئي وڃي ۽ ٻارن کي ديني تعليم سان گڏ جديد نصاب پڙهايو وڃي ته جيئن انهن کي سماج ۾ ڪارآمد شهري بڻائي سگهجي.

12. تعليم لاءِ مخصوص بجيٽ 30 جون تائين ختم ڪئي وڃي ۽ تعليمي بجيٽ کي ليپس ٿيڻ کان بچايو وڃي.

13.سرڪاري تعليمي ادارن ۾ بجلي، فرنيچر، پاڻيءَ جي کوٽ پوري ڪئي وڃي ۽ ڀوتارن کان زبردستي قبضو ڇڏرايو وڃي، پوءِ ڀلي انهن ڀوتارن جو ڪهڙي به سياسي پارٽي سان تعلق هجي.

14. تعليم کي پهرئين درجي کان ڏهين درجي تائين خاص طور تي نياڻين لاءِ لازمي قرار ڏنو وڃي، ان لاءِ هڪ ”آرڊيننس“ جاري ڪيو وڃي ۽ خلاف ورزي ڪندڙن کي سزا ڏني وڃي.

15. سنڌ جا سڀ تعليمي بورڊ گورنر کان وٺي سنڌ جي تعليم کاتي حوالي ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ رٽائرڊ ڪامورن بدران حاضر سروس استاد رکيا وڃن ۽ آفيسرن جي چونڊ ”سياسي سفارش“ بدران ”ميرٽ“ تي ڪئي وڃي ۽ حيدرآباد بورڊ کي ”نيوٽرل زون“ ۾ آندو وڃي.

16. ڪاليج استادن لاءِ ڪاليج ٽيچرس اڪيڊمي بحال ڪئي وڃي. ليڪچرارن جي ڀرتيءَ ڪانپوءِ کين گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا تربيت ڏني وڃي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سياسي پارٽيون، شاگرد يونين ۽ ضابطہ اخلاق

پاڪستان ۾ هن وقت تائين جمهوريت جو ٻوٽو اسري، نسري نہ سگهيو آهي. ان جو سبب غير جمهوري حڪومتون آهن. ضياءُ الحق جو دور پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو باب آهي، جنهن ۾ سڀ جمهوري ادارا تباهہ ڪيا ويا. صحافين، سياسي ڪارڪنن کي ڦٽڪا هنيا ويا. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ شاگرد يونين تي پاڪستان جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پابندي وڌي وئي. انهن جو استاد تنظيمن تي پڻ پابندي وجهڻ جو ارادو هو پر ڊاڪٽر شڪور دائودپوٽي جي حڪمت عملي سبب آمر جي حڪومت استاد تنظيمن تي پابندي نہ وجهي سگهي. ڊاڪٽر شڪور دائودپوٽو، رياض احسن مرحوم، قادر بخش طالباڻي، عزيز اجڻ ۽ مونکي پنجاب وٺي ويو ۽ اتي "آل پاڪسان ٽيچرس ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي" جو بنياد وڌو، جنهن جو سربراهہ مرحوم مولانا غفاريءَ کي بنايو ويو. لاهور ۾ هڪ ڏينهن سيني شاگردن ۽ استادن تعليمي ادارن جي ٻاهر ڌرڻو هنيو. سڄي لاهور جي ٽريفڪ بند ٿي ويئي. مولانا غفاري، ڊاڪٽر شڪور دائودپوٽو ۽ ٻين رهنمائن کي ضياءُ الحق جي چيف آف اسٽاف جنرل ڪي ايم عارف اسلام آباد گهرايو ۽ اهو يقين ڏياريو تہ استاد تنظيمن تي پابندي نہ وڌي ويندي. سنڌ ۾ تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين تي وڌل پابندي سنڌ کي وڏو نقصان پهچايو. پ پ پ جي حڪومت توڙي نواز شريف جي حڪومت شاگرد يونين تان پابندي ختم ڪئي. جڏهن سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونين هئي تہ ان جا اڳواڻ يوسف ٽالپر، يوسف لغاري، يوسف جکراڻي مرحوم ۽ ٻيا رهنما هئا، پر جڏهن کان شاگرد يونين تي پابندي پئي آهي، اعليٰ تعليمي ادارا تباهہ ٿي ويا آهن. شاگرد يونين نہ هئڻ ڪري سنڌ جي سيني پارٽين تعليمي ادارن ۾ پنهنجون "ونگز" قائم ڪري ڇڏيون. ڪي سوشلسٽ ونگ هئا تہ ڪي ترقي پسند، ڪي "لبرل" هئا تہ ڪي مذهبي، اهڙي طرح سيني

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سياسي پارٽين يونيورسٽين توڙي ڪاليجن ۾ پنهنجي ”پاڪيٽ يونين“ قائم ڪري ڇڏيون. جمهوري ڪلچر بدران اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر پيدا ٿيو تعليمي ادارن مان لاش نڪرڻ لڳا. ڏوهه وڌڻ لڳا. ڀهراڙي مان آيل مسڪينن جا ٻار به انهيءَ ”ڪلچر“ جو شڪار ٿيا. 1992ع ۾ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو جي هاسٽل ۾ ٻن شاگرد تنظيمن جي شاگردن ۾ جهيڙو ٿيو جنهن ۾ ڪجهه شاگرد قتل ٿي ويا ۽ ڪجهه زخمي ٿي پيا ۽ اهڙا واقعا روز روز ٿيڻ لڳا. سنڌي ادبي سنگت جيڪا سنڌي اديبن، دانشورن، قلمڪارن، سرجڻهارن جي تنظيم آهي، انهيءَ روز روز شاگردن جي قتل ٿيڻ ڪري ابرار قاضي جي گهر هڪ ”قومي جرڳو“ گهرايو. ان وقت يوسف لغاري سنڌ ڊيموڪريٽڪ گروپ جو سربراهه هو ۽ ابرار قاضي ان جو جنرل سيڪريٽري. هن ”قومي جرڳي“ ۾ سنڌ جي سيني سياسي پارٽين ۽ ان جي شاگرد ونگز شرڪت ڪئي. متفقه طور تي پروفيسر محمد عمر ميمڻ مرحوم، يوسف لغاري، نور الهديٰ شاهه، مشتاق ميراڻي ۽ مونکي ان ”قومي جرڳا ڪاميٽي“ جو ميمبر بنايو ويو. مشتاق ميراڻي ڪجهه مصروفيتن جي ڪري جلدي هن ”قومي جرڳي“ کان ڌار ٿي ويو. باقي ميمبر ڪم ڪندا رهيا. ٻئي متاثر ڌريون سگهاريون هيون ۽ مهراڻ انجنيئرنگ هاسٽل جي واقعي کانپوءِ ”روپوش“ هيون. روزانه ”قومي جرڳا ڪاميٽي“ جي گڏجاڻي نورالهديٰ شاهه جي گهر ٿيندي هئي، بعد ۾ هن ڪاميٽيءَ ”ٻيلن“ ۾ ۽ ”سنڌو دريا جي ڪچي“ ۾ وڃي متاثرين جا بيان قلمبند ڪيا. تعليمي ادارن جي سربراهن جا بيان پڻ قلمبند ڪيا ويا. هڪ تعليمي اداري جي سربراهه اهو چيو ته، ”جڏهن مون وٽ ڪنهن شاگرد تنظيم جو اڳواڻ يا ڪارڪن هڪ ڪلاشنڪوف کڻي ايندو آهي ته ان کي مان يونيورسٽي جي پسنديده ڊپارٽمينٽ ۾ ”هڪ سيٽ“ ڏيندو آهيان“. هن جي رڪارڊ ٿيل بيان جي Tape اڄا تائين موجود آهي. اسان تعليمي ادارن جي سربراهن توڙي متاثر شاگردن جا بيان Tape ڪيا. جن ۾ ڪيترين ڳالهين جو انڪشاف ٿيو ته سنڌ ۾ ڪار لفٽنگ ڪيئن ٿئي ٿي؟ اغوا جا واقعا ڪيئن ٿين ٿا؟ ۽ ”ڀتو“ ڪيئن وصول ڪيو وڃي ٿو؟ ٽن مهينن جي مٿاڪٽ کانپوءِ يوسف لغاري فيصلو لکرايو ڇاڪاڻ ته هو قانوندان هو. اهو فيصلو تقريبن 300 صفحن تي لکيل آهي، جيڪو مختصر فيصلو صحافين کي ڏنايو ويو اهو صرف 30 صفحن تي مشتمل هو. هن فيصلي ۾ ٻنهي جهڙيندڙ ڌرين تي ڏنڊ وڌو ويو، جيڪو ٻنهي ڌرين خوشدلي سان قبول

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪيو پر هن فيصلي ۾ جيڪا اهم ڳالهه هئي، سا هئي شاگردن لاءِ ضابطه اخلاق. ڪجهه حڪومت ڪي سفارشون پڻ هيون.

سفارشون ۽ ضابطه اخلاق:

- شاگرد يونين تان پابندي هٽائي وڃي
- آئنده ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جي ”ونگ“ سان لاڳاپيل شاگرد تعليمي ادارن ۾ هٿيار کڻي نه ايندا.
- ”تاحيات شاگرد ليڊرن“ کي تعليمي ادارن توڙي هاسٽلن مان نيڪالي ڏني ويندي.
- تعليمي ادارن جي ڪينٽن توڙي هاسٽلن جي ميس ۾ ڪو به شاگرد مفت ماني نه کائيندو.
- تعليمي ادارن ۾ ڪا به تنظيم پنهنجا جهنڊا نه لڳرائيندي ۽ نه ئي ديوارن تي پوسٽر لڳرايا ويندا.
- پوسٽرن جي لڳائڻ لاءِ هر تعليمي اداري ۾ صرف هڪ جاءِ مخصوص هوندي.
- ڪا به تنظيم اعليٰ تعليمي ادارن جون بسون مفت ۾ ڪيڏانهن به زبردستي نه وٺي ويندي ۽ نه ئي تيل ورتو ويندو.
- جنهن به شاگرد وٽان ڪو ”مهلڪ هٿيار“ هاسٽل يا تعليمي اداري مان برآمد ٿيو ته ان شاگرد جي داخلا ”رد“ ڪئي ويندي.
- تعليمي ادارن جي هاسٽلن کي چوديواري ڏياري ويندي، اچڻ ۽ وڃڻ جو ٽائيم هاسٽل جو ”پرووسٽ“ طئي ڪندو.
- تعليمي ادارن مان قانون نافذ ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن کي نيڪالي ڏني ويندي.
- شاگردن جي صحتمند سرگرمين لاءِ مرڪزي لائبريري کي جديد ڪتابن سان سنواريو ويندو ۽ هاسٽل ۾ پڻ لائبريري جوڙي ويندي ۽ ڪمپيوٽر فراهم ڪيا ويندا.
- تعليمي ادارن ۾ سيمسٽر سسٽم نافذ ڪيو ويندو. آڊيو وڊيو سسٽم نافذ ڪيو ويندو.

هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شاگرد يونين تان پابندي هٽائي وڃي ۽ ان بعد اهڙي ئي ضابطه اخلاق تي تعليمي ادارن ۽ درسگاهن ۾ عمل ڪيو وڃي، جيڪو ضابطه اخلاق قومي جرڳا ڪاميٽي جوڙيو هو.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شهيد نذير عباسي انقلابي جدوجهد جو بهادر اڳواڻ

شهيد نذير عباسي هڪ اهڙي راهه جو راهي هو جنهن جي وک وک تي واڳون وات پٽيو بيٺا آهن. هُو هڪ اهڙي منزل جو مسافر هو جنهن جي قدم قدم تي اُپيا تِکا ڪاوا موجود آهن. هو هڪ عظيم انقلابي ڪارڪن هو. جنهن پنهنجي مقصد ۽ نظريي سان ڪمٽمينٽ خاطر پنهنجي ذاتي زندگيءَ جون سڀ خواهشون قربان ڪري ڇڏيون. سنڌ ڌرتيءَ هميشه مانجهي مرد پيدا ڪيا آهن. شهيد نذير عباسي انهن مان هڪ هو. انقلابي تحريڪن ۾ اهڙا سروبچ ساٿي صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هُن جي شهادت کي ڪيترائي سال گذري ويا آهن پر اڄ به ائين محسوس ٿئي ٿو ته هُو زنده آهي. هونئن جيڪي ماڻهو مقصد خاطر جان ڏيندا آهن. اهي مَري اَمر ٿي ويندا آهن. زندگيءَ ۾ مونکي سوين انقلابي ڪارڪن مليا آهن پر مان شهيد نذير عباسي جي شخصيت کي وساري نه سگهيو آهيان.

اڄ نه اوطاقن ۾، دونهين ڌُنڌ نه لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري، چٽ چڪائي چاٽ،
ماريس تنهن ماٺ، جيجان جوڳيئڙن جي.
(شاهه)

هن جي شخصيت گهڻ پاسائين هُئي. مون ذاتي طور تي شهيد نذير عباسي جي شخصيت ۾ جيڪي خاصيتون ڏٺيون، انهن کي سنڌ واسين آڏو پيش ڪرڻ پنهنجو قومي فرض سمجهان ٿو ته جيئن قومي انقلابي جدوجهد جا پانڌيئڙا هُن جي حياتيءَ جي احوال مان ڪجهه پِرائي سگهن. اڪثر قومي تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن ۾ خُودي (اناپرستيءَ) ۽ وڏائي جا جراثيم وڏي تعداد ۾ موجود هوندا آهن. هُو پاڻ کي عقلمند ۽ مٿانهون

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سمجھندا آھن پر شھيد نذير عباسي انھن ڳالھين کان پاڪ ھو. ھُو ھميشہ ساٿين جو احترام ڪندو ھو. پلي اُھي ساٿي ھن کان سينيئر ھجن يا جونيئر. ساٿين سان مخاطب ٿيڻ مھل ھُن جو ڪنڌ ادب سان جھڪيل ھوندو ھو. پنھنجو موقف ھُو ھميشہ سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان رکندو ھو. ھن جي ڳالھائڻ ۾ نماڻائي ۽ عاجزي ھوندي ھئي. انقلابي جاڻ ھوندي بہ ھُو پاڻ کي طفلِ مڪتب سمجھندو ھو. سيڪارڻ بدران سِکڻ ھُن جو شيوو ھو. قومي انقلابي تحريڪن ۾ ڪم ڪندڙ مالي لحاظ کان ھميشہ مونجھارن ۾ رھيا آھن ۽ پريشانين کان گھبرائجي ھُو ٿڪجي ماٺ ڪري ويھي رھندا آھن پر شھيد نذير عباسي لاءِ پئسو ڪا بہ اھميت نہ رکندو ھو. ھُن جون ضرورتون تمام محدود ھُيون, ھُو ماني صرف پيٽ پرڻ لاءِ کائيندو ھو. پوءِ پلي رُکي ماني پاڻي جي گلاس سان چو نہ کائڻي پئي. ھُو ڪپڙا صرف جسم کي ڍڪڻ لاءِ اوڍيندو ھو. پوءِ اھي ڪپڙا پلي نيلامي چو نہ ھجن يا انھن کي ڇَتيون لڳل چو نہ ھُجن. ھُو ساٿين کان پئسي جي طلب صرف اھم ضرورتن جي لحاظ کان ڪندو ھو. ظاھري رک رکاءُ ۽ ڏيک ويک کان بلڪل پَري ھو. شھيد نذير عباسي قرباني ۽ ايثار جو مجموعو ھو. پاڻ کي ھميشہ ڏُکيو رکندو ھو پر گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين جون تڪليفون گھٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ھو. ساٿين جي اڪثريت راءِ جو احترام ڪرڻ ۽ انھن کي پاڻ سان گڏ وٺي ھلڻ سندس سياست جو بنيادي محور ھو. ھُن ڪڏھن بہ پنھنجي راءِ ساٿين تي نہ مڙھي. ھُو وقت جو پابند ھو. ڪنھن سان بہ ھُن جو وقت طئہ ٿيل ھوندو ھو تہ نجي, ذاتي مصروفيتون ترڪ ڪري بہ اُتي پھچندو ھو. ڪڏھن بہ خاندان جي ڪنھن فرد يا گھرواريءَ جي بيماري جو بھانو نہ بڻايائين. ڪيتري بہ تڪليف ھوندي مون ھُن جي مُک تي ھميشہ مُرڪ جا موتي ڏٺا ۽ ھُن جي چھري تي مايوسي ۽ ٿڪاوٽ جون ريکائون نہ ڏٺيون.

جيسين ھُئي جيئري, وِرچي نہ ويٺي,
وچي پونءِ پيٺي, سِڪندي کي سڄڻين.

ڪامريڊ جام ساقي جي گرفتاري کانپوءِ پارٽي طرفان ھُن تي وڏيون ذميواريون پئجي ويون, جيڪي ھُن مرڻ گھڙيءَ تائين خوش اخلاقيءَ ۽ خوشدلي سان نڀايون. ھُن ننڍي عُمر ۾ اھو ثابت ڪيو تہ ھُو پيڙھيل عوام

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪي قومي جبر، طبقاتي ڏاڍ ڪان نجات ڏيارڻ لاءِ پنهنجو سُک چين، تن من قربان ڪري سگهي ٿو.

عاشق آرام، ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيباڻي هيڪڙي.

مُلڪ ۾ منصفاڻي سماج اڏڻ لاءِ هُن جي جاکوڙ اسانجي قومي تاريخ جو حصو آهي. جنهن "تارچر ڪيمپ" ۾ ڏاڍ ۽ جبر بہ ڪيس جهُڪائي نہ سگهيو. هُن استحصال، ڦُرلُٽ خلاف مظلومن جي تحريڪ کي پنهنجي ريتي رت جو نذرانو ڏئي وڏيڪ سگهارو ڪيو. اهو وقت پري ناهي جو منهنجي ڏُکن جي ڏيهہ ۾ هڪ ڏينهن ضرور سُکن جو سج اُڀرندو. شهيد نذير عباسي کي اڄ خراج تحسين پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ اسين اڄ اهو وچن ڪريون تہ هُن پنهنجي لال لهُو سان جيڪا سچائيءَ جي لاٽ ٻاري آهي، اُنکي اُجهامڻ نہ ڏينداسين. پوءِ ڀلي اسانکي حياتيءَ تان هٿ ڇونہ ڪڻڻو پئي.

جوڳيئڙا جهان ۾، هُئا منجهہ حمام،
ارمان اڳ ٿيا، اوڏا نہ آرام،
ڪيائون قيام، آئون نہ جيئري ان ري.
(شاهہ)

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نذير جي جوٺيل جنگ ختم نہ ٿي آهي

آگسٽ جي مهيني جي منهنجي آڏو وڏي اهميت آهي، انهيءَ لحاظ کان نہ تہ 11 آگسٽ 1947ع تي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ جنهن پاڪستان جي پهرين دستور ساز اسيمبلي جو پهريون اجلاس ٿيو هو. جنهن جي صدارت مشرقي بنگال سان لاڳاپيل هڪ هندو ميمبر ”جوگندر ناٿ منڊل“ ڪئي هئي. جنهن ۾ پاڪستان جي باني مسٽر جناح تقرير ڪندي چيو هو تہ اڄ ڪانپوءِ توهان نہ هندو آهيو نہ ئي مسلمان. توهان مذهب، عقيدي جي لحاظ کان آزاد آهيو، توهانکي اهو حق حاصل آهي تہ ڀلي مسجد ۾ عبادت ڪرڻ وڃو يا مندر ۾ يا گرجا گهر ۾. توهان صرف انسان آهيو يا توهان صرف پاڪستاني آهيو! اڄ ڪانپوءِ مذهب جي لحاظ کان ڪنهن بہ قسم جي متڀيد نہ ڪئي ويندي. پر قائد اعظم اڪيڊمي جو ”ڊائريڪٽر شرف المجاهد“ اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ اها تقرير ڪا مسٽر جناح ڪئي هئي. شايد اها تقرير هندستان جي پهرين وزير اعظم پنڊت نهرو ڪئي هئي!؟

آگسٽ جو مهينو هن لحاظ کان بہ اهم آهي تہ 17 آگسٽ 1988ع تي بهاولپور ويجهو آمر ضياءُ الحق (جنهن جا اهم ساٿي اڄ ضياءُ الحق هٿان شهيد ٿيندڙ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي پارٽي جا اهم ٿنڀا بڻيل آهن.) فضا ۾ سڙي رک ٿي ويو. جنهن جو ڪو هڏو بہ نہ بچيو پر اسلام آباد ۾ اڄ بہ سندس مزار موجود آهي. جيتوڻيڪ ”جبڙا پير“ جي نالي سان مشهور آهي، اهو ڏينهن آگسٽ جي مهيني ۾ آيو هو. مان ان وقت ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ رهندو هئس. ٽنڊي ولي محمد ۾جيئن تہ ”مومن“ گهڻا رهن ٿا، اهي ”شهيد ڀُٽو“ جا شيدائي پڻ آهن، اُتي رهندڙ پ پ جي هڪ خاتون اڳواڻ سيمينار توڙي جلسن ۾ تقرير ڪرڻ وقت ”جيئي ڀُٽو“ سان گڏوگڏ ”يا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

علي مدد“ ضرور چوندي آهي. ان ڏينهن رستي تان غمگين شرنائين جي سُرن ۾ ذوالجناح جو جلوس گذري رهيو هو مومن ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ماتم ڪري رهيا هئا، سڄو ماحول سوڳوار هو. اوچتو ماتمي جلوس ۾ شريڪ ”مومنن“ جا زبانن تي ”مُبارڪ مُبارڪ“ جا نعرا گُونجي اُٿيا. ماڻهو روئڻ پٽڻ ڇڏي هڪٻئي کي خوشي وچان ڀاڪر پائڻ لڳا. ڪين اها خوشي يارنهن سالن کانپوءِ نصيب ٿي هئي. اڄ هڪ سفاڪ قاتل پنهنجي منطقي انجام پهتو هو. جنهن جي ڏوهن جي فهرست ايتري تہ ڊگهي آهي جو انکي ڳڻائيندي سال لڳي وڃن. هن آمر جي دامن تي نہ ڄاڻ ڪيترن بيگناهن جي ريتي رت جا داغ آهن، جيڪي قيامت تائين ڌوپجي نہ سگهندا. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي کان وٺي سوين سرويچ ڦياس تي ٽنگيا ويا. هزارين جسمن کي ڪوڙن سان داڳيو ويو. جمهوريت ۽ انساني حقن ۾ ويساهہ رکندڙ هزارين انسانن کي سالن تائين زندان ۾ بند رکيو ويو. هن وحشياڻي دور ۾ جيڪي انسان شهيد ٿيا، انهن جي هڪ ڊگهي قطار آهي. ڪجهہ شهيدن جا صرف نالا اچن ٿا. ڪن جا چهرا ياد اچن ٿا. هڪ چهرو اهڙو آهي، جنهنکي سالن گُذرڻ باوجود وساري نٿو سگهان. 9 آگسٽ 1980ع جي اها منحوس رات جڏهن مون بي بي سي تان اردو نشريات جون خبرون ٻُڌيون، منهنجو ذهن مائوف ٿي ويو. اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي وئي. سڄي رات لُڇندي گُذريم، دل ۽ دماغ اها ڳالهہ هرگز مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. صُبح جو ”روزاني جنگ“ جي ”بيڪ پيج“ تي خبر پڙهيم، هانءُ ڇڇي پيو. لُڙڪ لارون ڪري لڙڻ لڳا. ڪجهہ دير کانپوءِ شير محمد مگريو آيو جنهن انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ ”فوجي درندن ڪامريڊ نذير عباسي کي تشدد ڪري شهيد ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس فوجي پهري هيٺ سخي حسن مقام ناظم آباد ڪراچي ۾ دفنائي ڇڏيو آهي“ ائين چئي هُو مونکي ڀاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. مون پنهنجي دل مضبوط ڪندي هن کي آٿت ڏني تہ ”شهيدن لاءِ روئبو ناهي.“ اسانجو رستو شهادت جو رستو آهي، اهو رستو پاڻ پنهنجي مرضي سان پنهنجي خوشي سان چونڊيو آهي. انقلاب ۽ آزادي جي راهہ ۾ گُل ۽ ٻُوٽا نہ هوندا آهن پر پٿر ۽ پهڻ هوندا آهن، ڦاهيون ۽ ڦٽڪا هوندا آهن. اسانکي ثابت قدميءَ سان شهيد نذير عباسي جي ڇڏيل مشعل پنهنجي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مضبوط هٿن سان جهلي اڳتي هلڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته اڃا منزل پري آهي. جيڪي دوست چون ٿا ته انقلاب اسانجي سرحدن تي پهچي چڪو آهي، سي ڇرين وارا خُواب ڏسن ٿا. انقلاب برآمد نه ڪبا آهن پر ڌرتيءَ جي ڪُک ڇيري ڦُٽندا آهن. شهيد نذير عباسي جنهن نظريي ۾ مقصد لاءِ جان ڏني ڇا سوويت يونين جي خاتمي ڪانپوءِ اهو نظريو ختم ٿي چڪو آهي؟ دنيا مان بُک، بيماري، مفلسي، تنگدستي ختم ٿي چڪي آهي؟ پاڪستان ۾ غريبن جو حقيقي راڄ قائم ٿي چڪوآهي؟ محنت ڪشن کي پنهنجو حق ملي چڪو آهي؟ اسيمبلين منجهه جاگيردارن، سرمائيدارن، وڏيرن ۽ پوتارن بدران غريبن جا ٻار اهليت ۽ صلاحيت جي بنياد تي پهچي چڪا آهن؟ دنيا کي سياست جي ڄاڻ ڏيندڙ افلاطون پنهنجي ڪتاب ”جمهوريت“ ۾ رياست کي قائم ڪرڻ جو مقصد هي بيان ڪيو آهي ته ”حقيقي رياست“ اها آهي جيڪا پنهنجي شهرين سان انصاف ڪري. افلاطون جي ويجهو انصاف جي معنيٰ ته ”رياست پنهنجي هر شهري کي صلاحيت ۽ اهليت مطابق ڪم ڏئي ۽ ان جي ضرورتن جو پورائو ڪري! جيڪڏهن رياست اهو فرض سرانجام نٿي ڏئي سگهي ته ان کي زنده رهڻ جو حق حاصل ناهي.“ اڄ جيڪي دوست ”سوشلزم“ يا سماجي مساوات کي ڪينسر سمجهي پري ڀڄن ٿا ۽ انهن جي آڏو ”روٽي، ڪپڙا اور مڪان“ وارو نعرو فرسوده بڻجي چڪو آهي. اهي شايد ڀُليل آهن ته تاريخ جو فيصلو اٽل هوندو آهي. سوويت يونين جي انتظامي نااهليت جي ڪري وقتي طور تي مظلومن جي جنگ کي ڌڪو پهتو آهي پر اها جنگ ختم نه ٿي آهي. جتي بہ ظلم ۽ ناحق آهي، بُک ۽ بيروزگاري آهي، معاشي اٿبرابري، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ آهي، قومي ۽ انساني حقن جي لتاڙ آهي. اها جنگ جاري رهندي. جيڪڏهن ڪي ڪامريڊ ٿڪجي پيا آهن ته انهن جي جاءِ ڪو ٻيو والاريندو. شهيد نذير عباسي جي ريٽي رت سان رڱيل ڳاڙهو جهنڊو ڪو ٻيو هٿ ۾ کڻي اڳتي وڌندو. کڻي اهو ڪو وڏو سياسي نالو نه هجي، ڪو گُمنام ڪارڪن ئي هجي.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

الطاف شيخ جي سفرنامي "ايران ڏي اڏام" جو مهاڳ

سائين الطاف شيخ سنڌ جي ادبي کيتر ۾ هڪ وڏو نانءُ آهي. منهنجي سائينءَ سان ڪڏهن بہ روبرو ملاقات نہ ٿي آهي. پر سندس قلمي پورهيي جي ڪري هن سان پنهنجائپ جو رشتو آهي. هڪ ڏينهن پيار ۽ پاٻوهہ مان فون تي سائينءَ حڪم ڪيو تہ مان سندس تازي تخليق ايران جي سفرنامي "ايران ڏي اُڏام" جو مهاڳ لکان. سائين الطاف شيخ جي ڪتاب جو مهاڳ لکڻ منهنجي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي، پر اهو بہ هڪ سچ آهي تہ مون هن ڪتاب کان اڳ ڪنهن بہ ڪتاب جو مهاڳ نہ لکيو آهي، ۽ نہ ئي انهيءَ "ٽيڪنڪ" جي مونکي ڪا ڄاڻ آهي. بهرحال "جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان."

سفرنامو ادب جي هڪ بهترين ۽ نرالي صنف آهي، جنهن مان ملڪن جي معاشي، ثقافتي، علمي، ادبي، سياسي، اخلاقي، تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر جي ڄاڻ ملي ٿي. سائين الطاف شيخ هن ڪم ۾ واقعي پاڻ ملهايو آهي ۽ زندگيءَ جي اٽانگي سفر ۾ 66 ڪتاب لکي، پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. سائين الطاف شيخ هڪ انجنيئر، رياضيدان، موسمن جو ڄاڻو هڪ حساس ليکڪ، سيلاني، مصور، سفرناما لکندڙ، مترجم ۽ افسانہ نگار پڻ آهي، انڪري هن جي شخصيت گهڻ پاسائين آهي. سائينءَ جي باري ۾ لکڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ جي برابر آهي. سائين الطاف شيخ هيتري ساري دنيا گهمڻ جي باوجود، پنهنجو پاڻ کي هميشہ هڪ عام انسان وانگر پيش ڪيو آهي. هن پنهنجن ڪتابن ۽ تحريرن ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي تعريف نہ ڪئي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهي، نہ ئي ڪڏھن پاڻ وڏايو آهي، اها ئي سنڌس عظمت آهي. سائين الطاف شيخ ڪڏھن بہ پنهنجي جنم ڀوميءَ مُقدس سنڌ کي نہ وساريو آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن سان سنڌس پنهنجي ازل جي رشتي ڪري هن ڪڏھن بہ پنهنجن ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن کي ڏورانهن ڏيهن ۾ بہ نہ وساريو آهي. تاريخي لحاظ کان اسان سنڌي قوم ۾ خاصيتون بہ آهن تہ خاميون پڻ، هن پنهنجي لکڻين ۾ انهن جي بهترين عڪاسي ڪئي آهي ۽ سنڌي قوم کي پنهنجي تحريرن جي ذريعي غفلت جي اگھور ننڊ مان جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو ابدي پيغام ڏنو آهي تہ "سنڌيو جاڳو! توهان جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪرندي پئي وڃي! هي دور مقابلي (Competation) جو دور آهي، جيڪڏھن توهان کي پنهنجي وجود کي دائم ۽ قائم رکڻو آهي تہ پنهنجو پاڻ کي علم ۽ هنر، ذات ۽ ڏاهپ جي هٿيارن سان ليس ڪريو."

الطاف شيخ جون لکڻيون سنڌي قوم لاءِ تعليمي درسگاهہ لڳن ٿيون. هو هڪ سچو ۽ صاف سنڌي آهي. سنڌس پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻھن سان محبت غير مشروط ۽ يڪطرفي آهي، هو مانُ، مرتبي، اقتدار، دولت ۽ آسائش کان قطعي بي پرواهہ انسان آهي. سنڌس تازي تحرير هر لحاظ کان دلچسپ ۽ ڄاڻ جو ڀنڊار آهي، جيڪو سنڌس باقي تخليقن ۾ هڪ اهم اضافو اهي. هن سفرنامي ۾ "ايران بحيثيت هڪ ملڪ" ۽ "ايراني بحيثيت هڪ قوم" جو جهڙي نموني تعارف ڪرايو آهي، اهو ٻيو ڪوبہ ليکڪ نٿو ڪرائي سگهي. هن جهڙيءَ طرح ايران جي تهذيب، ماڳن ۽ مڪانن جي پس منظر جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، اهو واقعي هڪ محقق (Scholar) ئي ڪري سگهي ٿو. هن سڄي سفرنامي ۾ جنهن ڳالهہ مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي، اهو الطاف شيخ جو ذاتي ڪردار ۽ انساني رويو آهي ۽ گڏوگڏ هر ننڍڙي وڏي کي پاڻ کان عظيم سمجهڻ، خودنمائيءَ جي خيانت کان پري رهڻ ۽ هر حال ۾ رضا تي راضي رهڻ آهي. هن سفرنامي جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ سنڌس محبت ۽ Commitment سڄي انسانذات لاءِ تہ آهي، پر سنڌ ۽ سنڌين جو عشق ڄڻ تہ کيس جيئڻ جو جواز ٿا بخشين. هن ايران جي سفر ۾ سمورو وقت اها جستجو ڪئي آهي تہ پنهنجي هم وطن ۽ هم زبان سڀاجهڙن کي ڳولي لهي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۽ انهن سان پنهنجي اندر جو حال اوري. هن ايران جي سفر دوران جن ٻه سنڌين سان ملاقات ڪئي آهي، پنهنجي سفرنامي ۾ انهن جو ذڪر ۽ تعارف تفصيل سان ڪيو آهي. ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ پنهنجن ماڻهن سان سڪ ۽ اڪير سان ملڻ هڪ عظيم ڏات آهي. جيڪا قدرت ٿورن ماڻهن کي عطا ڪري ٿي.

ايران دنيا جو هڪ عظيم ملڪ آهي. ايران تاريخي لحاظ کان هڪ شاهوڪار "تهذيب (Civilization)" رکي ٿو. جيڪا هزارين سال پراڻي آهي. جيڪڏهن ويجهي ماضيءَ جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته هي ملڪ ٻه ٻين "نو آبادياتي ملڪن" جيان سامراج جي جبر، استحصال ۾ ڦرمار جو شڪار رهيو آهي. اڙهين ۽ اوڻهويهين صديءَ ۾ ايران برطانوي سامراج ۽ روس جي زار شاهيءَ جي "استعماريت" جو شڪار رهيو آهي. ويهين صديءَ ۾ ايران تي آمريڪي سامراج پنهنجي تسلط ڄمائڻ لاءِ هٿ پير هنيا، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت ۾ ايران ۾ وڏي پئماني تي تيل جا کوهه کوٽجي چڪا هئا، جن تي آمريڪا جي نظر هئي. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ (IInd world war) کان پوءِ دنيا جي نو آبادياتي ملڪن ۾ سامراج دشمن (Anti imperialism) تحريڪون جنم وٺي چڪيون هيون. جيڪي سامراجي غلاميءَ کان آزادي ۽ پنهنجي معاشي ۽ سماجي نجات لاءِ تاريخ جي ميدان ۾ ازلي ويڙهه وڙهڻ لاءِ تيار هيون. ايران ۾ به انهيءَ قسم جي سامراج دشمن تحريڪ شدت سان ابري هئي، پر ايران جي ڪميونسٽ پارٽي (توده پارٽي) جي سياسي ۽ انقلابي پروگرام جي محدوديت جي ڪري، پاڪستان جي 1968_69ع جي تحريڪ جيان "پاپولوزم" ڏانهن وڌي ويئي، ڇاڪاڻ ته ايران ۾ ڪميونسٽ پارٽي، هڪ سوشلسٽ انقلاب بدران "جمهوري انقلاب" جو پروگرام ڏنو هو. ايران جا پاپولر ليڊر پاڪستان جيان "سوشلسٽ انقلاب" بدران "جمهوري انقلاب" جي واٽ تي ايترو اڳتي وڌي ويا، جو هنن چونڊن جي پروگرام ۾ سوشلزم کي صرف نعريبازيءَ طور پيش ڪيو. 1951ع جي چونڊن ۾ سوشلسٽ اڳواڻ ڊاڪٽر محمد مُصدق ايران جو وزير اعظم چونڊجي ويو. محمد مصدق به شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جيان وڏي پيماني تي سڌارن جي شروعات ڪئي، جنهن جي ڪري هن جي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو ويو. پر جڏهن هن تيل ۽ ٻين اهم شعبن کي 1951ع ۾ ”قومي ملڪيت“ ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ته هن جي خلاف سامراجي سازشون شروع ٿي ويون. جيئن ته محمد مصدق سرمائيدارانه رياست ۽ معيشت جي سوشلسٽ بنيادن کي مڪمل طور تبديل نه ڪيو هو انڪري انقلاب اڌورو رهجي ويو. عالمي سامراج، پاڪستان وانگر جهڙيءَ ريت فوجي جنرلن جي ذريعي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي کي هٽايو اها ساڳي واٽ ايران جي فوجي جنرلن، سامراج جي اشاري تي ”مصدق حڪومت“ جي تختي اونڌي ڪرڻ وقت ڪم آندي ۽ مصدق کي معزول ڪري ڇڏيو. ايران تي زبردستي بادشاهت مسلط ڪئي ويئي. رضا شاهه پهلويءَ کي نه صرف ايران جو ”بااختيار“ بادشاهه بنايو ويو پر ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جي نگرانيءَ لاءِ ”ڪمدار“ پڻ مقرر ڪيو ويو. 1951ع کان 1979ع تائين چاليهه هزارن کان وڌيڪ آمريڪي ايران ۾ مقرر ٿي چڪا هئا. انهن جو رويو ايرانين سان حاڪمانه ۽ ذلت آميز هو جنهن جي ڪري عام ماڻهوءَ ۾ آمريڪي سامراج جي خلاف نفرت جو ”گراف“ وڌي وڃڻ تي ويو. شاهه جي خفيه پوليس ”ساواڪ“ (Savak) ايران جي باشعور ماڻهن کي اذيت گاهن ۾ بند ڪري، ظلم ۽ جبر جو نشانو بنايو . مزدور تنظيمن، شاگرد تنظيمن ۽ ڪابيءَ ڏر جي ڪارڪنن جو وڏي پئماني تي قتل عام ڪيو ويو. ”ساواڪ (Savak)“ جون اذيت گاهون سڄيءَ دنيا ۾ ظلم، تشدد ۽ وحشياڻي ٽارچر جي ڪري بدنام ٿيون. 1979ع جي انقلاب پويان ايران جي محنت ڪش ۽ وطن پرست عوام تي سامراجي، رياستي ظلم ۽ بربريت جي هڪ ڏگهي ڪهاڻي آهي. آمريڪي سامراج ۽ شهنشاهيت جي خلاف ”نفرت“، ايراني انقلاب جو ”بنياد“ آهي. ايراني انقلاب جي سرجڻ ۾ ايران جي ڪميونسٽ پارٽي (توده پارٽي) جو (جيڪا مصدق کي معزول ڪرڻ ڪانپوءِ انڊر گرائونڊ ڪم ڪندي رهي.) اهم ڪردار آهي. ايراني عالمن به عبادت گاهن ۾ آمريڪي سامراج ۽ شهنشاهيت خلاف عوام کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ايران جي 1979ع جي انقلاب جو بنياد ”توده پارٽي“ جي ڪارڪنن رکيو هو جن اصفهان، تبريز، زاهدان، بندر عباس ۽ ٻين شهرن جي تيل ۽ پلاسٽڪ جي فيڪٽرين ۽ ٻين صنعتن ۽ ادارن ۾ ڪم ڪندڙ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پورهيتن کي منظم ۽ متحد ڪيو ۽ سامراج ۽ شهنشاهيت خلاف فيصلي ڪن ويڙهه وڙهڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ ايراني سماج تي عالمن جي اثر ڪري انقلاب جو سڄو فائدو عالمن کي پيو. رضا شاهه پهلويءَ جي حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ آيت الله خميني، ايران جو سياسي، روحاني ۽ مذهبي سربراهه بنجي ويو ۽ بعد ۾ کيس امام جو درجو ڏنو ويو. الطاف شيخ، امام خمينيءَ جي حياتيءَ ۽ جدوجهد متعلق پنهنجي هن سفرنامي ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي. سندن مطابق امام خميني ويهين صديءَ جو وڏو عالم، طاقتور ليڊر ۽ نيڪ انسان هو. جنهن پنهنجي سڄي زندگي، پاڻ کي ڏکيو رکي، انسانذات جي ڀلائيءَ ۽ سُک لاءِ ڪم ڪيو. هو وڏو ليکڪ ۽ مقرر هو. جنهنکي ايران جي عوام توڙي دنيا جي مسلمانن دل سان عزت ۽ پيار ڏنو. هڪ سادو، سچو انسان ۽ مومن هو. جيڪو جسماني توڙي مالي طور ڪمزور ۽ غريب هو. هڪ طاقتور، ظالم ۽ مغرب پرست حڪومت جو تخت ڊاهي، پنهنجي ملڪ ۾ اسلامي حڪومت جو بنياد رکڻ لاءِ انقلاب آندو. امام خميني، 24 سيپٽمبر 1902ع (20 جمادي الثاني 1320هه) تي "خمين" نالي شهر ۾ ڄائو. جنهنڪري هو "خميني" سڏجي ٿو. امام خمينيءَ جي ڄم جي تاريخ اها ئي آهي، جيڪا بيبي فاطمة الزهريٰ جي آهي. امام خمينيءَ جو نالو "روح الله موسوي" آهي ۽ هن جي نالي سان هي لقب استعمال ٿين ٿا، آيت الله ۽ امام.

ايران ۾ ان وقت جي وڏي شيعا عالم آيت الله بروجرديءَ جي وفات بعد ايران جي عوام ۽ عالمن، امام خمينيءَ کي سندس جاءِ تي مذهبي ليڊر يعني "آيت الله" چونڊيو. ان بعد امام خمينيءَ جو شهنشاهيت خلاف جهاد زور وٺڻ لڳو. هن شاهه جي حڪومت طرفان مغرب تي ڀاڙڻ واري پاليسيءَ جي سخت ننندا ڪئي. امام خمينيءَ کي شاهه جي حڪومت تي سخت تنقيد جي ڪري، قيد ۽ بند ۾ وڌو ويو. بعد ۾ عوام جي مزاحمت ڪري، هن کي جلاوطن ڪيو ويو. 4 نومبر 1964ع تي امام خمينيءَ کي پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو. کيس پهرين ترڪي "Deport" ڪيو ويو. جتي هو سال کن ازمير ۽ برسا ۾ رهيو. بعد ۾ کيس آڪٽوبر 1956ع ۾ عراق موڪليو ويو جتي هو تيرهن سال "نجف" ۾ رهيو جتي هو ڪتاب لکندو رهيو ۽ تقريرون ڪندو رهيو. جنکي ڳانن وارين ڪئسيٽن تي ٽيپ ڪري ايران موڪليون ويون

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تي ۽ انهن تان ماڻهن وڊيڪ ڪئسٽون ٽيپ ڪري، عوام ۾ ورهايون ٿي. آخر ايران ۽ عراق حڪومت اهو گڏيل فيصلو ڪيو ته امام خمينيءَ کي عراق مان ڪڍيو وڃي. ان وقت عراق جو نائب صدر صدام حسين هو جنهن امام خمينيءَ کي زوريءَ عراق مان ڪڍيو جنهن بعد هو ”ٽوئرسٽ ويزا“ تي فرانس ۾ اچي رهيو. عوام جي انقلابي جدوجهد جي ڪري شهنشاهه ايران کي ملڪ ڇڏڻو پيو. پورن ٻن هفتن بعد پهرين فيبروري 1979ع تي خميني 15 سالن جي جلاوطنيءَ بعد پنهنجي وطن آيو. ايران جي سرزمين تي هن قدم رکڻ کان پوءِ تاريخي تقرير ڪئي ته: ”الله نه ڪري، پر جي شاهه جي حڪومت اجا ڪجهه عرصو هلي ها ته اڄ هو اسان جي ملڪ جو سمورو تيل ڌارين کي ڏيئي ڇڏي ها، اسان ڌارين جا غلام ٿي رهون ها. اهو سوچي اسان ڏانهون ٿا ڪريون، اهو ئي سبب آهي، جو ايران جون گهٽيون اسان جي نوجوانن جي خون سان ڳاڙهيون ٿي ويون آهن. آمريڪا ۽ ان جا ڇاڙتا عرب ليڊر دهشتگرد ۽ قزاق آهن.“

امام خميني 88 ورهين جي ڄمار ۾ 3 جون 1989ع تي تهران ۾ گذاري ويو. سندس جنازي ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿيا. الطاف شيخ لکي ٿو ته: ”جون جي سخت گرم مهيني ۾ ماڻهو گهرن مان نڪري سمنڊ وانگر اٿلي پيا هئا. ڪين نه اُڃ ۽ بُک جي پرواهه هئي ۽ نه گرميءَ جي ڪيترائي ماڻهو رش ۾ چيپجي ڪري مري ويا. گرميءَ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سرڪاري فائر برگيڊ جون گاڏيون ماڻهن مٿان پاڻي هاريندڙيون رهيون. چون ٿا ته جنازي ۾ آيل ماڻهن جو تعداد ٽيهن لکن کان به مٿي هو. امام خميني، جنهن قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي، اهو ايران جو سڀ کان وڏو قبرستان ”بهشت زهره“ جي نالي سان سڏجي ٿو.“ امام خمينيءَ جي لاڏاڻي کانپوءِ اڄ به ايران سامراج دشمن پاليسين تي گامزن آهي. شيخ صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته ”آمريڪا ۽ يورپ طرفان لڳندڙ (Sections) پابندين جي باوجود ايران ڪيئن اڏول آهي؟ ڪيئن پرعزم آهي؟ ڪيئن هر راهه تي ترقي ڪري رهيو آهي؟ اها دنيا لاءِ حيرت جوڳي ڳالهه آهي ۽ اسان جهڙا ماڻهو ان مان اتساهه (Inspiration) وٺي، سبق حاصل ڪري سگهن ٿا. بقول اسان جي هڪ آسٽريليا جي دوست جي (جيڪو ايران کان تمام گهڻو متاثر آهي)

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جيڪو چرچي چرچي ۾ اسان پاڪستانين کي چوندو آهي ”ايران جهڙو ملڪ توهان جي پاڙي ۾ آهي، ان کي ڏسي ٻه نه ٽا سُڌرو!“

الطاف شيخ ايران جي خودمختياريءَ ۽ حاڪميت جي تصور مطابق جيڪو نقشو چٽيو آهي، اهو هڪ مثالي ۽ آزاد رياست لاءِ ضروري آهي. سندس هڪ دوست ڪئپٽن حنفي، جيڪو قاهره جو رهواسي آهي. هو ايران گهمڻ ايندو رهي ٿو ۽ ايران کان تمام گهڻو متاثر آهي. ڪئپٽن حنفيءَ مطابق ”جيڪو ملڪ ايران ۽ عراق جي اٺ سال لڙائيءَ ۾ تباهه ٿي ويو. ايتريقدر جو نوجوان نسل جو وڏو حصو ختم ٿي ويو. جتي ڪٿي پوڙها ۽ ٻار نظر آيا ٿي. جنهن ملڪ تي اڄ تائين يورپ ۽ آمريڪا طرفان سخت پابنديون (Sections) لڳل آهن. تڏهن به ايراني ڪيڏي نه عظيم ۽ مثالي قوم آهي، جنهن پنهنجي ملڪ کي هڪ سکيو ستابو ملڪ بنائي ڇڏيو آهي. جتي امير توڙي غريب خوش آهي. ٻئي وقت ماني ٿو کائي ۽ عزت جي روزي ٿو ڪمائي. جيڪو ملڪ سُئي سڀڪي کان وٺي بسون ۽ ٽريڪٽر ٿو ناهي.“ ايران ۾ سرڪاري توڙي خانگي سيڪٽر ۾ ڪارن جا ٽيرهن ڪارخانا آهن ۽ نوي سيڪڙو آبادي مقامي ڪارون استعمال ڪري ٿي.

ايران جي 1979ع جي انقلاب کانپوءِ ايران مسلسل آمريڪي رجعتي پيغام جو نشانو بڻيل آهي، ڇاڪاڻ ته عراق جي صدر صدام حسين کي هٽائڻ کانپوءِ هن خطي ۾ ايران هڪ ”آمريڪا مخالف“ طاقتور ملڪ جي صورت ۾ اُڀريو آهي. لبنان ۾ حزب الله جي هٿان اسرائيل جي شڪست کانپوءِ ايران کي وڏيڪ حوصلو مليو آهي. اڄ کان 21 سال اڳ 1987ع ۾ جڏهن آمريڪا جي حمايت يافته صدام حسين طرفان شروع ڪيل جارحيت ۾ ايران جي شهرن مٿان آمريڪا ۽ يورپ طرفان ڏنل ميزائل وسي رهيا هئا، ان وقت ايران کي خطرو هو ته صدام حسين ائٽمي هٿيار تيار ڪري رهيو آهي، جيڪي ايران خلاف استعمال ٿي سگهن ٿا. انهيءَ وقت ايران ۾ سابق شهنشاهه ايران جي پراڻي ائٽمي پروگرام، جيڪو 1970ع ۾ آمريڪا ئي شاهه کان شروع ڪرايو هو، انکي ٻيهر شروع ڪيو ويو. هن پروگرام کي في الحال ”Laea“ انٽرنيشنل ائٽمڪ انرجي ايجنسي کان خفيه رکيو ويو هو ته جيئن شروعات ۾ ان کي روڪيو نه وڃي ۽ پابندين کان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

بچايو وڃي، پر عراق- ايران جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ هن ائٽمي پروگرام کي معطل ڪيو ويو. حالانڪ ايران کي اهو حق حاصل هو تہ ائٽمي پروگرام شروع ڪري سگهيو ٿي، ڇاڪاڻ تہ ايران "NPT" معاهدي تي صحيح ڪري چڪو هو انڪري هن کي بجلي ۽ توانائيءَ لاءِ جوهري پروگرام کي ترقي ڏيڻ جو حق بہ آهي. 9 فيبروري 2003ع تي ايران پنهنجو ائٽمي پروگرام ٻيهر شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ جيئن ان مان ائٽمي بجلي پيدا ڪري، ملڪي صنعتن جي پيداوار وڌائي سگهجي ۽ عام شهرين کي سستي اگهہ تي بجلي فراهم ڪئي وڃي. ايران IAEA کي دعوت ڏني تہ ايران جي جوهري پروگرام جو معائنو ڪيو وڃي. فيبروري 2003ع جي آخر ۾ IAEA طرفان ڊاڪٽر محمد البرادي پنهنجي انسپڪٽرن جي ٽيم سان ائٽمي جوهري پروگرام جو معائنو ڪيو ۽ اٽڪل ڇهہ ڀيرا IAEA جا انسپيڪٽر معائنو ڪري چڪا آهن.

آمريڪا جو موقف آهي تہ ايران وٽ تيل ۽ گئس جا ذخيرا وڏي پيماني تي موجود آهن، انڪري ايران طرفان ائٽمي ري ايڪٽر پروگرام ختم ڪيو وڃي. ايران جي صدر محمود احمدي نجاد چونڊجي اچڻ ڪانپوءِ اهو اعلان ڪيو تہ هو ايران لاءِ "يورينم" پيدا ڪرڻ جي سگهہ چاهي ٿو. آمريڪا جي "ٻٽي" "نان پروليفريشن پاليسي" آهي. اسرائيل، ڀارت ۽ ٻين آمريڪي حامي ملڪن کي ائٽمي سگهہ حاصل ڪرڻ جي اجازت آهي، پر ايران کي اها نہ ٿي ملي سگهي، ڇاڪاڻ تہ ايران هن خطي ۾ آمريڪا جي پاليسين جي شديد مخالفت ڪري ٿو.

ايراني قوم وطن پرستيءَ جي سگهاري سنگهرن ۾ سلهاڙيل آهي، ان کي ڪوبہ سامراج، طاقت جي زور تي ختم نٿو ڪري سگهي، ايراني قوم جيتوڻيڪ مذهبي ۽ نسلي گروهن ۾ ورهايل آهي، سندن اتحاد لازوال ۽ اٽٽ آهي. ايران جي 98 سيڪڙو آبادي مسلمانن تي مشتمل آهي، جن مان 90 سيڪڙو شيعہ مسلڪ سان تعلق رکن ٿا ۽ باقي 8 سيڪڙو سني مسلڪ سان واسطو رکن ٿا. 2 سيڪڙو آبادي غير مسلم آهن، جن ۾ بهائي، منديں، هندو، زردشت، يهودي ۽ عيسائي شامل آهن. ايران ۾ جيڪي "نسلي گروپ" آباد آهن، انهن ۾ پرشين، اذري، گاڪي، مزداراني، ڪرد، عرب، بلوچ،

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ترڪمين، قاشمائي، آرمينين، جارجين، گيروگين، اسائرين، ڪرڪاسين ۽ پشتون وغيره شامل آهن. ايراني قوم مذهبي ۽ نسلي گروهن کان بالاتر آهي، هنن جي محبت جو محور صرف ايران آهي. انڪري اها پنهنجي سڃاڻپ ايراني ڪرائيندي فخر محسوس ڪري ٿي. ايران ۾ عقيدي ۽ عبادت جي مڪمل آزادي آهي. ايران هڪ مذهبي رياست (Theocratic State) هوندي بہ مذهب جي معاملي ۾ هڪ ”غير جانبدار“ رياست جو ڏيک ڏئي ٿو. ايران جي مختلف شهرن ۾ جتي مسلمانن جون عبادت گاهون آهن، اتي گرجا گهر، مندر ۽ ٻيون عبادت گاهون پڻ آهن. جيتري رواداري، سهپ ۽ بردباري ايران جي سياسي نظام ۾ آهي، ايتري شايد ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ ملي.

ايران جي وڏي خوبي اها آهي تہ 1979ع جي انقلاب کانپوءِ ان پنهنجي قديم ثقافتي ورثي کي قائم ۽ دائم رکيو آهي. قديم عمارتن مجسما ۽ مورتيون، ايران جي هر شهر ۾ ملنديون. ايران، افغانستان يا پاڪستان وانگر پنهنجي تاريخي قومي ثقافتي ورثي کي ختم نہ ڪيو آهي. ايران جا وڏا شهر تهران، مشهد مقدس، اصفهان، بندر عباس، قم، تبريز، اهواز ۽ شيراز پنهنجي خوبصورتي، صفائي سٿرائي، روشن رستن، گلن سان سينگاريل پارڪن، تاريخي ماڳن مڪانن ۽ مواصلاتي نظام جي ڪري مغرب جي ڪنهن وڏي شهر کان گهٽ ناهن. ايران جي ڪنهن بہ شهر ۾ توهان کي فقير ۽ ڪتو نہ ملندو. مشهد مقدس، تهران کان پوءِ ٻيو نمبر وڏو شهر آهي، جيڪو امام علي رضا عليہ السلام جي آخري آرامگاهہ آهي، ”شيعہ“ فرقي سان تعلق رکندڙ مسلمانن مطابق امام علي رضا عليہ السلام اٺون امام آهي. ايران جو عوام امام علي رضا عليہ السلام جي آخري آرام گاهہ کي ”حرم شريف“ سڏين ٿا. دنيا جي مسلم ملڪن مان لکين زائرين سڄو سال مشهد اچن ٿا ۽ امام علي رضا عليہ السلام جي ”ضريح مبارڪ“ يعني آرامگاهہ تي حاضري ڀرين ٿا. هڪ اندازي مطابق روزانو هڪ لک ماڻهو حاضري ڀرين ٿا. چوويهہ ئي ڪلاڪ ماڻهو تلاوت قرآن پاڪ ڪندا رهن ٿا. نماز ادا ڪن ٿا ۽ ”ضريح مبارڪ“ کي هٿ لڳائي دعائون گهرن ٿا. ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ زائرين کي هڪ ڀيرو شاندار ”لنچ“ ڪرائي وڃي ٿي، جنهنکي امام علي رضا عليہ السلام جي ”ميزباني“ سڏيو ويندو آهي. امام جي مرقدگاهہ جا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

وڏا ڪشادا ايوان آهن. ٻاهران آيل ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ ڪلچرل سينٽر احاطي ۾ موجود آهي. جتي ٻاهران آيل زائرين کي انگريزي، اردو، فارسي ۽ روسي زبان ۾ معلوماتي لٽريچر مفت فراهم ڪيو ويندو آهي.

امام علي رضا عليہ السلام کان سواءِ سڄي ايران ۾ 60 کن زيارتون آهن، جن ۾ بيبي معصومہ فاطمہ همشيره امام علي رضا عليہ السلام، بيبي شهربانو، امام زاده محمد محروق، امام زاده ابراهيم، امام زاده سيد جمال الدين، امام زاده ابوجعفر، امام زاده زيد، امام موسيٰ، امام زاده علي، امام زاده اسماعيل، امام زاده حمزه، امام زاده مرتضيٰ، بيبي شطيطہ وغيره شامل آهن.

ڪنهن بہ مهذب ۽ جمهوري رياست جي سڃاڻپ اها هوندي آهي تہ ان ۾ ڪجهہ اخلاقي ۽ سياسي ماپا ڏنا ويندا آهن. جن ماپن ۾ ”آئين جي بالادستي“ ”قانون جي حڪمراني“، ”سماجي انصاف“ ۽ ”شهري آزاديون“ شامل آهن. 1979ع جي انقلاب کانپوءِ ايران ۾ ڪيتريون سياسي معاشي ۽ اخلاقي تبديليون آيون آهن. سڀ کان پهرين تہ ايران ۾ نئين تاهيل آئين تحت سڀ ”ادارا“ (Institution) هلايا وڃن ٿا. ڪابہ شخصيت آئين کان بالاتر ناهي، هر سياسي اداري ”پارليامينٽ، انتظاميہ ۽ عدليہ“ کي ڌار ڌار اختيارات مليل آهن، هر ادارو پنهنجي فيصلي ڪرڻ ۾ آزاد ۽ خودمختيار آهي. ايران ۾ ”قانون جي حاڪميت“ کي تمام گهڻي اهميت مليل آهي ۽ قانون جي نظر ۾ سڀ شهري برابر آهن، سمورا شهر رضا خوشيءَ سان قانون جي اطاعت ڪن ٿا. ايران جي سول سوسائٽيءَ ۾ پوليس جي مداخلت بلڪل گهٽ آهي، پوليس انسانن لاءِ آزار ناهي، پر ماڻهن جي مددگار آهي، ايستائين جو ڪو اجنبي جيڪڏهن رستو ڀلجي وڃي ٿو تہ ايران جي هر شهر ۾ سپاهيءَ وٽ گهربل شهر جو نقشو موجود هوندو آهي ۽ اهو آسانيءَ سان ڀليل انسانن کي ڏگ لڳائي سگهي ٿو. ايران جي سياسي نظام ۾ سڀ کان وڏو عمل دخل سماجي انصاف (Social Justice) کي آهي! ايراني حڪومت جي سڀ کان گهڻي ڪوشش آهي تہ هر ايراني شهريءَ کي عقيدي، جنس، رنگ ۽ نسل جي فرق کانسواءِ بنيادي ضرورتون مهيا ڪيون وڃن، جن ۾ اٽو لٽو اجهو تعليم ۽ صحت جون سهوليتون شامل آهن. ايران جي سياسي نظام جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ انقلاب کانپوءِ هتي

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

عورت کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويئي آهي، ايستائين جو مرڪزي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي وهنوار ۾ ڪين برابريءَ جي حيثيت ڏني وئي آهي. فوج، ايئرفورس، نيوي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ عورتون ڪاروبار هلائين ٿيون. سڀ کان نرالي ڳالھ اها آهي تہ عورتون بس ڊرائيور آهن ۽ پڻ ٻارن ۽ عورتن لاءِ مخصوص ٽيڪسيون هلائي حلال جو روزگار ڪمائين ٿيون. ايران جي خلاف اها مغربي پروپيگنڊا بلڪل غلط آهي تہ 1979ع جي انقلاب کانپوءِ عورتن کي گهر جي چار ديواري ۾ قيد ۽ بند رکيو ويو آهي. زميني حقيقت (Ground Reality) اها آهي تہ 1979ع جي انقلاب کن پوءِ ايراني سماج ۾ جيڪو مان ۽ مرتبو عورت کي ڏنو ويو آهي. اهو مغربي ملڪن کان وڌيڪ آهي. هتي صرف غير اخلاقي حرڪتن کي ٻنجو ڏنو ويو آهي، عورت جي تقدس جي پائماليءَ وارين محفلن ۽ حرڪتن کي بند ڪيو ويو آهي ۽ فحاشي ۽ عريانيءَ کي روڪيو ويو آهي. ايراني سماج ۾ مرد ۽ عورت کي برابريءَ واري حيثيت حاصل آهي. ايران ۾ عوام کي شهري حق حاصل آهن. تحرير ۽ تقرير جي آزادي آهي، عقيدي ۽ عبادت جي آزادي آهي. ايران جي "سياسي نظام" ۾ سرڪاري ملازم کي حصي وٺڻ تي ڪا پابندي ناهي. صرف "لازمي سروس" يعني فوج جي اهلڪار کي سياست ۾ حصي وٺڻ تي پابندي آهي. موجوده ايراني صدر محمود احمدي نجاد پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. هو تهران انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو مستقل استاد آهي. اڳوڻو صدر ڊاڪٽر اڪبر رفسنجاني پڻ پيشي جي لحاظ کان استاد آهي ۽ تهران جي ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ آرٿوپيڊڪ ڊپارٽمينٽ جو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ آهي.

ايران ۾ سرڪاري ملازم موڪل وٺي ڪنهن بہ "سياسي عهدي" تي ويهي سگهي ٿو. ايران ۾ صدارتي عهدي کان وٺي سرڪاري آفيسر تائين سادگيءَ ۽ قناعت سان پنهنجا سرڪاري فرائض سرانجام ڏئي ٿو. ايران جا سرڪاري آفيسر حقيقي معنيٰ ۾ عوام جا خادم (Public Servent) آهن. اهي عهدي کي عوام جي امانت سمجهن ٿا. ايران جو سڄو سياسي نظام (Political System) نئين آئين جي ماتحت آهي، جنهن کي ايراني "قانون اساسي" (Fundemental Law) سڏين ٿا. ايران جي آئين ۾ ملڪ

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي وڏي مذهبي علمي شخصيت کي ”سپريم ليڊر“ جو درجو ڏنو ويو آهي. هن وقت آيت الله خامنائي ايران جو سپريم ليڊر آهي، جيڪو آيت الله امام خمينيءَ جي وفات کانپوءِ چونڊيو ويو آهي. سپريم ليڊر کان پوءِ آئين جي لحاظ کان وڏو عهدو صدر جو آهي، جنهنکي عام چونڊن ذريعي چئن سالن لاءِ چونڊيون ويندو آهي. صدر کان پوءِ آئين مطابق 8 نائب صدر آهن ۽ 21 ڪابينا جا وزير مقرر ڪرڻا هوندا آهن، جن جي منظوري پارليامينٽ يا مجلس کان وٺڻ لازمي آهي. ايران جي پارليامينٽ کي ”مجلس شورا اسلامي“ (Islamic Consltative Assembly) سڏيو ويندو آهي، جيڪا 290 ميمبرن تي مشتمل آهي، جنهن جو مدو چار سال آهي. ايران جي نئين آئين تحت ڪجهه ٻيا سياسي ادارا پڻ جوڙيا ويا آهن، جن ۾ Council of Guardian, Expediency Council ۽ Assembly of Experts شامل آهن، جيڪي ايران جي موجوده سياسي نظام کي تقويت ڏيڻ ۽ ان کي منصفاڻي نموني سان هلائڻ ۾ معاون ۽ مددگار آهن. ايران هڪ شاندار تاريخ ۽ ثقافت رکي ٿو، جنهن ۾ آرٽ، ميوزڪ، فن، تعمير، شاعري، فلاسافي، روايتون ۽ آئيڊيالاجي شامل آهن. ايران جي شاعريءَ ۾ وطن دوستي ۽ انسان دوستيءَ جو عنصر موجود آهي. فارسي زبان جي عظيم شاعر نظاميءَ مطابق:

همہ عالم تن است و ايران دل،
نيست گوينده زرين قياس خجل.

(ايران سڄيءَ دنيا جي دل آهي ۽ ان خيال تي مون کي ڪو افسوس ناهي) ”شاهنامہ“ جي تخليقڪار فردوسيءَ مطابق:

کہ ايران بهشت است يا بوستان،
همي بوي مشک آيد از دوستان.

(ايران عدن آهي يا باغن جو بهشت آهي، جنهن جي خوشبوءِ دوستن ۽ ساٿين کي ملي ٿي)

عظيم شاعر سعديءَ مطابق:

بني آدم اعضاء يک پيکرند،
کہ در آفرينش زيد گوهرند.

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جو عضوي بہ آورد روزگار
دگر عضو ها، را نماند قرار

(بني آدم هڪڙي جوهر مان پيدا ٿيو آهي. سڀ انسان عضون جيان آهن. جيڪڏهن هڪ انسان کي تڪليف ٿيندي تہ سڄي انسانيت کي تڪليف ٿيندي.)

ايران فردوسي، عمر خيام، جامي، رومي، شمس تبريز، حافظ، سعدي، فريدالدين عطار ۽ حسين بن منصور الحلاج جهڙن انسانن جو ملڪ آهي. جن جي شاعري ۽ تعليمات جو ايراني قوم تي گهرو اثر آهي.

الطاف شيخ جو موجوده ايران جو سفرنامو علم ۽ ادب، تاريخ ۽ جاگرافي تهذيب ۽ تمدن، ڄاڻ ۽ آگاهيءَ جو انمول دستاويز آهي، جيڪو سندس ٻين سفرنامن ۾ اهم جاءِ والاريندو. صرف هڪ عالم، محقق ئي اهڙي تخليق کي جنم ڏيئي سگهي ٿو. الطاف شيخ جو گس، پنڌ، عمل ۽ تخليقون، نہ صرف سنڌ جي نئين نسل لاءِ پر عالم انسانيت لاءِ رهنمائيءَ ۽ روشنيءَ جو مينار ثابت ٿيندءون. هي اخلاق ۽ اخلاص جي رستي تي هلندڙ، ماٺيپو رکندڙ عظيم انسان آهي، جنهن جو ضمير، هن ڌرتيءَ جي خمير مان جُڙيو آهي. سائين سنڌي قوم جو عظيم سرمايو آهي. ڏٽي در دعا آهي تہ سو سالن کان وڌيڪ حياتي ماڻي، ڇاڪاڻ تہ هن آدرشي انسان پنهنجو سمورو جيون سنڌ واسين ۽ انسانيت کي ارپي ڇڏيو آهي.

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري سگهان نہ ڳالهڙي!
(شاهہ)

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مولانا شبلي: ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو

ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو 10 فيبروري 1943ع تي نصرپور ۾ مولانا عبدالحق رباني (جيڪو شيخ السنڌ جي لقب سان مشهور هو) جي گهر ۾ ڄائو. سموري اولاد ۾ وڏو فرزند هو. جدوجهد ۽ جيل کيس وراثت ۾ مليل هئي. مون سان سندس پهرين ملاقات سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ ٿي. ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي کي شاگرد هئڻ جي حيثيت سان اهم مقام حاصل هو. هن مئٽرڪ دارالعُلوم قاسميه ميرپورخاص مان پاس ڪئي. انٽر سائنس شاهه عبداللطيف بوائز ڪاليج ميرپورخاص مان ۽ بي ايس سي آنرز ۽ ايم ايس سي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ڪئي ۽ پي ايڇ ڊي لنڊن مان ڪيائين. شاگرد کيس پيار مان مولانا شبلي سڏيندا هئا. کيس ننڍڙي ڏاڙهي رکيل هئي. ايل (L) هاسٽل ۾ سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو، لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو جي شاگرد اڳواڻن جو هڪ اهم اجلاس 3 مارچ 1967ع تي ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي جي صدارت ۾ ٿيو هو. جنهن ۾ ڄام ساقي، يوسف لغاري، مسعود نوراني، نواز پٺو عنايت ڪاشميري، هدايت، ڊاڪٽر ڪامل راڄپر، مُجيب پيرزادو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا هئا. ان وقت سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جو وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان هو ۽ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر مسرور حسن خان هو. ايوب دور ۾ فوجي توڙي سول نوڪرشاهيءَ کي وڏي اهميت حاصل هئي. ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن هڪ اجلاس گهُرايو جنهن ۾حسن علي عبدالرحمان نه آيو. جنهنڪري ڪمشنر مسرور حسن خان، وائيس چانسلر

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حسن علي عبدالرحمان کان ناراض ٿيو. ان وقت سنڌ يونيورسٽي شاگرد يونين جو صدر يوسف لغاري هو. چار ساقي گُروپ وارن جو اهو موقف هو تہ 4 مارچ تي جيڪو جُلوس ڪيڍيو وڃي، ان ۾ ايوب خان مُرده باد، ڪمشنر مسرور حسن مُرده باد، ون يونٽ ٽوڙيو وڃي، جا نعرا هنيا وڃن. جڏهن تہ يوسف لغاري گُروپ وارن جو اهو موقف هو تہ اهي سياسي نعرا آهن، صرف مسرور حسن خلاف نعرا هنيا وڃن ۽ وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جي حق ۾ نعرا هنيا وڃن. 4 مارچ تي 237 شاگرد گرفتار ڪيا ويا، مٿن بيحد تشدد ڪيو ويو. جڏهن تہ قاضي محمد احمد ايڊوڪيٽ ۽ رسول بخش پليجي شاگردن کي آزاد ڪرايو.

ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي ايم ايس سي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ شاهہ عبداللطيف سائنس بوائز ڪاليج ميرپورخاص ۾ پنهنجي پروفيشنل ڪيريئر جو آغاز ڪيو. بعد ۾ هُو پي ايچ ڊي لاءِ لنڊن هليو ويو. جتي هن ليبر پارٽي جي اڳواڻ مائيڪل فٽ سان گڏجي ڪم ڪيو. لنڊن مان هُو 1978ع ۾ واپس آيو. سندس مقرري گورنمينٽ ايس ايم سائنس ڪاليج ڪراچي ۾ ٿي. بعد ۾ هُو گورنمينٽ ڪاليج مراد ميمڻ ڳوٺ ۾ مقرر ٿيو. سنڌ ليڪچرارس ايسوسيئيشن (ايس ايل اي) کان سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن (ايس پي ايل اي) جي سفر ۾ ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو سيني کان اڳيرو رهيو. سنڌ ٽيچرس رابطا ڪميٽي جوڙڻ ۾ هُن اهم ڪردار ادا ڪيو. ان بعد آل پاڪستان ٽيچرس رابطا ڪميٽي ۽ آل پاڪستان پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن جوڙڻ ۾ بہ هُن جو اهم ڪردار هو.

مرحوم سيد رياض احسن، سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن جو پهريون صدر ٿيو. جڏهن سنڌ ليڪچرارس ايسوسيئيشن ۽ سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن کي هڪ ڪيو ويو تہ ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو پهريون جنرل سيڪريٽري ٿيو.

سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون لانگ مارچ ايم آر ڊي 1983ع جي جدوجهد کان اڳ استادن شروع ڪيو هو. موري کان حيدرآباد تائين عزيز اُجڻ جي قيادت ۾، حيدرآباد کان ٺٽي تائين لياقت عزيز جي قيادت ۾ءِ ٺٽي کان

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪراچي تائين همت علي پٽافي جي قيادت ۾ جڏهن لانگ مارچ قافلو ڪراچي پهتو ٻئي ڏينهن رمضان جو مهينو شروع ٿيڻ وارو هو ان وقت وزير تعليم مرحوم اختر علي.جي. قاضي هو.

گورنمينٽ ڪاليج مراد ميمڻ ڳوٺ ڪراچي ڪانپوءِ ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد آيو. ان وقت مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال مرحوم ڊاڪٽر شريف ميمڻ هو. جيڪو ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي جو دوست پڻ هو. ان وقت نوڪري مان ريٽائرمينٽ ڪانپوءِ وري نوڪري ڪانٽريڪٽ تي ڏني ويندي هئي. عبدالله شاھ جي دور ۾ اهو سلسلو وڌندو ويو. پي پي پي جي حُڪومت ۾ 18 آڪٽوبر 1994ع تي سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن طرفان هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ نہ صرف مرد حضرات پر گهڻي تعداد ۾ خواتين استاد پڻ شامل هُيون. مسلم سائنس ڪاليج مان ريلي نڪرڻ ڪانپوءِ هڪ پوليس آفيسر جيڪو پنجابي هو ان جو نالو شاهد حنيف هو ان احتجاجي ريلي تي شيلنگ ڪرائي ۽ بي انتها لٺيون وسرايون. ان وقت حيدرآباد جو ڊي سي ڪيپٽن زاهد سعيد هو جيڪو پڻ پنجابي هو. حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر عبدالغفار سومرو هو. 33 استاد گرفتار ڪيا ويا. سيني کي هڪ رات سي آءِ اي سينٽر ۾، ۽ ٻئي ڏينهن ريمانڊ وٺي سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليو ويو. سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ سيني استادن کي هڪ بيرڪ ۾ قيد رکيو ويو ۽ کين سي ڪلاس ڏنو ويو. ارشد جمال ان وقت سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچرارس ايسوسيئيشن جو صدر ۽ آغا خالد جنرل سيڪريٽري هو. عهديدارن جي گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو ايڪشن ڪميٽي جو چيئرمين ٿيو. سنڌ جي ڏي وزير مرحوم عبدالله شاھ جي حُڪم تي سيني استادن کي آزاد ڪيو ويو. ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي جو دباءُ هو تہ گرفتار ٿيل عهديدار پاڻ ڳالهيون ڪندا. هُن سرڪار سان ڳالهائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان وقت سنڌ جو چيف سيڪريٽري سعيد احمد صديقي هو. ان جي حُڪم تي سنڌ جي سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري خزانہ ۽ سيڪريٽري سروسز تي مشتمل هڪ اعليٰ ڪميٽي جوڙي وئي. جيل ۾ رهڻ دوران سيني شاگرد

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تنظيمن، استادن جي بيپناهه خدمت ڪئي پر بشير خان قريشي سيني ڪان اڳڀرو هو. هُن نہ صرف چادرون، وهاڻا، رِليون ڏنيون پر صُبح جي ناشتي ۾ استادن جون فرمائشون پڻ پوريون ڪيون. استادن جي هن جدوجهد جي نتيجي ۾ ايڊهاڪ ليڪچرار مستقل ٿيا، اپگريڊيشن جو نوٽيفڪيشن نڪتو، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي برابر استادن کي هائوس رينٽ جيترو نان اٽريڪٽِو الائونس پڻ مليو. ان سموري جدوجهد ۾ ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽو جي اڻٿڪ محنت ۽ دليريءَ واري ڪردار کي قطعي بہ وِساري نٿو سگهجي. ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي کي سنڌي، انگريزي، اردو ۽ براهوي ٻولين تي عُبور حاصل هو. ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي شادي نہ ڪئي هئي، هُو چوندو هو تہ مُون انقلاب سان شادي ڪئي آهي. طبعيت جي خرابيءَ سبب هُن 55 سالن جي عُمر ۾ پريميچوئر ريٽائرمينٽ ورتي، سندس دِل جا ٽي والو (Volve) بند هئا. ڊاڪٽر عبدالشڪور دائودپوٽي شاگرديءَ جي زماني کان وٺي استاد هئڻ جي حيثيت سان سموري زندگيءَ جدوجهد ۾ گُذاري. حياتيءَ هُن جو وڏيڪ ساٿ نہ ڏنو. 7 فيبروري 1998ع تي هُن دم ڏٽي حوالي ڪيو.

◈

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پروفيسر لياقت عزيز جون ٻه سڃاڻپون آهن. پهرين اها ته هو هڪ سچيت، ڪاهوڙي، دلير، انسان دوست ۽ استاد دوست اڳواڻ هو، جنهن نه رڳو سپلا جو بنياد رکيو پر اُن جي پليٽ فارم تان استادن جي حقن لاءِ ڪيترين ئي جدوجهدون هلايون ۽ معرڪا سر ڪيا. سندس ٻي سُڃاڻپ اها آهي ته پاڻ هڪ بهترين قلمڪار پڻ هئا، جنهن پنهنجي قلم کي عَلم بنائي، اخباري ڪالمن ۽ مضمونن جي ذريعي قلمي ۽ علمي جهاد ڪيو. ايئن پاڻ چئي سگهون ٿا ته پروفيسر لياقت عزيز هڪئي وقت عمل ۽ قلم جو شهه سوار هو.

پروفيسر لياقت عزيز پنهنجي لکڻين ۾ نه رڳو سماجي، سياسي ۽ ثقافتي معاملن تي نشتر زني ڪئي آهي، پر انهن جو ترقي پسند ۽ عالمي تناظر ۾ ڇيد پڻ ڪيو آهي. سندس هي ڪتاب ”ننڊڏڪا گهوڙا، غيباڻا سوار“ اهڙن ئي ليکن جو مجموعو آهي، جيڪي اڄ به پڙهبا ته ايئن محسوس ٿيندو ته اڄ به اهي ئي ساڳيا مسئلا ۽ معاملا آهن، جهڙا جڏهن هن ڪتاب ۾ شامل ليک لکيا ويا هئا.

”قومي غدار ۽ حساب ڪتاب“ ڪانپوءِ پروفيسر لياقت عزيز جو هي ٻيو ڪتاب، اسانکي اها يادگيري ڏياريندو رهندو ته اسانجو هي ساٿي پنهنجي وطن ۽ سماج سان ڪيترو نه ڪميٽيڊ هو.

يوسف سنڌي

3 سيپٽمبر 2023

MSjunejo

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book